
[چار مزاحيا اسٽيج ناٽڪ]
ڪُڪڙ ڪرسيءَ تي
جبار آزاد منگي

# ڪڪڙ ڪرسيءَ تي

(چار مزاحيا اسٽيج ناٽڪ)

## جبار آزاد منگي

ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**



| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڪُڪڙ ڪرسيءَ تي |
| موضوع: | مزاحيا اسٽيج ناٽڪ |
| ليکڪ : | جبار آزاد منگي |
| ڇاپو پهريون: | 2022ع |
| ڪمپوزنگ: | محمد فهد آزاد منگي |
| ٽائيٽل: | قمر الزمان آزاد منگي |
| سيٽنگ/لي آئوٽ: | عبدالسبحان آريسر |
| ڇپائيندڙ: | ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد |
| ملهه : | 400 روپيا |

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

www.sindhsalamat.com

# ارپنا

**هي ڪتاب سنڌ جي پنجن عظيم اداڪارن**

**جن اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي جي ڊرامن ۾**

**سنجيده ۽ مزاحيا ڪردار ادا ڪري پاڻ مڃايو.**

**ملڪ انوکو**

**يوسف علي**

**انور سولنگي**

**نور محمد لاشاري**

**۽**

**مشتاق جسڪاڻي**

**جي نالي**

**جيڪي هن وقت سنڌ امڙ جي مٽيءَ ۾ آسوده خاڪ آهن**

**جبار آزاد منگي**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناmiاري شاعر، ليکڪ ۽ ڪمپيئر **جبار آزاد منگيءَ** جي لکيل چئن مزاحيا اسٽيج ناٽڪن تي ٻڌل مجموعو **”ڪُڪڙ ڪرسيءَ تي“** اوهان اڳيان پيش آهي.
جبار آزاد جا هي چار مزاحيہ ناٽڪ ”ڪُڪُڙُ ڪرسيءَ تي“، ”شهنشاهه چوڏو بن توڏو“،”ولايت پاس“ ۽ ”اَٽي تي چَٽي“ 80 ۽ 90 جي ڏهاڪي ۾ مختلف شهرن ۾ اسٽيج جي زينت بڻيا. هي ناٽڪ هر دؤر جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا. دنيا جي انقلابي ڪردارن جيان جبار پنهنجي حصي جي قومي ڪم ۾ شاعري، مضمون نگاري، ڊراما، اسٽيج ڊراما نہ صرف لکيا پر ڪردار بہ ادا ڪيا آهن، پنهنجي شهر سان گڏ سڄي سنڌ ۾ پڻ ڊرامن وسيلي مڃتا ماڻي آهي ۽ زندگي جي هر محاذ تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو اٿائين.
هي ڪتاب ايلسا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2022ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري جبار آزاد منگيءَ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وسڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


پبلشر پاران: واحد ڪانڊڙو 07

جبار آزاد منگي هر دور جو ليکڪ پائو در محمد پرڙو 08

ڪجھ ڦڙڪيون پنھنجي پاران جبار آزاد منگي 10


## ڊراما


- ڪُڪُڙ ڪرسيءَ تي 14
- شھنشاھ چوڏو بن توڏو 48
- ولايت پاس 92
- اٽي تي چٽي 131

# پبلشر پاران

جبار آزاد منگي اهڙن ليکڪن مان آهي، جن قلم جي سگهہ ذريعي پنهنجو پاڻ مڃايو آهي، هو اديبن جي ڪنهن لابيءَ جي ڪلهي تي سوار ٿي اڳتي ناهي وڌيو. هن جون سنجيده ڪهاڻيون، اسٽيج ڊراما، مزاحيا ڊراما گهڻو پسند ڪيا ويا آهن.

جبار آزاد منگيءَ جو چئن مزاحيا ڊرامن تي ٻڌل هي ڪتاب "ڪُڪُڙُ ڪُرسيءَ تي" سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاريندو. ان کان اڳ سندس ٻارڙن جي ڪالم ڪهاڻين جو مجموعو "ٽمون شرارتي" گهڻو مقبول ٿيو ۽ سنڌ لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران کيس ايوارڊ ڏنو ويو. جيڪا خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.

جبار آزاد منگي پنهنجي لکڻين کي سنڀالي ڪتاب جي صورت ڏئي، هڪ ادبي دور کي سميٽي رهيو آهي.

سنڌ جي هن سباجهي ليکڪ جو هي ڪتاب" ڪُڪُڙُ ڪُرسيءَ تي" يقينن اوهان پڙهندڙن کي پسند ايندو.

**واحد ڪانڊڙو**

03003200824

# جبار آزاد منگي هر دؤر جو ليکڪ

جڏهن جبار آزاد منگي منهنجو پيارو ياءُ چئو يا دوست، شعور سنڀالڻ کان، سجاڳيءَ جي هر رنگ روپ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جنهن جو بهترينجاڳرتا وارو ڪردار اڄا تائين جاري ۽ ساري آهي، هي منهنجو پيارو جاڪوڙي ڪردار ڪٿي ٿڪو نہ آهي، روز بروز نت نئين روپ ۾ پنهنجون صلاحيتون پورهيت طبقي لاءِ نڇاور ڪندو پيو اچي، ڪڏهن اسٽيج تي اداڪاري ڪري تہ ڪڏهن قلم وسيلي شاعر۽ ليکڪ تي.

منهنجو هي ساٿي ڪي ئي ڪتابن جو خالق پڻ آهي. ريڊيو وسيلي مختلف پروگرامن ذريعي پنهنجن لفظن، جذبن، خوابن ۽ خيالن کي پنهنجي عوام تائين پهچائڻ ۾ ڪيئي ڪوششون ۽ جتن ڪيا آهن. سنڌ جي حقيقي تاريخي ڪردارن ۽ خوبصورت ماڳن مڪانن بابت پنهنجي نئين نسل کي برجستي ۽ ڀرپور ڄاڻ جي کاڻ ڏيندو پيو اچي. سندس منڙي آواز ۾ لطيف، اياز، استاد بخاري، آڪاش انصاري، زاهد شيخ ۽ ٻين قومي شاعرن جي شاعري پڙاڏو ٿي ڪنن وسيلي ذهن ۽ ضمير کي گرمائي ٿي، جاڳائي ٿي. ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ لاءِ همٿائي ٿي. اسان جي هن ساٿي ، ريڊيو تان هوائن جي آڌار تي پنهنجي قوم جي ڏکن کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجا حوصلا بلند ڪرڻ لاءِ بي انتها خدمت ڪئي آهي،

اسان پنهنجي مظلوم قوم کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ دنيا جي عظيم قومن جيان پنهنجون شروعاتي وکون کنيون آهن، انهن ڀرين وکن ۾ ڊرامن جو پڻ اهم ڪردار رهيو آهي انهن ڀرين وکن ۽ ننڍي وهيءَ ۾ تمام وڏا ڊراما پنهنجي نصير آباد جي هن ساٿي جبار آزاد منگي لکيا، جيڪي ٽر جي شهر منٿيءَ کان جيڪب آباد تائين سموري سنڌ ۾ اسٽيج ڪيا ويا.

جڏهن ظالمن ڊڪٽيٽرن جي حڪمراني هوندي آهي ڳالهائڻ، لکڻ تي پابندي هوندي آهي، تڏهن مزاح يا مزاحمتي ادب اها خاموشي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو آهي. جبار آزاد منگيءَ جا لکيل هي مزاحيہ ڊراما ظالم ڊڪٽيٽر ضياءَ جي دور جا لکيل آهن، جن ڊرامن ۾ ان وقت جي حالتن جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي، وڏي ڳالھ تہ اڄ بہ پنهنجي سماج ۾ ساڳيون حالتون آهن، جيڪي حالتون اڄ کان چاليھ سال اڳ هيون! اهو هڪ ليکڪ جي لکڻيءَ جو ڪمال چئبو آهي جنهن جي لکڻي هر دؤر جي حالتن جي عڪاسي ڪري ۽ منهنجي هن ساٿيءَ جون لکڻيون پڻ اهڙين سدا بهار لکڻين ۾ شامل آهن. سندس هي چار مزاحيہ ناٽڪ

1. ڪُڪڙ ڪرسيءَ تي،
2. شهنشاھ ڇوڏو بن توڏو،

3. ولايت پاس،
4. اٿي تي چٽي

هر دؤر جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا، اڄ به جيڪڏهن هي ڊراما ، عوام اڳيان اسٽيج وسيلي پيش ڪيا وڃن ته اڄ جو ڏسندڙ اهو ئي محسوس ڪندو ته ، اسٽيج تي سامهون ايندڙ سڀ جا سڀ منظر اڄ جا آهن. دنيا جي انقلابي ڪردارن جيان جبار پنهنجي حصي جي قومي ڪم ۾ شاعري، مضمون نگاري، ڊراما، اسٽيج ڊراما نه صرف لکيا پر ڪردار به ادا ڪيا آهن. پنهنجي شهر سان گڏ سڄي سنڌ ۾ پڻ ڊرامن وسيلي مڃتا ماڻي آهي ۽ زندگي جي هر محاذ تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو اٿائين.

مزاح خاموشي کي ٽوڙيندو آهي ڳالهائڻ لاءِ نوان رشتا ۽ رستا پيدا ڪندو آهي، جتي اصلاح ڪرڻ گناه سمجهيو ويندو آهي اتي مزاح برائين کي ختم ڪرڻ لاءِ نِشتر جو ڪم ڏيندو آهي.

پنهنجي مظلوم سنڌي قوم جي خوشحالي لاءِ ادب ۽ تعليم وسيلي مسلسل جدوجهد ڪندي، ڪڏهن به نه ٿڪو آهي. اهو آهي اسان جو ساٿي جبار آزاد منگي، سنڌس فن ۽ فڪر ماروئڙن جي سجاڳيءَ لاءِ هر وقت خدمت ڪندي نظر آيو آهي. پنهنجي سنڌ سان گڏ پنهنجي نصير آباد شهر جي عوام کي سکيو ڏسڻ لاءِ خواب ڏٺا آهن ۽ خوابن جي تعبير ڏسڻ لاءِ هر ميدان تي تڙپيو آهي.

**پائو در محمد ٻرڙو**

**چيئرمين**

آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان

قمبر شهداد ڪوٽ

11/02/2022

# ڪجھ ڦڙڪيون پنهنجي پاران!

منهنجو ڪُڪڙ اوهان جي بغل ۾ آهي!!! معاف ڪندا، آءٌ ڀُلجي پيس!! مان اهو چوڻ گهران ٿو تہ منهنجو ڪتاب "ڪُڪُڙ ڪرسيءَ تي" اوهان جي هٿن آهي، اوهان منهنجي هِن ڪُڪُڙَ کي ڪيئن ڏسو ٿا؟ تنهن لاءِ اوهان منهنجي تخلص وانگيان آزاد آهيو.

ادبي دنيا جي هِن سفر ۾ ڪي ادبي اُڏام ڪندڙ اسان جا با ادب بندا ڊرامن کي ادب جو حصو ئي نٿا سمجهن!!! اهڙن اديبن جي اُڏام تمام گهڻو مٿي آهي، انهن جي ادبي جهاز کي تہ مون جهڙن ڪنگلن ڪروڙ پتين لاءِ ، هٿ لائڻ تہ تمام گهڻو پري آهي پر ڏسڻ بہ ڪبيرو گناهہ ٻڌيل آهي!!! هڪڙا وري ادب جي ريل هلائڻ وارا "ادبي ڊرائيور" آهن، جن جي ريل نہ ڳاڙهي جهنڊيءَ تي بيهندي آهي نہ ئي سائي جهنڊيءَ تي هلندي آهي! تن جي ادبي ريل سٽيين آڳرين جي اشارن تي هلندي، بيهندي ۽ ويهندي بہ آهي! هي پنهنجي ادبي ريل دنيا جي پهرين ۽ آخري ادبي ريل آهي، جيڪا سٽيي آڱر جي اشاري تي ويهندي بہ آهي!!! سو اهڙي ادبي ريل ۾ بہ اسان جهڙن لاءِ سيٽ جي گنجائش ڪانهي ! تنهن ڪري اهڙي ادبي ريل ۾ پنهنجو سفر ڪرڻ ناممڪن آهي.

پنهنجي ادبي لڏي جو سفر بيل گاڏي ۽ گڏهہ گاڏي کان ترقي ڪري چنگچيءَ تائين مس پهتو هو جو تيل مهانگي ٿيڻ سبب وري اچي پنهنجن پيرن تي پهتو آهي! مطلب تہ مهانگائي ۽ چاڻ سڃاڻ نہ هجڻ ڪري پاڻ کي اها "چنگچي ادبي سواري" بہ نصيب نٿي ٿئي!!!

وري بدنصيبي اها بہ پويان پاڇي وانگر پئي اچي جو، ڪنهن جي اجائي واهہ واهہ ڪرڻ وارو فن اچي ئي نہ! ۽ نہ ئي وري واهہ واهہ ڪرائڻ لاءِ پنهنجو نڪ ، ڪنهن "واهہ واهہ" واري چَپڙي وڄائڻ واري فنڪار جي چپڙيءَ ۾ ڏيڻ اچي! ڇو تہ مونکي پنهنجو نڪ پيارو آهي ۽ هڪڙو ئي نڪ آهي، جنهنڪري نڪ کي واهہ واهہ واري رينگٽ کان بہ پري رکندو آهيان، مونکي ائين لڳندو آهي تہ اسان جي ادبي لڏي ۾ گهڻن باذوقن کي، گهڻا ئي نڪ آهن، جيڪي هُو پنهنجي کيسي ۾ کڻيون وتندا آهن، محفلون مچائيندا ۽ "واهہ واهہ" جي سُرَ سان پنهنجو سفر جاري ڪندا! اهو ئي سبب آهي جو گهڻا "واهہ واهہ" واري چپڙي وڄائڻ وارا فنڪار مونکي پسند ئي ناهن ڪندا ۽ مونکي ڏسي ائين مُنهن پري ڪري ڇڏيندا آهن، جڻ مان سندن پهاڄ هُجان!!!! تنهنڪري "واهہ واهہ ادبي ٻَتَ" مان ڀُڳوڻ جي مٿين ڏندن وانگر هميشہ غائب رهندو آهيان.

ادب جا رنگ ، روپ ۽ سينگار ڪهڙا آهن؟ تنهن کان صفا اڻواقف آهيان. نہ ڪنهن کي مکڻ ٿڦڻ اچي نہ ئي وري تيل مالش ڪرڻ اچي! هڪ دفعي جو قصو آهي تہ پاڻ کي ادب جي بيوٽي پارلر ۾ وڃڻ جو شوق ٿيو دل چيو تہ ڪجهہ رنگ روغن ڪرائي محفلن ۾ ويهڻ لائق پاڻ کي بڻائجي! سو "ادبي بيوٽي پارلر" جي ڪاريگر چنڊ پٽيندي چيو تہ " تنهنجو بہ ڪو مُنهن آهي. جنهن کي رنگ روپ ڏئي ادبي سينگار جو سينگار بڻائجي!؟ وڃ بابا وڃي ڪنهن اوڏڪيءَ پِٽِ سان انهيءَ ٻوٿ کي بہ چار رهڙا ڏياري اچ تہ جيئن تنهنجو ٻوٿ بہ ڪجهہ ڏسڻ لائق بڻجي!" سو اهو ڏينهن ۽ هي اڄوڪو ڏينهن. پنهنجي ٻوٿاڙي پاڻ کي ڏيکاري دل کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. پر دل بہ ڪا صفا بيدل آهي جنهن ڪڏهن بہ سنا ٻول ٻولي خوش نہ ڪيو!!

بس! مون جناب رسول بخش پليجي صاحب جي هن جملي کي پنهنجي ناقص عقل جي پراڻي ڪپڙي ۾ "ڳنڍ" ڏئي ٻڌي ڇڏيو آهي " جيڪي لفظ من اندر مان ڦٽي نڪرن. اُهي جيئن جو تيئن لکڻ ئي اصل ادب آهي"

منهنجي هن "ڪُڪُڙُ ڪرسيءَ تي" ڪتاب ۾ چار عدد مزاحيہ اسٽيج ناٽڪ شامل آهن. سي مون اسي ۽ نوي واري ڏهاڪن ۾ لکيا آهن. جيڪي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿي چڪا آهن.

1. "ڪُڪُڙُ ڪرسيءَ تي " ايس ايس ٽي جي دوستن جي حڪم تي. مون سال 1989ع ۾ صرف ٽن ڪلاڪن اندر لکي پورو ڪيو جيڪو سنڌي شاگرد تحريڪ پاران، شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ڪرنل شاه هاسٽل ۾ اسٽيج ڪيو ويو. ڊرامي ختم ٿيڻ بعد پوليس اسٽيج تي چڙهي آئي ۽ ڊرامي جي ليکڪ کي ڳوليندي رهي. پر ڊرامي جو ليکڪ اُتي موجود نہ هجڻ سبب پوليس جي داٻن ۽ دڙڪن کان بچي ويو! تنهن بعد ڊرامي جو نالو " چڙهي ويو چوڏيل تي" رکيو ويو. جيڪو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندو رهيو ۽ پوليس کان بچندو رهيو.
2. ڊرامو" شهنشاه چوڏو بن توڏو" سال 1988ع ۾ لکيو ۽ پهريون ڀيرو پنهنجي شهر نصير آباد ۾ سچل ثقافتي ڪميٽيءَ پاران پيش ڪيو ويو. هن ڊرامي جي اسٽيج ناهڻ وقت بجليءَ جو ڪنڪشن هڻڻ لاءِ. ڊرامي ۾ وزيرِ صحت جو ڪردار ڪندڙ ، هڪ دوست منير احمد سيال کي بجليءَ جي پول تي چاڙهيو. چو تہ هي دوست بجليءَ جو اڳ ئي ڪم ڪندڙ هو. تنهن کي بجلي پڪڙي. ساهہ ڪڍي پول تان هيٺ ڪيرائي وڌو. جنهن ۾ سندس ساڄي ٻانهن ڀڄي پئي. سيني دوستن تي

سڪتو طاري ٿي ويو! جلدي ويجهي ڊاڪٽر وٽ ڪٽي وياسين، جنهن فوري طور تي تحرڪ ورتو ۽ اسان جو هي دوست رب پاڪ جي ڪرم سان بچي ويو ۽ رات جو ٿيندڙ ڊرامي ۾ پڳل ٻانهن ڳچيءَ ۾ ٻڌي، پنهنجو ڪردار به ادا ڪيائين. اڄڪلهه هي دوست موٽر وي پوليس ۾ پيٽرولنگ آفيسر آهي.

شهنشاهه ڇوڏو بن توڏو سال 1989ع ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جي ساليانې ڪانفرنس دوران ڪراچيءَ جي علي ڀائي آڊيٽوريم ۾ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ مون پاڻ شهنشاهه جو ڪردار ادا ڪيو. ڊرامي کي جناب رسول بخش پليجي آخر تائين نه صرف ڏٺو پر تمام گهڻو ساراهيو ۽ روزانه مساوات اخبار ۾ محترم اسرار شام سنو تبصرو ڪري ڊرامي جي ڪهاڻيءَ تي روشني وڌي.

3. " اٿي تي چٽي" ڊرامو سال 1995ع جي جنوري مهيني ۾ لکيو، جيڪو ساڳيءَ ئي مهيني ۾ نصير آباد ۾ شاهه لطيف آرٽ سرڪل نصير آباد پاران اسٽيج ڪيو ويو ۽ ان بعد پنو عاقل جي صدف سئنيما ۾، تنهن بعد سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اسٽيج ڪيو ويو.

4. سال 1997ع ۾ " ولايت پاس" ڊرامو لکيو نصير آباد ، حيدرآباد، سکر، خيرپور ميرس سميت سنڌ جي تمام گهڻ شهرن ۾ اسٽيج جي زينت بڻيو ۽ تازو آرٽ ڪائونسل لاڙڪاڻي ۾ ڊراما فيسٽول جي موقعي تي اسٽيج ڪيو ويو.

نصيراباد سان تعلق رکندڙ ۽ سنڌي چئنلن جي ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاري، نانءُ ڪمائيندڙ محترم عباس گل جو هي پهريون ڊرامو آهي، جتان هُن پنهنجي فن جي شروعات ڪئي.

سچ اهو آهي ته مونکي ائين لکڻ ناهي ايندو جيئن جهازي ۽ ريلوائي اديب لکندا آهن!!!!

مان بس پنهنجا اُبتا ۽ سُبتا خيال لکندو آهيان، جن کي ڪو ادب سمجهي يا نه سمجهي ! تنهن سان منهنجو ڪو به وڙوُ واسطو ڪونهي! منهنجي هِن بي رُخيءَ کي به، بي رخي اصل نه سمجهجو! جي ڪنهن سمجهي ورتو ته ان دوست کي نيڪ صلاح هيءَ ڏيندس ته ڪڏهن به مونکي شربت پيارڻ جي صلاح نه ڪري، ڇو ته اهڙي صلاح مان هرگز هرگز قبول نه ڪندس! ڇو ته مان شگر جو مريض آهيان ۽ اڄا تائين منهنجي سامهون اهڙو شربت ناهي آيو جنهن لاءِ پيش ڪندڙ فخر سان چوي ته " هي شگر فري شربت " آهي.

سو آخر ۾ وري بہ هٿ جوڙ ڪري معافي ۾ معذرت! جي مونکان ڦڙڪيون هڻندي وڏيڪ ٻوڙُهارجي ويو آهي تہ اڳلي ڪتاب اچڻ تائين، ٻوڙَ ڪي ٻوڙُئي رهڻ ڏجو ڇو تہ اڄڪلهہ سٽين داغن ڪي ڏوئڻ جو رواج نڪرندو پيو وڃي ۽ مون جهڙا معتبر سٽين داغن ڪي خوشي ۾ وڏي فخر وچان قبول ڪري گد گد ٿي رهيا آهن! انهيءَ جو صرف هڪ ئي سبب آهي ! سو هي آهي تہ "داغ ڏوئڻ تي خرچ گهڻو ٿو اچي ۽ خرچ وٺڻ وارا خرچ ڪرڻ سِڪيا ئي ناهن!!!!!!!!"

سڪ سلامت ساٿ سلامت

**جبار آزاد منگي**
منگي محلو/ مهراڻ ڪالوني نصير آباد
ضلعو قمبر شهدادڪوٽ
03008346818

8 فيبروري 2022ع ڏينهن اڱارو
7 رجب المرجب 1443ھ
7 ماهہ ڦڳڻ سنڌو سنبت 1395

## هڪ ڏيک وارو مزاحيه ڊرامو

# ڪُڪُڙ

# ڪُرسِيءَ

# تي

تحرير: جبار آزاد منگي

# ڪردار

1. پوتار پورل خان
2. بيگم پورل خان
3. پنهل ( گهر جو نوڪر پر پڙهيل)
4. صلاحڪار
5. ربن ( پنهل جو دوست)
6. فنڪار
7. صحافي ( بي بي سي جو نمائندو)
8. موالي
9. گهوٽ
10. کدڙو فقير
11. شاعر
12. ٽرئفڪ جماندار
13. مولوي
14. نياز عاجز ( وياجي)
15. نيب آفيسر
16. مهمان نمبر 1
17. مهمان نمبر 2
18. رقاصه

بريڪنگ نيوز

هڪ ڏيک وارو ڊرامو

# ڪُڪُڙ ڪرسيءَ تي!

منظر: پوتار پورل جي بنگلي

پوتار پورل تازي اليڪشن ۾ پنهنجي تڪ مان
صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر بڻيو آهي، ڪيس
اميد اٿس تہ هو جلد وزير ٿيندو.

**پوتار پورل ڪرسي تي ويٺو آهي ۽ سگريٽ ڇڪي رهيو آهي.**
**نوڪر پنهل داخل ٿئي ٿو.**

پنهل: ( عوام سان مخاطب) ڏسو ادا ميمبر صاحب ڪرسي تي ائين ويٺو آهي جڻ ڪڪڙ ڪرسيءَ تي.

پوتار پورل: اڙي ڇا ٿو بڪين باندرا؟

پنهل: هل پنهل.... پوتار منهنجو مطلب آهي تہ هاڻي ڇڏيو ڪٽي انهيءَ ڪرسيءَ جي پڇر.

پوتار پورل: اڙي نياڳا.... هيءَ ڪرسي ڇڏيان؟ هيءَ!!؟ جنهن تي مرحيات ڏاڏو خانبهادر خدا بخش خان، انگريزن جي حمايت ڪندي ڪندي الله ڪي پيارو ٿي ويو ۽ ابو مرحيات پوتار گل محمد خان عرف گلو وري هن ئي ڪرسيءَ تي دل جي دوري پوڻ سبب رب جي رضا ڪي قبول ڪندي تر جي وڏيرن جو ڳاٽ اوچو ڪري مري ويو!!! هيءَ پنهنجي خانداني ڪرسي آهي تنهن ڪي ڇڏيان!!؟ جاهل ڪرسي اجا ملي ئي هاڻي آهي، ائين پڇر ڇڏيانس بيوقوف.

پنهل: هل پنهل.... بروبر سرڪار بروبر.... چئو سچ ٿا، آخر ابي ڏاڏي کان الڪيشن وڙهندا ٿا اچو اهي ڪرسيون آهن ئي اوهان جهڙن پوتارن لاءِ.... ٻيءَ ڪي ڪهڙي طاقت جو ڪرسي تي ويهي، اوهان پوتار ان مسڪين جا جا دوڏا ئي ڪيدي وجهو.

پوتار پورل: چڱو چڱو چڱ اها تران تران.... مان وڃان ٿو بات روم وڃي فليش تي اچان.

پنهل: هل پنهل.... بلڪل سائين بلڪل ، توهان آسري مولا جي وڃي بات روم ۾ ڪلاڪ ڏيڍ سمهي پئو.. جي ڪنهن پڇيو تہ چوندومانس تہ اوهين باٿ روم ۾ بات چيت ۾ مصروف آهيو. ( پنهنجي منهن پُٽڪندي) ماڻهو وڃن باٿ روم فريش ٿيڻ لاءِ ۽ اسان وارو پوتار وڃي بات روم ۾ فليش ٿيڻ لاءِ!!! عجب آهي جو اهڙا ٿا ٿين اسيمبليءَ جا ميمبر!

پوتار پورل: ڇا ٿو بڪين گنجا ڇاها.

پنهل: هل پنهل.... منهنجو مطلب آهي تہ پوتار پورل اوهان وڃي باٿ روم ۾ فريش ٿيو.

پوتار پورل: (اندر ويندي وري واپس ايندي) اهو فريش وري ڇا آهي؟ ۽ ها! منهنجو سيڪيٽري اچي تہ ويهارجانس.

## پوتار پورل گهر وڃي ٿو.

پنهل: (ماڻهن سان مخاطب ٿيندي) ڏسو ادا، انڊيرنگري، سيڪريٽري ڪي سڏي سيڪيٽري!! اچي ميمبر صاحب ڪي الف بي بہ نہ ۽ ٿيو وري ملڪ جي صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر آ، ادا جنهن ملڪ ۾ اهڙا ميمبر ٿيندا تہ پوءِ اهو ملڪ بہ هليو!!.... خير تنهنجو ڇا پنهل..... تون بہ گهڙي ڪن ڪرسي جو مزو وٺي ڏس (پنهل ڪرسي تي ويهي ٿو ۽ ڇرڪ ڀري اٿي ٿو) هل پنهل.... واهہ ڪرسي واهہ اسان پارو غريب توتي ويهي تہ ڇڏين ٿي نڪاءَ ڪرين ٿي چيڪاٺ.... باقي وڏيرن سان تہ چنبڙي پئي آهين.

## سيڪريٽري (عرف صلاحڪار) اچي ٿو (پاهران انٽري)

صلاحڪار: اسلام عليڪم پنهل پياسي، ڪر ڪي خبرون.

پنهل: هل پنهل.... خبرون خير جون، پوتار چيو آهي تہ سيڪيٽري اچي، تہ ويهارجانس.

صلاحڪار: خيال سان ڳالهاءِ.... مان ايندڙ وقت جو صلاحڪار آهيان، يعني ايڊوائيزر آف مسٽر پورل خان ميمبر آف پراونشل اسيمبلي.

پنهل: ڏسو ادا هي منهن ۾ وري مٽرن جي دال..... اڙي چو ٿو وڏا خواب ڏسين، سيڪيٽري ئي رهه... ڇڏ انهن فريبي چڪرن کي.

صلاحڪار: اڙي چپ ڪر ڪيانءِ نه ڏُرڙي ڏُڦُ، هروڀرو چوڏيل تي چڙهڻ جي ڪوشش نه ڪر.

پنهل: پنهل پياسي کي ڪاوڙ نه ڏيار نه ته.................

صلاحڪار: (جملو ڪٽيندي) نه ته ڙي تون ڇا ڪندين؟

پنهل: ڪجهه به نه بابا.... ڪجهه به نه!

صلاحڪار: ڇڱو وڃ ۽ وڃي پوتار پورل کي ٻڌاءِ ته ايندڙ وقت جو ايڊوائيزر خان ڪمال خان ۽ موجوده سيڪريٽري ڪمالو آيو آهي.

## (پنهل اندر آئوٽ ٻاهران انٽري ٽريفڪ جمعدار جي)

جماندار: (سيٽي هڻندي ۽ هٿ جو اشارو ڪندي) ميمبر صاحب ون وي رستي ڪان ايندو يا رانگ سائيڊ ڪان؟

صلاحڪار: سڀ رستا پوتار پورل جا آهن، وڻينس ته ابتو هلي، وڻيس ته وچ روڊ تي بيهي لال ڦيريون پائي يا جهمريون هڻي، پر تنهن ۾ تنهنجو ڇا وڃي؟

جماندار: موجوده برسات ۾ جڳهه جو انڊيڪيٽر ۽جي پيو لائيٽ صفا بند ٿي وئي، سائيڊ شيشو طوفان ۾ اڏي ويو ان لاءِ درخواست ڪڻي آيو آهيان.

صلاحڪار: اڙي تنهنجو مطلب مون نه سمجهيو صاف ڳالهه ڪر آخر تون ايندڙ وقت جي صلاحڪار يعني ايڊوائيزر آف پوتار پورل سان ڳالهائي رهيو آهين، هروڀرو چوڏيل تي چڙهڻ جي ڪوشش نه ڪر نه ته ڪندومانءِ ڏُرڙي ڏُڦُ.

جماندار: دراصل برسات ۾ جاءِ ڪري پئي آهي، غريب پوليس وارو آهيان، امداد جي درخواست ڏيندس، من به ٽي هزار ملي پون ته جاءِ جو سگنل ٺهرائي وٺان.

صلاحڪار: ڇڱو.. ڪٽي آهي درخواست، ڏي مونکي ته ڪيان نه ڏُرڙي ڏُڦُ.

جماندار: (کيسي ۾ هٿ هڻندي) ٽول ۾ پئي آهي.

صلاحڪار: ها ڪڍ ٽول مان.... ائين نه ڇئجان ته "چور دي پتر ٽول خالي هي".

## (صلاحڪار ٽريفڪ جماندار کان درخواست وٺي ٿو)

صلاحڪار: چڱو تون ٻاهر هلي ٽريفڪ جو انتظام سنڀال، ميمبر صاحب آيو ته مڙئي چاڙهو تنهنجو ڪنداسين......

**(ٽريفڪ جماندار ٻاهر آئوٽ ۽ پوتار پورل اندران انٽري)**

پوتار پورل: اڙي آءُ سيڪيٽري........

صلاحڪار: نو سيڪيٽري سرڪار آءِ ايم ايڊوائيزر آف ايندڙ وقت، هر ويرو چوٽا ايڊوائيزر جي ٽوم خراب ڪريو.

پوتار پورل: اڙي نهيو نهيو... چڏ ايڊوتائيزر ڪي.... اهو ٻڌاءِ ته منهنجي ميمبر ٽيڻ جي ماڻهن ۾ ڪا خوشي ٿي آهي يا نه....... اجا ڪو ملڻ به نه آيو آهي.

صلاحڪار: سرڪار ماڻهو ته خوشيءَ ۾ ماپن ئي نٿا، باقي ملڻ تڏهن ايندا جڏهن توهان ٽيندؤ وزير ۽ مان ٽيندس اوهان جو ايڊوائيزر.......... باقي مسئلن جي مونجهاري ۾ ڦاٿل نياڳا ماڻهو ٻاهر ڪوڙ بيٺا آهن.

پوتار پورل: چڱو هيئن ڪر، هلي ماڻهن کي دم دلاسا ڏي، مان پنهنجي وڏي سرڪار يعني بيگم پورل خان کان موڪلائي اچان.

صلاحڪار: سرڪار جلدي ڪري موٽ ڪجو نه ته عوام منهنجي ڪري وجهندو دُرڙي دُڦُ.

**(صلاحڪار ٻاهر آئوٽ)**

پوتار پورل: پنهل .... او پنهل

**(پنهل اندارن انٽري ڪري ٿو)**

پنهل: حڪم ڪيو سرڪار پنهل پيرن ۽ چنگهن سميت حاضر آهي.

پوتار پورل: اڙي اندران بيگم پورل خان کي سڏي اچ ته موڪلايانس.

پنهل: هل پنهل.... چو سرڪار حج تي پيا وڃو؟ يا راھ رباني......

پوتار پورل: (جملو ڪٽيندي) نياڳا راھ رباني وڃن اسان جا مخالف... جن اليڪشن ۾ ڏانڊلي ڪرائڻ جا الزام هڻي ڪيس داخل ڪيو آهي! مان ته وزير ٽيڻ پيو وڃان، نياڳا دعا ڪر ته ڪو سنو ڪاتو ملي.

پنهل: دعائون ڪوڙ پوتار.... پر هڪڙي شرط سان.

پوتار پورل: شرط!؟......... وري ڪهڙو شرط.

پنهل: پوتار جيئن مان دعا پڙهان تيئن اوهان بہ پڙهجو انشاء الله سم ۾ ڪلر وارو ڪاتو اوهان کي ملندو.

پوتار پورل: اڙي سم ۾ ڪلر بہ ڪو ڪاتو آهي....، خير تون پڙهہ دعا.

پنهل: تہ پوءِ چنڊ پر پنهل..... تيار ٿي دعا لاءِ.... يا بي ايماني تنهنجو آسرو.

(پنهل هٿ ٻڌي دعا پڙهي ٿو)

پنهل: چپن تي آهي دعا بڻجي تمنا منهنجي،

پوتار پورل: چپن تي آهي دعا بڻجي تمنا منهنجي،

پنهل: زندگي ليڊر جي سدا صورت ۾ هجي منهنجي

پوتار پورل: ها ائين نياڳا..... زندگي ليڊر جي سدا صورت ۾ هجي منهنجي.

پنهل: هجي ڪم منهنجو غريبن سان منافقت ڪرڻ.

پوتار پورل: (پنهل کي شور وجهندي ڏسي چوي ٿو) هجي ڪم منهنجو غريبن سان منافقت ڪرڻ.

پنهل: بس وزارت جي ليلا سان محبت ڪرڻ.

پوتار پورل: واهہ واهہ..... واهہ وهوا..... بس وزارت جي ليلا سان محبت ڪرڻ.

پنهل: منهنجا الله اسيمبلي ۾ سدا ويهارجان مون کي.

پوتار پورل: ڳڊ ڳڊ.... منهنجا الله اسيمبلي ۾ سدا ويهارجان مون کي.

پنهل: مال جنهن راهہ تي هجي، تنهن راهہ تي لڳائجان مون کي.

پوتار پورل: (اڙي نياڳا وات هاڻي ٺي پاڻي ٿو ڪري) مال جنهن راهہ تي هجي تنهن راهہ تي لڳائجان مونکي.

پنهل: رهَو ٻوٽيون سڀ حلال.

پوتار پورل: (ڳيت ڏيندي) رهَو ٻوٽيون سڀ حلال.

(دعا ختم بيگم پورل خان جي گهر انداران انٽري)

بيگم: اڙي پنهل مون توکي چيو هو تہ اسد جا ڪپڙا استري ڪري ڪمري ۾ رکي اچ.... تون وري هن واندي سان وينو ٻتاڪون هڻين.

پوتار پورل: خبردار بيگم..... تون ان شخص کي واندو ٿي چئين، جيڪو وزير ٿيڻ وارو آهي.

بيگم: بلي بلي.... اليڪشن تہ ڏانڊلي سان ڪٽي اٿئي، وزير ٿي وئين تہ پوءِ ملڪ جي ٻيڙي ٻڏي.

پوتار پورل: بيگم لڳي ٿو مخالف ڌر سان ملي وئين آهين جو ڏاڍنڊلي جي ڳالهه پئي ڪرين!

پنهل: هل پنهل.... جي جي امان ائين نہ چئہ، پوتار پورل جي وزير ٿيو تہ........

بيگم: (جملو ڪٽيندي) چڱو تون هل اندر پوتار جا چمچا.

پنهل: جيجي! چمچا گيري از بيسٽ پاليسيِ اِن دسِ موجوده صورتحال.

بيگم: تو جهڙن چمچن تہ اهڙن واندن جو مٿو خراب ڪيو آهي.

پنهل: هل پنهل..... هتي دال نہ ڳرندي.

**پنهل اندر آئوٽ**

پوتار پورل: بيگم.... او بيگمڙي.... پلا هاڻي ڪلي رخصت ڪر تہ وزير ٿي " ٺون ٺون ٺون" ڪندڙ گاڏي تي موٽي اچان.

بيگم: وزير ٿي ڇا ڪندين؟ ڇُپڙي ڪري گهر ۾ ويهي الله الله ڪر.

پوتار پورل: اڙي چري وزير ٿي خدمت ڪندس، پنهنجي انهن يارن جي، جن اليڪشن ۾ ڪترايو آهي.

بيگم: الله الله ڪر! ماڻهن جي آهن ۽ دانهن ڪان ڊڄ !! تنهنجي ڪرمن جي تہ سزا ملي آهي جو اولاد ئي نہ ٿيو آهي!!

پوتار پورل: وار اچا ٿي ويا آهن تہ ڇا ٿي پيو؟ دل تہ جوان آهي.... ياد ڪر اهو منظر جو توسان اک اٽڪي هئي..... ياد ڪر

**(پوتار پورل خان ماضيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽**
**بيگم سان ڳانو ڳائي ٿو گانو ختم بيگم گهر اندر**
**۽ پوتار پورل خان ٻاهر آئوٽ پنهل اندران انٽري)**

پنهل: هل پنهل....... مولا ڏي اسان کي بہ ڪا مولائڻ، جنهن ڪان مان بہ رسي ڪو گانو چوان.

**(اداڪار رين عرف سني ديول خان جي ٻاهران انٽري)**

پنهل: واهہ منهنجا مولا...... مون گهري مولائڻ ۽ سامهون چاڙهئي ڦِتل فنڪار ۽ اداڪار. اڙي آ نياڳا.

**(ٻئي ٻاڪر پائي ملن ٿا اداڪار سني ديول خان وارا اسٽائيل هڻي ٿو)**

پنهل: اڙي اهي عادتون نہ ڇڏيئي.

ربن: پنهل هن عمر ۾ ٻيو ڪرڻو ٻه ڇاهي، جواني ۾ ڪڪڙ ويڙهاياسين، تتر به ويڙهاياسين، رڇ ڪتا به ويڙهاياسين.

پنهل: اڙي هاڻي ڇا ٿو ويڙهائين؟

ربن: ماڻهو. ڇو جو هاڻي دور اهڙو اچي ويو آهي..... ماڻهو ويڙهايو ملڪيت ناهيو ۽ اداڪاري ڪري ڪرسي بچايو.

پنهل: هل پنهل..... ڇئبو اداڪاري بدران هاڻي شيطان گري پيو ڪرين.... پر ايترا سال هئين ڪٿي؟

ربن: بس پنهل ميان! سرِ عام پئي ڪراچيءَ جي فٽ پاٿن تي ويهي نيلام ڪيم، هر مال سؤ روپيين ۾، حرام جو مال مفت ۾! آهي ڪو وٺڻ وارو؟ بهترينمال...............

پنهل: ( جملو ڪٽيندي) هل پنهل..... باقي پنج سال کڙن واندن تو واري بوٽ تي ويٺي وندر ڪئي؟

ربن: (رڙ ڪندي ۽ سني ديول جي اسٽائيل هڻندي) مان توکي زنده نه ڇڏيندس، تنهنجي اڍائي مڻن جي لاش کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري شهر جي ڪتن حوالي ڪري ڇڏيندس، تون منهنجي ارمانن جو قاتل آهين.... تون ظالم آهين.... تون درندو آهين....(ٿڪ)

پنهل: هل پنهل... اڙي ربن هي ڇا پيو بڪين ڦل مان ڦوڪڙي پري آيو آهين ڇا؟

ربن: اداڪاري پنهل اداڪاري... منهنجو مطلب آهي ته اداڪاري جي شوق ۾ هن شهر جي اداڪارن پويان رلندي گذاريم.

پنهل: هائو پنهل... پوءِ تنهنجو ڏوهه ناهي... بلا اهيو ٻڌاءِ ته هت ڪيئن پهتو آهين؟

ربن: ٻڌو آهي ته پوتار پورل خان وزير ٿيڻ وارو آهي، سو ڪجهه ڏوڪڙ امداد طور وٺي ڏي ته پنهنجي ڪا فلم ناهيان.

پنهل: ڇڱو! هل پنهل..... پوتار پورل اچي ته ڪنداسين ڪو جڳاڙ.

ربن: غضب خدا جو ڪجهه کائڻ لاءِ به پڇندين يا نه؟

پنهل: (پادر لاهيندي) کائڻ لاءِ ڪوڙ رڳو ڳٽيندو وڃجان.

ربن: اهي پاڻ لاءِ رک پنهل.... پر ڊونيشن جي پارٽ اٿئي.

**(رين ٻاهر آئوٽ)**

پنهل: هل پنهل.... هليو آ مڙس اداڪاري ڪرڻ... ڇٽ جو ٿيو آ متو خراب.

پنهل: (ڪيسي مان آئينو ڪڍي پاڻ کي ڏسي ٿو) هل پنهل اٽڪل 66 سيڪڙو وار اڇا ٿي ويا آهن.... مگر اڇا تائين منهنجي لاءِ ڪنوار پيدا نہ ٿي... هاءِ ڙي قسمت ڪهڙي نياڳيءَ کي سياڳ ڪٽندو جو هن اياڳي سان شادي ڪندي. پنهل! لڳي ٿو تہ ڪنوار ئي قبر ۾ بنا ڪفن جي دفن ٿي ويندين.

**(سائرن جو آواز پوتار پورل ۽ صلاحڪار پاهران اچن ٿا.)**

پنهل: هل پنهل.... سائين چئبو تہ اوهين وزير ٿي ويا... لڳي نہ مون واري دعا.

صلاحڪار: اڙي بس ڪر ڪيانءِ نہ دُرڙي دُڦُ.... خير سان پوتار پورل خان اسان جو وڏي عهدي جي اُٽ تي ويٺو آهي ۽ مان ايڊوائيزر آف پوتار پورل خان ميمبر آف پراونشل اسيمبلي ۽ منسٽر آف سمر ۽ ڪلر.

پوتار پورل: سيڪيٽري.

صلاحڪار: نو سيڪيٽري سر آءِ ايم ايڊوائيزر.

وزيرو: اڙي نهيو نهيو ايڊوازر پاڻ وٺ رک... ٻڌ هاڻي خير سان وزير ٿي ويس.... ان خوشيءَ ۾ ڪو جشن ڪجي تہ واهہ واهہ ٿي ويندي.

صلاحڪار: حڪم ڪيو سرڪار... اهڙو جشن ڪبو جو دشمنن جي دُرڙي دُڦُ ٿي ويندي.

پوتار پورل: مان گهر هلان ٿو ڪي ٽڪ پچون.... ٻن ڏينهن کان پوءِ جشن ڪيو وڃي.

صلاحڪار: جيڪو حڪم سرڪار.

پوتار پورل: چڱو هاڻي تون بہ هل هتان.... شام اچجان تہ ماڻهن جا مسئلا ٻڌنداسين.

**(پوتار پورل اندر آئوٽ)**

صلاحڪار: فڪر ئي نہ ڪريو. ذڪر ئي نہ ڪريو. اصل ايندڙ ويندڙ دُرڙي دُڦُ ڪندو رهندس... پنهل جان هي خادم هلي ٿو.

پنهل: چڱو جاڏي پير تاڏي جنگهان.... شاباس پير ڍاهہ.

صلاحڪار: خبردار زياده فري ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪر. ڪندوسانءِ دُرڙي دُڦُ.

**صلاحڪار پاهر آئوٽ**

پنهل: هل پنهل ٻن ڏينهن ڪان پوءِ جشن ئي جشن... خوشيون ئي خوشيون.... موجون ئي موجون... پر منهنجو ڇا؟ جشن وري ڪي اسانجا ٿين تہ پوءِ ڪا خوشي ڪيون.

## هڪ فنڪار جي ٻاهران انٽري

فنڪار: (هٿ ۾ يڪتارو ۽ چيڙيءَ ۾ سر ۾) ڪاڏي پوتار ويو.... گهر آ ٻڌي پيو.
سڄو سامان ويو.... او ڪاڏي پوتار ويو.....

پنهل: هل پنهل... اڙي بي سرا بي تاج فنڪار تنهنجو گهر ٻڌي پيو تہ ڇا ٿي پيو هتي جو سڄو ملڪ ٻانواٻول لڳو پيو آهي.... پلا اهيو تہ ٻڌاءِ پوتار پورل تنهنجو گارو ڪندو ڇا؟

فنڪار: گارو ناهي ڏيندؤ تہ وڏي مهرباني.... وڏي مهرباني.

پنهل: اڙي چوين ڇا ٿو سا ري گا ما جا پٽ. ڇڱو درخواست ڏي تہ ڏيندس پوتار پورل کي.

فنڪار: درخواست وئي آ وسري.. طبلي جي پيٽ ۾!
ڪلهہ رات جا لڪائي هئي.... ڪڪڙن جي ميل ۾.

پنهل: هل پنهل.... اصل نہ ڇڏجان انهي راڳ جي پچر.. پچ ڪان پڪڙي بيهنيس متان اهيو راڳ پڃي وڃئي... نياڳا ٽر هتان نہ تہ مان شروع ٿي ويندم سر ربو ماهيسر مان.

فنڪار: ڪاوڙ نہ ڪر مون تي.. ڏاڍو لاچار آهيان
قسمت ويهاريو وڻ تي.. بي وس بيمار آهيان.

پنهل: اڙي ڇريا پوءِ ڪٽي اڄ درخواست.. لهہ وڻ تان ڪنڌ نہ ڀڄي پوَئي.

فنڪار: هو اڇهو آٽيان ٿو درخواست کي... هو جمالو
هٽائي نوٽ ڏي درخواست تي... هو جمالو.

## فنڪار ٻاهر آئوٽ

پنهل: ڏينهن جو چيڙيون هٿن ۾ رات جو ڏاڪڻ ڪلهي تي.... وتن ٿا بند ٿي ويهي راڳ ڳائيندا... نہ گهر نہ گهاٽ... ڇي اتو ڇي گهوياٽ.

## صلاحڪار جي ٻاهران انٽري

صلاحڪار: اڙي ڪير ٿا بند تي ويهي راڳ جي رلهي خراب ڪن؟... ٻڌاءِ تہ ڪيانِ دُرڙي دُڦُ. وچ وچي ميمبر صاحب کي چئہ تہ صلاحڪار ڪمال خان آيو آهي.

پنهل: اڙي چري پتل جي.... صلاحڪار ٺئين تہ نالو بہ متائي ڇڏيئي. هل پنهل..

**پنهل اندر آئوٽ پوتار پورل اندران انٽري**

پوتار پورل: اڇي وئين سيڪيٽري سڀورا.

صلاحڪار: نو سيڪيٽري سرڪار... آءِ ايم ايڊوائيزر اينڊ يو آر ماءِ منسٽر.

پوتار پورل: اڙي هائو هائو اهوئي نياڳو ڪر خبرون.

صلاحڪار: سرڪارB.B.C جو نمائندو اچي ويو آهي... توهان کان انٽرويو وٺڻ.

پوتار پورل: اڙي اها بي بي سي وري ڪهڙي بلا آهي.

صلاحڪار: سرڪار دس از لنڊن ڪولين ان ايسٽرن سروس آف بي بي سي نائو نيڪسٽ پروگرام ان اردو اينڊ يوَر انٽرويو.

**بي بي سي جو نمائندو ٻاهران انٽري**

صحافي: (وڏيري کي هٿ ڏيندي) هيلو مسٽر آءِ ايم ايڊورڊ... ڪراسپاڊنٽ آف بي بي سي.

صلاحڪار: مسٽر پورل خان ميمبر آف اسيمبلي اينڊ منسٽر آف سم ءِ ڪلر ڪاتو.

صحافي: اوييس آءِ نو... اينڊ يو؟

صلاحڪار: بس سائين تون ئي تون.

پوتار پورل: ويهہ ڊائون... ويه ڊائون

صحافي: واٽ؟

پوتار پورل: اڙي چريا واٽ تي فقير ويهندا آهن... تون ڪرسي تي ويهہ ڊائون.

صلاحڪار: منسٽر صاحب فرمائنگ يُو سِٽ ڊائون.

صحافي: نو ٿينڪ يُو!

پوتار پورل: تنهنجي مرضنگ... پلا چا پيئنگ ٺڏنگ يا گرمنگ ؟

صحافي: آءِ ڊونٽ نويُور لينگويج.

صلاحڪار: صفا انگريزي نٿي اچئي... بابا منسٽر صاحب فرمائنگ يو ڪولڊ پيئنگ يا هاٽ پيئنگ.

صحافي: او نو... ٿينڪ يو.

صلاحڪار: ٿينڪ يو وري ڪيئن... ڪجھ نہ ڪجھ پيئنگ نہ تہ منسٽر صاحب جو ٻوٿ سڄي وڃنگ.

صحافي: واٽ؟

پوتار پورل: اڙي بابا انٽرويو وٺڻ ڪانپوءِ سيڪيٽري توکي واٽ ڏيڪاريندو... هروپرو تڪڙ ڇاجي آهي.

صحافي: او... اوڪي اوڪي... ماءِ فرسٽ ڪوئسچن فار يوَر ڪواليفڪيشن.

پوتار پورل: اڙي ڇا پڇنگ؟

صلاحڪار: سرڪار تون ماٺ ڪري ويھ... مان پاڻهي ٿو ڏسنگ... تہ ها مسٽر بي بي سي ڇا پڇنگ.

صحافي: واٽ از ڪواليفڪيشن آف يُوَر منسٽر.

صلاحڪار: ييس ييس... قوالي... سائين جن جا وڏا ڳائيندا هئا.... باقي وڪيشن هتي نہ ملندي آهي.. ڇو تہ نو اسڪول ان دس ڳوٺ.

صحافي: او نو آءِ سي ٽاليم.

صلاحڪار: ائين ڇئہ نہ! پوتار پورل اسڪول ۾ پڙهيو ئي ڪونهي... باقي اي ايم فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ حاصل ڪئي اٿائين سا بہ يونيورسٽي آف ..........

صحافي: (جملو ڪٽيندي) واٽ مين باءِ اي ايم؟ ڇا مٿلب؟

صلاحڪار: اي سان آڱوٺا... ايم سان مار.... يعني ماءِ منسٽر از آڱوٺا مار فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن.

صحافي: يوَر اڏر پروگرام؟

صلاحڪار: صاحب ڏيانس جواب تہ چڙهي وڃي چوڏيل تي.

پوتار پورل: نہ نہ اهيو مون کي بہ اچي ٿو تہ ها مسٽر نمائنده ڇا پڇنگ؟

صحافي: يُوَر اڏر پروگرام؟

پوتار پورل: جوئر اوڏر تي ڏيڻ جو ڪو بہ پروگرام ناهي.... اجا پروڪي سال واري پاڻ جا پئسا ئي ناهن مليا.

صحافي: او.....!!!!! آر يو ڊفر؟

پوتار پورل: ظفر؟ منھنجو دوست آهي... اوهان جو واقف آهي ڇا؟

صحافي: ون ٽو آل فولش.

پوتار پورل: سيڪيٽري ڇا پڇنگ؟

صلاحڪار: سرڪار چئنگ تہ تو واري صاحب جو انٽرويو بہ دفعا توڪري واري تي وي تان هلندو.

پوتار پورل: ٿينڪ يو.. ٿينڪ يو.. تمام وڏي ٿينڪ يو.

صحافي: اوڪي.... آءِ گو.

پوتار پورل: گوءِ ڇا جي؟ ڏاندن جي يا گهوڙن جي.. شوقين ٿو لڳين.

## صحافي وڏيري جي منهن کي ڏسندي ٻاهر آئوٽ

پوتار پورل: اڙي بنا وڊو (وڊيو) ءِ فوٽو ڪڍڻ جي. ان ٽوڪري واري تي وي ۾ انٽرويو ڪيئن ايندو. سو به به دفعا.

صلاحڪار: سرڪار توهانجي انٽرويو هلائڻ وقت ٽي وي وارا پنهنجي پردي تي لکي ڇڏيندا ته فني خرابي سبب نشريات ۾ خلل.

پوتار پورل: هائو...... !؟

## پوتار پورل اندر آئوٽ ٻاهران موالي جي انٽري

موالي: ٻيڙا ئي پار بابن جا.

صلاحڪار: پلي ٻڌل هجن... اڙي هي مڪان ناهي.. پوتار پورل خان جو گهر آهي... ٿر اکين اڳيان نه ته ڪندو سانءِ دُرڙي دُڦُ.

موالي: بابن ناراض ڇو ٿو ٿين؟... پوتار ۾ مڙئي ڪم پيو آهي سو اچي حاضر ٿيو آهيان.... بابا رحم جي نظر ڪر.

صلاحڪار: اڙي موالي ڏي خبر ڏنڏو ڪيئن ٿو هلي؟ مڪان شڪان به هلي ٿو يا ويو اهو به دُرڙي دُڦُ تي.

موالي: بابن لڳي ٿو ته مون کان به وڏيڪ پيتي اٿئي... تڏهن ٿو ابتو ڳالهائين.. مڪان ٿورئي هلندو آهي.. ماڻهو هلندا آهن ماڻهو بابن.

صلاحڪار: اڙي تو وانگر پنگ ڪونه پيئندا آهيون.

موالي: بابن اڳي ته اصل ڪونڊا چٽي ويندو هئين.. ڇڏي ڏنئي ڇا؟

صلاحڪار: جنهن ڏينهن کان پوتار منسٽر ٿيو آهي، تنهن ڏينهن کان بوتل جي دُرڙي دُڦُ ڪندو آهيان.

موالي: ها بابن اسانجا اهڙا ڀاڳ ڪٿي؟ اسان کي سائي ملي جڻ بادشاهي ملي.

صلاحڪار: موالي تنهنجو گهر به مينهن ۾ دُرڙي دُڦُ ويو ڇا؟

موالي: هائو بابن صفا گهر مسيت تي ويو... هر شيءِ فنا.

صلاحڪار: اڙي ڪجهه بچيو بہ يا نہ.... هر شي جي تي وئي ڊُرڙي ڊُڦُ.

موالي: بابن گهر ڪرڻ ڪان اڳ، مولا سمڪ ڏني جو ڏنڊو ڪونڊو گهر ڪان ٻاهر ڪيڍي ورتم.

صلاحڪار: ڏنڊو ڪونڊو بچو... چڙ جڳ جهان بچو.

موالي: پر بابن اهو ڏنڊو ڪونڊو بہ الائي ڪهڙو مروان چورائي ويو... هاڻ ننڊ تہ بہ نٿي اچي.

صلاحڪار: چڱو موالي بابا، منسٽر جي اچڻ جو ٽائيم ٿي ويو آهي.

موالي: مولا جي ٻاجهہ ٿيئي.... مڙئي پارت هجئي بابن.

## موالي ٻاهر آئوٽ

صلاحڪار: گهر ڊاهين الله. وري امداد ڏي پوتار پورل خان... پوتار ووٽ ناهي ورتو جڻ ڳچيءَ ۾ ڦاهو وڌو اٿائين. ووٽ ڇا ڏنو اٿن.... رنن وانگي سهائي ماريو اٿن... سڌو چوڏيل تي چڙهيا ٽا اچن. ههڙن ووٽرن جي ووٽن تہ پوتار ڪي ڪلتي ڪرايو هو پنهنجي مڙسي يعني مائي ڊانڊلي سان دل نہ لڳائي ها تہ ڪو ميمبر ٿئي ها ڇا ؟!!!

## گاني جو پسِ پرده آواز روز رسين مون ڪان راڻا..

## هڪ گهوٽ جي ٻاهران انٽري

صلاحڪار: اڙي گهوٽ اڻ موٽ... تنهنجي ڪنوار هيڏي ڪونہ آئي آهي.

گهوٽ: بس ڪر بابا.... اصل جلدي ڪر... درخواست وٺ ٻاهر ڄاڃي انتظار ۾ ويٺا آهن.

صلاحڪار: اڙي ڪنوار نٿي وٺئي تہ خير آهي... باقي اسان ڇا جي لاءِ ويٺا آهيون. ڪم تہ اصل اسانجا جا ئي آهن.

گهوٽ: بڪواس بند ڪر، ٻڌم تہ منسٽر صاحب آيو آهي.. تڪڙ ۾ امداد جي درخواست لکي اٿم... امداد ڏيو قرب ڪريو نہ تہ منهنجو منهن ڪارو ٿي ويندو.

صلاحڪار: ڇو ميندي مهانگي ٿي وئي آهي ڇا؟

گهوٽ: سڀ درخواست ۾ لکيل آهي.... مان وڃان ٿو.

صلاحڪار: اڙي ترس... ميمبر صاحب اچڻ وارو آهي... ايڏي تڪڙ ڇا جي لاتي اٿئي هرويرو چوڏيل تي چڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪر، جنگهہ نہ ڀڃي پوئي.

## پوتار پورل اندران انٽري

گهوٽ: سائين عرض اٿم.

صلاحڪار: تڪڙ نہ ڪر صاحب جو موڊ نٿو ڏسين، صفا منهن ڍُرڙي ڏُڦُ لڳو پيو اٿس.

گهوٽ: اڙي منهنجي ستيا پئي ناس ٿئي تون وري صاحب جو موڊ موڊ پيو ڪرين.

پوتار پورل: چئہ بابا چئہ ڇا ڪپئي؟

گهوٽ: سائين چار دفعا اڳ بہ عرض ڪيو اٿم.

پوتار پورل: مون کي ياد نٿو پوي.

گهوٽ: سائين جناح باغ واري کلي ڪچهري ۾ بہ عرض ڪيو هيم.

پوتار پورل: هوندو بابا.

گهوٽ: سائين پيو دفعو ڪراچي آيو هيم.. اتي بہ عرض ڪيو هيم.

پوتار پورل: ڇيم نہ بابا تہ ياد نٿو اچي. تون ڪم چئہ.

گهوٽ: سائين امداد گهرجي امداد.!

پوتار پورل: پر ڇا جي لاءِ امداد ڪپئي؟

گهوٽ: سائين برسات ۾ جاءِ ڪري پئي هئي.

صلاحڪار: اڙي اها تہ ٺهرائي ڇڏيئي نہ... پوءِ امداد ڇا جي؟

گهوٽ: سائين جاءِ تہ ڪڪڙ گابا، مينهون ۽ ڳئون ڪپائي ٺهرايم. پر هاڻي امداد جي آسري ۾ منهنجو تہ جهڳو جَهڻ پيو ٿئي.

پوتار پورل: اڙي ڇو؟

گهوٽ: سائين ساهرن کي امداد جو آسرو ڏنم، امداد نہ ملي ڪنوار تي دفعا ونواهہ مان اٿاري ڇڏيائون.. هي ڇوٿون دفعو آ جو شادي ڪرڻ ٿو وڃان.

صلاحڪار: اڙي تنهن ۾ منسٽر صاحب جو ڇا وڃي، اسان ڇا ٿا ڪري سگهون؟

گهوٽ: سائين امداد ڏيو.. نہ تہ ڇوٿون دفعو بہ ڪنوار ونواهہ مان اٿاري ڇڏيندا.

صلاحڪار: اڙي چڱو ٿا ڪن، توکي ڪنوار ڏيڻ کان تہ پلو اٿن تہ ڪنوار کي ڪنهن کوهہ ۾ ڦٽو ڪري اچن.

پوتار پورل: چڱو بابا درخواست ڏئي وڃ... ڇنڇر تي اچجان.

گهوٽ: وڃ سائين ڇنڇر تي!؟ رحم ڪريو.

پوتار پورل: بابا پوءِ آچر تي اچجان. ٺيڪ آ.

صلاحڪار: سرڪار آچر تي اوهان کي خطاب ڪرڻو آهي.

پوتار پورل: هائو.. تہ ها بابا پوءِ سومر صحيح رهندو.

گهوٽ: سائين سومر تي ستاوڙي تي ويندس. خير ايندس.

پوتار پورل: بابا ستاوڙو ڪاڻ... اڱاري تي اچجان.

صلاحڪار: سرڪار اڱاري تي ڪلي ڪچهري ڪرڻي اٿوَ پيپنگ پور ۾..

پوتار پورل: يار مون کان تہ ڳالهہ ئي وسري وئي.. بابا تون اربع تي اچجان.

گهوٽ: وچ وچي ٿو متي چڙهندو.. صاحب پوءِ اربع ڏينهن جي پارٽ اٿوَ مان ضرور ايندس.

پوتار پورل: نہ بابا نہ.... اربع تي مون کي گهر ۾ ڪم آهي سو خميس تي... چڱو هيئن ڪر جو جمعي جي ڏينهن اچجان... جمعي ڏينهن بلڪ ڪم ناهي.. ڪيئن سيڪيٽري؟

صلاحڪار: نو سيڪيٽري سرڪار.... جمعي جي ڏينهن اوهان کي برابر ڪو بہ ڪم ڪونهي. پر سائين هن مهيني ۾ جمعو آهي ئي ڪونہ.

پوتار پورل: اڙي ڪاڏي پڄي ويو جمعو؟ هن مهيني ۾ جمعو ناهي اهو ڪيئن؟

صلاحڪار: ٻڌو سائين ڇنڇر، آچر، سومر، اڱارو اربع، ڇنڇر

= = = = = =

= = = = = =

## گانو: روز چوين ٿو سومر تي....... منظور سخيراڻي

## گانو ختم ٿئي ٿو

پوتار پورل: بابا گهوٽ صاحب پوءِ تون ايندڙ مهيني جي پهرين ڇنڇر تي اچجان تنهنجو بلو ڪبو.

گهوٽ: ڇئبو ڪنوار تان هٿ ڪڻان.. اڙي ابا ڇيومانءِ تہ نہ ملندي امداد نہ ملندي، هرويرو منهنجو منهن ڪارو نہ ڪر.

صلاحڪار: اڙي صاحب جو موڊ خراب ڪري ڇڏيئي.. ڏسين نٿو تہ صاحب جو منهن ڪيئن لڳو پيو آهي.

گهوٽ: جڻ قتل واڳڻ متان ٽانگو چڙهي ويو هجي.

پوتار پورل: (ڪاوڙ ۾) بدتميز ناهي امداد نڪر هتان.

گھوٽ: (موڙ لاھيندي) سائين جي امداد ناھي تہ ھي وٺو موڙ اسان وچون ٽا بر ۾ منھن ڏئي، الله توھار.

صلاحڪار: (موڙ وٺندي) ڀلا ڇج تہ ٻيٺي آھي نہ.

گھوٽ: ھا ھا ٻيٺي اٿئي ڇاھا.

## گھوٽ ٻاھر آئوٽ

صلاحڪار: (موڙ ٻڌندي) ڀوتار ھاڻي اسان جي ياروياري. وليمي جو سڏ ٻڌو ھجئي.

ڀوتار ڀورل: اڙي ڪاڏي؟

صلاحڪار: ڀوتار شادي ڪرڻ... ٻاھر نھيل نُڪيل ڇج انتظار ۾ آھي.

ڀوتار ڀورل: اڙي نھيو نھيو.. پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي.. ڪيانءِ نہ تعادي.

صلاحڪار: ڀوتار! پنھنجو پاڻ ۾ ڳالھ آھي تہ پرائي مال تي پٽڪو اسان ئي تہ ٻڌي ھلندا آھيون.

ڀوتار ڀورل: اڙي سيڪيٽري.

صلاحڪار: اونھون... آءِ ايم ناٽ سيڪيٽري بٽ آءِ ايم ايڊوائيزر... ايڊوائيزرڊ

ڀوتار ڀورل: ييس ييس يو آر ماءِ ايڊيٽر.

صلاحڪار: ڊونٽ ايڊيٽر سرڪار، آءِ ايم وري ايڊوائيزر.

ڀوتار ڀورل: ڊوڙ پئي تي ڀوت ۾. اڙي جيڪو آھين سو آھين، ڪراچيءَ ۾، ھتي تون آھين سيڪيٽري ڪمالو.

صلاحڪار: بس سائين ڪير چئي تہ شينھن تنھنجي وات ۾ پلال.

ڀوتار ڀورل: چڱو تون ھاڻي ھل ۽ ھلي جشن جون تياريون وٺ، ھل تکو تي.

صلاحڪار: (ٻاھر ويندي) ڪو بہ فڪر نہ ڪريو جشن جي ضرور دُرڙي دُڦ ڪبي.

## صلاحڪار ٻاھر آئوٽ بيگم ڀورل خان جي اندران انٽري

بيگم: ڇا ڳالھ آھي، خوشي ۾ ماپين نٿو.

ڀوتار ڀورل: سياڻي پنھنجي وزير ٽيڻ جي خوشيءَ ۾ جشن ٽيندو... سو مڙئي جواني جا ڏيک ڏيجانءِ... سينگار اھڙو ڪجان... جو اندر ٺري پئي.

بيگم: شرم ڪر شرم.. ھي عمر آھي اسانجي.

ڀوتار ڀورل: بيگم شرم ڪھڙو... ھي ئي تہ عمر آھي جو ماڻھو ٻار وانگيان لڳندو آھي.

**گانو.....................................**

**گانو ختم ٿئي ٿو پوتار پورل خان پنهل کي سڏي ٿو**

پوتار پورل: پنهل..... او پنهل

**پنهل گهر اندران انٽري ڪري ٿو**

پنهل: هل پنهل..... جي پوتار سائين حڪم جي هڙ رکو هن پنهل جي مٿي مٿان.

پورل پوتار: پنهل رات جا باقي ٻه پهر بچيا آهن ڪجهه آرام ڪجي ۽ تون ٻه آرام ڪر.

**پوتار پورل ۽ بيگم اندر وڃن ٿا**

پنهل: هل پنهل... ڪم ڏاڍو ڪيو اٿئي... هاڻي آرام ڪر... وري صبح جو پنهنجو پاڻ گڏهه وانگي جانبده ۾ جٽنداسين.

**پنهل سمهي ٿو.. صبح ٿئي ٿو..**

**دروازي واري گهنٽي وڄي ٿي.**

**پنهل ننڊ مان اٿي ٿو ۽ ٻاهرين دروازي طرف وڃي ٿو.**

پنهل: هل پنهل... الائي وري ڪهڙي جزا جي صبح سان شڪل ڏسڻي پوندي.

**صلاحڪار جي ٻاهران انٽري**

صلاحڪار: اسلام عليڪم

پنهل: لاحول ولالله قوت.. صبح سوير بي سُري جي شڪل ڏٺم... خدا خير ڪري

صلاحڪار: اڙي وات نه هڻ نه ته ڪندو سانءِ دُرڙي دُڦُ.

**پوتار پورل جي اندارن انٽري**

پوتار پورل: اچي وئين سيڪيٽري.

صلاحڪار: سائين نو سيڪيٽري.. آءِ ايم ايڊوائيزر

پوتار پورل: اڙي هائو هائو اهوئي ڇت جو پٽ... ڏي خبر دعوت ناما سيني کي ملي ويا.

صلاحڪار: سرڪار اصل چوڏيل تي چڙهي، دعوت نامن جي دُرڙي دُڦُ ڪري آيس.

پوتار پورل: چڱو سيڪيٽري تون ٻاهر هلي مهمانن جو آڌرياءُ ڪر، جيڪو اچي تہ هيڏي موڪل.

صلاحڪار: جي سرڪار

## صلاحڪار ٻاهر آئوٽ

پنهل: هل پنهل.... ( صلاحڪار ڪي) وڃ.. وجي پٽيوالي وارو ڪم ڪر.

پوتار پورل: پنهل مهمان اچن تہ ويهارجان، مان تيسيتائين پنهنجي سيٽنگ ڪري اچان.

## پوتار پورل اندر آئوٽ

پنهل: هل پنهل... اسان جي سيٽنگ ڪرڻ واري بہ ڏي مولا.

## مهمانن جي ٻاهران انٽري

مهمان1: اسلام عليڪم

پنهل: وعليڪم هل پنهل.. اچو سائين اچو... ويهو.

مهمان2: اسلام عليڪم پنهل خان

پنهل: وعليڪم وڏيرا گلڻ خان... اچو ويهو ڪهڙا حال آهن.

مهمان2: الله جا احسان... پر پنهنجو دوست منسٽر پورل خان نظر نٿو اچي.

پنهل: توهان ويهو تہ سهي وڏيرا، منسٽر صاحب بہ نظر اچي ويندو.

## مهمان 1 ۽ 2 ويهن ٿا.

## پوتار پورل اندران انٽري

پوتار پورل: سائين ڀلي ڪري آيا

مهمان1: منسٽر ٿيڻ جو مبارڪ

مهمان2: منهنجي طرفان بہ مبارڪون

پوتار پورل: قرب توهان يارن جا باقي اسان ۾ ٿورئي چاڙهو هو.

## سڀ ٺهڪ ڏين ٿا

مهمان 1: دوست ههڙي محفل رُڪي.

پنهل: هل پنهل.... صاحب رُڪي نہ پر مڪڻ سان مڪيل ۽ گرم مصالحن واري محفل مچندي.

پوتار پورل: هائو.. هائو.. بابا پوءِ دير نہ ڪريو.

**رقاصہ اچي ٿي رقص ڪري ٿي.**

**گانو**

**محفل ختم ٿئي ٿي پوتار پورل مهمان کي ٻاهر ڇڏڻ وڃي ٿو**

**هڪ ڪدڙو ٻاهران انٽري ڪري ٿو**

ڪدڙو: (تاڙي وڄائيندي) هاءِ صدقو وڃانءِ پاجامي جهڙا پهلوان.

پنهل: هل پنهل.... صدقو وڃي تہ ڏس پنهل تنهنجي قرب ۾ اڳ ئي ڪنل آهي.

ڪدڙو: ( تاڙي وڄائيندي) اڙي وزير صاحب ڪونہ آيو آهي ڇا.. منهنجا مٺا منا.

پنهل: ڇڏ وزير جي پچر... حڪم ڪر منهنجي شلپا شيٽي.

ڪدڙو: ( تاڙي وڄائيندي) مٺا پري ٿي ڳالهاءِ... وات مان ڍونڍ جهڙي ڏپ ٿي اچي! منهنجو من جو منڙو منسٽر صاحب ڪٿي آهي؟ مان ان سان ملنديس.

پنهل: هل پنهل.... ڇڏ اميرن جي پچر ... ڪڏهن غريبن جي دل جي اوطاق تي هڪ ڏينهن مهمان ٿي رات رهي ڏس، ڄاڻي ٿو مولا سک ئي سک هوندا.

ڪدڙو:( تاڙي وڄائيندي) هل هل..... تو سچي ٽنينگ مان ڇا ملندو؟

پنهل: منهنجي دل جي ماڏوري..... محبت جا مڻ ملندءِ..... ڇو ٿي پراڻا اداڪار ڳولهين؟ ڪڏهن ڪڏهن اسان جهڙن جوانن جو بہ خيال رکندي ڪر!

ڪدڙو:( تاڙي وڄائيندي) شل مٺل نانگ کاوئي! مٺا آئيني ۾ پنهنجي ٻوٿاڙي ڏٺي اٿئي؟

پنهل: هل پنهل!! ... هن پنهل سان پريم جا پيچ اٽڪائيندين تہ امداد مٿان امداد ئي ملندي رهندءِ... تون رڳو هڪڙو ڀاڪرڙو تہ پائي ڏس!

ڪدڙو: ( تاڙي وڄائيندي) مٺا صفا ڳاري لاٿيءَ!!!

**پنهل ۽ ڪدڙو فقير ڀاڪر پائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا**

**تہ صلاحڪار ٻاهران انٽر ٿئي ٿو.**

صلاحڪار: هون.......... ڇئبو پوتار پورل خان جي بنگلي ۾، پوتار جي عزت دفن پيو ڪرين!؟ يا فقير ڪي چوڏيل تي چاڙهڻ جي چڪر ۾ دُرڙي دُڦ پيو ڪرينس؟

ڪدڙو: ( تاڙي وڄائيندي) هاءِ من ڪير آهين؟ صدقو ٿيانءِ.

صلاحڪار: پوتار پورل خان يعني منسٽر آف سم ڪلر جو صلاحڪار ڪمال خان يعني منسٽر صاحب جي سڄي ٻانهن. جيئن منسٽر ڪي مان چوان تيئن ڪري! منهنجي حڪم جو محتاج اٿئي!! قسم ڦرٽيءَ جو.

ڪدڙو:( صلاحڪار ڪي ويجهو ايندي) هاءِ پرين پوءِ ميڪپ لاءِ منسٽر ڪان امداد وٺي ڏيندين نه؟

صلاحڪار: رڳو ميڪ اپ لاءِ!؟ ڊريسن لاءِ به....... ڪوڙ امداد ...... اصل نوٽن سان دُرڙي دُڦُ ڪري ڇڏيندو مانءِ

ڪدڙو: ڪيان نه امداد جو آسرو منهنجا من؟

صلاحڪار: ٻڌ تون هلي پنهنجي جاءِ تي ويهه ... مان پاڻ تڪليف ڪري امداد منظور ڪرائي اتي ٿو پهچائي وڃانءِ اصل چوڏيل تي چڙهي.. هونئن به مون ڪي توسان ڏسي گهٽن جا منهن دُرڙي دُڦُ ٿي ويا آهن.

ڪدڙو: چڱو مان انتظار ڪنديس منهنجا اڪشي ڪمار.

## ڪدڙو ٻاهر ويندي

پنهل: هل پنهل ڊاهه پيير... هل هل

ڪدڙو: (موٽندي پنهل ڪي تاڙي هڻندي) چو ٿي سڙين پهاج.

## ڪدڙو ٻاهر آئوٽ

صلاحڪار: وچ ۾ وچي ميمبر صاحب ڪي چئه ته ايڊوائيزر ڪمال خان تشريف فرما آهي

## پنهل اندر آئوٽ پوتار پورل اندران انٽري

پوتار پورل: اڙي آءُ سيڪيٽري ڪمالو!

صلاحڪار: سرڪار نو سيڪيٽري ڪمالو. آءِ ايم ايڊوائيزر ڪمال خان پوتار...

پوتار پورل: اون هون... نو پوتار ميمبر آف اسيمبلي چئه ڄٽ جا پٽ.. اجان انگريزي ناهين سکيو ڇا؟

صلاحڪار: صاحب انگريزي؟... انگريزي وري ڪنهن ڪان سکان؟

پوتار پورل: مون ڪان وري ٻيو ڪنهن ڪان؟ اڙي ڏنئي ڪونہ تہ ڪيئن اسيمبلي جي اجلاس ۾ انگريزي ۾ تقرير ڪئي هيم.

صلاحڪار: صاحب پنهنجو پاڻ ۾ ڳالهہ آهي تہ توهان اسيمبلي ۾ ٻوڙ هاريو. توهان واري تقرير پيري سڀ ميمبر اوٻاسين ۾ ڊُرڙي ڏڦُ لڳا پيا هئا.

پوتار پورل: اهو وري ڪيئن؟

صلاحڪار: پوتار!

پوتار پورل: اون هون.... اون هون.

صلاحڪار: چم جي زبان آهي صاحب... سو هر هرچوڏيل تان ترڪي ٿي پئي.. ها تہ توهان واري تقرير ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آئي.. سيني جا وات ڪٽلي مٿو ڊُرڙي ڏڦُ ۾ جنگهون چوڏيل جهڙيون ٿي ويون هُيَن.

پوتار پورل: اهائي تہ عقلمند وزير جي چال آهي نياڳا... جو تقرير اهڙي ڪجي جيڪا ڪنهن کي سمجهہ ۾ ۾ نہ اچي.

صلاحڪار: پر سائين! ماڻهو وري اهو بہ چون پيا تہ " صاحب اسيمبليءَ ۾ وڏيون ڦڙڪيون پئي هنيون"

پوتار پورل: پوءِ تو عوام کي ڪهڙو جواب ڏنو منهنجي جذبن جي ترجماني ڪئي!؟

صلاحڪار: پوتار مون بہ صفا چٽي ڏنو ماڻ تہ پاڻ وارو وزير صفا ٻڻيادي نسل جو آهي، ائين سمجهو تہ ڪرسيءَ تہ جهڙو تهڙو ماڻهو نہ پر نسلي " ڪڪڙ ڪرسيءَ تي" وينو آهي.

پوتار پورل: اڙي اهو وري ڇا؟؟؟ پوءِ تہ اهڙن ماڻهن کي سدائين ڏٽن ۾ پُوزين هلائجي!

صلاحڪار: بروبر سرڪار بروبر.. ائين ئي... ٺيڪ ائين عوام جي ڊُرڙي ڏڦُ ڪندو رها!

پوتار پورل: هائو نہ! تنهنجي موڪل آهي نہ.

صلاحڪار: هائو پر سرڪار ٻاهر ماڻهو اوهانجو انتظار ڪري ڪري صفا ڦڪا، ساوا بلڪہ واڱڻائي ٿي ويا آهن.. هٿن ۾ رڳو درخواستون اٿن.

پوتار پورل: ڇا جي لاءِ؟

صلاحڪار: امداد سائين امداد لاءِ.

پوتار پورل: ڪاٿي آهي امداد؟

صلاحڪار: سائين اوهان جي اڪائونٽ ۾.

پوتار پورل: اڙي گهڻا دفعا چيو اٿماءِ تہ ان اڪائونٽ جي ڳالهہ منهنجي اڳيان نہ ڪندو ڪر.

صلاحڪار: سرڪار غلطي جي معافي... پر هاڻي هنن ڄڃن جي پٽن کي ڪو بہ دلاسو ڏيو نہ تہ اصل چوڏيل ۾ چنبڙي پوندا.

پوتار پورل: مون کي ڏي درخواستون.

## صلاحڪار هڪ درخواست ڏيئي ٿو

پوتار پورل: (درخواست وٺندي) اڙي هي ڪنهن جي درخواست آهي؟

صلاحڪار: سائين دُرڙي دُڦُ ٽيل آهي فنڪار استاد قليلي خان گليلي جي.

پوتار پورل: ڇا لکيو اٿائين.

صلاحڪار: (درخواست وٺندي) صاحب لکي ٿو تہ موجوده برسات ۾ منهنجو طبلو پاڻي سان پرجي ويو، باجو سرتار ڇڏي ويو جاءِ جي ڇت ڪري پئي.. ان ڪري رياض ڪرڻ کان محروم ٿي ويس.. عنايت ٿئي ۽ امداد ڏيڻ فرمائيندا تہ اوهان جي دهلڙي سدائين وڄندي رهي.

پوتار پورل: چڱو سڏينس تہ ونانس احوال.... جي ووٽ ڏنو اٿائين تہ امداد بہ ملندس نہ تہ وينو راڳ ڳائي.

صلاحڪار: فنڪار خان صاحب استاد قليلي خان گليلي حاضر ٿئي ۽ اچي چوڏيل تي چڙهي.

## فنڪار ٻاهران اندر

پوتار پورل: ڪر خبرون ميان فنڪار ڪهڙا حال اٿئي.

فنڪار: (سُر ۾) ڪهڙا مون کان حال پڇين ٿو.
امداد لاءِ تون ڇو نہ اچين ٿو.

پوتار پورل: اڙي ووٽ بہ ڏنو هيو تو يا نہ؟

فنڪار: (سر ۾) وڏو ووٽ هيو ووٽ.... جنهن ۾ هيو نوٽ... وڏو ووٽ...

پوتار پورل: اڙي اهو تہ خارج ٿي ويو... پوءِ امداد ڇا جي؟

فنڪار: مسڪين تي ڪجھ خيال تہ ڪر....
خيال تہ ڪر برو حال نہ ڪر
مسڪين جو ڪجھ تہ خيال ڪر......

پوتار پورل: چڱو هل تکو ٿي.. امداد وٺڻ آيو آهي بي سرو.

فنڪار: ڪو آسرو نہ ڪر... هي ڪوڙو آ ميمبر
روز بهانا نوان نوان... ڪري ٿو در بدر

پڇڻ جي ڪر تياري، پڇڻ جي ڪر تياري!

## فنڪار ٻاهر آئوٽ

صلاحڪار: ڇَڪي!!..... آيو هو بنا ڏوڪڙن جي چوڏيل تي چڙهڻ... ائين سرڪار ائين تڏهن تہ ويگو شِيگو ونبي.

پوتار پورل: ٻي ڪنهن جي درخواست آهي ڇا؟

صلاحڪار: ها سائين ٽريفڪ جماندار جي.

پوتار پورل: اڙي ان بہ امداد لاءِ ڏني آهي ڇا؟

صلاحڪار: بس سرڪار جڻ پاڻي جا دبا پري توهان مِينهن وسايو هجي، اها ماڻهن کي خبر ئي ڪونهي تہ اسان جو منسٽر رڳو مخالف ڌر جي دبن جي دُرڙي دُڦُ ڪندو آهي.

پوتار پورل: ڇڱو ڇڱو اها ڇَتي ڪوري واري ڊيگهہ ڇڏ... سڏ ڪرينس.

صلاحڪار: ٽريفڪ جماندار ٻهرين گير ۾ پهچي وڃي.

## ٽريفڪ جماندار جي ٻاهران انٽري

پوتار پورل: ڇا تو ڪي ڪپي بابا.

جماندار: سائين برسات جي رات هئي، اڳين لائيٽ بند ٿي چڪي هئي، گاڏي جي ڇت وهي رهي هئي، برسات سبب سگنل خاموش هو ان ڪري خدا منهنجي گهر ڪي 82/112 تحت چالان ڪري ڇڏيو... ان ڪري امداد جي درخواست ڏني اٿم تہ چالان ٽيل جاءِ جو ڏنڊ پري پنهنجن ٻچن جا انڊيڪيٽر ٺهرائي سگهان نہ تہ گاڏي پنڪچر ٿي ويندي.

پوتار پورل: بابا انهن ماڻهن لاءِ منهنجا در بند آهن جن ووٽ نہ ڏنا آهن.

جماندار: سائين ٻچن سميت ووٽ توهان کي ڏنا هئا... توهان کي ڪونہ ٻڌايو هيم تہ اوور ٽيڪنگ ۽ اوور لوڊ ڪري بہ توهان جا دبا فل ڪيا هئا.

پوتار پورل: ٺيڪ آ... پوءِ بابا ڏسنداسين؟

جماندار: سرڪار تمام وڏا ڊينٽ پئجي ويا اٿس.. ڇا ڏسندؤس، اصل هلڻ کان هلاڪ آهي.

پوتار پورل: بابا چوانءِ ٿو تہ تولاءِ منهنجا دروازا هميشہ کليل آهن.

جماندار: دروازا کليل! يعني 19/112 جي پڇڪڙي!!؟ ان قلم تحت اوهان کي چالان ڪري سگهجي ٿو.

پوتار پورل: اڙي تون مون کي چالان ڪندين؟ هان! مون کي؟ ڪوڙا قلم ٺوڪيندين!!!؟ اڙي صلاحڪار!

صلاحڪار: جي سرڪار!

پوتار پورل: هِن کي نوڪري تان لاهڻ جو ڪم ٺهڻ تنهنجو.

صلاحڪار: فڪر نه ڪر سرڪار هيئنئر ٺو ڪريانس اِلٽ گِلٽ ۾ دُرڙي دُڦ.

جماندار: ووٽ وٺڻ مهل بنا بريڪ هليا ٿا اچو نه هارون نه بريڪ ۾ نه ئي انڊيڪيٽر، اچي ويا اميدوار صاحب.

## جماندار ٻاهر آئوٽ

پوتار پورل: اڙي مان سياڻي هن کي روڊ تي نه ڏسان.

صلاحڪار: اصل ڪچو رستو به هٿ نه ايندس... وينو وڃائيندو چوڏيل تي چڙهي سيٽيون.

پوتار پورل: ڦاٿا آهيون ڇتن مان... اڙي ٻيو به ڪو آهي ڇا؟

صلاحڪار: ها سائين مولوي امام الدين اسراڻي طبراڻي.

پوتار پورل: گهرائينس گهرائينس.

صلاحڪار: ادا مولوي امام الدين اسراڻي طبراڻي اچي حاضر ٿي.

## مولوي جي ٻاهران انٽري

مولوي: اسلام عليڪم ورحمته الله و برڪاتهٗ

پوتار پورل: ڇڱو.. ڇا ڪپيئي مولوي صاحب.

مولوي: امداد ڪپي... امداد ڏيندؤ ته ادا شِر ۾ بلا ڪان محفوظ رهندو! الله وڏو غني آهي.

پوتار پورل: مولوي ماٺهو منهنجي چنبي ڪان ٻاهر نڪرندا ٿا پيا وڃن.

مولوي: نعوذ بالله! صاحب اهي جهنمي آهن... هاڻي ائين نه ٿيندو.

صلاحڪار: باقي ڇا ٿيندو؟ جي اهڙا پرڪار رهيا ته پوتار پورل جي ته ٿي ويندي دُرڙي دُڦُ.

مولوي: توبهن توبهن.. استغفرالله... ائين خدا نه ڪندو.

پوتار پورل: ڪيڏاءِ لائوڊ جاڪي نڪاءَ ته ڪو چاڙهو ٿئي.

مولوي: پر صاحب امداد به ته ملندي نه؟

پوتار پورل: اصل مٿو مٿي ٿئي.

مولوي: تہ پوءِ.. اڄ رات واعظ آهي ٺاهوڪو... جنهن ۾ توهان مهمان خاص هوندؤ. الله ڀلي ڪندو سڀ جي.

پوتار پورل: نہ بابا نہ مسجد ۾ اچڻ اسان جو ڪم ناهي. باقي تون لايون ويٺو هُج.

مولوي: نہ نہ مون چيو تہ اڄ منهنجي واعظ جو موضوع هوندو پوتار پورل خان.

پوتار پورل: چڱو رات ٻڌنداسين. جي واعظ دل سان لڳو تہ تنهنجي امداد بہ منظور.

مولوي: الحمدالله... ائين ئي ٿيندو پوءِ مان خاطري ڪري هلان ٿو.

## ملان ٻاهر وڃي ٿو

پوتار پورل: اڙي نپاڳا ايڏي رش ڪٺي ڳڌ ڪئي اٿئي... اجا آهن ڇا؟

صلاحڪار: ها سائين شاعر سومر خان سوتلي عرف بلبل بيقرار ويٺو آهي.

پوتار پورل: هاڻي ڇڏ انهي شاعر کي... ٻي دفعي وري ماڻهن سان ملنداسين.. اڙي پنهل... اڙي او پنهل.

## پنهل اندران اچي ٿو

پنهل: هل پنهل... سرڪار پنهل پنهنجي پٺماني سميت حاضر آهي.

پوتار پورل: اڙي هي درخواستون هلي ڦِٽي ڪر. مان ۽ سيڪيٽري ڪم سان ٻاهر وڃون ٿا.

## پوتار پورل ۽ صلاحڪار ٻاهر آئوٽ

پنهل: هل پنهل.. پوتار پورل بہ ٻاهر ۽ مروان سيڪريٽري بہ ناهي تہ پوءِ ڇو نہ صوفن تي سمهي ڪجهہ گهڙيون آرام ڪري وٺان.

## پنهل صوفي تي سمهي وري اٿي ٿو ۽ پاڻ کي وزير سمجهي ڳالهائي ٿو.

پنهل: مسٽر سيڪريٽري فريادِن کي حاضر ڪر! او نو سيڪيٽري آءِ ايم ايڊوائيزر. شاعر بلبل بيقرار حاضر ٿئي.

## پوتار پورل ۽ صلاحڪار ٻاهران اندر اچن ٿا
## پنهل جون اکيون ٻوٽيل آهن. هو پنهل اڳيان بيهن ٿا

پنهل: اڙي ٻي ساها ۽ گنجا ڇاها شاعر بلبل بيقرار ڇا ڪپٽي حڪم ڪر امداد گنج ڏينداسون.

پوتار پورل: اڙي ڪهڙي بڪواس پيو ڪرين پنهل.

پنهل: اڙي تون ڳالهائين ڪنهن سان ٿو.. مان آهيان مسٽر پنهل خان پياسي ميمبر آف اسيمبلي ءِ....

پوتار پورل: ( پنهل جو ڪن پڪڙيندي) پنهل... اڙي او پنهون.

پنهل: (اکيون ڪوليندي) سر... سر...سر... سرڪار... تہ ... توهان... غضب ڪري ڇڏيو!! توهان پنهل جي اسيمبلي ئي ٽوڙي ڇڏي.

پوتار پورل: تو جهڙا ءِ اسيمبليءَ جا ميمبر ٿيندا هتي؟ اسان مري ويا آهيون ڇا؟.

پنهل: ها سائين! نہ اوهان مرندؤ نہ ئي سنڌ سک جو ساهہ کڻندي!!!!!!!

صلاحڪار: پوتار پنهل تمام گهڻو وڏي ويو آهي، هن جي هاڻي ڪريو دُرڙي دُڦُ.

پوتار پورل: ٻئي هڪ جهڙا آهيو... پنهل تون هل اندر.

## پنهل اندر وڃي ٿو

صلاحڪار: سرڪار ماڻهو اچا وينا آهن.. حڪم ڪيو تہ گهلي اچي چاڙهيانِ چوڏيل تي.

پوتار پورل: يلا گهرائين تہ وٺونِ خبرون.

## شاعر بلبل بيقرار بي سڏيو اچي ٿو.

شاعر: جي گهرايو نہ. تہ بہ ايندا سين.
جي نہ ملندؤ تہ بہ زوري ايندا سن.

صلاحڪار: تہ پوءِ تنهنجي بہ دُرڙي دُڦُ جلدي ڪندا سين.

شاعر: اوهان جا ٻڌي ٻول، ٿي ڪوئل جي ڪوڪ ياد پوي.
هي ڪرسي شل اوهانجي سدا آباد رهي
ڪرم جي نظر جي مٿان مون پوي،
تہ اوهانجي عمر سدا دلشاد رهي.

صلاحڪار: واهہ واهہ صفا دُرڙي دُڦُ سُر سان ٺاهيو اٿئي.

پوتار پورل: واهہ سومر خان سوتلي... وٺين وٺين... اڙي سيڪيٽري پنج هزار ڪرينس منظور.

صلاحڪار: (درخواست وٺندي) دُرڙي دُڦُ ڪري درخواست تي اڌائي هزار لڪان ٿو.

پوتار پورل: ڏي تہ صحي ڪيان.

## پوتار پورل آڱوٺو هڻي ٿو

شاعر: (درخواست ڏسندي) قلم منهنجو لکي سدا تنهنجي ثنا
وئي ختم آ مس ٿي ۽ سيئي پنا
ڪيئن مڃا توکان پيرو پڇان
تون ڏيندو رهين مان لکندو رهان
آ ملي امداد هاڻي اهڙو لکان
سارا ه تنهنجي جا پيو ڏڪ پريان
ڪيان خدمت سدا بڻجي خادم ادا.

پوتار پورل: اصل مٺي مان نڪاءَ ئي ڪيڏي چڙيا اٿئي.

صلاحڪار: واه ڙي واه... تنهنجي شاعري سٺي ترقي ڪئي آهي... اهڙا شعر لکندين ته دُرڙي دُڦُ ٿيڻ کان بچي ويندين.

پوتار پورل: تنهنجي لاءِ منهنجا دروازا هميشه کليل رهندا.

صلاحڪار: چو ته دروازي کي تاڪ ئي ڪونهن, تاڪ سڀ اليڪشن ۾ ويا دُرڙي دُڦُ ٿي ۽ تون به ٿي هاڻي دُرڙي دُڦُ.

شاعر: وڃان ڪيئن ڇڏي توکي اي دلربا
رهي تو سوا دلڙي ويڳاڻي اي دلربا

## شاعر ٻاهر آئوٽ

پوتار پورل: اڙي اجا ڪو نياڳو رهيل آهي ڇا؟

صلاحڪار: هائو سرڪار موالي بابا رهي ٿو.

پوتار پورل: گهراءِ انهي موالي کي ته وٺون احوال.

صلاحڪار: اِڙ موالي! چرسي! آفيمي ۽ هيروئني هليو آءُ.

## موالي جي ٻاهران انٽري

پوتار پورل: اڙي موالي ڪهڙا حال اٿئي؟

موالي: بس بابن توهانجي پاڇي ۾ پيا ٿا جيئون.

پوتار پورل: اڙي ڇا ڪپئي؟

موالي: بابن ڏنڊو ڪونڊو الائي ڪير چورائي ويو آهي.

پوتار پورل: اڙي پوءِ مان ڇا ڪيانءِ.

موالي: بابن سائين! ايس پي صاحب ڏي نوٽ هٽي ڏي تہ ڏنڊو ڪونڊو واپس ڪرائي ڏي.

پوتار پورل: اڙي ايس پي ڏي ڇو؟

موالي: بابا صوبيدار فرياد وٺڻ کان انڪار ڪيو آهي ان ڪري.

پوتار پورل: اڙي تو تہ امداد لاءِ عرض ڪيو هو.

موالي: مولا جي ٻاجهہ ٿيئي. ڇڏ امداد کي! اسان کي ڏنڊي ڪونڊي جي توهان کي امداد جي.

پوتار پورل: ڇوين تہ امداد ڏيانءِ! امداد ڪوڙ.

موالي: نہ بابن نہ!! اسان کي ڏنڊو ڪونڊو مليو جڻ عيد ٿي وئي, ڪڏهن وڃي پوي اهيو امداد نيا ڳو ان امداد اڳ پي مڪان جي جاري مان سلفي چورائي هئي.

صلاحڪار: پلاڙي ياڙي شل دُرڙي دُڦُ ٿيئي, شل چوڏيل تان ڪرين, ائين نٿو چوين تہ اها امداد صلاحڪار جي ڪيسي ۾ وڃي ڦهڪو ڪري, ڇگُو تون هل تنهنجي ڏنڊي ڪونڊي جو بلو ڪنداسين.

موالي: بابن جا ٻيڙا تار هجن.

صلاحڪار: اڙي ڇا سان؟

موالي: چرس, آفيم, ڀنگ ۽ هيروئين سان.

صلاحڪار: نہ نہ ٻلي ٻڏل هجن... بلڪہ دُرڙي دُڦُ ٿيل هجن.

## موالي ٻاهر آئوٽ

پوتار پورل: اڙي موالي جي دعا ڇو موتائي ڇڏيئي... ٻلي ٻيڙا تار هجن هان, هن دور ۾ اهي تہ ڪم جون شيون آهن. خير باقي ڪو ٻچيل آهي ڇا؟

صلاحڪار: صاحب ايڏي رش لڳي پئي آهي, جڻ ماڻهو چوڏيل تي چڙهڻ آيا آهن.

پوتار پورل: وڃ سيني کي چئہ تہ صاحب جي ملڻ جو ٽيم ختم ٿي ويو آهي.

صلاحڪار: سرڪار اصل وڃي چوڏيل جا پينگها ئي ڪيڏي ٿو اڃان نہ هوندو چوڏيل نہ چڙهندا بنا پيسن جي.

## صلاحڪار ٻاهر آئوٽ پنهل جي اندارن انٽري

پنهل: هل پنهل سرڪار... اوهان جي ماني جو ٽائيم ٽري ويو آهي، ماني ويچاري جوش کائي کائي هوش وڃائي ويٺي آهي ٽيبل تي. آسري مولا جي.....

پوتار پورل: (جملو ڪٽيندي) اڙي رڳو ماني ۾ جوش آهي يا بيگم ۾ به.

پنهل: سائين جيجان امان اوهان کان بنا پيٽ پري ماني کائڻ جي هيراڪ آهي، سو ويٺي ٽي ٽي تي ڊرامو ڏسي.

پوتار پورل: اڙي پنهل! ٽي وي تي ياد آيو ته اڄ منهنجي مخالف پارٽي پاران داخل ڪرايل اپيل جو فيصلو اچڻ وارو آهي، اها ٽي وي ته چالو ڪري ڇڏ.

پنهل: سائين پوءِ اوهان فيصلي واري ڏينهن نه ويا ڇو؟؟

پوتار پورل: وڪيل ڇاجي لاءِ ڪيا آهن؟ پورا ٽي وڪيل منهنجي پاران پيش ٿيا هوندا.

پنهل: سائين ڪڏهن وڪيلن جا دليل به ابتا دوڏا ڏيکاريندا آهن.

## صلاحڪار ٻاهران تڪڙو اچي ٿو

صلاحڪار: پوتار پڇي جان ڇڏاءِ...... ڪا لڪڻ جي جاءِ هٿ اچئي ته وڃي لڪ!!!

پوتار پورل: اڙي ڇو؟؟؟؟

صلاحڪار: پوتار نيب بابا نيب اچئي ٿي!!!

پوتار پورل: نه ڙي؟

صلاحڪار: هائو ڙي!

پوتار پورل: پوءِ پورل پڄ ڙي.

## پوتار پورل گهر اندر ڀڄي وڃي ٿو
## صلاحڪار ڪنڊ پاسي ۾ لڪي ٿو وڃي، پنهل حيرت ۾ آهي.
## هڪ شخص ٻاهران داخل ٿئي ٿو پنهل ان کي ڏسي رڙ ڪري ٿو.

پنهل: هل پنهل ! .... اڙي تون نياز عاجز؟ ... ڪٿي آهي نيب!؟

نياز عاجز ( پنهنجي سيني تي هٿ هڻندي) مان آهيان نيب... مان آهيان نيب!

پنهل: ڪڏهن!؟... تون وري نيب ۾ ڀرتي ٿيو آهين؟ تون ته تَرَ جو مشهور وياجي نياز عاجز باناهي آهين! ڪم وياج جوءِ نالو وري نيازءِ عاجز!!

نياز عاجز: پويان ٻاناهي جو آهي! اهو نالو توکي نظر نٿو اچي؟ ويا ڄ ڏينڻ وقت نياز ۾ عاجزي هوندي آهي ۽ جيڪو وياڄ موٽائي ناهي ڏيندو تنهن لاءِ ٻاناهي يعني " ٻاٺا ئي ٻاٺا".

**صلاحڪار ڪنڌ مان ٻاهر نڪري اچي ٿو.**

صلاحڪار: اڙي قراني تون..... پوءِ گاڏيءَ تي نيب ڇو لکرايو اٿئي!

نياز عاجز منهنجو نالو ڇا آهي؟ ٻڌاءَ

صلاحڪار: نياز عاجز ٻاٺائي.

نياز عاجز نياز جي " اين" عاجز جي "اي" ۽ ٻاٺائيءَ جي " بي" ڇا ٿيو؟

صلاحڪار: ( حيرت مان) نيب!!!

نياز عاجز ها مان آهيان نيب... پوتار ڪٿي آهي؟

صلاحڪار: گهر آرام ۾ آهي... تون ڀ امداد وٺڻ آيو آهين ڇا؟

نياز عاجز ڪم پوتار کي ٻڌائڻو آهي... ذاتي ڪم آهي. ادا پنهل تون ڪو ٻلو ڪر هن نياز عاجز ٻاٺائيءَ جو.

پنهل: هل پنهل..... وڃان ٿو پر ڦاڙيو سيني جو هاڻ هيئي! نيب !! نالي جو ناجائز فائدو! ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو هن ملڪ ۾ پيدا ٿيا آهن؟

**پنهل گهر اندر وڃي ٿو**

نياز عاجز: ها ميان ڪمالو... ڪر خبرون..... ٻڌو آهي ته اوهان وارو ڪاتو اهو سمر ۾ ڪلر وارو ڪاتو.... مال پاڻيءَ سان ڀريل آهي, ڦٻيا ته ضرور هوندؤ!

صلاحڪار: پنهنجي ڪم سان ڪم رک! پنهنجي نالي جي شارٽ فارم جو ناجائز فائدو نه وٺ! نه ته ڪياڻ نه ڏُرڙي دڦ.

نياز عاجز: ها يار چئين سچ ٿو.... تمام اهم ڪم آهي پوتار ۾... بس رڳو اچي.

**پوتار پورل ۽ پنهل گهر اندران انٽري ڪن ٿا.**
**نياز عاجز جيئن ئي پوتار کي ڏسي ٿو**
**تيئن ئي پيرن تي ڪري پوي ٿو.**

نياز عاجز پوتار جي سِر بخت جو خير! بابا سائين ٻچا ٽن ڏينهن کان بک تي آهن، ڪا امداد جي امداد ڏئي ته دعائون ئي دعائون ڪندو سانوَ.

پوتار پورل: اڙي اٺ وياجي! پگهر ڪڍيا هيئي! اڙي اسان تو جهڙي نيب کي پيرن تي ڪرندي ڏسندا آهيون.

پنهل: هل پنهل .... لک جي لعنت هجئي وياجي! ماڻهن جا گهر اجاڙي ته ڇڏيئي پر پنهنجي ٻچن کي به سک جو ويلو نٿو ڪارائي سگهين!؟
تو جهڙن ظالمن لاءِ اهو ئي عذاب گهڻو آهي، ڪروڙپتي آهين پر روپيو به نصيب نٿو ٿئي!

**صلاحڪار ٽي وي طرف ڏسي ٿو ۽ رموٽ کڻي آواز کولي ٿو**

صلاحڪار: اڙي بس ڪريو! بريڪنگ نيوز آهي، لڳي ٿو ته اليڪشن ٽريبونل جو فيصلو اچي ويو آهي، صبر ڪريو ته ٻڌون!

بريڪنگ نيوز: ناظرين اوهان سان خبر شيئر ڪندا هلون ته صوبائي حلقي نمبر 420 تي ٽيل مبينا ڏانڏليءَ جو فيصلو اچي ويو آهي، اليڪشن ٽريبونل کي ڏانڏليءَ جو سمورا ثبوت ملڻ بعد ٽريبونل فيصلو ڏيندي پوتار پورل خان جي ميمبرشپ کي رد ڪيو آهي ۽ ساڳي حلقي نمبر 420 تي ٻيهر اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي...... ناظرين اوهان سان خبر شيئر...............

پوتار پورل: اڙي بند ڪر انهي بڪواس کي!!!! هن ملڪ ۾ انصاف ئي ڪونهي! هن ملڪ جون اصل قوتون اسان جهڙن خانداني سياستدانن جي سياست پويان پئجي ويون آهن! ڇا ٿيندو هن ملڪ جو ۽ هن غريب ڏتڙيل عوام جو!؟

پنهل: هل پنهل..... جهڙي سٽ تهڙيو تي ويهون...... ڪير جو ڪير پاٽيءَ جو پاٽي!!!

**هڪ آفيسر ۽ ڪجھ پوليس وارا بنگلي ۾ داخل ٿين ٿا.**
**آفيسر پنهنجو ڪارڊ ڏيکاريندي تعارف ڪرائي ٿو.**

آفيسر: نيب آفيسر جبران وسيم

پوتار پورل: ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

آفيسر: اوهان جي سر ۽ ڪلر ڪاتي ۾ غبن ٿيو آهي، اوهان کي سيڪريٽري سميت گرفتار ڪجي ٿو هي آهي گرفتاريءَ جو آرڊر.

**پوليس پوتار پورل خان ۽ صلاحڪار کي هٿڪڙيون هڻي ٿي.**

پنهل: هل پنهل...... ميمبري به وئي وزارت به وئي ۽ وري هٿ ۾ هٿڪڙيون به !!! صاحب جو صلاحڪار به .............

آفيسر: جنهن گاڏيءَ تي نيب لکيل آهي، سا ڪنهن جي آهي؟

نياز عاجز سائين بابا منهنجي آهي!

آفيسر: هن کي به گرفتار ڪريو هن نيب جي نالي کي غلط استعمال ڪيو آهي.

نياز عاجز ( آفيسر کي پانهون پڌندي) سائين وڏا منهنجو نالو نياز عاجز باٺاهي آهي! گاڏيءَ تي پنهنجي نالي جي شروعات وارا اکر لکرايا اٿم. جي ڏوهه آهي ته هاڻي جو هاڻي صاف ٿو ڪيانس!

آفيسر: فلحال ته هن کي به هٿو هٿ ڪڙيون ۽ گهلي هلوس!

**پوليس وارا نياز عاجز باٺاهي کي به هٿ ڪڙيون هڻي وٺن ٿا.**

**بيگم پورل خان گهر اندران انٽري ڪري ٿي.**

بيگم: پنهل چا ٿي رهيو آهي؟

پنهل: جيجان نيب جو لڳو ڇاپو! صاحب جي صلاحڪار کي لڳيون هٿڪڙيون ! ٿي ويو درڙي دُڦُ ۽ ..................

بيگم: جملو ڪٽيندي) ۽ تو وارو صاحب!!؟

پنهل: جيجان! پاڻ وارو صاحب سابق ميمبر صوبائي اسيمبلي ۽ سابق سمر ڪلر وارو وزير پوتار پورل خان به گرفتار ٿي " ڇڙهي ويو چوڏيل تي" ۽ سرڪاري گاڏيءَ ۾ ائين وينو آهي جڻ " ڪُڪُرُ ڪرسيءَ تي"

بيگم: ( مٿي تي هٿ ڏيندي ۽ افسوس وچان) پنهنجي وڏئي جو نه ويج نه طبيب!!

پنهل: آهه غريبان قهر خدائي.

## ناٽڪ ختم ٿئي ٿو ۽ پردو ڪري ٿو.

# شهنشاهه چَوڏُو

# بن تَوڏُو

(هڪ ڏيک وارو ناٽڪ)

تحرير:

جبار آزاد منگي

## ڊرامي جا ڪردار

1. شهنشاهه چوڏو بن توڏو
2. ملڪا محتاج بنت احتجاج
3. وڏو وزير وزير راڙو
4. وزير ٽرانسپورٽ نمبر 1 ٽائر بن پنڪچر
5. وزير ٽرانسپورٽ نمبر 2 ٻوڙو بن ڪِلو
6. وزير قانون چنڪار گل بن وچٽي
7. وزير اطلاعات گونگو بن چريو
8. وزير صحت ڪمزور بن بيمار
9. وزير بجلي فانوس بن ميڻ بتي
10. وزير آبپاشي مانڊول بن لول
11. وزير زراعت پلال بن نوڙ
12. وزير تعليم اڻ پڙهيل بن آڱوٺي ڇاپ
13. وزير دفاع بزدل بن ٻاڙي
14. وزير خزانہ پينگيو بن سُڃو
15. وزير خوراڪ پيٽي بن بکيو
16. وزير ثقافت ڪمبل بن ڪوٽ
17. وزير محنت ٽوٽي بن ڪاهل
18. نجومي بي خبر بن اڻ ڄاڻ
19. شاعر ليمون بن نارنگي
20. حڪيم جبل طوس بن ونگو
21. قوالي طوفان بن آنڌاري
22. فريادي واڳڻ بن توت
23. ليسوڙو (شاگرد وزير ثقافت)
24. ڪمپونڊر حڪيم جو شاگرد

## ڏيک پهريون:

منظر: سلطنت جلاب جي دربار جو

**پردو کلي ٿو.**

دربار ۾ وزيرِ قانون ڇنڪار بن ونجڻي، وزير محنت ٽوٽي بن ڪاهل، وزير ٽرانسپورٽ ٽائر بن پنڪچر ۽ وڏو وزير، وزير راڙو ويٺل آهن. وزير راڙو اٿي ٿو ۽ شهنشاهه جي دربار ۾ آمد جو اعلان ڪري ٿو.

وزير راڙو: بي ادب. بي ملاحظہ. بي ڪار. بيشمار. بيمار بادشاهن جو بادشاهہ شهنشاهن جو شهنشاهہ ظِلِ الاهي، برترو بالا، جهاز اعظم، والي سلطنت و جلاب شهنشاهہ ڇوڏو بن توڏو دربار ۾ تشريف فرمائي رهيو آهي. هوشيار..!!

دربار ۾ ويٺل سڀ اٿي بيهن ٿا، شهنشاهہ ڇوڏو بن توڏو دربار ۾ اچي ٿو ۽ تخت تي ويهي ٿو. دربار ۾ ويٺل پڻ ويهي رهن ٿا.

**ميوزڪ:.....**

شهنشاهہ: (تخت تي ويهڻ کانپوءِ) ان عظيم ۽ قديم 73 نمبر گدڙ کي دربار ۾ پيش ڪيو وڃي، جنهن کي شهر جي ننڍڙن گلرن ڊوڙائي، سهڪائي ۽ منجهائي ماري ڇڏيو جنهن عظيم گدڙ رستي تي مري اسان جو مان مٿانهون ڪري، عظيم بدبوءِ سگهڻ لاءِ موقعو فراهم ڪيو، ما بدولت مٺل گدڙ جي احسان جي بدلي ڪيس نوَ لکو هار انعام ڏيڻ چاهي ٿو. ڇو تہ ڪافي عرصي کان اسين بدبوءِ سنگهي بہ نہ هئي.

وزير راڙو: (اٿندي) بدبوءِ جي بي تاج بادشاهہ گدڙن جي فوج جي سپہ سالار شهنشاهہ ڇوڏو بن توڏو جي حڪم جي نوَ انچ سرن سان تعمير ڪئي وڃي ۽ مٺل گدڙ کي دربار ۾ پيش ڪيو وڃي، جهازِ ڪريل، وزير ٽرانسپورٽ ٽائر بن پنڪچر کي حڪم ٿو ڪري تہ جلد حڪم جي تعمير ڪئي وڃي.

**(درباري بادشاهہ جي حڪم کي ٻڌي حيرت ۾ اچن ٿا. شهنشاهہ وري ڳالهائي ٿو.)**

شهنشاه: اي درٻاريو! اوهان جا منهن موالين جهڙا ڇو ٿي ويا آهن؟ اصل مابدولت ان گدڙ جي سڪرات واري حالت ڏسڻ گهري ٿو ۽ ان 73 جي گدڙ جي اڃا جيئڻ جي عيوض ڪيس نوَ لکو هار انعام ڏيڻ چاهيون ٿا. ڇو ته ان 73 واري گدڙ جي مرڻ ڪانپوءِ ان جي لاش مان اسان هڪ پرفيوم ٺهرائيندا آهيون.

## وڏو وزير اٿي ٿو.

وڏو وزير: بدبوءِ جي بي پناهه گدڙن جي فوج جي ڪمانڊرانِ ڪيف. شهنشاهه بي تاڙي بنت ڪياڙيجي حڪم جي نوَ انچ سرن سان تعمير ڪئي وڃي ۽ سڪرات ۾ پيل 73 واري گدڙ کي درٻار ۾ پيش ڪيو وڃي. جهازِ ڪريل وزير ٽرانسپورٽ ٽائر بن پنڪچر کي عرض ٿو ڪري ته جلدي حڪم جي تعمير ڪئي وڃي.

## وزير ٽرانسپورٽ ٽائر بن پنڪچر پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿندي:

وزير ٽرانسپورٽ: حضور پاڳل جي خدمت ۾ هي غلام ڄنگه ڏکي ڪري عرض ٿو اسٽارٽ ڪري ته......

شهنشاه: (شهنشاهه جملو ڪٽيندي) بي ادب ۽ گستاخ، ڄنگهه ته ڏکي ڪر!! بد بوءِ دار بصر!!

وزير ٽرانسپورٽ: حاضر منهنجا ناڪا! هي ڏسو ڏکي منهنجي ڄنگهه... ته ان مهربان گدڙ کي ته فوت ٿئي ڪافي سال ٿي ويا آهن ۽ اهو 73 وارو گدڙ بنا ڪفن جي ۽ غسل جي مٽين متيءَ هيٺان دفن ڪيو ويو آهي.

شهنشاهه (رڙ ڪندي) مابدولت جي عرض ڪان سواءِ ان عظيم ۽ قديم 73 واري گدڙ کي دفن ڪري، تو اسان کي عظيم بدبوءِ سنگهڻ ڪان محروم ڪري ڇڏيو آهي... توکي اهڙي مهرباني جي عنقريب سزا ڏني ويندي.

وزير ٽرانسپورٽ: گاليچا!!! هي وزير ٽرانسپورٽ، ٽائر بن پنڪچر، اوهان جي خدمت ۾ ڏيڊ سِر جو عرض اڇلي نڪاءُ ڪري هٽي ٿو ۽ چوي ٿو ته اهڙي مهربانيءَ جي معافي ملڻ گهرجي..... جي ڪٽي اوهان معافي نه ڏني ته ڪو فرق نٿو پوي.. پوءِ هي بندو پنهنجي ڄنگهه سڌي ڪري درٻار ۾ ڳالهائيندو.

شهنشاه: (وزير قانون ڏانهن ڏسندي) وزير قانون ڇنڪارگل بن ونجٽي ڪان معلوم ڪيو وڃي ته ان عظيم مهرباني جي سزا.... اسان جي قانون جي ڪتابن ۾ ڪهڙي لکيل آهي؟

## وزير قانون. قانون جو ڪتاب کولي ٿو ۽ اٿي بيهي شهنشاهه سان مخاطب ٿئي ٿو.

وزير قانون: اي قانون جي ڪارن ڪتابن جي ڪوَرَ جا پانا، قانون جي خالي ورقن جي ورق نمبر 7707 تي لکيل ناهي تہ مجرم کي قانون جي ڪوڙڪي نمبر الف جي 18848 هيٺ ترقي ڏئي، ٽرانسپورٽ جو ملڪي وزير مقرر ڪيو وڃي.

شهنشاهہ:(خوش ٿيندي) مابدولت جي عرض تي اوساري ڪئي وڃي ۽ بنا ڪنهن دير سان وزير کي ترقي ڏني وڃي.

وڏو وزير: (وڏو وزير پنهنجي ڪرسي تان اٿندي) شهنشاهہ شاهل ۽ واليءِ ليول بي تاڙي بنت ڪياڙيجي حڪم کي گاري ۾ گهلي، تغاري ۾ توري تعمير ڪيو وڃي.

وزير ٽرانسپورٽ (ٿهڪ ڏيندي) رحم شهنشاهِ فور ويل، آقاءِ انجڻ فيل... رحم.... هي ٽرانسپورٽ جو وزير ٽائر بن پنڪچر اها گاڏي گهلي ڪين سگهندو.

شهنشاهہ: مابدولت... پنهنجي اصل مالڪ يعنيٰ پنهنجي بيگم.... ملڪہ تاڙي بنت ڪياڙي کان سواءِ ڪو بہ فيصلو ناهي ڪري سگهندو... لحاظہ... ملاحظا.. ملڪہ کي دربار ۾ حاضر ڪيو وڃي جيڪا اسان جي گهرو وزير بہ آهي ۽ اصل حڪمران بہ آهي.

وڏو وزير: (پنهنجي ڪرسي تان اٿندي) ملڪہ سلطنت جلاب، ملڪہ تاڙي بنت ڪياڙي، دربار ۾ بہ ڪلو ڏوڙ سميت حاضر ٿئي ۽ اُها ڏوڙ شهنشاهہ جي ڏاڙهي ۾ هنئي وڃي.

## ملڪہ دربار ۾ اچي ٿي....اڪيلي آهي... نہ ڪو ساٿي نہ ڪو دربان يا محافظ

شهنشاهہ: ملڪہ سلطنت کي مابدولت جي پهلوءَ جي پاڇي ۾ ويهاريو وڃي.

وڏو وزير(حيرت وچان شهنشاهہ کي چوي ٿو) اي آقاءِ اٿ ويهہ... ما بدولت ڪير آهي؟ ۽ ملڪہ ان جي پهلو ۾ ڇو ويهي؟

شهنشاهہ: اي نامعقول ۽ فضول وزيراعليٰ مابدولت ... مابدولت معنيٰ... مان خود بخود.

## ملڪہ وڏي مان ۽ شان کانسواءِ شهنشاهہ جي پير ۾ ويهي ٿي.

ملڪہ: اڙي واندا.... پو گهرايو ڇو اٿئي؟ توکي خبر ناهي تہ... هي وقت منهنجي فيڊر ۾ ڪير پيئڻ جو آهي، ڇئہ جلدي ڇئہ...

شهنشاهہ: اي ملڪہ جلاب سلطنت... مابدولت جو... وزير ٽرانسپورٽ ٽائر بن پنڪچر وڏو ڏوهہ ڪيو آهي. ان جي عيوض اسين ڪيس هڪڙي سزا ٻڌائي آهي.

ملڪ(وزير ٽرانسپورٽ ڪي ڏسندي) وزير ٽرانسپورٽ ڪان ڪهڙو ڏوهه سرزد ٿيو آهي؟

شهنشاهه: اي ملڪ.... تمام وڏو ڏوهه

وڏو وزير (اٿي ٿو) اي ملڪ سلطنت، اوهان جي حضور ۾ عرض جو اشڪنجو اچلائجي ٿو تہ وزير ٽرانسپورٽ ٽائر بن پنڪچر بدبوءِ جي پنڊار 73 جي گدڙ کي شهنشاهہ جي حڪم ڪانسواءِ دفن ڪرائي ڇڏيو آهي، جنهن لاءِ جهاز زون زون ڪيس ترقي ڏيڻ جي سزا جو فرمان جاري ڪيو آهي.

ملڪ: نہ معاف ڪرڻ جهڙو جرم ڪيو ويو آهي. ان 73 جي گدڙ جي بدبوءِ کي اسين وڏين وڏين بوتلن ۾ بند ڪري هول سيل جي واپارين کي وڪرو ڪري، سلطنت جي خزاني ۾ ناڻو جمع ڪرايون ها، پر افسوس جو وزير نامعقولي ڪري گدڙ کي دفن ڪرائي ڇڏيو آهي.

شهنشاهه: اي ملڪ... پيان... ان ڏوهه جي سزا ڪهڙي!؟

ملڪ(ڪاوڙ جهڙو مهاندو ڪندي) جيئن تہ وزير ٽرانسپورٽ ٽائر بن پنڪچر رحم جو حڪم ڪيو آهي ان ڪري هي ملڪ سلطنت، وزير باتدبير تي وڏيڪ رحم ڪائي وزير ٽرانسپورٽ تان هٽائي، هتان جي ميونسپالٽيءَ ۾ پنگين جو جمعدار مقرر ڪرڻ جي سهڻي تجويز ڏئي ٿي.

وزير ٽرانسپورٽ (روئندي) واهہ... واهہ.. اهي احسان ملڪ سلطنت جا مرڻ گهڙيءَ تائين نہ لاهي سگهندس نہ ڳائي سگهندس.

شهنشاهه: ملڪ سلطنت، يعنيٰ بيگم شهنشاهہ تاڙي بنت ڪياڙيءَ جي حڪم جي تعمير سيمينٽ ۽ ريتيءَ سان ڪئي وڃي.

وڏو وزير (فرمان جاري ڪندي) ملڪ سلطنت جي فرمان کي سيمينٽ ۽ ريتيءَ سان تعمير ڪرڻ لاءِ مشهور ٺيڪيدار مسٽر ملاوٽ خان ابن ملاوٽ خان کي ٺيڪو ڏجي ٿو جيڪو ٺيڪيدار بنا سيمينٽ جي ريتي ۽ بجري ملائي تعمير ڪرڻ جو ماهر آهي. ليڪن وزير ٽرانسپورٽ کي انهيءَ ملاوٽ مان ڪنهن بہ قسم جي ڪميشن نہ ملندي.

وزير ٽرانسپورٽ: اي وزير وڏا، ڪميشن جي مون کي ڪا بہ ضرورت ناهي.

وڏو وزير: پوءِ اي وزير! گهٽ پگهار مان تنهنجو ۽ تنهنجي ٻارن جو گذر ڪيئن ٿيندو؟ پنهنجون اڻ ڪٿ ضرورتون ڪيئن پوريون ڪندين؟

وزير ٽرانسپورٽ: اي وڏا وزير... مان پنهنجو ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ صفائي واري عملي جون نيون پرتيون ڪندس، جن جو صرف رڪارڊ ۾ ذڪر هوندو، باقي صفائي وارو عملو هوندو ئي ڪونہ ۽ انهن سيني جي پگهار مان ڪٽندس...

(ٽينگ ٽپا ڏيندي وزير ٽرانسپورٽ) مان ڪٽندس ..... مان ڪٽندس.....

شهنشاهه: گُڊ.. وري.. ميري ۽ شيري گُڊ.. مابدولت توکي اجازت ٿو ڏئي ته تون وڃي ڪاغذي پرتي ڪري ڪاڻ پيءُ، عيش ڪر، بينش نه ڪر، پر اسان جي توکي پارٽ آهي.

وزير ٽرانسپورٽ: حڪم ٿئي ته به تي سوَ ڀنگي ٻيا به ڪاغذي پرتي ڪري ڇڏجن، جن جي باقاعده پگهار اوهان کي پهچائي ويندي.

شهنشاهه: ان بدنيڪي ۽ بدناميءَ واري ڪم ۾ دير ٿيڻ نه گهرجي

وڏو وزير (فرمان جاري ڪندي) سڪه رائج الوقت موجب سابق وزير ٽرانسپورٽ ٽآئر بن پنڪچر ۽ هاٽوڪي وزير... وزير گندگي کي حڪم ڪجي ٿو ته هر مهيني، به سؤ چوئيتاليهه ڀنگين جي پگهار دربار ۾ شهنشاهه جي ذاتي کاتي ۾ جمع ڪرائي، ڇو ته هي جهان پيسي جي پٽڻ جو آهي ۽ هتي هر ڪمال ئي پيسي جو آهي.

وزير ٽرانسپورٽ: حڪم جي تعمير ڪئي ويندي آقا.

## وڏو وزير صرف ڪنڌ سان ها ڪري ٿو.

شهنشاهه: اي وڏا وزير!! مابدولت توکي نماڻي اپيل ٿو ڪري ته وزير ٽرانسپورٽ جي جاءِ تي سلطنت جو ڪهڙو اهڙو بچيل، رهيل ۽ ڪُهيل ميمبر آهي، جنهن کي ڪوبه کاتو مليل نه هجي؟

وڏو وزير: جي.. حضور... سلطنت جلاب ۾ اهڙو واندو ميمبر موجود آهي، جيڪو ڪيتري ئي عرصي کان مکيون ماري سلطنت جي سونهن وڃائي رهيو آهي.

شهنشاهه: اهڙي ڪُتل ۽ مکين مار ميمبر کي سلطنتِ جلاب جي نابينا ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ ڪيس وزير ٽرانسپورٽ جو فوليو ڏنو وڃي.

وڏو وزير: حڪم شهنشاهه شرمنده....مکين کي مارڻ ۾ مهارت رکندڙ واندن جي ونر ۽ چاپل ميمبر جناب ٻوڙي بن ٻوساٽيل کي دربار ۾ حاضر ڪيو وڃي.

## هڪ دربان وڃي ٿو ۽ ٻوڙو بن ٻوساٽيل کي وٺي اچي ٿو.

وڏو وزير :شهنشاهه جلاب جي بيگم تاڙي بنت ڪياڙي جي فرمان موجب توکي واندڪائي جي وٺي مان ڪڍي ٽرانسپورٽ جو وزير مقرر ڪجي ٿو.

ٻوڙو بن ٻوساٽيل (ڪن تي هٿ رکندي) ڪنهن چوري ڪئي آهي؟ اي وڏا وزير!!! خبردار تي شريفن تي الزام نه هڻ، مان هونءَ به ڪلهه تنهنجي گهر ڪونه آيو هيس.

شهنشاهه: اي ڀوڙا بن ڀوساٽيل.. مابدولت يعنيٰ امپرر آف جلاب ايمپائر, توکي وزير ٽرانسپورٽ مقرر ڪرڻ جو فرمان جاري ڪيو آهي.

ڀوڙو بن ڀوساٽيل: اي دهلِ ڏُلائي, واليءَ وٽ سٽُ.. جهاز اعظم. مون وڏي وزير جا ديڳڙا چوري ناهن ڪيا... اهيو الزام سراسر غلط آهي.

شهنشاهه: تو غلط سمجهيو آهي, توتي ڪوبہ ڪنهن بہ قسم جو الزام نٿو لڳايو وڃي.

ڀوڙو بن ڀوساٽيل: لڳايو وڃي يا نہ لڳايو وڃي... پر اي سلطنت جلاب جا هارمونيم... پلي اوهان غلط فيصلو ڪيو مون تي الزام ثابت ٿئي تہ ٻن ديڳڙن جي عيوض تي ديڳيون, سي بہ برياني سان ڀريل ڏنڊ طور ڏيندس.

## وڏو وزير ڀوڙو بن ڀوساٽيل جي ڪن ۾ چوڻي ٿو:

وڏو وزير: شهنشاهه بي تاڙي بنت ڪياڙي توکي وزير ٽرانسپورٽ مقرر ڪرڻ جو فرمان جاري ڪيو آهي.

ڀوڙو بن ڀوساٽيل: آهستي ڳالهاءِ... ڀوڙو ناهيان.. (شهنشاهه ڏانهن) اي شهنشاهه.. آءُ بسن ۾ موٽرن جا آواز ٻڌي نٿو سگهان, جيڪڏهن ڪار بس يا ڪا موٽر منهنجي مٿان چڙهي وڃي... ۾ مونکي چيپاٽي چڏي.. تہ پوءِ اهڙي چيپاٽيل حالت ۾ مان ذميواري ڪيئن پوري ڪري سگهندس.

وڏو وزير: اها ئي تہ تو ۾ خوبي آهي !!!

شهنشاهه: مابدولت کي تنهنجي اها خوبي بيحد ناپسند آهي... جنهن کي ڏسندي توکي ٽرانسپورٽ جو وزير مقرر ڪيون ٿا تہ جيئن ڪو وڏو ٽرالر توکي مروڙي ۾ سروڙي رکي... ان ڪري توکي مقرر ڪيون ٿا.

ڀوڙو بن ڀوساٽيل: ڏڪڙ ڪيو ٿا!!؟ اي شهنشاهه ڏڪڙ ڪرڻ جي ڪهڙو ضرورت آهي؟

## وڏو وزير وري ڪن ۾ ڳالهائيندي، اڙي توکي مقرر ڪيون ٿا.

ڀوڙو بن ڀوساٽيل: اڙي چيومانءِ نہ!؟ تہ آهستي ڳالهاءِ... ڀوڙو ناهيان... اي شهنشاهه شهپر.. هن بندي جو گندو سِرُ اوهان جي حڪم اڳيان گهميل رهندو.

## وڏو وزير اڳوٺي وزير ٽرانسپورٽ جي مٿي تان ٽوپي لاهي ڀوڙي بن ڀوساٽيل جي مٿي تي رکي ٿو.

شهنشاهه: مابدولت جي سلطنت جي نابينا ۾ شامل ٽيڻ تي توکي... مبارون هجن! اي وڏا وزير.

وڏو وزير: عاليجا.

شهنشاهه: ٻوڙي بن ٻوساٽيل يعنيٰ نئين وزير ٽرانسپورٽ کي قسم کڻايو وڃي.

وڏو وزير: جي منهنجا ڪاڪا......(ٻوڙو بن ٻوساٽيل سان مخاطب ٿيندي) اي وزير ٽرانسپورٽ قسم کڻ.

ٻوڙو بن ٻوساٽيل: وزم هٽان!!؟ اي بادشاهن جا بادشاهه.. هيءَ ڪهڙي وزارت آهي؟ جو وينو وزم هٽان؟

شهنشاهه: اي نامعقول ۽ مبذول.. وزم نه پر قسم کڻ.

ٻوڙو بن ٻوساٽيل: حجم؟ منهنجو مامو نه آهي اي شهنشاهه

**وڏو وزير ڪن ۾ ڳالهائيندي: اي ٻوڙا بن ٻوساٽيل قسم کڻ ٻيلي قسم کڻ.**

ٻوڙو بن ٻوساٽيل: آهستي نٿو ڳالهائين ڇيو ماڻ ۽ نه ٻوڙو ناهيان.. ٻوڙو صرف نالو آهي.. ها کڻاءِ قسم.

**وڏو وزير فائيل ٻوڙو بن ٻوساٽيل کي ڏيندي ۽ ٻيو فائيل پاڻ پڙهندي:**

وڏو وزير: آءٌ نالي ٻوڙو بن ٻوساٽيل.

ٻوڙو بن ٻوساٽيل: آءٌ پالي گهوڙو ۽ ٻلو گهوماٽيل.

وڏو وزير (خفا ٿيندي شهنشاهه سان مخاطب) اي شهنشاهه هي وزير نه پنهنجي ڪاتي جي ٻيڻنگ ڪندو.

شهنشاهه: مابدولت جا ٻانهن ٻيلي آهن ئي اُهي، جيڪي پيڻنگ ڪرڻ جا ماهر آهن.... توکي پيڻنگ ڪرڻ ڪان ڪنهن منع ڪئي آهي؟

وڏو وزير: عاليجاه... مان پيڻنگ گهٽ ڪندو آهيان.... پر پنگ مڙئي وڏيڪ پيئندو آهيان... جنهن جي ڪري وڏيڪ پيڻنگ ٿيندي آهي.

شهنشاهه: نهيو.. نهيو.. ٻوڙ ٿو هارين. تون وزير کي قسم کڻاءِ.... هي جيئن چوي تيئن سچ آهي.

وڏو وزير: حڪم عاليجاه.... نه ها ٻوڙا! اڳتي چئه نه مان قسم ساک سان چوان ٿو نه..

ٻوڙو بن ٻوساٽيل: وزم هٽي ساڳ ڪانوان ٿو نه

وڏو وزير: پنهنجي سلطنت جي عوام سان.

ٻوڙو بن ٻوساٽيل: سنجي سلطان جي لغام سان.

وڏو وزير: وفادار ۽ سچو رهندس.

ٻوڙو بن ٻوساٽيل: وزندار ٻچو جڻيندس.

وڏو وزير: پنهنجي عهدي کي پوري طرح سان ادا ڪندس.

ڀوڙو بن ڀوساٽيل: وهنجي مدي جي بخار سان ڇدا ڪيڏندس.

وڏو وزير: ڏينهن رات محنت ڪندس.

ڀوتو بن ڀوساٽيل: مينهن رات مکيون ماريندس.

وڏو وزير: جي مون ائين نہ ڪيو تہ سلطنت جو غدار ليکبس.

ڀوڙو بن ڀوساٽيل: جُون ائين نہ مئيون تہ سرنهن جو تيل وجهندس.

وڏو وزير: جان آجي ٿي... هاڻ وڃي ويهہ.

ڀوڙو بن ڀوساٽيل: بيٺو تہ آهيان نہ...! ڏسين بہ نٿو.. ائين چئہ تہ ويهہ.

**ڀوڙو بن ڀوساٽيل ويهي ٿو:**

شهنشاهہ: اي وڏا وزير... هر دل عزيز نجومي بي خبر بن اٽڪاڻ کي مابدولت جي درٻار ۾ حاضر ڪيو وڃي.

وڏو وزير: جي منهنجا.... الائي ڇا ڇا؟ نجومي بي خبر بن اٽڪاڻ درٻار ۾ حاضر ٿئي.

**نجومي درٻار ۾ حاضر ٿئي ٿو ۽ شهنشاهہ کي جهڪي سلام ڪري ٿو.**

شهنشاهہ: اي بي خبر بن اٽڪاڻ نجومي مابدولت مٺل گدڙ جي بدبوءِ سنگهڻ جو شوق رکي ٿو پر ان 73 جي گدڙکي دفن ڪيو ويو آهي. ان شوق کي ڪيئن پورو ڪجي؟

نجومي (ٽپڻو/ڊارو هٽندي) آ... آ... آ... آآآ... اي آقاءِ تِري ۽ شهنشاهہ ڇڪا. ٽپڻو ٽپ ڏيندي ٻڌائي ٿو تہ اوهان کي بہ ان ئي قبر ۾ دفن ڪيو وڃي، جنهن ۾ 73 گدڙ دفن ٿيل آهن.

شهنشاهہ: آ ها ها... آ هاها...اي بي خبر بن اٽڪاڻ نجومي، مابدولت جي بيگم يعنيٰ ملڪہ سلطنت و جلاب تازي بنت ڪياڙيءَ بابت تنهنجو ٽيٽهر ٽپڻو ڇا ٿو ٻڌائي.

نجومي: آ.... آ...اوووو.... اي واليءِ نوَ تڻ ۽ ونجهوٽي... بيگم جو ستارو گهمي ڦري ۽ ٽڪجي جڏهن، اڏ مئو ٿي ڪري پيو آهي، تڏهن ٽپڻي پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن ۽ ٻڌايائين تہ بيگم کي بہ ساڳي قبر ۾ پوريو وڃي.

شهنشاهہ (خوشي وچان) فوڊ.....فوڊ.. اي بي خبر بن اٽڪاڻ نجومي...فوڊ! تو هميشہ ناحق ۽ ڪوڙ جي ڳالهہ ڪئي آهي، مابدولت انهيءَ عيوض... توکي ڀڄ کان بغير ثابت ڇٽن ٽَنگن جي، ڏندن ڀڳل ٻلو انعام ۾ ڏيڻ چاهي ٿو.

نجومي (ٽپٽو هڻندي) اي قبله ڪنجوس.... جي اوهان انعام ڏيندؤ ته اوهان کي وڏيڪ زنده رهڻ وارو ڪم ڪٽٽو پوندو.

شهنشاه: انهيءَ عمل سان 73 جو گدڙ مابدولت ته ناراض نه ٿيندو؟

نجومي: اي شهنشاه چڪ چڪان، گدڙ بابت ٽپٽو ٻڌائي ٿو ته هو ناراض نه پر خوش ٿي اوهان جي گود ۾ ويهي گوٽنايون ڪندو.

شهنشاه: ته پوءِ مابدولت جلد، گدڙ جي قبر ۾ دفن ٿيڻ جو شوق رکي ٿو.

ملڪ: دفن ٿيڻ کان اڳ نچڻ جو شوق به پورو ڪيو وڃي.

شهنشاه: او نو ملڪ.... ناٽ ڊانسنگ شوق... پر جلدي جلدي ڊائيڊنگ شوق.

ملڪ (رڙ ڪندي): شهنشاه ! !

شهنشاه: ملڪ.

ملڪ: اٿي سڌو ٿي بيهه ۽ رک چيلهه تي هٿ.

**شهنشاه تخت تان اٿي چيلهه تي هٿ رکي ٿو.**

شهنشاه: اي ملڪ سلطنت جلاب ٻيو حڪم.

ملڪ: ڪر ڊانس... نه ته.... توب جي منهن ۾ ڏئي.... هڪ ئي گولي سان دنيا جي گولي تان گم ڪري ڇڏينديسانءِ، گهم... گهم.

شهنشاه: ملڪ... ڪڏهن شهنشاه به نچندا آهن ڇا؟

ملڪ: زالن اڳيان سڀ کان اول شهنشاه ئي نچڻ لڳا ۽ غريب بعد ۾ نچڻ لڳا.... اها تاريخ ٻڌائي ٿي، اصل حڪومت هوندي ئي انهن جي آهي جيڪي اشارن تي نچائڻ جا ماهر هوندا آهن.

شهنشاه: مار پوئي.... تاريخ به پڙهيل آهين ڇا؟ اها اڄ خبر پئي.

ملڪ: ته پوءِ....؟

شهنشاه: ته پوءِ ڇا؟ اسين نچون ٿا. اي وڏا وزير... طبلائي حاضر ڪيو وڃي، ڇو ته جي حڪومت ڪرڻي آهي ته اشارن تي نچڻو آهي! طبلائي ئي ئي ئي.

وڏو وزير: سلطنت جلاب جو طبلائي حاضر ٿئي ۽ طبلي تي ڪا ڏاڪڙ ڏوڪڙ اچي ڪري.

**طبلائي دربار ۾ اچي ٿو. طبلو وڄائي ٿو.**

**شهنشاهہ نچندي بي حال ٿي ڪري پوي ٿو.**

**جنهن بعد درٻاري شهنشاهہ کي کڻي تخت تي ويهارين ٿا.**

**شهنشاهہ ساهہ پٽڻ ڪانپوءِ**

شهنشاهہ: ڪئڪلي اريجمينٽ اوور دفن يعني مان بدولت جي دفن جو جلد بندوبست ڪيو وڃي.

وڏووزير: حڪم جي جلد تعمير ڪئي ويندي آقا.

شهنشاهہ: ڇا سان؟

وڏو وزير: چوني ۽ پلستر سان. اي اسانجا ريتي بجريءَ جا والي.

شهنشاهہ: هُٻ .. هٻ.. اڄ اسين شاعرِ سلطنت کي ٻڌڻ گهرون ٿا. شاعر سلطنت کي حاضر ڪيو وڃي.

وڏو وزير: شاعرِ سلطنت ليمون بن نارنگي درٻار ۾ پنهنجي پراڻي، نئين ۽ چوراڀل شاعري سميت حاضر ٿئي.

**شاعر سلطنت ليمون بن نارنگي درٻار ۾ اچي ٿو.**

شهنشاهہ: اي شاعر سلطنت جلاب يعني پوئٽ آف دي امپائر آف ڊي هائيڊريشن! مابدولت کي ڪجهہ ڪجهہ اداس ڪيو وڃي.

شاعر: اي شهنشاهہ رديف ۽ ڪافيا، اي واليءِ ڊرگ مافيا، پنهنجي ٻوٽ واري سلفي مون ڏانهن ڪر تہ شاعر توهان کي هڪ شعر هٽي ڦل ڦوڪي ڇڏي.

**شهنشاهہ شاعر ڏانهن منهن ڪندي،**

شهنشاهہ: سلفي سڌي آهي.. اي شاعر تون رڳو پري ڦوڪ هڻ!

شاعر: جهاز چٽوسنا جي اڳيان نذرانہ عقيدت جا ڏُل اچلايان ٿو.

شهنشاهہ: اي شاعر سلطنت، يو ڊونٽ روڪ... بٽ توکي اجازت آهي.

شاعر: جي حضور.... عنوان اٿس "دفن"

جڏهن ڪفن ٻڌي توکي ڪنداسين دفن

ٻهاري تي ويندي، ڪِلي اٿندو چمن

ڏوڙ ڪاري ٻوٽ تنهنجي تي کٽي ايندي پونَ.

شهنساهہ: فوڊ.. فوڊ.

شاعر: نوازش نئونپانيان... حڪم ڪيم!
ڇپرا ڇريا ٿي پوندا،
ڪتا ڪئڪاٽ پيي ڪندا،
شهنشاهه: ڪيئن ڪندا؟
شاعر: ائون... ائون... ائون ۽ ائون
شهنشاهه: زبردست... غضب دست، مڪر ڪر مڪر ڪر.
شاعر: ڇپرا ڇريا ٿي پوندا،
ڪتا ڪئڪاٽ پيي ڪندا،
گڏهه گهوڙا سمهي پوندا،
مئل سپ اٿي پڇندا،
وجهي ووٽ هو ايندا
جڏهن بيهندو وري پمن
شهنشاهه: ڊيري فوڊ... ويري ڊيري فوڊ.
شاعر: ڪرم نوازي، توب نوازي.. وري عرض اڇلي هنيم.
پمن ويندو ماٺي ڪرسي،
گڏبا اتي سپ چرسي،
ڪري بحث ڇتا ٿيندا،
پوندا اتي سپ ترسي،
ڪي جام نوش ڪندا،
ڪي ببل اپ، ڪي ليمن،
شهنشاهه: فڊ.. فڊر ... فڊيسٽ.
شاعر: زره نوازي.... بندوق نوازي.. آخري ڪماڙو هنيو اٿم.
خزاني جي ڍبن ۾،
ڪُتل هوندو وري بہ خون،
پمن مڙسي ڪري وئندو،
عوامي خون، عوامي خون!

ملڪ: اي سلطنت جا خالي کوکا.... سلطنت جي شاعر کي گڏھ جي پيٽ ۾ نہ پر گھوڙي جي بول ۾ داخل ڪرڻ جي تجويز آھي ۽ شاعر جي شاعري کي گڏھ جي پيٽ ۾ داخل ڪرڻ جي تجويز آھي.

شاعر: واھ.....واھ... ڇا تہ غزل جھڙي حسين تجويز آھي... اي ملڪ موسماتِ! شعر سيني ۾ سُر پر لائي آھي. حڪم ٿئي تہ ھڪڙو واھولو مان بہ وھائي ڪيان.

ملڪ: توکي اجازت آ.

شاعر: نئو عرض ڪريان!
نہ ڪرڪيٽ نہ ڪشتي،
نہ ونجھوتي نہ ملھہ!
جو نہ پري ڦل مان ڦوڪ
تنھن کي وٺي سلھہ!
ڪل ۾ ڪل
ٺمڪ ڏي تون ٺرڙا.

ملڪ: ڇا تہ حسين جميل شاعري ڪئي آھي تو... اي شاعر سلطنت... ان لاءِ توکي گھوڙي جي بول ۾ رھائشي اسڪيم تحت ھڪ عدد گھر ڏيڻ جو اعلان ڪريون ٿا.

شھنشاھ: اي ملڪ.... ڇا؟ يُو لائيڪ دي گھوڙو..؟ توکي گھوڙو پسند آھي.

ملڪ: ھر دل عزيز گھوڙو...

شھنشاھ: بٽ يو نو ملڪ جلاب! آءِ لائيڪ ڊانڪي. لحاظ شاعر کي اسين پنھنجي پسند جو انعام ڏيڻ پسند ڪنداسين.

ملڪ: جي اھا ڳالھہ آھي تہ پوءِ ٻڌ! اي سلطنت جلاب جا جورابا... مان ھن دربار مان ھلي ويندس ۽ مخالف ڌر کي تيار ڪري... تو خلاف احتجاج ڪرڻ جا منصوبا جوڙيا ويندا.

شھنشاھ: اي ملڪ تاڙي بنت ڪياڙي! تون شھنشاھ ڇوڏي بن توڏي جي ڇانوَ ۾ ويھي، شھنشاھ جي شاھي عزت جي ڳنڙي کي کولڻ جي ڪري رھي آھين. شھنشاھ توکي ھتان وڃڻ نہ ڏيندو.

ملڪ: مون کي خبر آھي... اي بي اختيار بادشاھ... مون کان سواءِ يعني ملڪ تاڙي بنت ڪياڙي کان سواءِ تنھنجي بادشاھي ھڪ ڪلاڪ بہ نہ ھلي سگھندي.

شھنشاھ: دس از بليڪ ميلنگ.. بٽ وڏي مجبورنگ.

**شاعر ملڪ ۾ شهنشاهه جي جهيڙي ڪي ڏسندي:**

شاعر: اي جهاز وزم... بمن جا بم.. غمن جا غم... اوهان پاڻ م نه وڙهو ڇو ته هن شاعر جي سيني ۾ سُتل دل، جهيڙي ڪي ڏسندي تيز ٽيننگ ٽپا ڏئي خوش ٿي رهي آهي... خدارا اهڙي خوشي مونکي نه ڏيو... ورنه...

شهنشاهه: ورنه تون ڇا ڪندين؟

شاعر: ورنه مان پنهنجي شاعري گهوڙي پي چڙهيندس.

شهنشاهه: اي بي خبر بن اڄاڻ نجومي يو مار دي ٽپڻو... ايند ٽيل مي ته هاڻ ڇا ڪيو وڃي.

نجومي: حضورِ هل هل.... سلطنت جي شاعر ليمون بن نارنگيءَ ڪي گڏهه جي پيٽ ۾ ۽ ان جي شاعري ڪي گهوڙي جي بول ۾ دفن ڪرڻ هن سلطنت لاءِ سٺو سنؤڻ ثابت ٿيندو.

شاعر: واهه نجومي واهه.. تو جهيڙو ٽاري سلطنت جي ديوارن ڪي بچائي ورتو آهي. انهيءَ خوشي جي موقعي تي آءٌ توتي پهريون پيرو شعر لکندس.

**شهنشاهه حڪم جاري ڪري ٿو:**

شهنشاهه: شاعر سلطنت ليمون بن نارنگي جي شاعريءَ ڪي گهوڙي جي پيٽ ۾ ۽ شاعر ڪي گڏهه جي پيٽ ۾ دفن ڪري، مابدولت جي ماءَ ڪي ماڙيءَ تي چاڙهيو وڃي.

وڏو وزير: شهنشاهِ جلاب و جلال.. جهازِاعظم واليءَ واڏڻ تاڙي بنت ڪياڙي جي فرمان جي ڦوسڙيءَ ڪي هوا ۾ اڏائيندي اعلان ڪيو وڃي ٿو ته شاعر سلطنت ليمون بن نارنگيءَ ڪي سياڻي منجهند جو ٺيڪ سج لهڻ کان پوءِ سرعام موبل انعام ڏنو ويندو.

**اهو اعلان ٻڌي شاعر سلطنت ليمون بن نارنگي بيهوش ٿي وڃي ٿو.**

**درٻاري هُن ڪي هوش ۾ آڻين ٿا. شاعر هوش ۾ اچي ٿو.**

شهنشاهه: اي شاعر سلطنت.. هي توکي ڇا ٿي ويو؟

شاعر: اي شهنشاهِ ڪنجوس... انعام جي خوشيءَ ۾ ڏندڻ پئجي ويا. ڇو ته اهڙي خوشي مونکي راس ناهي ايندي.

شهنشاهه: مابدولت سان هوندين ته هميشه اهڙيون خوشيون حاصل ڪندو رهندين.

شاعر: شهنشاهه خوشيون ياد نه ڏيار... نه ته مان مري ويندس.

**درٻار ۾ وزير اطلاعات گونگو بن چريو داخل ٿئي ٿو**

## ۽ رڙيون ڪري شهنشاهه کي مخاطب ٿئي ٿو:

گونگو بن چريو: اتيفا..... اتيفا.... اتيفا.....

شهنشاهه: مابدولت جي سلطنت جو ڪهڙو حال آهي اي وزير اطلاعات ونشريات گونگا بن چريا.

گونگو: آيا.....پايا...پايا....پايا... پيا پيا... آيا... آيا... پايا پايا.. اتيفا ...اتيفا.

شهنشاهه: آءِ ناٽ سمجهنگ دس منسترس ٻولي... يعني مابدولت ڪجهه به سمجهي ناهي سگهيو.... ما بدولت کي سمجهايو وڃي.

ملڪ: اي واليءِ وٽ سٽ... مون گونگي بن چرئي کي وزير اطلاعات ۽ نشريات ان لاءِ ئي مقرر ڪيو آهي ته جيئن هو عوام کي ڪابه ڳالهه سمجهائي نه سگهيءِ رڳو پنهنجو ٻولي پيو ڳالهائي.

شهنشاهه: بٽ واءِ مقرر ڪيو ويو.

ملڪ: اي شهنشاهه تاراجي... عوام جيڪڏهن سمجهي ورتو ته پوءِ سمجهو ٿا ته ڇا ٿيندو.

شهنشاهه: سلطنت جلاب جي عوام ڪجهه به ناهي ڪندي ملڪ... عوام به هن وزير وانگي گونگي ٻوڙي آهي.

ملڪ: ڇئو نسورو ڪوڙ ٿا... عوام گونگو ۽ ٻوڙو ناهي... پر خوشحال آهي.

شهنشاهه: مابدولت جي خدمت ۾ ثابت ڪيو وڃي.

ملڪ: اي شهنشاهِ مهانگائي سلطنت جي هر شيءِ مهانگائي جي وڙ چڙهيل آهي.. پوءِ به عوام اٿي نٿو ته ان جو مطلب عوام خوش آهي.

گونگو: آيا.... آيا.... اتيفا.. اتيفا... اتيفا..

شهنشاهه: اي وزير اطلاعات ۽ نشريات گونگا بن چريا، واٽ يو چاهنگ ڳالهه ڊائريڪٽ ڪرنگ.

## گونگو ڪيسي مان ڪاغذ ڪڍي ٿو:

گونگو: اتيفا.... اتيفا.... اتيفا...

شهنشاهه: اها اتيفا ڪير آهي؟ جنهن سلطنت جلاب جي هڪ هوشيار ۽ چالاڪ وزير کي ديوانو بڻائي رکيو آهي... معلوم ڪيو وڃي ته ان اتيفا مان ڪيس ناجائز ٻار ته ناهي پيدا ٿيو.

وڏو وزير: سرڪارِ نامراد.... گونگو بن چريو استيفيٰ ڏيڻ جي ڳالهه پيو ڪري.

شهنشاهه: او....نو... ڇا هي لوٽو ٿي ويو آهي؟ يا ڪوٽو ٿي ويو آهي.

وڏو وزير: اي شهنشاهه شهتوت... نه هي لوٽو تي ويو آهي نه ئي ڪوٽو بلڪ هي ڍنڍ جو پڪي تي چڪو آهي جيڪو ڪڏهن هِن پار ته ڪڏهن هُن پار.

شهنشاهه: وُڊِ... وڊِر... وڊيسٽ. هن جهڙا پکي ته هن سلطنت جي سونهن آهن, تنهن هوندي به هن ڍنڍ جي پکيءَ جي استعفيٰ منظور ڪجي ٿي.

وڏو وزير: اطلاعات و نشريات جي وزير گونگي بن چرئي جي استعفيٰ منظور ڪئي وڃي ٿي.

شهنشاهه: مابدولت هي حڪم صادر ڪري ٿو ته جڏهن به ڍنڍ جو هي رنگين پکي اسان ڏانهن ٻيهر واپس وري ته هن لاءِ اسان جي سلطنت جا دروازا هميشه کليل رهندا.

## گونگو شڪريو ادا ڪندي

گونگو: آيا..... پيا پيا... آيا آيا..

ملڪ: اي اسان جي سلطنت جا سابق وزير ۽ هاڻي ڍنڍ جا پکي.. تنهنجي استيفا منظور ٿي چڪي آهي, هيءَ ملڪ توکي اجازت ڏيئي ٿي ته هاڻ تون , ٻلي وچ ۾ ڍنڍ جي ٻين پکين سان وڃي پاڻيءَ ۾ ٽٻيون هڻ.

## گونگو بن چريو دربار مان نڪري وڃي ٿو.

شهنشاهه: اي منهنجي دل جي سلطنت جي سونهن پري ملڪ... اطلاعات ۽ نشريات جو ڪو ٻيو وزير مقرر ڪجي, تنهن لاءِ اوهانجي ڇا تجويز مينس سجيشن آهي؟

ملڪ: وزير ثقافت ۽ سياحت کي اضافي قلمدان ڏئي ڇڏيو.

شهنشاهه: او ملڪ, ئُو آلسو ماءِ دل جي پريشاني دور ڪري ڇڏيندي آهين.. اي وڏا وزير يعني وزير گُڏا... ملڪ جي فرمان تي جلد عمل ڪيو وڃي. وزير ثقافت ۽ سياحت کي درٻار ۾ حاضر ڪيو وڃي.

وڏو وزير: اي ظلِ سلائي مشين.... وزير ثقافت ۽ سياحت پنهنجي خراب ٿيل ڊش انٽينا ٺهرائڻ لاءِ آمريڪا جي مستري ڏانهن ويو آهي.

شهنشاهه: اي وڏا وزير وزير گُڏا.. جيئن ئي ثقافت ۽ سياحت جو وزير پنهنجي ڊش انيٽينا جي سروس ڪرائي آمريڪا مان موٽي اچي, تيئن ئي مابدولت جي خدمت ۾ ڪيس پيش ڪيو وڃي.

وڏو وزير: غاليچاهه جو حڪم ڪنن تي.

**هڪ درٻاري هڪ اخبار شهنشاهه جي خدمت ۾**
**پيش ڪري ٿو ۽ شهنشاهه اخبار پڙهندي .**

شهنشاهه: سلطنت جون اخبارون صحت بابت غلط افواهه اڏاري رهيون آهن.... ڇا اسين صحت جي ڊوڙ ۾ اڳتي نڪرندا پيا وڃون.

وڏو وزير: حضور اخبارون ڇا لکي رهيون آهن؟

شهنشاهه: هي اخبار.... هي اخبار لکي ٿي ته سلطنت جي اسپتالن ۾ ڪنهن به قسم جي کوٽ ناهي...دوائون ۽ ضروري سامان سڀ پورو آهي.

وڏو وزير: افسوس!!! شهنشاهه انهن ڊاڪٽرن تي جن اجا تائين سامان کپايا ناهن.

شهنشاهه: وزير صحت جتي به هجي ، جنهن به پوزيشن ۾ هجي ڪيس دربار ۾ پيش ڪيو وڃي.

**وڏو وزير ڪرسي تان اٿندي.**

وڏو وزير: وزير صحت ڪمزور بن بيمار جتي به آهي... جيئن به آهي حضور اڌ مٿي جي سور جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿئي.

**وزير صحت ڪمزور بن بيمار جيڪو واقعي بيمار آهي،**
**هن جي سيڪريٽري کي ڪافي دوائون آهن**
**جيڪي هو کنيو وتي ٿو دربار ۾ حاضر ٿئي ٿو.**

وزير صحت (کنگهندي) سيڪريٽري کنگهه جي دوا.

سيڪريٽري: اي صحت جا وزير سيڪريٽري سيرپ کنگهو ٽولين پيش ڪري ٿو.

**وزير صحت دوا پيئڻ کانپوءِ**

وزير صحت: حڪم! سلطنت جا ايڪسپائر ايپسٽران سيرپ.

شهنشاهه: اي منسٽر آف هيلٿ...اِل اينڊ ويڪ... هو از حال اوور سلطنت عوام؟ يعنيٰ مابدولت جي حڪومت ۾ عوام بيمار آهي يا نه؟

**شهنشاهه جي سوال کانپوءِ وزير صحت کي سهڪو وٺي وڃي ٿو.**
**هو سهڪندي سيڪريٽري کي چوي ٿو:**

وزير صحت: سيڪريٽري سهڪي جي دوا.

سيڪريٽري: سرڪار! سيڪريٽري اوهان جي خدمت ۾ دم پائرين سيرپ پيش ڪري ٿو.

وزير صحت: (وزير صحت دوا پيئندي) حضورِ گليسرين ۾ واليءِ ول تور.. سلطنت جو عوام اڳي ڪان وڌيڪ چاڪ چوبند ۽ خوش و خرم ناهي... ڪرنگهي جي بيماري. سله يعنيٰ ٽي بي.. ڪاري ڪامڻ يعني هيپاٽائيٽس بي سي... مچريشن يعنيٰ مليريا.. اُرڙي يعني بدن تي ڦرڙي. خارش يعني ڪن ڪنا.. بخار يعنيٰ سمهه سمهان... گيسٽرو يعني اچ وڃان. جهڙين تمام بهترين بيمارين ۾ پاڻ ۾رو يعني خود ڪفيل ٿي چڪو آهي.

شهنشاهه: فوڊ فوڊ فوڊ! تو تمام بهترين يعني ويري نائيس ڪردار ادا ڪيو آهي.

## شاعر ليمون بن نارنگي ڳالهائي ٿو.

شاعر: اهڙي خوشيءَ جي موقعي تي تازو بلڪل تازو شعر ناهي ورتو اٿم.

شهنشاهه: مابدولت جي موڊ پڻ تازو شعر ٻڌڻ لاءِ تيار آهي.

شاعر: او! ماءِ آقاءِ ٽيڙو...... شعر ڪي وائي ۾ بدهاضمو ٿي ويو.

شهنشاهه: وات معنيٰ چا؟ يو ڊونٽ ٻڌائنگ دي شعر؟

شاعر: اي جهازن جا جهاز... بدڪن جا ڪاز.. شعر وسري ويو.. ٻي ڪنهن خاص مناسب مهل تي ڪنهن ڳالهه جي وچ ۾ گهُٽ ضرور هڻبي.

شهنشاهه: يو ڊونٽ وسارنگ گهُٽ... گهُٽ هر ڳالهه ۾ لڳڻ ضروري آهي... ته ها وزير صحت ڪمزور بن بيمارو وڌيڪ حال احوال ڏيئنگ.

## وزير صحت پنهنجي بدن کي جهٽڪا هڻندي.

وزير صحت: سيڪريٽري مرگهيءَ جي دوا.

سيڪريٽري: سرڪار! سيڪريٽري مرگهي مائينس دوا پيش ڪري ٿو.

## وزير صحت دوا مان ڪجهه وزن پئي ٿو ۽ پاڻ سنڀالي ٿو.

وزير صحت: اي واليءَ گندگي... سلطنت جي هر گهٽي ۽ رستي تي گندگي گڏ ڪرڻ جهڙا انتظام تمام زبردست بلڪ تمام بهترين هلي رهيا آهن.

شهنشاهه (شهنشاهه خوش ٿيندي) گدرو هنداٽو ۽ سردو ها ... اڳتي.

وزير صحت: اڳتي نه وڃجو شهنشاهه اتي ئي ويهو. ته ٻڌايانوَ.

شهنشاهه: هڪ وٽين نه وٽين ٻيو وري وچ مان ڳرهه ڪٽين... ها چئه.

وزيرصحت: سرڪارِ سيٽيل.. گندو ۽ بدبوءِدار پاڻي سلطنت جي هر گهٽي ۽ رستي تي موجود آهي. جنهن جي بدبوءِ مان عوام تمام گهڻو فائدو حاصل ڪري رهيو آهي. عوام بنا پيسي يعني آئوٽ آف ٽيڪس، ٻين لفظن ۾ ٽيڪس کان ڇوٽ هئڻ ڪري مفت ۾ گندو پاڻي واپرائي رهي آهي.

## شهنشاهه ڪجهه سوچي ٿو هر مٽي هر هيٺ، هر ملڪ ڪي ڏسندي

شهنشاهه: تمام وڏو ڳنڀير مسئلو آهي ان مسئلي جي حل لاءِ ڪا ڪاميٽي ويهاري وڃي.

وزير صحت: شهنشاهه! ڪاميٽي ويهارڻ ڪي هٽو ڪڏ ۾، هن بندي جي تجويز آهي ته گندي پاڻي چورائڻ تي ٽيڪس لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن سرڪاري ناڻي جي کوٽ پوري ٿي.

شهنشاهه: تو سني راءِ ڏئي سلطنت ڪي خوبصورت رکڻ جو منصوبو ڏنو آهي.تنهنجي انهيءَ عرض ڪي عملي جامو پهرايو ويندو.... ڪيئن ملڪ سلطنت؟

ملڪ: عملي جامو نه پر اوور ڪوٽ پهرايو وڃي.

شهنشاهه: اي ملڪ.... وزير صحت ڪمزور بن بيمار جي تجويز ڪي اوور ڪوٽ ته پهرايو وڃي.!! پر ڇا تجويز سخت گرميءَ ۾ پگهرجي نه ويندي!!؟

ملڪ (ملڪ ڪجهه سوچيندي) هون!! ته پوءِ وزير صحت جي تجويز ڪي عملي جامو به پهرايو وڃي ۽ اوورڪوٽ به.... ته جيئن هو موسمي حالتن آهر پنهنجو بندوبست ڪري سگهي.

شهنشاهه: اوڪي ملڪ سلطنت.. اي وڏا وزير... وزير گُڏا...

وڏو وزير: حڪم عاليجاه.

شهنشاهه: مادولت جي بيگم جيڪا اسان جي گهرو وزير به آهي، ان جي حڪم جي تعمير ڪئي وڃي ۽ وزير صحت جي تجويز ڪي عملي جامو ۽ اوور ڪوٽ پهرايو وڃي... ڪيئن اي وزير صحت ڪمزو بن بيمار؟!

وزير صحت: اي! او آر ايس جا بنڊل.... ايتري خوشي مونکي نه ڏيو.... ڪٿي منهنجي دل ڦاٽي نه پوي.... سيڪريٽري دل جي دوري جي دوا.

سيڪريٽري (دوا ڏيندي) سرڪار اوهان جي خدمت ۾ هي سيڪريٽري هارٽ اٽيڪ سيرپ جو شيشو ۽ هڪ ڪيپسول پيش ڪري ٿو.

**وزير صحت دوا مان ڪجھ وزن پيئندي ڪيپسول کائيندي:**

وزير صحت: منهنجا مائي بيوٽال! سلطنت جي عوام کي اجا وڏيڪ ٽيڪ رکڻ لاءِ هڪ ٻي بہ ڪارائتي تجويز آهي. فرمايو تہ اوهان جي دون ۾ سڌي اچي هڻان.

شهنشاهہ: يو بالنگ دي راءِ.. آءِ خود بخود ڪيچنگ... يعني پنهنجي راءِ مابدولت جي خدمت ۾ پيش ڪري سگھو ٿا.

**وزير صحت پيٽ ۾ پنهنجا هٿ وجهندي**

وزير صحت: سيڪريٽري پيٽ جي سور جي دوا.

سيڪريٽري: سرڪار! سيڪريٽري پيٽيا ليٽرين دوا پيش ڪري ٿو.

**وزير صحت دوا پيئڻ ڪانپوءِ**

وزير صحت: اي ٽيٽران ۽ واليءِ والٽران سلطنت جلاب ۾ اجا بہ خالص دوائون ڪي ڪمپنيون ٺاهي رهيون آهن.. جنهن ڪري عوام اهي خالص دوائون واپرائي ٿو ۽ هو خوش ٿي وڃن ٿا... جڏهن عوام بيمارين کان آجو ٿئي ٿو تڏهن سلطنت جلاب جي شهنشاهہ يعنيٰ اوهان جي خلاف بغاوت جون ڊرپون ڪٽي نڪري پوي ٿو.

شهنشاهہ (شهنشاهہ) اوهو!!! اوهو.. ويري خراب خبر. پوءِ ڇا ڪجي ڪمزور بن بيمار؟ يا گھرو وزير کان پڇجي؟

وزير صحت: سرڪار گھرو وزير کان رات جي اڪيلائي ۾ پڇجو تہ ڪمڙي دواڪم ڏيکاري ٿي!! منهنجي تجويز هي آهي تہ خالص دوائن ٺاهڻ وارين انجڻين کي فرمان جاري ڪيو وڃي تہ خالص دوائون ٺاهڻ بند ڪيون وڃن.

شهنشاهہ: اي وڏا وزير. وزير گُڏا... فوراً فرمان لکيو وڃي.

وڏو وزير: جي عاليجاهہ

شهنشاهہ: ها! وزير صحت ڪمزور بن بيمار. پنهنجي بهترين بڪواس کي جاري رک.

**وزير صحت نڪ اگھندي**

وزير صحت: سيڪريٽري زڪام جي دوا.

سيڪريٽري: سرڪار! هي سيڪريٽري ليس لو وٺِ پيش ڪري ٿو.

وزير صحت (دوا ڪائيندي) حضور هستامول تجويز آهي تہ سلطنت جي دوائن ٺاهڻ وارين انجڻين ڪي فرمان جاري ڪيو وڃي تہ خالص دوائون ٺاهڻ بند ڪيون وڃن ۽ 50 سيڪڙو دوائن جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو وڃي ۽ وزير صحت لاءِ 25 سيڪڙو ڪميشن ادا ڪئي وڃي تہ جيئن وزير صحت ملندڙ ڪميشن مان پنهنجو علاج ڪرائي اچي.

شهنشاهہ: اسين اهو فرمان اڄ ئي جاري ڪنداسين. اي وزير راڙا.

وزير راڙو: حڪم عاليجاه.

شهنشاهہ: فرمان جاري ڪيو وڃي تہ، سلطنت جي حدن اندر خالص دوائون ٺاهڻ بند ڪيون وڃن ۽ وزير صحت جي علاج ۽ عيش عشرت خاطر 25 سيڪڙو ڪميشن ادا ڪئي وڃي پوءِ پلي اوهان دوائن جو قيمتون 75 سيڪڙو وڌائي ڇڏيو.

وزير راڙو: (چادر ڏيندي) عاليجاه جي حڪم جي تعمير ڪئي وئي آهي. فرمان تيار آهي منهنجا ٺاڪا.

شهنشاهہ: پيش ڪيو وڃي تہ جيئن اسين پنهنجي سلطنت جي مهر هڻي فرمان کي طاقتور بڻائي عوام جي دون ۾ اڇلي هڻون.

**شهنشاهہ کي فرمان ڏنو ٿو وڃي. شهنشاهہ فرمان پڙهي (ڪٽ جو پائو) مهر هڻي ٿو.**

شهنشاهہ: اي ملڪ سلطنت و جلاب يعني وائيف آف دي شهنشاهہ چوڏو بن توڏو ان فيصلي بابت اوهان جي راءِ هيءَ بندو اوهان کان گهري ٿو.

ملڪ: اي جهازِ 707 تو ملڪ سلطنت جو خالص دوائن سان علاج ڪرائي سلطنت جي در و ديوار کي هِلائي بلڪ گهمائي لاتو آهي.

شهنشاهہ: اي منهنجي دل جي تخت جي راڻي اسين پاڻ لاءِ خالص يعني پيئور ۽ عوام لاءِ ناقص شين استعمال ڪرڻ جو فرمان هنسلطنت جي هٿ اچڻ جي پهرين ڏينهن کان ئي جاري ڪري چڪا آهيون.

ملڪ: غلط بلڪل غلط.

شهنشاهہ: اي ملڪ تنبو جوش نہ ڏيار نہ تہ مان.................

ملڪ: (جملو ڪٽيندي) نہ تہ تون ڇا ڪندين؟

شهنشاهہ: نہ تہ مان پڇي ويندس! چڱو ملڪ اسين توسان اوڦ ڪريون ٿا.

ملڪ: رحم شهنشاهه اعظم رحم، نه ته منهنجا حڪم ڪير مڃيندو؟

شهنشاهه: مابدولت رحم جي اپيل مسترد ڪري ٿو، يعنيٰ رجيڪٽيڊ يُور ايپليڪيشن آف رحم.

ملڪ: هاءِ الا مون هي ڇا ڪيو؟

شهنشاهه: تو ظل الاهي شهنشاهن جي شهنشاهه جهازاعظم ۽ واليءِ سلطنت کي ڪاوڙائي ڇڏيو آهي.

ملڪ: هاءِ الا مان ڪيئن توکي پرچايان، اي رسٽاريو.

## گانو: ڪيئن پرچايان توکي ڪيئن سرچايان توکي.

## گاني ختم ٿيڻ ڪانپوءِ

شهنشاهه: اي ملڪ جهُمر، توجيڪي ناز نخرا ڪيا، تن مٿان هي شنهشاهه قربان ٿو وڃي، مابدولت پنهنجي ڪاوڙ کي ڊاهي ختم ڪري ٿو ڇڏي، يعنيٰ پلي گرائونڊ ڪري ٿو.

ملڪ: اي واليءَ واڏڻ ۽ شهنشاهِ ڇير، مان توبنا ڪجهه نه رهان ها!

شهنشاهه: اي ملڪ يُو گم اينڊ سِٽ ماءِ پهلو.. مابدولت توکي پنهنجي پهلو ۾ ويهڻ جي اجازت ڏيئي ٿو.

## ملڪ شهنشاهه جي پرسان ويهي ٿي. هڪ فريادي داخل ٿئي ٿو.

فريادي: (فرياد ڪندي) دوهائي آ، اي شهنشاهِ آقاءِ دوهائي آ.

شهنشاهه: واٽ يو وانٽ فريادي. هت پئي هئي منهنجي آڏي، ڪنهن ڪئي آ توسان تعادي.

شاعر ليمون: آ ها ها ڇا ته رديف ۽ ڪافيو پاڻ ۾ پريم جو پاڪر پايون بيٺا آهن.. فريادي.... ۽ آڏي.... واهوا.. واهوا... اي آقاءِ نمرودا! هڪ شعر ليمي جي لامن ۾ لڙڪي رهيو آهي، حڪم ٿئي ته شعر کي ڦهڪو ڪري حضور جي قدم ۾ ڪيرائي وجهان.

شهنشاهه: اي فريادي مابدولت شعر ٻڌڻ ڪانپوءِ تنهنجي فرياد ضرورو ٻڌندو.

فريادي: حضور منهنجي پڻ موڊ شعر ٻڌڻ لاءِ نهيل آهي.. پلي شعر ٿي وڃي.... عرض پوءِ به پيا ڪبا.

شهنشاهه: اي پوئٽ آف امپرر آف جلاب امپائر يُو ٻڏائنگ دي شعر.

شاعر ليمون: عرض ڪيم. قرض ڪنيم. تڏهن هڪڙو شعر چيم، سو به لڙڪي پيو ليمن ۾، لاهي اتان اڇيءَ ٿو نا ڪندو اي آقاءِ نامراد.

شهنشاهه: گسڪات..... گسڪات.

شاعر ليمون: عرض اڇلي هنيم.

او فريادي هٿ پئي هڻي منهنجي آڏي
توتہ اها ناهي ڪاڏي؟
جي اٿئي اها ڪاڏي، پوءِ ٿيندي هتي تعادي
پوءِ وائي ۾ بادي، بيهندءِ ڪونہ بابن چوي.

شهنشاهه: ڪُٽ...ڪُٽ....ڪُٽ...

**شاعر ليمون ڪٽ ڪٽ جو ٻڌي شاعر پرسان ويٺل وزير ڪي ٺڦون هڻي ٿو.**

شهنشاهه: واٽ يو ڊوئنگ اي منسٽر آف شاعري؟ اي شاعر تون هي ڇا ڪري رهيو آهين؟

شاعر ليمون: حضور اوهان ئي تہ فرمان ڪيو... ڪٽ .. ڪٽ.. ڪٽ! ڪٽ ڪٽ تي شعر دل جي درياهہ ۾ گُهت هنئي آهي.

ڪٽ ڪٽ ڪندا ڪٽ ڪٽ.. بصر پيندبيون سيئي ڪٽ ڪٽ.
اڪيون اڪڙين اٽڪيون اهڙيون، جيئن پڪوڙن ۾ بهہ ڪُٽ ڪُٽ
زلف محبوب جا نانگ جا ورَ.لٽ ڪٽي نانگ تون ڪٽ ڪٽ
اي وزير پيري هٽ هٽ.. تو مان ڏپ اڇي ٿي ڏنو چوي.

شهنشاهه: ٻير جي ڊنگهري ويري نائيس ٻير جي ڊنگهري

شاعر ليمون: تماڪ نوازي، حُقو نوازي بلڪ چلم نوازي.

فريادي: اي آقاءِ ايپليڪيشن، منهنجي فرياد ڪي ٻڌ وجي.

شهنشاهه: ها فريادي مابدولت جي خدمت ۾ فرياد جو فانوس جلايو وڃي.

فريادي: حضور مان سلطنت جو غريب هاري آهيان، پاڻي واري وزير منهنجو پاڻي بند ڪيو آهي.

شهنشاهه: منسٽر آف واٽر يعني پاڻي واري وزير ڪي پاڻي بند ڪرن جو حق حاصل آهي، پر ان تنهنجو پاڻي ڇو بند ڪيو؟ ان جي وضاحت مان بدولت جي اڳيان پيش ڪئي وڃي.

فريادي: اي شهنشاهہِ ڇوڏا، پاڻي واري وزير مون کان لوسڻ جي پري گهري هئي.

شهنشاهه: تو شايد وزير آبپاشي ڪي لوسڻ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هوندو؟

فريادي: جي ها سرڪار.

شهنشاهه: بٽ واءِ؟

فريادي: حضورِ السي، لوسڻ اجا ننڍو آهي، ڳپڻ جهڙو ناهي، پوءِ به وزير ضد ڪري بيهي رهيو ته هرويرو لوسڻ جي پري ڏي.

شهنشاه: اڇا؟ ته وزير هرويرو ضد ڪيو. يعنيٰ بريڪ لڳائي بيهي رهيو؟ اهيو وزير جو جرم آهي.... اي وزير راڙا.

وزير راڙو: حڪم عاليجاه.

شهنشاه: وزير آبپاشي کي فوراً دربار ۾ پيش ڪيو وڃي.

وزير راڙو: وزير آبپاشي مانڊول بن لول دربار ۾ حاضر ٿي عالي جناب شهنشاه جلاب کي جلوو پسائي.

**وزير آبپاشي مانڊول بن لول دربار ۾ حاضر ٿئي ٿو.**

وزير آبپاشي: حڪم عاليجاه

شهنشاه: اي مانڊول بن لول تو هن فريادي جو پاڻي ڇو بند ڪيو آهي؟ واءِ ڪلوزڊ هز واٽر.

وزير آبپاشي: اي آقاءِ لهر ۽ جهازِ ڇيڀل لوسڻ کي پاڻي جي بنهه ضرورت نه هئي، ان ڪري فريادي جو پاڻي بند ڪيو ويو ته جيئن ان بچيل پاڻي مان گدرا پوکي سگهجن. توهان ڄاڻو ٿا ته اڄ ئي سلطنت ۾ پاڻيءَ جي کوٽ آهي.

شهنشاه: اوهو!! اها ڳالهه ته مابدولت کان وسري وئي، واقعي هن سلطنت ۾ گدرن جي کوٽ آهي ۽ ان کوٽ کي ائين ئي پورو ڪري سگهجي ٿو.. اي فريادي توکي حڪم ڪيو وڃي ٿو ته بيٺل لوسڻ کي عوام ۾ هڪ جيترو ورهايو وڃي ۽ آئنده لوسڻ نه پوکيو وڃي، اي وڏا وزير راڙا.

وزير راڙو: حڪم گاليچا.

شهنشاه: فرمان جاري ڪيو وڃي ته سلطنت و جلاب جي ايريا اندر اڄ کانپوءِ ڪوبه هاري، آبادگار لوسڻ، برسي، دال، مٽر ۽ ڇٽا نه پوکي.

وزير راڙو: اوهان جي حڪم کي ڪيڙي ۾ ڪيڙيو ويندو آقا.

شاعر ليمون: اي شهنشاه بي پاڙي! لوسڻ تي شعر ٺوڙيان ٿو.

شهنشاه: مار ته مزو ٿئي.

شاعر ليمون: بڙڇي هنيم... پالو هنيم.

شهنشاه: سُرڪات.... سرڙات.

شاعر ليمون: اٺئي لوسڻ سندو نڪ، ڪائي لوسڻ پيچ ٺَڪُ.
نڪتو انب مان آ اڪُ، ڪتي هنيو اهڙو چڪ
مون کي آهي اهو شڪ، هنيو توئي مون کي ڏڪ
تنهنجي ناني ٿي وئي حق، لڙڪندي ليمون چئي.

شهنشاهه: ويري اٺن جي ٻوري... ويري ڪنڌ جي ٻوري.

شاعر ليمون: ڪائنچ نوازي... پٽلون نوازي.. آخري ڪراٿو هنيو اٿم....

فريادي: (جملو ڪٽيندي) اي بادشاهن جا بادشاهه هي فريادي ٻيهي، ويهي يا وڃي؟

شهنشاهه: او ٻييس ماءِ ڊيئر فارمي ڪڪڙ. مون ڪان تنهنجي ڳالهه ئي وسري وئي آهي. اسين توسان انصاف ڪريون ٿا... ٻٽ واٽ از يوئر نيم، تون پنهنجو نالو ٻڌاءِ.

فريادي: اي ظل چانورن جي لائي! امڙ نالو رکيو واڱڻ بن توت ۽ بابي نالو رکيو باجو بن پوڪ

شهنشاهه: رليڪس رليڪس ماءِ ڊيئر باجا بن پوڪ، واڱڻ بن توت.. اي وزير قانون چنڪار گل بن وڃٽي.

وزير قانون: حڪم منهنجا پاليشاهه!

شهنشاهه: هن فريادي متعلق قانون جا ڪتاب ڇا ٿا ٻڌائين؟

وزير قانون: (ڪتاب کوليندي) اي برترو بالا قانون جي ڪتاب جي نمبر 420 جي فقري نمبر 999 ۾ لکيل آهي تہ لوسڻ پوکڻ واري کي ست سال، ست مهينا، ست ڏينهن ۽ ست گهڙيون قيد بامشقت جي سزا ٻڌائي وڃي.

شهنشاهه: اي فريادي اسين توکي اهائي پنشمينٽ يعنيٰ سزا ڏينداسين، ڇو تہ سڄو ڏوهہ تنهنجو آهي، نہ تون لوسڻ پوکين ها! نہ ئي وزير لوسڻ جي طلب ڪري ها.

فريادي: رحم شهنشاهه اعظم رحم.

شهنشاهه: اسين توتي رحم ڪري پنهنجي وزيرن جي مٿان گهٽتائي نٿا ڪري سگهون... ڇو تہ اڳ بہ ستن وزيرن لوسڻ ڪائي خودڪشي ڪئي هئي. ڇا تون نٿو ڄاڻين تہ اسان جهڙن بادشاهن وٽ اهڙن عوام آزاريندڙ وزيرن جي عزت هوندي آ.

فريادي: جي عاليجاه مون کي خبر هئي.

شهنشاهه: توکي خبر هئي تہ پوءِ فرياد ڪٺي هت ڇو آئين؟

**فريادي لالٽين ٻاري ٿو.**

شهنشاهه: لالٽين!!!؟ ڏينهن جي روشني ۾ لالٽين ڇو ٻاريو ٻارين اي فريادي؟!

فريادي: حضور ان لاءِ جو مون کي خبر آهي تہ هر طرف بي انصافي اقرباپروري جي اونده ڇانيل آهي. مون لالٽين ان لاءِ ٻاريو آهي تہ جيئن اونده ۾ گم ٿي ويل انصاف کي ڳولي سگهان. تہ جيئن هن روشني ۾ سلطنت جي حڪمرانن جي دلين ۾ عوام دوستي کي ڏسي سگهان. جيڪا عوام دوستي هو صرف جلسن جلوسن ڪرڻ وقت ڏيکاريندا آهن، پر هن روشني ۾ بہ هو عوام دشمن آهن، ها! عاليجاه هر بادشاه عوام، غريب عوام جي امنگن، آس ۽ اميدن جو قاتل آهي... ها قاتل آهي.

شهنشاهه: فريادي مابدولت جي درٻار ۾ صرف وزير، امير، رئيس ۽ مالدار ئي زبان کولي سگهن ٿا... غريب نہ!.

ملڪہ: اي فريادي! تون بہ غريب آهين نہ؟

فريادي: تنهنجا ٻچا جيئن... ها ملڪہ مان غريب هاري آهيان جنهن غريب هارين جي طاقت تي اوهان کي فخر هوندو آهي... اهو غريب آهيان.

ملڪہ: شهنشاهه! ڇا سلطنت مان اجا غريبي ختم نہ ڪئي وئي آهي... اسانجي سلطنت ۾ اجا ڪي غريب رهيل آهن؟

شهنشاهه: وزير راڙا! ملڪہ جي سوال جو جواب ملڪہ جي حضور ۾ پيش ڪيووڃي.

وزير راڙو: اي ملڪہ رحم! هن فريادي سميت اجا پنج سؤ غريب خاندان، اسانجي حدن ۾ رهن ٿا.

ملڪہ: سلطنت مان غريبي مڪمل طور تي ختم ڪئي وڃي.

وزير راڙو: آئنده ڪوبہ غريب اوهان کي نظر نہ ايندو اي ملڪہ عاليہ.

ملڪہ: باقي بچيل غريبن جو ڇا ڪيو ويندو؟

وزير راڙو: ملڪہ باقي بچيل غريبن کي زندان ۾ واڙيو ويندو، ڪين بکون ڏنيون وينديون!!!

ملڪہ: (جملو ڪٽيندي) وزير راڙا تنهنجي اها تجويز فرسوده بڻجي چڪي آهي، زندانن ۾ غريبن کي قيد نہ ڪيو وڃي بلڪہ غريبن جي ڪاٽڻ وارين روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ شين جا اگهہ چوٽ تي چاڙهيا وڃن، هارين جي ڪيل محنت جو عيوضو گهٽ ڪيو وڃي، آهستي آهستي غريب خود بک وگهي مرندا ويندا! بيماري وگهي هن دنيا بي رحم دنيا مان هليا ويندا۽ وڃي آرام سان آرامي ٿيندا!! ڪئين شهنشاهه؟

شهنشاهه: او هُو هُو ڪير دشمن ٿو چئي تہ عورت کي عقل ڪُڙيءَ ۾ هوندو آهي؟ نہ تون تہ مها عقل جي اڪابر آهين ملڪہ! اي وزير راڙا.

وزيرراڙو: حڪم ٿئي بندي جو سر ٽوپيءَ ۾ پيل آهي.

شهنشاھ: هر مهيني جي آخري هفتي ۾ هر شيءِ جا اگهه وڌايا وڃن ۽ هن غريب عوام کي کلي فضا ۾ ڪوليو وڃي تہ جيئن هي غريب هاري بک ۽ بيماري وچان مري وڃي.

وزير راڙو: حڪم جي تعمير ڪئي ويندي. خون ۽ پگهر جي پورهئي سان.

فريادي: اي بادشاهن ها بادشاھ رحم ڪريو ورنہ آءُ اهڙي فرياد ڪندس جو سلطنت جي ديوارن ۾ ڏار پئجي ويندا.

شهنشاھ: ڪنيڙن ڪان گهلي ٻاهر ڦٽي ڪري اڇوس... فريادي وڃ ۽ وڃي ٻاهر فرياد ڪر.... تون سمجهي ڇڏ تہ تنهنجي فريادن سان هي ديوارون ڏٽي نٿيون سگهن.

**چوڪيدار فريادي کي ٻاهر ڪڍي وڃن ٿا.**

شهنشاھ: مابدولت کي معلوم ٿيو آهي تہ سلطنت جي عوام کي بجلي جي اجا مڪمل سهولت مهيا نہ ڪئي وئي آهي؟ لحاظ وزير بجلي کي جلد دربار ۾ حاضر ڪيو وڃي.

وزير راڙو: وزير بجلي فانوس بن ميڻ بتي دربار ۾ حاضر ٿئي.

وزير بجلي فانون بن ميڻ بتي دربار ۾ جيئن ئي داخل ٿئي ٿو تہ بجلي بند ٿي وڃي ٿي.

شهنشاھ: اي وزير بجلي هي ڪهڙي ماجرا آهي؟ بجلي ڇو بند ڪئي وئي آهي؟

وزير بجلي: سرڪارِ بتڻ... هينئر لوڊشيڊنگ جو وقت آهي، بحرحال آءُ بجلي چالو ڪرايان ٿو.. وزير بجلي پراڻي فون تي ڳالهائي ٿو.

وزير بجلي: بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم ڪيو.... جي... جي.... ها .. ٺيڪ.... بحرحال بجلي بحال ٿيڻ کپي. (ٽيليفون بند ڪندي) اي آقاءِ اڌ بتي ۽ واليءِ واٽر پاڻي جي ڪمي سبب لوڊشيڊنگ ڪرڻ لازمي ٿي وئي آهي. (**بجلي اچي ٿي.**)

شهنشاھ: مابدولت جي خدمت ۾ ان مسئلي جو حل رکيو وڃي يعني پٽ دي سالوڊ پرابلم آف پاور.

وزير بجلي: اي شهنشاھ شُو منهنجي هر بار اها تجويز آهي تہ ڪنهن سني ڳائڻي کي گهرائي راڳ رانيات ڳارايو وڃي... ڇو تہ اڳ برسات نہ وسڻ سبب برساتي راڳ ڳائي برسات وسائي ويندي هئي. تيئن رانيات راڳ وسيلي بجلي جي کوٽ کي پورو ڪري سگهجي ٿو.

شهنشاھ: تجويز تنهنجي کي جلد عملي پاجامو پهرائي ميدان ۾ ورزش لاءِ لاٿو ويندو...پر تون مابدولت کي ٻڌاءِ.... هينئر تائين ڪيترن ڳوٺن کي بجلي مهيا ڪئي وئي آهي؟

وزير بجلي: اي آقاءِ هولڊر ۽ بي جان بلب، هن سال جي آخر تائين نوَ سو ڳوٺن کي بجلي ڏني وئي آهي ۽ پندرنهن سوَ ڳوٺن جي بجلي ڪٽي وئي آهي.

شهنشاه: اهائي تہ تنهنجي قابليت ڏسي مابدولت توکي بجلي جو وزير بڻايو.

وزير بجلي: اڄا احوال جاري آهن... اي سهنشاه جلال جن جن ماڻهن بجلي هٽائڻ جون درخواستون ڏنيون آهن تن.........

شهنشاه: (جملو ڪٽيندي) انهن جي گهرن ۾ بجلي لڳي وئي آهي ڇا؟

وزير بجلي: نہ منهنجا ڪٽ آئوٽ... بجلي تہ اڄا ناهي لڳي ، پر بل باقاعده جاري ڪيا وڃن ٿا.

شهنشاه: گڏ.... گڏر.... گڏيسٽ.. بلڪ ڪٽيس.

وزير بجلي: جي ها عاليجاه.... جيئن تہ اهي ماڻهو بل جمع نٿا ڪرائين ان لاءِ انهن جي گهرن ۾ بجلي لڳائي نہ وڃي... ڇو تہ هو بل نٿا ڀيارين.

شهنشاه: بهترين بلڪ ويري بهترين تجويز آهي... ان تجويز جي عيوض اسين توکي ترقي ڏئي وزير مان هٽائي لائين سپريڊنٽ بڻايون ٿا.

وزير بجلي: بندو توهان جي اهڙن احسانن جو غلام آهي ۽ هميشہ رهندو.

شهنشاه: ٺيڪ آ.... هاڻي تون دربار مان ٻاهر وڃي سگهين ٿو. توکي اجازت آ.

وزير بجلي: حضور آءُ دربار ۾ ويهي ڪارروائي ڏسڻ جي خواهش رکان ٿو.

شهنشاه: مابدولت توکي ان جي اجازت هر گز نہ ڏيندو، ڇو تہ تون جيترو وقت هتي ويٺو هوندين، اوترو وقت بجلي جي اکپوٽ جاري رهندي.. ان لاءِ توکي اجازت آهي تہ تون هتان هليو وڃ ۽ ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي رهي پئہ.

وزير بجلي: اوهان جي حڪم کي پڪڙ سان ٽائيٽ ڪيو ويندو آقا.

**وزير بجلي ٻاهر آئوٽ،**

**وزير ثقافت جنهن سان هڪ ڇوڪر ليسوڙو آهي،**

**پنهنجي ڊش اينٽينا سميت داخل ٿئي ٿو.**

وزير ثقافت: عاليجاه بي ادبي جي معافي.... اصل ۾ منهنجو مواصلاتي نظام درست نہ هو.... ان لاءِ حضور جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ ۾ دير ٿي وئي.

شهنشاه: حدِ ادب، حدِ ادب، حدِ ادب.... اي وزير ثقافت ڪمبل بن ڪوٽ

وزير ثقافت: عاليجاه

شهنشاه: مابدولت توکي اطلاعات کاتي جو اضافي قلمدان سونپڻ جو ڪم ڏيڻ جي خواهش رکي ٿو.

وزير ثقافت: حضور مون اهيو سمورو پروگرام براهِ راست مواصلاتي سياري وسيلي پيئي ڏنو. پر جيئن تہ منهنجي ڊش انٽينا خراب ٿي پيئي ان لاءِ مڪمل پروگرام ڏسڻ کان محروم رهيس، اوهان جو هر فيصلو مون کي قبول آهي.

شهنشاهہ: وزير اطلاعات مقرر ڪرڻ کان اڳ مابدولت يعنيٰ شهنشاهہ چوڏو بن توڏو معلوم ڪرڻ گهري ٿو تہ آئنده اطلاع حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو ذريعو استعمال ڪيو ويندو.

وزير ثقافت: حضور حڪم ٿئي تہ اطلاع حاصل ڪرڻ جو هڪ نمونو پيش ڪجي هي منهنجو ليسوڙو (چوڪري ڏانهن اشارو) آهي.

شهنشاهہ: مابدولت اڳيان نمونو پيش ڪيو وڃي.

وزير ثقافت: پٽ ليسوڙا.

ليسوڙو: جي استاد گيدوڙا.

وزير ثقافت: گهمي ڦري آ...... چڪر لڳائي آ.

ليسوڙو: آيس ! چڪر لڳائي آيس.

وزير ثقافت: هينئر ڪٿي بيٺو آهين.

ليسوڙو: استاد ! ڪي جي اسڪول جي ڪلاس ون ۾.

وزير ثقافت: اتي ڇا ٿي رهيو آهي؟

ليسوڙو: مس ٻارن کي پڙهائڻ جي بدران ميڪ اپ ڪري رهي آهي.

وزير ثقافت: ليسوڙا.

ليسوڙو: جي استاد گيدوڙا.

وزير ثقافت: هينئر ڪٿي بيٺو آهين.

ليسوڙو: استاد ڪي جي اسڪول جي ڪلاس ٽو ۾.

وزير ثقافت: اتي ڇا ٿي رهيو آهي؟

ليسوڙو: استاد مس ٻارن کي قومي گيت ٻڌائي رهي آهي.

وزير ثقافت: اهو قومي گيت ڪهڙو آهي؟

ليسوڙو: اسين تي جاٽا بلو دي گهر..... ڪن ڪن جاٽا بلو دي گهر.
ٽڪٽ ڪٽاؤ ليڻ ٻڻاؤ..... اسين تہ جاٽان بلو دي گهر.

شهنشاهہ: ڇا اسان جي سلطنت جي عوام جو اهيو قومي گيت ٻڌجي چڪو آهي.

وزير ثقافت: جي عاليجاه.... اهيو گيت واقعي قومي گيت ٻڌجي چڪو آهي.

شهنشاهه: پوءِ اهڙن قومي گيتن جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ڇو تہ جنهن قوم جا اهڙا نغما قومي گيت بنجي وڃن... تنهن قوم کي تباهہ ۽ برباد ٿين کان ڪو بہ بچائي نٿو سگهي... ۽ توهان چاهيو ٿا تہ اسين پاڻ کي تباهہ ۽ برباد ڏسڻ جي خواهش رکون ٿا.

وزير ثقافت: ائين ئي ٿيندو حضور. ها پٽ ليسوڙا.

ليسوڙو: جي استاد گيدوڙا.

وزير ثقافت: گهمي ڦري آ..... چڪر لڳائي آ.

ليسوڙو: گهمي ڦري چڪر لڳائي آيس.

وزير ثقافت: هينئر ڪٿي ويٺو آهين؟

ليسوڙو: سلطنت جي ڪاليج جي ڇوڪرن واري ڪلاس ۾ ويٺو آهيان.

وزير ثقافت: ڪلاس ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

ليسوڙو: ڪو بہ ليڪچرار ڇوڪرن واري ڪلاس ۾ موجود ناهي. ڇوڪرا بار بار ليڪچرار کي پنهنجو پيرڊ ياد ڏياري رهيا آهن. پر ليڪچرار ڪلاس وٺي ئي نٿو.

وزير ثقافت: ليڪچرار ڪٿي موجود آهي؟

ليسوڙو: ليڪچرار ڇوڪرين واري ڪلاس جي در اڳيان ويٺا آهن.

وزير ثقافت: اُتي ڇو ويٺا آهن.

ليسوڙو: ڇوڪرين جي ڪلاس جي در تي ليڪچرار پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن تہ ڇوڪرين کان اڳ ۾ پيرڊ مان وٺندس، ڪو ٿو چوي تہ اڳ ۾ مان وٺندس ۽ هو در کي ڌڪ هڻي رهيا آهن.

وزير ثقافت: هو ڇوڪرين جي ڪلاس جي در کي ڌڪ ڇو هڻي رهيا آهن؟

ليسوڙو: ان لاءِ استاد جو ڇوڪرين جي ڪلاس ۾ اڳ موجود ليڪچرار ڪلاس جو در اندران بند ڪري ڇڏيو آهي... ٻاهريان رڙيون ڪري رهيا آهن تہ تنهنجو پيرڊ ختم ٿي چڪو آهي.... نڪر ٻاهر.

وزير ثقافت: پوءِ اندريون ليڪچرار ڇا چئي رهيو آهي؟

ليسوڙو: ليڪچرار چئي رهيو آهي تہ منهنجو هڪ پيرڊ ڇهہ ڪلاڪ هلندو آهي، منهنجو پيرڊ اڃا ختم ناهي ٿيو.

شهنشاهه: هُبہ... هُبہ... ڇٻو مابدولت جي سلطنت ۾ تعليم ايڏي وڏي ترقي ڪئي آهي.... هُبہ.... هُبہ..... اي وزير راڙا.

وزيرراڙو: حڪم عاليجاه

شهنشاه: وزير تعليم جي اعليٰ ڪارڪردگي ڏسندي، توکي حڪم ٿو ڪجي تہ وزير تعليم کي فوراًمابدولت جي خدمت ۾ وزير ثقافت کان پوءِ پيش ڪيو وڃي.

وزير راڙو: هي بندو اوهان جي گند جي ڍير تي ويٺل رهندو.

وزير ثقافت: پٽ ليسوڙا

ليسوڙو: جي استاد گيدوڙا.

وزير ثقافت: گهمي ڦري آ. چڪر لڳائي آ.

ليسوڙو: گهمي ڦري چڪر لڳائي آيس.

وزير ثقافت: هينئر ڪاٿي بيٺو آهين؟

ليسوڙو: مڪاني اداري جي هڪ آفيس ۾.

وزير ثقافت: اتي ڇا ٿي رهيو آهي؟

ليسوڙو: سيڪريٽري پنهنجا گينگا ڪڍي، ٽيبل تي شهر ۾ نهندڙ نئين شاپنگ سينٽر جو نقشو ٺاهي رهيو آهي.

وزير ثقافت: ٽائون آفيسر ڪٿي آهي؟

ليسوڙو: استاد ٽائون آفيسر پنهنجي آفيس کان ٻاهر نڪري نلڪي ۾ ٽريڪٽر جي ڊيزل واري ٽانڪي کي گاريون ڏئي رهيو آهي.

وزير ثقافت: اڪائونٽنٽ ڇا ڪري رهيو آهي؟

ليسوڙو: استاد! اڪائونٽنٽ ڪُوڙا بل پاس ڪرائي، چيڪ ڪڍي رهيو آهي.

وزير ثقافت: سينٽري انسپيڪٽر يعنيٰ ڀنگين جو جماندار ڇا ڪري رهيو آهي؟

ليسوڙو: استاد ڀنگين جو جماندار اڱوٺي وزير ٽرانسپورٽ ٽائر بن پنڪچر کي ڀنگين جي جمانداري جي چارج ڏئي رهيو آهي.

شهنشاه: او هو هُو هُو.... زبردست... زبردست... مان توهان مان بلڪل مطمئن آهيان... لحاظ توکي وزير اطلاعات جو قلمدان سنڀاليو وڃي ٿو. وزير راڙا.

وزير راڙو: ظل الاهي حڪم ٿئي.

شهنشاه: وزير ثقافت ڪمبل بن ڪوٽ کي وزير اطلاعات جو قلمدان ڏنو وڃي.

وزير راڙو: حڪم جي تحرير ڪئي ويندي منهنجا مس ڇُٽا.
وزير ثقافت کي هڪ وڏو قلم ڏنو وڃي ٿو.

شهنشاه: توکي پاراتو هجي.. توکي پاراتو هجي.

وزير ثقافت: (روئيندي) نوازش.... (روئيندي) نوازش....

شهنشاهل اون!! هاڻي مابدولت کي معلومات ڏني وڃي تہ اسان جي ثقافت ڪمبل ۽ ڪوٽ جي حالت ڇا آهي؟

وزير ثقافت: حضورِ اڳڙي.. ڪمبل جي حالت تمام نازڪ آهي! ڪمبل جون ڪندون ننڍا ڪتڙا کائي ويا آهن! ڪمبل جو سينو ڪمبختن ۽ ڪميڻن ڇرا هڻي ڦاڙي رکيو آهي، ڪمبل جي مهمانوازي يعني پشم جي نرمي جو ناجائز فائدو وٺندي نانگ ڪمبل ۾ ويهي رهيا آهن ۽ هو ڪمبل تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن.

شهنشاه: ڪوٽ جي ڪهڙي حالت آهي؟

وزير ثقافت: حضورِ ڪالر! ڪوٽ بلڪل ٺاٺيت آهي.

شهنشاه: مابدولت جي خدمت ۾ ڪوٽ لاهي پيش ڪيو وڃي.

وزير ثقافت: اي شهنشاه جا ڪيسا! ڪوٽ جي اندر وڏا راز لڪل آهن... لحاظا هي بندو عرض ٿو ڪري تہ اهيو راز رازئي رهڻ ڏنو وڃي.

شهنشاه: اي نامعقول حدِ ادب ۾ رهہ شهنشاه توکي حڪم ٿو ڪري تہ اهو ڪوٽ مابدولت جي خدمت ۾ پيش ڪيو وڃي.

وزير ثقافت: حضور جي مرضي پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي، اي شهنشاه جيڪڏهن راز فاش ٿي وڃن تہ ان ۾ منهنجو قصور بنهہ نہ هوندو.

شهنشاهہ وزير ثقافت ۽ اطلاعات ڪوٽ کي مابدولت ۾ پيش نہ ڪري تون اسان جي جاهہ و جلال کي جاڳائي رهيو آهين.... ڪوٽ پيش ڪيو وڃِي.

**وزير ثقافت ڪوٽ لاهي ٿو تہ سندس**

**پيو بدن اگهاڙو ٿي پوي ٿو. يعني کي**

**ڪوٽ اندران قميص/شرٽ پاتل نہ آهي،**

**صرف وزير جي ڳچيءَ ۾ ٺاءِ پيل آهي.**

شهنشاه: (وزير ثقافت کي پنيءَ اگهاڙو ڏسندي) اي ڪمبل بن ڪوٽ يو ٺيل مي وات از دس؟

وزير ثقافت: اڪيون ڦاڙي ڏس... اهيو ئي راز هيو شنشاه شرمنده.

شهنشاه: ليڪن تنهنجي هي حالت مابدولت کي بيحد پسند آئي آهي.

وزير ثقافت: عاليجاه اهڙي نموني جو سلطنت جي عوام تي وي وسيلي هڪ چينل به ڏسي رهي آهي. جنهن ڪي تي چينل چيو وڃي ٿو.

شهنشاه: ان چينل تان ڇا پيش ڪيو ويندو آهي... مابدولت کي جلدي ڊيڪاريو وڃي.

وزير ثقافت: ظل ملائي! مواصلاتي سياري جي خرابي سبب ڪجهه وقت لاءِ پروگرامن ۾ خلل پئجي ويو آهي، لحاظ سڌي طرح مابدولت تي وي چينل ڏسي نٿو سگهي! حڪم ٿئي ته آءُ اهڙو نمونو پيش ڪريان.

شهنشاه: حڪم هو... حڪم هو... جلد هو... جلد هو...

## انگلش ميوزڪ / مائيڪل جيڪسن جو گانو

وزير ثقافت: وڊ چينل وڊ چينل.... وزير ثقافت توکي اجازت آهي وڃڻ جي.

## وزير ثقافت ۽ ليسوڙ ٻاهر آئوٽ.

وزير راڙو: وزير تعليم اڻ پڙهيل بن انگوٺي شاپ دربار ۾ حاضر ٿي پنهنجي قابليت جا جهنڊا سلطنت جي قلعي تي کوڙي.

## وزير تعليم اچي ٿو ۽ هڪ پنو وزير راڙي کي ڏيندي چوي ٿو.

وزير تعليم: وزير راڙا هي پڙهي ٻڌاءِ.. ڇا لکيل آهي؟ ۽ ڪنهن موڪليو آهي؟

وزير راڙو: وزير تعليم اوهان خود ڇو نٿا پڙهو؟

وزير تعليم: وزير راڙا آءُ توکي خبر آهي ته منهنجي پڙهڻ سان بلڪل ناهي لڳندي! چڱيءَ طرح ڄاڻڻ باوجود اهڙا سوال ڪري تون منهنجي قابليت جي مذاق ٿو اڏائين. اي شهنشاه مُس ڪُپڙي وزير راڙي کي تنبيهه ڪئي وڃي.

شهنشاه: وزير راڙا تون ڄاڻين ٿو ته سلطنت جو تعليم وارو کاتو هميشه اهڙن ماڻهن جي حوالي رهيو آهي جن جي پڙهڻ سان هميشه دشمني رهي آهي!!! پوءِ به تون اهڙا سوال ٿو ڪرين؟ ڇا تون به عوام جي ساٿ ۾ شامل ٿيو آهين؟

وزير راڙو: حضور غلطي جي گنجائپ جو طالبو.

شهنشاه: اوڪي نيوَر مائينڊ..... وزير تعليم مون تائين اطلاع مليا آهن ته سلطنت جي ڪاليجن ۾ ليڪچرار تعليم ڏيڻ لاءِ بيقرار آهن.

وزير تعليم: حضورِ ڪِلڪَ اوهان درست معلومات کي پڪڙي ورتو آهي.

شهنشاهه: پوءِ اهڙن هوشيار ۽ تعليم جي زيور سان مالا مال ليڪچرارن کي ترقي ڏئي ڪاليجن جا پٽيوالا، مالهي ۽ چوڪيدار مقرر ڪيا وڃن.

وزير تعليم: اوهان جو حڪم پورو ڪيو ويندو.

شهنشاهه: اي وزير تعليم سلطنت اندر اسڪولن جي ڪمن جي ڪهڙي رپورٽ آهي؟ مابدولت رپورٽ ٻڌڻ جي خواهش رکي ٿو.

وزير تعليم: حضور چاڪ ۽ ڊسٽر! سلطنت جي ٻه سؤ ڳوٺن ۾ ٻه سؤ پرائمري اسڪول ٺهرايا ويا. جن مان اڪثر ڳوٺن جي چڱن مڙسن جي اوطاقن طور استعمال ٿين پيا.، ڪن اسڪولن جي عمارتن ۾ ڪڪڙ، گڏهه ۽ گوءِ پڇندڙ ڏاند واڙيا ويندا آهن.

شهنشاهه: هانءُ ٺاري ڇڏيئي اڻ پڙهيل بن آڱوٺي ڇاپ! هانءُ ٺاري ڇڏيئي.

وزير تعليم: حضور اڃا برف جو گولو اڃئي ٿو.

شهنشاهه: رندي سان رهڙي مابدولت ڏانهن موڪل ته ڳنڍيو ڪري کائي ڇڏيان.

وزير تعليم: حضور باقي بچيل اسڪولن جا استاد اڪثر اسڪول ناهن ايندا ڇو ته ڪي واپار ڪندا آهن، ڪي استادن جي مسئلن جي حل واسطي رات جو جاڳندا آهن ۽ ڏينهن جو ننڊ ڪندا آهن.

شهنشاهه: ايڏا فرمانبردار استاد! واقعي وزير تعليم تو سموري دنيا ۾ سلطنت جي تعليم جي استادن جو نڪ مٿي ڪري رکيو آهي.

وزير تعليم: حضور سلطنتِ جلاب جي استادن مطالبو ڪيو آهي ته هر اسڪول جي هر ڪلاس ۾ هڪ عدد ٽي وي ۽ ڊش اينٽينا ڏني وڃي ڇو ته اڪثر استادن کي ڊش انيٽينا وسيلي فلمون ڏسڻ لاءِ هوٽل تي وڃڻ جو ڏکيو ڪم ڪرڻو پوي ٿو. ان ڪري اهيو مطالبو مڃيو وڃي جيئن استاد به خوش ته ٻار به ناراض نه ٿين.

شهنشاهه: زبردست تجويز آهي! ان تي فوراً عمل ڪيو وڃي. ڪيئن ملڪ عاليه؟

ملڪ: اي منهنجي مٿي جي وارن ۾ پيل ليکُن جا سردار! بلڪل اوهان جي تجويز سلطنت جي ٻارڙن لاءِ فائديمند آهن، ان لاءِ وزير خزانه کي گهرائي بجيٽ ٺهرائي وڃي ته خرچ ڪيترو ايندو.

شهنشاهه: وزير تعليم دربار جي برخاست ٿيڻ تائين تون دربار ۾ ويهي سگهين ٿو.

وزير تعليم: حضور مون کي اجازت ڏني وڃي، مون کي وڃڻو آهي.

شهنشاهه: وزير تعليم توکي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟ يو آسڪ مي وڏ آئوٽ ايني ڊپ.

وزير تعليم: ٿاليجاه مون پرائمري اسڪول جي پهرين ڪلاس ۾ داخلا ورتي آهي.. اوڏانهن ويندس.

شهنشاهه: وهوا!! ڇا ته سلطنت جي وزيرن کي پنهنجي سلطنت جي عوام ڪُتل ڪمن جو اونو آهي. وزير تعليم توکي اجازت آهي ته وڃ وڃي استاد کان سبق حاصل ڪر.

**وزير تعليم ٻاهر آئوٽ.**

ملڪ: وزير خزانه کي درٻار ۾ گهرايو وڃي.

وزير راڙو: سلطنتِ جلاب جو وزير خزانه پينگيو بن سُجو درٻار ۾ حاضر ٿي ملڪ جي خواهش کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

**وزير خزانه درٻار ۾ داخل ٿئي ٿو**

**جنهن جي پٺي اڳهاڙي آ. هيٺ تي ڇڊي پاتل اٿس**

**۽ ڪلهي تي ٿاٿل رلهي رکيل اٿس.**

وزير خزانه: ڏئي وچ بندا هن ڪنجوس مکي چوس کي ته پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ ٻه گرهه ماني جا وٺي ڪائي.!

شهنشاهه: وزير خزانه تعليم جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ نئين منصوبي تي عمل ڪرڻ جو سوچيو پيو وڃي، يعني سلطنت جي هر اسڪول جي هر ڪلاس ۾ هڪ عدد ٽي وي ۽ ڊش اينٽينا لڳائي ويندي. مابدولت کي ايسٽيميٽ ٺاهي آگاهه ڪيو وڃي ته ڪل خرچ ڪيترو ايندو.

وزير خزانه: حضور سمورو خزانو اوهان جي قبضي هيٺ آهي! مان صرف نالي جو وزير خزانه آهيان! توهان منهنجي حالت مان محسوس ڪندا هوندا ته منهنجو گذر سفر ڪيئن ٿيندو هوندو.

شهنشاهه: مابدولت کي معلوم آهي ته تنهنجو گذر سفر بهترين بلڪ ويري بهترين نموني سان ٿئي ٿو.

وزير خزانه: گهاليجا! اوهان جا احسان اکين تي، پر مون لاءِ هڪ مسئلو آهي.

شهنشاهه: مابدولت جي اڳيان پيش ڪيو وڃي، آءُ ٻُڌنگ يُور مسئلا ايند فرمان جاري ڪرنگ.

وزير خزانہ: حضور پيٽ جي باھ وسائڻ لاءِ جنھن بہ گھر جي در اڳيان بيھي ھڪ ماني جي خيرات گھران ٿو تہ گھر ڌڻي اڌ ماني ڏئي ھليا ٿا وڃن.. ڪي تہ وري پنھنجا ڪتا ڇوڙي ٿا ڇڏين.. ٽيون ڏينھن ھڪ ڪتي کان پڇي جان ڇڏائي آيس.

شھنشاھ: اي وزير خزانہ پينگيا بن سچا! سلطنت جي رليءَ ڪي تہ ڪو نقصان نہ پھتو نہ!؟

وزير خزانہ: حضور رلي سلامت رھي، پر ڪتي منھنجي پِني چڪ ھڻي پٽي رکي آھي.

شھنشاھ: پرواھ ناھي!! رڳو رلي بچي پِني وڃي تہ وڃي. اندر اسٽينڊ؟ اي وزير راڙا.

وزير راڙو: حڪم ساليجاھ.

شھنشاھ: فرمان جاري ڪيو وڃي تہ سلطنت جو ھر گھر مڪمل ھڪ ماني سلطنت جي خزاني واري وزير کي ہوڙ سميت ڏيندو، چاھي گھر ڌڻي يا ان جا ٻچا بکيا رھن، پر جنھن بہ سلطنت جي وزير کي بکيو رکيو ان کي سرعام چواٽي تي ماني مٿان ماني کارائي ماريو ويندو.

وزير راڙو: عاليجاہ ! اوھان جي حڪم کي ڪٽڪ جي اٽي وانگر ڳوھي دانگي تي پچايو ويندو.

وزير خزانہ: حضور مون کي اجازت ڏني وڃي تہ آءُ پنھنجي ڊيوٽي سنڀاليان.

شھنشاھ: تون ھينئر ڪيڏانھن ويندين؟ ڀُو واءِ ڳو ناءِ؟

وزير خزانہ: ظل ملائي ۾ ابتي سلائي! چڪ ھڻندڙ ڪتي کي اسپتال وٺي ويندس ۽ کيس 14 سيون ھڻائيندو مانس.

شھنشاھ: مابدولت کي ٻڌايو وڃي تہ ڪتي کي سيون ڇو ٽيون لڳايون وڃن؟

وزير خزانہ: حضور ان لاءِ جو سلطنت جي ڪتي وزير خزانہ کي چڪ ھنيو آھي ۽ اسين سلطنت جي ڪتي کي مرڻ نہ ڏينداسين.

شھنشاھ: لُد...لُب... اسان جا وزير ايڏا زھريلا ٿي چڪا آھين! لُب.. لُب... توکي اجازت آھي وزير خزانہ.

وزير خزانہ: آھي ڪو بندو گندو جيڪو ھن مسڪين، لاچار، بيڪار بيمار وزير خزانہ کي ماني ڳيو ڏيئي! آھي ڪو ڪنجوس مکي چوس... آھي ڪو الله جو ٻانھو.

**وزير خزانہ ٻاھر آئوٽ.**

شھنشاھل سلطنت و جلاب جو خزانو خالي آھي! لحاظا مان بدولت جي خدمت ۾ وزير زراعت کي پيش ڪيو وڃي، جيڪو خزاني کي ڀري ڏيڻ جو پابند آھي.

وزير راڙو: وزير زراعت پلال بن نوڙ دربار ۾ حاضر ٿئي ۽ شھنشاھ جي گھرج کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

**وزير زراعت دربار ۾ داخل ٿئي ٿو.**

شهنشاه: اي وزير زراعت پلال بن نوڙا مابدولت جي سلطنت جي زراعت جو احوال پيش ڪيو وڃي.

وزير زراعت: حضور سلطنت جي زراعت تمام تيزي سان پوئتي پئجي رهي آهي، سم ۽ ڪلر تيزي سان زمينن کي تباهه ڪري رهيو آهي.

شهنشاه: ويري گڊ.. ويري گڊ.

وزير زراعت: حضور واهن ۽ ڪئنالن جي ڪپرن جي مٽي وڪرو ڪري خزاني کي پريو پيو وڃي. واهن ۽ ڪئنالن تي بيٺل وڻن کي پاڙان ڪٽائي ماحول جي آلودگي کي ڇاپ هڻي روڪيو وڃي ٿو.

شهنشاه: زبردست.. غضب دست... دست ئي دست. ليڪن سلطنت ۾ اڃا فصل تيار ناهي ٿيو ڇا؟

وزير زراعت: هلي ملي ڳاهه چَلي... هلي ملي ڳاهه چَلي.

شهنشاه: جيسيتائين هلي مَلي ڳاهه چلي! تيسيتائين خزانو ڪيئن چَلي؟ اي وزير زراعت! يُو ٽيل مي تہ هاڻي ڇا ڪيو وڃي.

وزير زراعت: وزيرخوراڪ کي گهرائي معلوم ڪيو وڃي تہ سلطنت جي گودامن ۾ ذخيرو ٿيل اناج ٻاهرين سلطنت موڪلي ناڻو حاصل ڪيو ويو يا نہ؟

شهنشاه: او ييس ماءِ داني پي دانا وزير راڙا.

وزير راڙو: خوراڪ واري وزير کي گهرايو وڃي، اهيو حڪم آ نہ؟

شهنشاه: ها وزير راڙا.

وزير راڙو: شهنشاهن جي شهنشاهہ، بادوانن جي بادوان، واليءِ سلطنت و جلاب ، جناب شهنشاه ڇوڏو بن توڏو جي دربار ۾ وزير خوراڪ پيٽي بن بکيو حاضر ٿئي.

**وزير خوراڪ دربار ۾ داخل ٿئي ٿو جيڪو حد کان وڌيڪ ٿلهو آهي.**

وزير راڙو: مابدولت شهنشاه ڇوڏو بن توڏو توکان معلوم ڪرڻ گهري ٿو تہ سلطنت جي گدامن ۾ پيل اناج جو ذخيرو ٻاهرين ملڪ موڪليو ويو يا نہ.

وزير خوراڪ: شهنشاه آقا! سلطنت جي گدامن مان اناج کي ڪڍي (پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيريندي) هن گودام ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي.

وزير راڙو: ليڪن عوام جي حالت ڇا آهي؟

وزير خوراڪ: حضور سلطنت جي عوام تيزي سان ڪمزور ٿي رهي آهي... عوام پيٽ وگهي ڪنڍي سان لڳي چڪو آهي.. عوام جون پاسراٽيون ظاهر ٿي رهيو آهن. ائين معلوم پيو ٿئي تہ سلطنت جي عوام اوهان جي حڪومت مان گهڻو خوش آهي.

شهنشاه: واهوا، واهوا، مابدولت کي اهيو ٻڌايو وڃي تہ سلطنت جي عوام ۾ ايڏي بهتري ڪيئن آئي آهي.

وزير خوراڪ: جناب سلطنت ۾ زياده خوراڪ جي پيداوار سبب عوام گهڻو کاڌو کائڻ لڳي، جنهن ڪري سلطنت جي عوام جو هاضمو خراب ٿي پيو آهي! تنهن لاءِ سلطنت جي اناج کي هن گودام ۾ ذخيرو ڪيو ويو آهي.

شهنشاه: تو تمام بهترين ڪردار ادا ڪري منهنجي مَن جي مانڊاڻ وڌائي ڇڏي آهي، مابدولت تومان نا خوش آهي.

وزير خوراڪ: ڪٽڪ چانور متر ٿو پانيان! حضو سلطنت جي خزاني کي پرڻ لاءِ ڪٽڪ ۽ چانورن ۾ مٽي ملائي ٻاهر موڪليو ويو! پر اتان واپس موٽي آيو جنهن ڪري هر سال وانگي سلطنت جي ساک برقرار رهي.

شهنشاه: ليڪن مابدولت جي خزاني کي ڪهڙي ريت پريو ويندو ڇو تہ عنقريب اسان کي پنهنجي گذر سفر جو سامان خريد ڪرڻو آهي.

وزير خوراڪ: اي جهاز جا جهاز ۽ ٻدڪن جا ڪاز! خزانو خالي ان لاءِ ٿي ويو آهي جو عوام مٿان ڪابہ نئين ٽيڪس ناهي لڳائي وئي! جيڪڏهن عوام تي ٽيڪس نہ لڳائي وئي تہ پوءِ خزانو خالي ئي رهندو.

شهنشاه: اي وزير خوراڪ سلطنت جي عوام تي ڪهڙي قسمن جي ٽيڪس لاڳو ڪئي وڃي.... مابدولت کي کولي ٻڌايو وڃي.

وزير خوراڪ: اي رحمدل بادشاه! سلطنت جي هر ماڻهو جي هر گره تي ٽيڪس لڳائي وڃي! جيڪو ماڻهو ڏهن گرهن کان مٿي گره کائيندو اهو في گره هڪ درهم ٽيڪس ادا ڪندو.

شهنشاه: ان تجويز جو فائدو ڪهڙو ٿيندو؟

وزير خوراڪ: حضور سلطنت کي وڏو فائدو رسندو. جڏهن ماڻهو گهٽ گره کائيندا تہ هنن جي صحت نيڪ رهندي ۽ ٻي طرف اناج بچندو. جيڪڏهن ڪو وڌيڪ گره کائي ٿو تہ اهوهڪ گره جي عيوض هڪ درهم ادا ڪندو جيڪو خزاني ۾ جمع ٿيندو.

شهنشاه: هيڏي آ تنهنجي ٽڪڻ ڇَٽيان! هيڏي آ ته تنهنجي نوڙهه ڇُمان!! وهوا واهه جي تجويز آهي، ملڪ. اسين انهن پيسن مان هڪ عدد بنا ٽائرن واري بس خريد ڪنداسين ۽ هر پورن ماسي جي رات محبت ۽ پريت جا گيت ڳائينداسين.هيڏانهن ڀڳل بس هوندي! هوڏانهن تون. هوڏانهن موسم هوڏانهن تنهنجا اٽيا وار! هيڏانهن چانڊوڪي هوڏانهن... هوڏانهن تون منهنجي ڪٽڪ رنگي.

**گانو: هو محبوبا منهنجي زندگي منهنجي بندگي.**

**گانو ختم ٿئي ٿو شهنشاهه تخت تي ويهي ٿو.**

شهنشاه: وزير خوراڪ ٻاهرين سلطنت کان ان واپس آيو ان جو ڪرايو ڀاڙو نقصان ۾ ٿيو سو ڇو؟

وزير خوراڪ: اي جهاز اعظم ان ۾ وزير محنت جو ڏوهه آهي، جنهن سموري محنت ڪئي پر محنت هُن جي واپسي آئي.

شهنشاه: اي وزير محنت ٿوٿي بن ڪاهل جواب ڏي.

وزير محنت: ڪير جواب ڏي بادشاهه. اجايو ٿا ننڊ مان اٿاريو.

شهنشاه: گڊ.. گڊ... پر اهيو واپس ٿيل اناج ٻيهر ڪنهن ٻي سلطنت ڏانهن موڪليو وڃي، اي وزير محنت.

وزير محنت: اي بادشاهِ توتڙ! ڪير ايڏي محنت ڪري؟ چپ ڪري ويهو واقعي صفا بادشاهه لڳا پيا آهيو! هرويرو ٿا ننڊ ڦٽايو.

شهنشاه: ايڪسيلينس! ليڪن اي وزير محنت ٿوتي بن ڪاهل، ڇا توکي خبر آهي ته سلطنت جو عوام ڪمائڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ گهري ٿو.

وزير محنت: ڇيم نه ته صفا بادشاهه ماٺو آهيو! ڪير خبر رکي بادشاهه؟ ڇو ٿا ننڊ ڦٽايو.

شهنشاه: حدِ ادب.. حد ادب.

وزيار محنت: ڪير سائين اهي خفا ڪري!؟ ڇو ٿا هرويرو ننڊ ڦٽايو. نه ڪپي مون کي وزير محنت جي وزارت، مون کي اهڙي وزارت ڏيو جنهن سان منهنجي ننڊ ۾ خلل نه پوي.

شهنشاه: آءِ هيوِ يوئر قدر! اي وزير راڙا ڪا اهڙي وزارت آهي جيڪا ٿوتي بن ڪاهل کي ڏجي.

وزير راڙو: حضور انساني حقن جي وزارت ڪيس سونپي وڃي.

وزير محنت: وهوا!! ها اها صحيح آهي.... گهٽ ۾ گهٽ ننڊ ته نه ڦٽندي.

شهنشاه: مابدولت حڪم ٿو ڪري تہ ٿوتي بن ڪاهل کي انسان حقن جي وزارت جو قلمدان ڏنو وڃي....... اي وزير خوراڪ ۽ وزير زراعت توهان وڃو ۽ وڃي پنهنجي فرضن کي نڀايو.

**وزير خوراڪ ۽ وزير زراعت ٻاهر آئوٽ.**

شهنشاه: (ملڪ جي جسم تي هٿ هڻندي) اي ملڪہ پُور باڊي از ويري هاٽ بلڪہ هاٽ پاٽ... واءِ... ڇا مابدولت جي وائيف کي بخار اچي ورايو آهي. جلدي حڪيم جبل طوس بن ونگي کي گهرايو. ڪئڪلي ويري ارجنٽ ڪئڪلي.

وزير راڻو: حڪيم جبل طوس بن ونگو پنهنجي دہن, دہلين, ڏنبن ۽ ڪونڊن سميت درٻار ۾ حاضر ٿئي.

**حڪيم جبل طوس بن ونگو پنهنجي ڪمپائونڊر سميت درٻار ۾ حاضر ٿئي ٿو.**

شهنشاه: اي حڪيم جبل طوس بن ونگا! مابدولت جي هڪ سؤ ٻاويهين بيگم ون هنڊريڊ ٽوئنٽي ٽو وائيف از ال.

حڪيم: (ملڪ جي نبض ڏسندي رڙ ڪندي) ڪمپونڊر ڪمبخت! هَر مُرو حيواني... سفوف سليماني... گاؤ زبان بي ايماني ۽ جلاب جي جهنڪار سميت پهچي وڃ.

**ڪمپونڊر سامان کڻي اچي ٿو.**

حڪيم: اي واليءِ وٺ سٺ! بيگم جو علاج ان ۾ آهي تہ اسين اوهان جي ڪنن جي پاپڙيين کي مجني مستاني جي ڪونڊيءَ ۾ ڏاس جي ڏنڊيءَ ۾ گهوٽي, گهوڙي جي لڏ ۾ ملائي ان مان تيل ڪڍي, توهان بادشاه جي ٽڪڻ کي ڇتي هٽڻي پونديءَ ۽ ان تي ڇيڙي رکبي تڏهن بيگم جو بخار لهندو.

شهنشاهل اي حڪيم آف امپرر آف جلاب امپائر مابدولت ! پنهنجي بيگم يعني ملڪ سلطنت جلاب تاڙي بنت ڪياڙيءَ کي خوش يعني ويري هيپي ڏسڻ چاهي ٿو.

حڪيم: اوهانجي خواهش کي اوهان جي سامهوم ئي پوريو ويندو اي آقاءِ شنگرف.

شهنشاه: مابدولت توکي انعام ۾ هڪ عدد ڪونڊو ۽ بہ عدد ڏنڊا سي بہ ڪرڙ جي وڻ جا ڏنڊا ڏيڻ پسند ڪندو.

حڪيم: اي شهنشاهِ گاؤزبان عنبري! آسمان جي ڪلن ڪي ساڙي ڏيڏر جي پڇ ڪي گھوٽي، گڏهه جا سڱ ملن تہ بهتر نہ تہ ڳئون جا مٽيان ڏند بہ هلي ويندا. جهرڪيءَ جي ٻہ ڪلو ڪير ۾ سڀ شيون ملائي معجون مغروري ٺاهي اوهان کي کارايو ويندو تڏهن بيگم جي حالت بهتر ٿيندي.

شهنشاهہ: حڪيم جي تجويز تي جلد تعمير ڪئي وڃي، تڪڙي ويري تڪڙي.

حڪيم: سڀ کان اول اوهان جا ڏند مبارڪ ڪڍيا ويندا.

شهنشاهہ: ڪنن جي پاپڙين جي قربانيءَ کان اڳ مابدولت قوالي ٻڌڻ گهري ٿو. لحاظ قوالي پيش ڪئي وڃي.

وزير راڙو: قوالي طوفان بن آنڌاير ۽ همنوا دربار ۾ حاضر ٿين.

**<u>قوالي ۽ سندس همنوا دربار ۾ داخل ٿين ٿا ۽ هو ويهن ٿا.</u>**

شهنشاهہ: مابدولت جي اڳيان اهڙي قوالي پيش ڪئي وڃي، جنهن جي ٻڌڻ کانپوءِ ڪوابن کائڻ جو شوق پيدا ٿئي.

قوالي: حضورِ طالمخال جو حڪم طبلي تي.

**<u>قوال قوالي ڳائن ٿا.</u>**

مان ڪوابي ڪوابي مان ڪوابي ڪوابي مان ڪوابي.
مان ڪوابي.. بابو ڪوابي.. امان ڪوابي... ناني ڪوابي..
ها نوابي نوابي مان...
ڇيڇڙا ميڙي، بوسو ساڙي.. گھوٽي لتن سان.
گول ٽڪيون ٺاهي.. اونڌي تئي تي رکي.. لوڻ گاسليٽ گڏي،
باهہ ڀنيٽ ڏئي... ساڙي سيئي شيون... ماري سيئي مکيون
گھوٽي تن ۾ وڌيون، ٺهي واهہ جون ويون...ٽڪيون نوابي.
ها نوابي نوابي مان...
ڪباب پچائي، رکيم پليٽ ۾، آيو ڪتو هلي.
تنهن سان گڏ هئي ٻلي، ڪٽي ڪباب ويو.. مان ان جي پويان

ٻلي منهنجي پويان... اڏ ڪائي ويو.... ڦري آيو آهيان
لڳي ائين ٿو ڄڻ، ڪتو ڇرسي نہ آ پر آهي شرابي.
ها شرابي شرابي ها شرابي.

**وزير دفاع بزدل بن ٻاڙي مٽيءَ ۾ ٻيوت ٿيو ڪپڙا ڦاٽل درٻار ۾ ڊڪندو داخل ٿئي ٿو.**

وزير دفاع: حضور مون کي بچايو... حضور مون کي بچايو.

شهنشاه: حد ادب! حد ادب گستاخ تون ڪير آهين؟

وزير دفاع: حضور مان وزير دفاع يعني بچاءَ جو وزير بزدل بن ٻاڙي آهيان.

شهنشاه: توسان هي تعدي ڪنهن ڪئي آهي؟

وزير دفاع: شهنشاه بم ۽ بارود! جيئن آءُ پنهنجي هڪ هزار سپاهين جي لشڪر سان گڏ پنهنجي سلطنت جي حدن ۾ داخل ٿيڻ وارو هيس تہ......

شهنشاه: واءِ يو ماٺ!؟ خاموش ڇو ٿي وئين؟ اي وزير دفاع.

وزير دفاع: حضورِ ڀال! مخالف ملڪ جي دشمن فوج جي هڪ سؤ ڄڻن پنهنجي هٿيارن جي زور تي قبضو ڪري اسان کي برباد ڪرڻ جو پروگرام رٿيو لحاظ مون پنهنجي سپاهين کي اتي يعني دشمن فوج جي سپاهين جي رحم ڪرم تي ڇڏي هيڏي جان بچائي آيو آهيان.

شهنشاه: تو پنهنجي جان بچائي تہ سنو ڪيو پر مابدولت کي اهو ٻڌايو وڃي تہ اوهان وٽ بہ هٿيار هئا، پوءِ ڇو نہ استعمال ڪيا ويا؟

وزير دفاع: اي آقا ڪارتوس ۽ والِي ِ گندرف! اسين سپ جيستائين پنهنجي توبن ۽ بندوقن ۾ بارود ڀريون تيستائين دشمن فوج تلوارن سان حملو ڪري اسان تي قبضو ڪري ورتو.

شهنشاه: تون پاڻ بچائي پنهنجي اعليٰ صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو آهي، مابدولت توکي انعام ڏيندو.

وزير دفاع: حضور انعام ضرور ونبو پر هو فوج اچي پئي مون کي لڪايو.

شهنشاه: دشمن فوج هيڏانهن پئي اچي؟

وزير دفاع: حضور ها! صفا دوفان ميل ڪيون!! ان ڪري تہ ڪپڙا بہ هٿ نہ آيا.

شهنشاه: جي اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ لڪڻ جي جاءِ هٿ ڪئي اٿئي؟

وزير دفاع: حضور مان خود توهان وٽ لڪڻ لاءِ آيو آهيان.

شهنشاه: مابدولت وٽ لڪڻ لاءِ صرف هڪ جاءِ آهي، محلات جي ڇت تي ڪبوتر خانو!!!

مابدولت اوڏانهن لڪڻ وڃي ٿو! اسين پاڻ ڪي لڪايون يا تو کي لڪايون؟ تخليہ!!

## شهنشاهه پڇندو ۽ لڪندو نڪري وڃي ٿو ۽ پردو ڪري ٿو.

# ولايت پاس

(هڪ ڏيک وارو مزاحيا ڊرامو)

ليکڪ: جبار آزاد منگي

## ڊرامي جا ڪردار

1. وڏيرو ولي داد
2. بادام وڏيري جو پٽ نمبر 1
3. ڏرمينڌر وڏيري جو پٽ نمبر 2
4. الحاج وڏيري جو پٽ نمبر 3
5. سڪيلڌو وڏيري جو پٽ نمبر 4
6. منشي
7. هيبت خان (منشي جو پٽ)
8. وريام
9. نائلہ
10. غفران الله
11. آفيسر
12. جماندار
13. ملان
14. ڪدڙو فقير
15. ماستر

## ڏيک نمبر پهريون:

**منظر: وڏيري وليداد جي اوطاق جو منظر**

وڏيري وليداد کي چار پٽ آهن جن مان ٽي پٽ بادام، ڏرمينڌرءِ الحاج ٻاهرين ملڪن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويل هئا.. اج اهي واپس اچي رهيا آهن.

**پردو کُلي ٿو**

منشي: ايندا اڳڻ عجيب ٿيا نصيب ڪنان
اُهي عجيب چٽيان يا نصيب پٽيان.

(منشي صفائي ڪندي) ديڳيون پچنديون اج، ٻڪريون نچنديون اج (منشي ڪجھ سوچي) ٻڌ منشي جي ٻڪريون نچنديون تہ پڪ سان ٻَٽُ هوندو بنا گوشت جي.... پوءِ ڪهڙو مزو ٿيندو؟ ڀلا ٻوٽين بنا ٻَٽُ، ٻَٽُ ٿورئي آ، اهيو ٻَٽُ کائڻو نہ ٿيو جڻ پوڙهي جو آڱونو چوسڻو پيو سمجهئي نہ سمجهئي. سمجهندو ڪر.

ايندا اڳڻ عجيب ٿيا نصيب ڪنان
اُهي عجيب چٽيان يا نصيب پٽيان.

**هڪ شخص داخل ٿئي ٿو جيڪو ماستر آهي.**

ماستر: اسلام عليڪم منشي!

منشي: وعليڪم سلام ماستر.... اج موڪل ڪئي اٿئي ڇا؟

ماستر: نہ! موڪل ناهي.... بس ائين ئي اسانجون موڪلون لڳيون پيون آهن.

منشي: چئين سچ ٿو ماستر..... خير ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

ماستر: ننڍو پوٽار سڪيلڏو خان حويلي کان ٻاهر ناهي نڪتو ڇا؟

منشي: سڪيلڏو اڃا ستو پيو هوندو ماستر، يا ولايت مان ايندڙ پنهنجي ڀائرن جي انتظار ۾ هوندو!

ماستر: اوهو!! غضب ڪري ڇڏيائين... صفا ماري ڇڏيائين نہ ؟

منشي: ڇو ماستر خير تہ آهي .....؟

ماستر: ها منشي خير آهي..... ضروري ڪم سان ويٺو هو.

منشي: پوتار سڪيلڏي ڪان ڳالهہ وسري وئي هوندي... تون ڳڻتي نہ ڪر جيئن ئي ننڊ مان اٿيو تہ توڏي ٿو موڪليانس.

ماستر: ها منشي اها تنهنجي مهرباني ٿيندي، مان هلان ٿو.

منشي: ماستر تڪڙ ڇا جي لاٿي اٿئي؟.. هڪڙو حساب تہ پڇي ڏي.

ماستر: حساب!!؟ (ٿمڪ ڏيندي ۽ ڇپتي وڃائيندي) حساب هيئن ڇوندين، هيئن پڇندس، ڇئہ تڪڙ ڪر... ڪم سان ويٺو آهي.

منشي: ماستر ٻن ۾ ٽي وجهي، ٻن سان ونڊ ڪري، باقي ٻچيل پاڇي انگ ۾ ست وجهي، چار ڪاٽو ڪري، باقي ٻچيل انگ ۾ نوَ جوڙ ڪري تن کي ٽن سان ضرب ڪري، باقي ٻچيل انگ کي ٽن سان ونڊ ڪري ٻڌاءِ تہ جواب ڇا ٿيندو ۽ باقي گهٽا ٻچندا؟

ماستر: (هٻڪندي) منشي منجهاءِ نہ... هونءَ بہ مان پهريون درجو پڙهائيندو آهيان ... حساب ناهيان پڙهائيندو.

منشي: ماستر پيسا ڏئي پر ٽي ٿيو آهين، يا ڪوتا تي ڪهي اچي قوم جي ستياناس پيو ڪرين؟ خير اهيو ٻڌاءِ گاف گڏھ کي گهٽا ٽُٻڪا؟

ماستر: (پريشان ٿيندي) منشي تڪڙو آهيان... گڏهن جي گوءِ تي ٿو وڃان، شرط ڪتي اچان تہ پوءِ اچي ٻڌايانءِ ٿو تون اتي ئي بيٺو هُج.. بس مان هيئن ويس هونءَ آيس.

## ماستر ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

منشي: عالم جي ابي جو ٽنگون ٽيڙيون، تہ بندا ڇا ڪندا؟ جي ماسترن جا اهڙا پرڪار رهيا تہ پوءِ اٿين ئي ٿيندو تہ "الا اٿين ۾ هوءِ جو ڪتابن ۾ پڙهجي تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي." الوداع اي منهنجي سنڌ الوداع... سمجهئي نہ سمجهئي.

## وڏيري وليداد جو پٽ سڪيلڏو داخل ٿئي ٿو هن جي بغل ۾ ڪڪڙ آهي.

سڪيلڏو: منشي مون ڪهڙي پئي ڳالهہ ڪئي؟

منشي: ننڍا پوتار سڪيلڏا خان اوهان اڃا ڪابہ ڳالهہ ڪئي ئي ناهي.

سڪيلڏو: اڃا اڃا... تہ مون اها پئي ڳالهہ ڪئي.... تہ ها، اهي جيڪو منهنجو پيلو آهي... ان پيلي جو ڪاڪڙو ڪري پيو آهي... اهڙو ڪو ڊاڪتر آهي جيڪو ڪڪڙن جا ڪاڪڙا ڪٽندو هجي.

منشي: هائو پوتار سڪيلڌا خان... ڊاڪٽر جهمر مل موجود آهي.
سڪيلڏو: هون....! تہ مون ڪهڙي پئي ڳالهہ ڪئي, ها ياد آيو... منشي اهيو پنهنجو... مون واري ٻُلتريءَ جا ڪهڙا حال آهن؟... ٻڌو اٿم تہ بلتري بينر ڪنيو گهمندو وتي ٿو.
منشي: هائو پوتار... توهان وارو بلتري چڪ پرست گروپ جي ٽڪيٽ تي اليڪشن ۾ بيٺو آهي... پڇ پويان ڏئي وتي ٿو ورڪ ڪندو.
سڪيلڏو: هون... چئبو تہ مون اها پئي ڳالهہ ڪئي..... تہ ها منشي مون ڪهڙي پئي ڳالهہ ڪئي؟.... ها ياد آيو تہ مون پئي چيو تہ اڄ ڪو منهنجو مهمان وغيره تہ ڪونہ آيو آهي.
منشي: پوتار صبح ماستر آيو هئو... سو گڏهن جي گوڏ تي ويو آهي... توهان لاءِ اوڏانهن اچڻ جو چئي ويو آهي.
سڪيلڏو: هائو منشي هائو... چئبو اها پئي ڳالہ ڪيم.... تہ ها مون ڪهڙي پئي ڳالهہ ڪئي؟ ها ياد آيو تہ اڄ گڏهن جي گوڏ تي ويٺو آهي.... منشي مان هلان ٿو.
منشي: پوتار شرط ڪتو تہ پوءِ مڙئي راڄ وارن جي پارت هجيوَ توهان جي راڄ وارا ريل سان ٿا ڊُڪن ها! ريل سان.
سڪيلڏو: اهو ڇو منشي؟ ها تہ مون ڪهڙي پئي ڳالهہ ڪئي؟
منشي: پوتار اوهان ڳالهہ ڪا بہ نہ پئي ڪئي.... باقي راڄ وارا ريل جي پويان ان لاءِ ڊڪن ٿا جو... جنهن راڄ جي چڱن مڙسن جا بلتري بينر ڪنيو ورڪ ڪندا وتن ۽ ڪڪڙن جا ڪاڪڙا ڪرندا هجن.. ان راڄ جي ماڻهن جون منڍيون ڪپيل هونديون آهن, اهي ريل جي پويان ئي تہ ڊڪندا آهن. سمجهئي نہ سمجهئي؟
سڪيلڏو: ها تہ مون اها پئي ڳالهہ ڪئي؟ چڱو ٿيو جو ياد ڏياريئي هاڻي هيئن ڪر جو جلدي وڃي ڊاڪٽر جهمر مل کي وٺي اچ تہ ڪڪڙ جو ڪاڪڙو ڪڍايان... پڇ جلدي جلدي.
منشي: حاضر سرڪار... اصل ڊاڪٽر جهمرمل کي جهومائيندو وٺي ٿو اچان.

**منشي ٻاهر وڃي ٿو.**

سڪيلڏو: (ڪڪڙ سان ڳالهائيندي) هاجاوا... مون ڪهڙي پئي ڳالهہ ڪئي, ها ياد آيو تہ اڄ اُهي ڪڙهون هڻجان جو دشمن جي ڪڪڙ جون ٻکيون بہ ڦاٽي پون... ائين نہ؟ ها تہ مون ڪهڙي پئي ڳالهہ ڪئي..... ها ياد آيو..... اڄ تہ ڪڪڙن جي ميل نہ پر گڏهن جي گوڏ آهي.... تہ ها جاوا اڄ اهڙو

ٻڪجان اهڙو ٻڪجان. (ڪتن کي ڏسندي) اڙي مون توکي گڏهه سمجهيو تون تہ ڪتن آهين ڪتن.

**وڏيرو پاهران داخل ٿئي ٿو.**

وڏيرو: سڪليڏا خان اڄ تنهنجا ڀائر ٿا اچن... اڄ تہ بغل مان اهو پيلو نيلو ۽ جائو ڪتن ڪڍ! ماڻهو ٿئي.

سڪيلڏو: بابا سائين منهنجا ڀائر ٿا اچن، ڦڙڪيون تہ ضرور هڻندا نہ!؟

وڏيرو: اڙي راڄ ڪلايا اٿئي، ماڻهو چون ٿا تہ، رئيس جو سڪيلڏو بہ نہ سڌريو.

سڪيلڏو: ها برابر بابا برابر.... اهي ماڻهو وري ڪهڙا سڌريل آهن؟ سڄو ڏينهن هُن کي ڪڙه، هِن کي ڪڙه، ويٺا ميلون ڪرائين.... باقي سڪيلڏو ٿيو اڻ سڌريل!!

وڏيرو: نياڻا ماڻهو سچ ٿا چون... منهنجي مرڻ بعد آخر توکي سڀ ڪم سنڀالڻا آهن... تنهنجا ڀائر تہ ولايت پاس آهن.... اهي ڪندا وڏيون نوڪريون.... ڳوٺ تہ توکي سنڀالڻو آهي.....

سڪيلڏو: ها بابا... هي ڪتن پالڻ، گوپون ڪرائڻ، وڏيرن جو ڪم تہ آهي!! پڪا وڏيرا آهيون پڪا.

وڏيرو: تون ڪونہ سڌرندين... توسان مٿو هڻڻ... جڻ بنا ڪڙه جي ڪتن ويڙهائڻ آهي.

**وڏيرو وليداد گهر اندر وڃي ٿو.**

سڪيلڏو: (ڪتن کي) ها منهنجا پهلوان... ايندڙ آچر واري ميل تي.... حڪيم واري ڪتن کي هڪ ڏڪ سان حرام ڪجان.

**(هڪ عورت نائلہ داخل ٿئي ٿي)**

سڪليڏو: (غور سان ڏسندي) لڳي ٿو تہ اوهان کي مون ڪنهن ميل ۾ ڦڙڪندي ناهي ڏٺو؟ ميل جو ڪو شوق آهي تہ واهوا ٿي وڃي... اوهان پنهنجو ڦڙڪڻ پيش ڪيو. يعني اوهان جو تعارف.

نائلہ: آءُ نائلہ... وڏيري وليدادجي دوست غفران الله جي ڌيءُ آهيان... اصل هن ڳوٺ جي ... پر لڏي ڪراچي ويل آهيون. اڄ هت گهمڻ آئي آهيان... وڏيري وليداد جي دعوت تي... ابو ٻاهر آهي.

**(سڪيلڏو خوشيءَ وچان نچي ٿو)**

سڪليڏو: ها ها نائلہ؟! خوش آهين نہ؟ ها ياد آيو تہ مون اهائي پئي ڳالھ ڪئي... تہ نائلہ ڪيئن ننڍي لاءِ چوزن وانگي ٻڪندا ڪيڏندا هئاسين.

نائلہ: سڪيلڏا خان.... اهو ننڍپڻ جو زمانو هو.. هاڻي زمانو بدلجي ويو آهي.

سڪليڏو: چا تہ ڪڙہ وهائي ڪيدئي.... اصل جانو جي پيلي وانگر منهنجي اک بہ چدو تي وئي .... هان... ائين نہ؟ مون اها ئي پئي ڳالہ ڪئي نہ؟

نائلہ: سڪيلڏا خان.. هنن ڪڪڙن جي دنيا کان ٻاهر نڪري ڏس تہ هي دنيا ڪيڏي حسين آهي.... چڏ هنن ساهواران کي تہ آزاد هوا ۾ پنهنجي زندگي گهارڻ, رحم ڪائو ساهوارن تي.

سڪيلڏو: اڇا تہ مون اها پئي ڳالھ ڪئي؟ ها ياد آيو... نائلہ جيڪڏهن گهوڙو گاهہ تي رحم ڪري ۽ نہ کائي تہ بک مري!! ... اسين جيڪڏهن ڪڪڙن تي رحم ڪائون تہ اسان پاڻ هڪ پاڻي ۾ مري وجون... مون اها پئي ڳالھ ڪئي.

نائلہ: سڪليڏا خان توکي خبر آهي تہ مان هت ڇو آئي آهيان؟

سڪيلڏو: ها ها.... مون بہ اها پئي ڳالھ ڪئي تہ تون هتي پرايا ڪير ڪارڻ آئي آهين, دشمنن جي ڪڪڙن جو ڪڙهون پيڇڻ آئي آهين, مون ڪهڙي پئي ڳالھ ڪئي؟ ها ياد آيو تہ نائلہ ميل لاءِ موسم بہ نيڪ آهي, ماحول بہ ڦڙڪيون پيو هڻي... اڄ تہ ٻہ پاڻي ڪيون... هي سڪيلڏو پر چندي لهي ٿو پوي ميدان تي.

گانو:

<u>**سڪيلڏو گانو چوي ٿو نائلہ ڪجھ وقت ترسي اندر هلي وڃي ٿي, گانو ختم ٿئي ٿو.**</u>

سڪيلڏو: او نائلہ اصل نہ ڦڙڪي.. ڪڙہ ئي نہ هنيائين.. ها مون ڪهڙي پئي ڳالھ ڪئي؟ ها ياد آيو تہ ڪڪڙ ڪو ڪاڪڙو ڪري پيو آهي.

سڪيلڏو: (ڪڪڙ سان ڳالهائيندي) تہ ها مون ڇا پئي چيو؟.... ها ياد آيو.. ٻڌ... جيڪڏهن هي ميل ڪٽي ورتئي تہ تنهنجي مٿان سر بہ صدقو.. بادامين ۽ پِستن جون ٻوريون گهرائي توکي کارائيندس... ۽ جي ميل هارايئي تہ پوءِ ابتي ڪاتي سان ڪُهي.... پاڻ واري بلتري اڳيان اڇليندومانءِ... جيڪو وتي ٿو چڪ پرست گروپ جي ورڪ ڪندو.

<u>**(منشي ٻاهران داخل ٿئي ٿو)**</u>

منشي: پوتار سڪيلڏا خان.

سڪيلڏو: ها تہ مون ڪهڙي پئي ڳالھ ڪئي؟

منشي: پوتار اوهان نہ پر مون پئي ڳالهہ ڪئي تہ... ڊاڪٽر جهمر مل چيو تہ منهنجو پاڻ ڪاڪڙو ڪري پيو آهي سو مان پاڻ حڪيم شربت خان کان ڪاڪڙو ڪٽائڻ ويجان ٿو. اوهان ڪڪڙ اوڏانهن ڪٽي اچو.

سڪيلڏو: اڇا؟ تہ مون اها پئي ڳالهہ ڪئي تہ ..... منشي ياد آيو تہ اج ڳڏهن جي گوءِ آهي....اوڏانهن ويٺو آهي... مان هلان ٿو... ها تہ مون ڪهڙي پئي ڳالهہ ڪئي.

## (سڪيلڏو خان ٻاهر آئوٽ)

منشي: ايندا اڳڻ عجيب ٿيا نصيب ڪنان
اُهي عجيب چٽيان يا نصيب پٽيان. ايندا اڳڻ عجيب.

## (وڏيرو وليدادگهر ڪان ٻاهر داخل ٿئي ٿو.)

وڏيرو: اڙي منشي... مان وجان ٿو ايئرپورٽ تي چورن کي ونڻ.. پويان سمورو بندوبست ٿيل هجي.

منشي: سائين اوهان ڪوبہ فڪر نہ ڪريو..... ڪنهن سان ذڪر بہ نہ ڪريو.

وڏيرو: ها مون کي توتي پَتِ آهي منشي.... ڪم جو ماڻهو واقعي آهين.

منشي: مهرباني پوتار... پر پوتار اڄوڪي خوشيءَ جي موقعي تي هڪڙو عرضڙو ڪيان.... جي قبول پوي.

وڏيرو: تنهنجو هر عرض پورو ڪيو ويندو... سواءِ ڏوڪڙ گهرڻ جي... چئہ.

منشي: پوتار دل ٿي چئي تہ اج پراڻا رنگ ڏيکار.... اج وري ڪوپڪو راڳ ٻڌاءِ.

وڏيرو: منشي.... واقعي واهہ جي ڳالهہ ڪئي اٿئي.. اج منهنجي دل بہ راڳ ڳائڻ لاءِ رقص پئي ڪري... ڇڱو هيئن ڪر جو... اوهُوءَ پراڻي اباڻي چادر ڪٽي آ... جيڪا پائي راڳ ڳائيندو هيس.

منشي: پوتار اها چادر پاڏي مٿان پئي آهي؟

وڏيرو: پاڏي مٿان!! ڇا پاڏو بہ راڳ ڳائڻ لڳو آهي ؟ وڃ وڃي لاهي اچينس.

منشي: پوتار جي چادر نہ ڏي تہ پوءِ؟

وڏيرو: اڙي وڃ وڃي سٽ ڏئي لاهي اچينس چو تہ منهنجو من اڌما ڏئي رهيو آهي....وڃ.

## منشي وڃي ٿو.

وڏيرو: الا ڇا تہ محفلون مچنديون هيون..... وڃ اهو زمانو ءِ هي زمانو..... اج ڪلهہ تہ پاڏا.... گابا..... گڏهہ... گهوڙا بہ پرائي ملڪ جي ڏنن تي راڳ ڳائي..... موسيقي جي خدمت پيا ڪن.

## منشي چادر کڻي اچي ٿو.

منشي: (چادر وڏيرو کي ڏيندي) پوتار اصل نه پيو ڏي.. زوري ڇڏائي کڻو آيو آهيان.

وڏيرو: اڙي پاڏي چادر بابت ڇا پئي چيو.

منشي: پوتار چيائين پئي ته اج ٽي وي تي رڪارڊنگ ڪرائڻي آهي سو چادر پائي اوڏانهن ويندس.

وڏيرو: نياڳو... پلي ته اج رات سيءَ ۾ مري. ته ها منشي ٻڌ.

## وڏيرو چادر ويڙهي راڳ ڳائي ٿو.

وڏيرو: دل ۾ باھ لڳي لڳي آ.

دل ۾ باھ لڳي لڳي آ.

توکي به باھ لڳي آ لڳي آ.... مون کي به باھ لڳي آ لڳي آ

گھر کي به باھ لڳي آلڳي آ.....جر کي به باھ لڳي آ لڳي آ.

دل ۾ به باھ لڳي آ لڳي آ.

## وڏيرو پلتو هٽندي واچ تي نظر وجهي ٿو ۽ راڳ بند ڪري ٿو.

وڏيرو: اڙي جهاز جي اچڻ جو وقت ٿي ويو آهي... تون مون کي راڳ ۾ ڦاسائي ويهي رهيو آهين.... مان هلان ٿو.

## وڏيرو تکڙو ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

منشي: واھ وڏيرا وليدادتنهنجو ڳائڻ... ڇا ته شوق رکيو اٿن سبحان الله....

گوشت ڏاڍي دير آ لائي ڙي.

گوشت ڏاڍي دير آ لائي ڙي.

## پوليس جماندار ٻاهران داخل ٿئي ٿو.

جماندار: منشي اج کلهه ڏاڍا راڳ پيو ڳائين؟ خير ته آهي؟

منشي: جماندارا کلهه راڳ ته ڪونه ڳايو هيم.... باقي اج راڳ ان لاءِ ٿو ڳايان جو وڏيري جا پٽ ولايت پاس ڪري پيا اچن... جماندار اها ولايت ڇا ٿيندي آ؟

جماندار: هڪ لاڪپ مان ٻئي لاڪپ منتقل ٿيڻ کي ولايت چوندا آهن.

منشي: پليو آهين ڇا؟ جماندار لاڪپ کي ولايت؟!

جماندار: او هو. واقعي منشي ڇُڪ پئجي وئي.... دراصل مون پئي چيو ته هن ملڪ کان ٻي ملڪ وڃي تعليم حاصل ڪبي آهي ته اها ولايت چئبي آهي.

منشي: اڇا...... مون چئبو غلط سمجهيو هو.

جماندار: تو ڇا سمجهيوهو؟

منشي: مون ولايت ماڻهو سمجهيو هئو... اهو ولايت جيڪو شهر ۾ شربت ۽ ڪڪڙ جو جوس ڪپائيندو آهي... مون سمجهيو ته وڏيري جا پٽ اتي پڙهڻ ويا آهن.

جماندار: چئين ته ڪيانس لاڪپ! ڪيانس ڇالان ڏاڙي جي ڪيس ۾. پلا ولايت ڪهڙي تعليم ڏيندو ٻارن کي؟

منشي: هائو جماندار سچ ٿو چوين. پلا شربت ڪپائڻ وارو ڪهڙا اک ڪارا ڪندو..... سڄو ڏينهن پيو گهوٽائيندو ٿاڌل.

جماندار: هائو ٻڌو اٿم ته شربت ۾ سيڪرين وجهي وينو ٿو هوڪا ڏي.. آ ٺهند پائي جاندي اي. چئين ته ڪيانس لاڪپ.

منشي: جماندار خبر ٿي ڪڪڙ جو جوس ڪيئن ٿو ناهي؟ ڪڏهن ڏٺو اٿئي؟

جماندار: نه يار مون ڪڏهن به جوس ناهيندي نه ڏٺو اٿمانس.

منشي: ميان جماندار خان ڏسندو ڪر.... ڏسندو ڪر.

جماندار: ڪٿي تون ئي ٻڌاءِ ته ڪڪڙ جو جوس ڪيئن ٿو ناهي؟

منشي: مڻ پاڻي ۾ ڏهه ڪلو ساوا مرچ ۽ اڌ سير نشاستو وجهي، رنڌي ڇاڻي مٿان وري ڪڪڙ جا ڪپڙا لاهي، اگهاڙو ڪري ٽنگي ٿو ڇڏيس.

جماندار: هائو.... وچ وڏو ڏوهه.... منشي چئين ته ڪيانس لاڪپ.. لڳي ٿو ملڪ ڦري ناڙ ڪيو اٿن.

منشي: هائو يار.. پروڪي سال مون به وڃي اهيو ڪڪڙ جو جوس پيتو هو.. پيئڻ ڪانپوءِ اڄ وڃ هئي منهنجي.. هر اڇان... هر وڃان.... هر اڇان.... هر وڃان.

جماندار: اها ڇاجي اڄ وڃ لاتي اٿئي.. منشي ڪاڏي پيو اڇين وڃين؟

منشي: جماندار بدنو هٿ ۾ هيو.. اڳتي پاڻ سمجهه.... سمجهئي نه سمجهئي؟

جماندار: صفا سمجهي ويس.. چئين ته ڪيانس لاڪپ! هونئن به ڪلهه کان ڪيسو خالي لڳو پيو آهي.

منشي: جماندار مون پاڻ واري ڇوري کي جهلي ڇڏيو آهي ته ولايت ڪان اصل شربت ۾ جوس وٺي نه پئجان نه ته حشر خراب ٿيندئي.

جماندار: واهه جي ڳالهه ڪئي اٿئي. منشي تو وارو ڇوڪرو ڪٿي پڙهندو آهي؟

منشي: يونيورسٽي ۾ پڙهندو آهي.... جماندار پڙهڻ ۾ اصل دل نه لڳيس ... باقي آهي وڏو هوشيار!

جماندار: پوءِ ڇا ۾ هوشيار ٿيو ميان منشي؟

منشي: توهان واري ڪم ۾ هوشيار آهي.

جماندار: اسان واري ڪهڙي ڪم ۾ هوشيار آهي؟

منشي: جماندار سڻون هٽڻ ۾ نه... بابا هُن ڪان سٽ... هِن ڪان سٽ... صفا توجهڙا ڪم اٿس... سچ لڳو ناهي يونيورسٽي جي رود تي ڦر ناهي ڦي... بابا مان ته خرچ ڏيڻ ڪان ئي بچي پيو آهيان.

جماندار: ڇئبو ته تو وارو ڇورو يونيورسٽي جو جوڌو آهي، ڇئين ته ڪيانس لاڪپ.

منشي: جماندار مون وارو ڇورو يونيورسٽي جو جوڌو نه پر گودو اٿئي گودو.. جيڪا شيءِ آئي سا گودي ۾ گم! هڪ دفعي ته مان به انهن جي وڪڙ ۾ اچي ويس.

جماندار: اهو ڪيئن منشي؟

منشي: ڇوري سان ملڻ پئي ويس.. سچ لهي ڇڪو هو.. خبر ان وقت پئي جڏهن ڇئن ڄڻن اچي ورايو.. ڇيائون ته ڪڍ ڏوڪڙ نه ته هٽي گولي ميجالو اڏائي ڇڏينداسونءَ.

جماندار: ضرور تو سچاتا هوندا؟ نالا ڪڻ ته ڪيانِ لاڪپ.

منشي: مون نه سچاتا ڇو ته انهن کي ٻڻون ٻڏل هيون... باقي ڇيو ماڻ ته هيبت خان جو پيءُ آهيان، جنهن کي شينهن سڏيندا آهن.

جماندار: ڇئبو تو واري پٽ هيبت خان کي شينهن سڏيندا آهن؟ پوءِ توکي ڇڏيو هوندن.

منشي: جماندار..بس گهڙي مهل ڪا ڪهڙي.. ائين مون وارو ڇورو به ٻيرن جي جهڳٽي ڪان ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي ڇورن کي دٻ ڪڍيانءِ.. پوءِ ته وڏي خاطر توازي ڪيائون.... ٻيلي هئا مهمان نواز.

جماندار: الائي منشي!! جي ڇوين ته ڪيانِ لاڪپ... خير پوءِ ڇا ٿيو؟

منشي: پوءِ ڳوٺ موٽي آيس... اچي تو سان مليس... تون خوش آهين چاڪ چڱو ڀلو.. ٻار ٻچا, ڍور ڍڳا.... پوڙهيون پوڙها.... ڪراڙيون.. ڪراڙا....سڀ خوش اٿئي؟ ها اچا مان به خوش آهيان.. پر جماندار آيو ڪيئن آهين؟

جماندار: وڏيري ڀَٽُ جو سڏ ڏنو هو... ان ڪري آيس.

منشي: جماندار وجي ڊيوٽي ڪر... هِت پَٽ جي آسري پيهنگ تي ويندئي.... وجي ڪو لاڪپ جي سيخن ۾ لڙڪ ته پيٽ ڀرجئي باقي وڏيري جي پَٽُ جي آسري. اهي دوڙا... دونالي بندوق جي چٽل ڪارتوسن جهڙا ٿي ويندئي.

جماندار: جي ائين آ ته پوءِ اسان جي يارو ياري.... جنهن وقت پَٽُ تيار ٿي وڃي... وائرليس تي اطلاع ڪجان.... مان لاڪپ سميت پهچي ويندس.

**کدڙو فقير اندر داخل ٿئي ٿو ۽ جماندار ٻاهر آئوٽ**

منشي: وڄ.. پَٽُ جي پويان هر ڪو لڳو پيو آهي.... وڏيري وليداد به راڄ ٻڏايا آهن راڄ... رڳو اڳڻ تي عجيب اڇن.

**گانو کدڙي فقير جو...**

**کدڙو آئوٽ, هڪ ملان داخل ٿئي ٿو.**

ملان: اسلام عليڪم ورحمته الله و برڪاته هُو

منشي: وعليڪم سلام مولوي صاحب, ڀلي آئين ڀلي, پر آئين ڪيئن؟

ملان: سبحان الله.... منشي رئيس دعوت ڏني آهي... ڏي خبر پاڻ وارا پوتار پهتا يا نه؟

منشي: اڃا ته نه پهتا آهن مولوي صاحب... لڳي ٿو ته وڏيري جي پَٽِ جي آسري ڳوٺ جي سيني ماڻهن ڪلهاڪون مون وانگي ماني ناهي کاڌي.

ملان: جزاڪ الله جزاڪ الله... اهڙي به ڳالهه ناهي...دراصل رئيس پنهنجي ڇوڪرن جو امتحان وٺڻ لاءِ مون کي گهرايو آهي.

منشي: (ڪلندي) مولوي تون امتحان وٺندي انهن ڪان جيڪي ولايت مان پڙهي پيا اچن... تو ڪڏهن ولايت خواب ۾ به ڏٺي آهي؟

ملان: نا معقول! خبيث! سمجهندو ڪر ته مڙئي وڏيري جو زور, ڀلا مون انگريزن جي غير اسلامي ٻولي ڪڏهن پڙهي ٿورئي آهي.. لڳي ٿو ته سعودي واري ڇوڪري کان امتحان وٺڻ لاءِ مون کي گهرايو ويو آهي... الحمدالله الحمدالله.

منشي: مولوي صاحب وڏيري وليداد جي پٽن کان امتحان وٺي ته هاري ڦتوءَ جو پٽ... جيڪو وڏو هوشيار آهي.

ملان: ها منشي واقعي.... سبحان الله.... ڦتوءَ جي پٽ وريام ڪڏهن ڪاپي نہ ڪئي آهي.... هوشيار شاگرد هن جڳ جي سونهن اٿئي منشي سونهن، تو وارو هيبت خان تہ...

منشي: (جملو ڪٽيندي) مولوي ڳالهہ نہ پڇ... مون واري ڇوري سڄي زندگي پڙهڻ ۾ وڃائي، پر رهيو ڄٽ جو ڄٽ.. ڀلا ڪاپي ڪري پاس ٿيندا تہ ڪهڙا ڦاڙها ماريندا.؟

ملان: واقعي... منشي واقعي... تعليم بلڪل تباهہ ٿي رهي آهي.

منشي: مولوي صاحب تو وارو ڇوڪر وڏو هوشيار ٿيندو.... پر ٻڌ يار.... ڪڏهن ٿو پٽ جو طوهر ڪري يَٽُ ڪارائين؟

ملان: منشي مان پٽ جو طوهر ڊاڪٽر ڪان ڪرائيندس.

منشي: (حيرت وچان) ابول.... بابا قيامت آهي ٿيو ڇا؟ مولوي صاحب ڊاڪٽرن ڪڏهن کان حجامڪو ڌنڌو شروع ڪيو آهي؟ ڀلا يَٽُ ستو رنڊيندا آهن؟

ملان: منشي ڊاڪٽر يَٽُ ناهن رنڊيندا، بس رڳو طوهر ڪندا آهن.

منشي: يار واهہ جي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيئي.... آهي تنهنجو واقف ڪو ڊاڪٽر.

ملان: ڇو؟ منشي.

منشي: آهت رکندومانس... ڀلا ٻڌاءِ تہ ڪهڙو ڊاڪٽر وار سٺا لاهيندو آهي.... يار وڏا ٿي ويا آهن..... وار نهرائي اڇانس.

ملان: يار ڇيومانءِ نہ..... جزاڪ الله.... بابا ڊاڪٽر وار بہ ناهن لاهيندا..... صرف طوهر ڪندا آهن.

منشي: سمجهيم مولوي صاحب سمجهيم ... مولوي ٻڌ.. يار وڏيري جا پٽ بہ وڏا هوشيار ٿي ويا هوندا. پڪ سان وڏيري جو ڪونہ ڪو پٽ ضرور طوهر ڪرڻ سکي آيو هوندو.... مولوي صلاح ٿو ڏيانءِ تہ پنهنجي ڇوڪر جو طوهر وڏيري جي پٽ ڪان ڪرائجان، ولايت وارو ولايتي طوهر ڪندو.

ملان: ها يار سبحان الله سبحان الله... واهہ جي صلاح ڏني اٿئي... نامعقول خبيث.... ابليس ڪم جو اٿئي.... ڀلا وڏيري جا ولايتي پٽ ڪڏهن ايندا؟

منشي: وڏيرو چئي پيو تہ چئين وڳي جهاز مان لهندا... پنجين وڳي هتي پهچندا. ويو اٿن وڏيرو وٺڻ.

ملان: پوءِ مان اجايو ساجهر آيو آهيان؟ لاحول الله قوت.

منشي: هائو مولوي صاحب.... هن يَٽِ جو آسرو نہ ڪر... ڇو تہ جتي ٻڪريون نچن، تتي گوشت بنا يَٽُ جي ٿي هوندو!

ملان: هائو... حلوو تہ منو.. يَٽُ تہ ٻوٽيون.. سبحان الله، ڇڳو جي بنا ٻوٽين جي يَٽُ آهي تہ وڃي ڪو ساجهر سوبل ٽڪر پور ڪائي اچان.

منشي: هائو مولوي سڏو هُجري ۾ هليو وڃ ۽ وڃي ڦڪر جي ماني ڪائي اچ.... خبر نٿي ته هتي رڳو ماني جو آسرو آهي، وڏيري جا ڪتا به بک وگهي پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ٿا کائن.

ملان: ڪتا پلال کائيندي ٻڌاسين.. ڪليون کائيندي اج ٿا ٻڌون. الله اڪبر.... ايڏي بک.... جزاڪ الله.

منشي: اج ته ٻڌئي نہ!؟ مولوي هن مهانگائي واري دور ۾ جتي انسان جو ٻچو ماني ڳيي لاءِ تڙپي مري ٿو.. اتي ڪتا ڪليون نہ کائيندا ته ٻيو ڇا کائيندا؟

ملان: لاحول ولله قوت.... منشي وڏيرو صفا سچو ٿي ويو آهي ڇا؟ جو سندس ڪتا ڪليون ٿا کائن، اڳي ته ٻسريون کائيندا هئا.

منشي: ٻسريون ته هاڻي به کائيندا آهن... مون توهان سان ٻوڳ پئي ڪيا.

ملان: سبحان الله... اهڙا ٻوڳ ڪري، هنيانءُ ڦاڙي رکيو هئي... خير مان وڃان ٿو. ڇوڪرا اچن ته ٻوءِ ايندس.. خدا حافظ.

## مولوي ٻاهر آئوٽ

منشي: الله واهي.... مسيت نهي ناهي، انڏن زور رکيو آهي، پَٽُ اجا تيار ناهي ٿيو خطابي بنا قميص جي حاضر ٿي چڪا آهن... ايندا اڱڻ عجيب ٿيا نصيب ڪنا........

## وڏيري وليدادجو وڏو پٽ بابل جيڪو پاڻ کي بادام سڏائي ٿو، هو آمريڪا تعليم حاصل ڪرڻ ويو هئو.. انگريزي راڳ جا سُر آلاپيندو داخل ٿئي ٿو.

بادام: لا....او...آ.....اي.....اون

منشي: (حيرت وچان ڏسندي) اڙي او گدڙن جي نسل جا انساني روپ ۾ ٻچا، مالڪن موچڙا هنيا اٿئي يا ڪنهن وات ۾ پريل ڪوئلا وجهي، تو واري وات سان ڪپڙا استري ڪيا آهن... جو گدڙن وانگي اونايون ڪندو، پرائي اوطاق ۾ پڳو ٿو اچين! هي وڏيري وليداد جي اوطاق آهي... پٺهين جي رياست ناهي نڪر هتان نہ ته ڪندو سانءِ ٻُڪين ڪتن جي حوالي... جيڪي اڳ ئي ڪليون کائي ڇتا ٿيو وينا آهن.

بادام: (منشي کي هٿ ڏيندي) آءُ ايم بادام، بي اي ڊي اي ايم، بادام پي ايچ ڊي ايف ان انگلش اردو.... انڊر اسٽينڊ، آءِ ايم بادام.

منشي: بادام هجين يا مڱيرو نڪر هتان.. اڙي تون کهڙي ڇُر مان نڪري آيو آهين.

بادام: او سُپروائيزر! آءِ ايم ناٽ مگيرو، بٽ آءِ ايم مسٽر بادام بي اي ڊي اي ايم. پاسٽ ٽائيم... لانگ ٽائيم اگو ماءِ نيم از بابل... سن آف لينڊ لارڊ وليدادخان يُو نو؟

منشي: (حيرت وچان نهاريندي) بابل.. وڏا پوٽار توهان آهيو. جي نہ ٻڌائين ها تہ ويو مانءِ پئي ڪليون ڪائيندڙ ڪتا چوڙڻ... پر اهو بابل مان بادام ڪيئن ٿئين؟

بادام: مسٽر سپروائيزر ان آمريڪا آءِ پرائنگ دي ٽاليم، باءِ نيم آف بابل... بٽ آمريڪي ٽيچر نو سمجهنگ دي بابل.. اينڊ رجسٽر تي لکي ڇڏنگ بادام... تب سي همارا نام بنا هي. بي اي ڊي اي ايم. بادام پي ايچ ڊي ايف ان انگلش اينڊ اردو.... انڊر اسٽينڊ؟

منشي: او ييس ييس! بس اسٽينڊ... وچ وڏا پوٽار وڏي انگريزي سکي آيو آهين.. مون تہ اوهان کي اصل سڃاتو ئي ڪونہ، مون سمجهيو تہ ڪو گوريٽ ڳوٺ مان نڪري آيو آهي.

بادام: نيور مائينڊ، نيور مائينڊ، ڪوئي بات نهين هي.. نائو ٽيل مي ويٽر از پاپا؟

منشي: پاپا دوڪان تي ملندا، گهڻا وني اچان، شايد بک لڳي اٿوَ.

بادام: او نو سپروائيزر! آءِ سي پاپا وليداد ڪدهر هي؟

منشي: اهو تہ ويو آهي، هوائي جهازن جي اڏي تي اوهان کي وٺڻ... ڇو اتي توهان کي نہ مليو ڇا؟

بادام: پاپا وليدادناٽ سين ايٽ ايئرپورٽ.

منشي: ابا هاڻي پنهنجي وطن ۾ آيو آهين، ڇڏ انهن جنن واري ٻولي کي... سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ تہ ڪجهہ سمجهہ پوي.

بادام: يو ڊونٽ نو... بٽ آءِ نو. اردو اينڊ انگلش از انٽرنيشنل زبان... بٽ سنڌي از ڄٽڪي... يو نو ڄٽڪي؟ بٽ سنڌي از ڄٽڪي زبان.

منشي: شاباس پٽ شاباس. ولايت جي تعليم اهيو سيکاريو اٿئي؟ واه پنهنجي زبان تي ڄٽڪي ۽ ڏاري !! پوٽار ڄمڻ وقت مرحيات امان سائنڻ کي چوين ها تہ هوءَ توکي انگريزي ۾ لولي ڏي ها.

بادام: يو ڊونٽ وري.. مسٽر سپروائيز... نائو يو ڪين گو بازار اينڊ لهسن لي آئو.

منشي: ڇا وڏا پوٽار؟

بادام: لهسن لهسن.

منشي: پانيان ٿو سرائيڪي ٿو ڳالهائي! وڏا پوٽار وري ڇئو.

بادام: او انڪل منشي لهسن لهسن.

منشي: ڪير لهسن.. ڪٿون لهسن.. ڪيوين لهسن... اهو بہ تہ ٻڌايو نہ.

بادام: اونو منشي، ماٺهو نو لهسن... بٽ لهسن.. لهسن لي آؤ.... لهسن ڪائي گا.

منشي: اڇا... هاڻي سمجهيم وڏيرا.

بادام: آءِ ايم ناٽ وڊيرا... بٽ آءِ ايم بادام.. بي اي ڊي اي ايم بادام، پي ايچ ڊي ايف ان انگلش اينڊ اردو.

منشي: ڏوڙ پوي آمريڪا ولايت جي منهن ۾، ٻچي کي هٽي چريو بڻائي رکيو اٿائين، ڀانيان ٿو پوتار ٻه ڪم ڪان ويو.

بادام: واءِ يو اسينڊ ابهي تڪ؟ جاؤ اور لهسن لي آؤ.. ڪئڪلي ويري ارجنٽ ميل سروس ڪئڪلي.

## منشي ٻاهر نڪري وڃي ٿو. مسٽر بادام ساڳيو راڳ ڳائي ٿو.

بادام: او.... آ... لا... اون... او... لا.

## نائله داخل ٿئي ٿي، بادام نائله کي ڏسندي.

بادام: او ويري سمارٽ گرل.. هائو آر يو بيوٽي ڪوئين... تم ڪون هو حسينه... آءِ ايم بادام... سن آف وڊيرو وليداد.. يو نو؟

نائله: آءِ نو. يو آر سن آف سائين وليداد.. آءِ ايم نائله، يوئر پرسنل اسسٽنٽ.

بادام: ماءِ پرسنل اسسٽنٽ؟.. ٿينڪ يو بيوٽي گرل... آؤ هم چلتي هين ڪسي فائيو اسٽار مي چائي پيني.

نائله: جناب هي ڳوٺ آهي، هتي اهي وڏا هوٽل ناهن.

بادام: او ييس... بيوٽي گرل.. هم تم سي ايڪ بات بولي، امريڪا مي لڙڪا لڙڪي سي ڊائريڪٽ بات ڪرتا هائي.

نائله: چئو جناب.

بادام: يو ول ميرج مي... هم سي تم شادي بنائي گا؟

نائله: جناب اڳتي اڃا وقت پيو آهي.. هڪ ٻئي کي ڏسي جانچي پوءِ فيصلو ڪنداسين.

بادام: او ٿينڪ يو بيوٽي گرل... اٽ از مينس يو آر ايگري فار ميريج وٿ مي... تم هم سي شادي ڪرني پر راضي هو. او گاڊ آءِ ايم ويري ويري هيپي... مس نائله يو ول ڊانس وٿ مي؟ تم اس خوشي کي موقعي پي هم سي ڊانسنگ ڪري گا... ڪمان بيوٽي بيبي ڪمان.

## گانو: ميوزڪ.

## گاني / ميوزڪ ختم ٿين ڪانپوءِ

بادام: ويري گڊ گرل... يو نو. ان ڊيئر آمريڪا.. وئي هيو سڪس گرل فرينڊ... تم ڪو معلوم هي ڪي هم ڪو

امريڪا مي ڇي لڙڪيان دوست تهين.... هم ني ادهر ايڪ شادي بنايا هي.. يو نو.

نائڪ: اڇا تہ توهان شادي شده آهيو؟

بادام: او ييس آءِ ايم ميرڊ... ماءِ وائفس نيم .. مارٽن لوٿرن.

نائڪ: اوڪي ماءِ باس... ٻيو حڪم.

بادام: نائو يو ڪين گو.

**نائڪ وڃي ٿي، بادام بريڪ ڊانس ڪري رهيو آهي،**

**منشي هٿ ۾ لوسڻ کڻي داخل ٿئي ٿو بادام کي ڊانس ڪندي ڏسندي،**

**منشي: شايد ڀوتار کي پيٽ ۾ سور يا ولوٽ پيا اٿس، تڏهن ٿو ليڇي.**

بادام: (لوسڻ کي ڏسندي) او انڪل واٽ از دس؟

منشي: اکيون ڦاڙي ڏس... هي آهي لوسڻ.. جيڪو توهان ڇيو هو.

بادام: او فولش اولڊ مين.... دس از ناٽ لهسن... يو ڪين اگين اينڊ لي آؤ لهسن.

منشي: ڇٽ جا پٽ لوسڻ تہ آهي نہ! توکي جوئر ڏسڻ ۾ اچي ٿي ڇا؟

بادام: انڪل منشي... اٽ از ناٽ لهسن... آءِ سي ٿو يو.. لهسن مينس ٿوم لي آؤ.

منشي: منهن ڪارو ٿئي ان لهسن جو... رلائي ماريو اٿائين.

بادام: اوڪي ..اوڪي.

منشي: اها اوڪي وري ڪٿان ملندي؟ سرڪار.

بادام: مسٽر سپروائيزر يو ريميبر. آءِ ايم نو سرڪار بٽ آءِ ايم بادام بي اي ڊي اي ايم بادام.. سن آف وڏيرو وليداد پي ايچ ڊي ايف ان انگلش. اينڊ اردو.

منشي: سائين اوطاق جي اڱڻ ۾ اوهان جو سامان پيو آهي؟ اهيا اوڪي ان سامان ۾ تہ ناهي؟

بادام: او ييس منشي... جو سامان باهر پڙا هي وو ميرا هي تم جاؤ سامان مي سي ڪڙتا لي آؤ.

**منشي وڃي ٿو ۽ بوٽ کڻي اچي ٿو.**

منشي: سائين وٺو ڪڙتو ۽ پايو.

بادام: او نو منشي، اٽ از شو يي جوتا هي.. ڪڙتا لي آؤ يو ڪين گو.

منشي: (ٻاهر ويندي) هي ڪڙتو ناهي!!؟

**منشي ٻاهر وڃي ٿو ۽ وهاڻو کڻي اچي ٿو.**

منشي: صاحب پڪ سان هي تو وارو ڪڙتو آهي.

بادام: (خفا ٿيندي) دس از نات ڪڙتا، دس از تڪيا.

**منشي وري وڃي ٿو ۽ چيو ڪنيو اچي ٿو.**

منشي: صاحب اوهان پنهنجي زبان ۾ چئوس ڪڙتو ۽ اسين چئونس چيو. هي وٺو ڪڙتو.

بادام: (وار پٽيندي) نو نو ڪڙتا.. دس از شاپنگ بيگ... جاؤ ڪڙتا لي آؤ.

منشي: هان.. هاڻ سمجهيم ته پوتار ڪي لوسڻ ڪاڻو آهي.

**منشي وڃي ٿو ۽ ٿالہ کڻي اچي ٿو.**

منشي: صاحب اصل ڪڙتي ڪي ڪن ڪان جهلي، هتي گهلي آيو آهيانس اڇڻ ۾ ضد ٿي ڪيائين.. اچي هي وٺو ڪڙتو ۽ ڪتي ڪائو لوسڻ.

بادام: او فولش مين.... ڊفر مين... دس از نو ڪڙتا.. اٽ از بگ پليٽ.... يي بڙي ٿالهي هي.

منشي: سائين بابا... کڻي سنڌي ۾ سمجهايو.

بادام: اوڪي اوڪي.. منشي... ڪڙتا مينس پهرياڻ.. يو نو پهرياڻ.

منشي: ائين چئہ نہ تہ پهرياڻ. باهہ لڳي ڪڙتي ڪي ۽ ڪڙتي پائڻ واري ڪي... سهڪائي وڌو اٿئين. صاحب توهان بہ اجايو ڊيگهہ پئي ڪئي.

بادام: تم ني سمجها پهرياڻ؟ نائو يو گو اينڊ لي آؤ پهرياڻ.

منشي: پهرياڻ تہ حويلي اندر هوندو....

بادام: او آءِ سي... نائو آءِ گو ٿو هوم.. جب پاپا آئي تم مي حاضر هون گا... يو نو آءِ پريزنٽ ايٽ هوم گڊ باءِ.

**بادام گهر وڃي ٿو.**

منشي: (پنهنجي منهن) گُڊِ باءِ.. بي وقوف آهي ڪو. باهہ بہ گُڏبي آهي ڇا... پانيان ٿو آمريڪا ۾ باهہ بہ گڏيندا هوندا. عجيب ملڪ آهي.

آيا اڱڻ عجيب.. ڪھڙا سو پٽيان

پاڻ ڪي ڏک هٽان... يا روئان ۽ رڙان!!

ڄٽ جي ڄمار هڪ ڪتي ٻي مار... ولايت پاس ڪري آيو آهي!!؟ ڄٽ سوئي ڄٽ... بس سائين اهي ڏوڪڙ آهن جو گڏه کي بہ خان ٿا بڻائين.

**وڏيري وليداد جو پيو پٽ قابل جيڪو انڊيا پڙهڻ ويو هو**

**اهو اچي ٿو جيڪو فلمي دنيا جو عاشق آهي ۽ پاڻ کي ڊرمينڊر سڏائي رهيو آهي.**

ڊرمينڊر: (داخل ٿيندي) او ٺاڪر وليداد سنگهہ... تنهنجي حويلي جون ديوارون ٻن پيار ڪندڙ دلين کي جدا نٿيون ڪري سگهن.... ها مان عنقريب تنهنجي ننهن سري ديوي سان ملڻ ايندس.

منشي: (ڏسندي ۽ حيرت ڪائيندي) اڙي او ڏاڪڻ جي ڏاڪي جهڙا، هيءَ پٺيئن جي جاءِ ناهي جو وات قاڙي ٿو ٺهڪ ڏين.... هي ڏسين ٿو چپٽو وات ۾ وجهي ڪاڪڙو ڪڍي ڇڏيندوسانءِ.

ڊرمينڊر: منشي.. منشي... مان ڊرمنيڊر آهيان ڊرميندر!

منشي: اڙي در ۾ در آهين، يار دريءَ ۾ در، وچ وچي ڪنهن ڪاريگر کي ڳولهہ تہ پٽ ۾ بيهاري ڇڏيئي... وڏيرو وليداد ماڻهن جو جايون ناهي ناهيندو.

ڊرمينڊر: منشي مان ٺاڪر وليدادجو وڏي ڪان ننڍو پٽ آهيان جيڪو انڊيا پڙهڻ ويو هو.

منشي: (ڀاڪر پائيندي) منهنجا رئيس ننڍا قابل خان! ڀلي آئين.

ڊرمينڊر: منشي مون کي قابل سڏي، منهنجي جذبن کي رام تيري گنگا ميلي وانگي فلاپ ڪري ڇڏيُئي.

منشي: تہ پوءِ توهان ڏسيو تہ توهان کي ڪهڙي نالي سان پڪاريان.

ڊرمينڊر: واه منشي واه، توڪيڏي زبردست ۽ بهترين فلم جو نالو ورتو آهي.. ڪس نام سي پڪارون. آها ها.. اها فلم باڪس آفيس تي سپر هٽ وئي .... پر افسوس جو ڪئميرامين اجا صحيح نموني سان عڪاسي نہ ڪئي.

منشي: پٽ ڳالهہ مان ڳالهڙو بنائڻ واري عادت اجا اٿئي؟ ڏس ننڍ رئيس ڪابل......

ڊرمينڊر: (جملو ڪٽيندي) منيم جي.. منهنجو هاڻي نالو اٿئي ڊرمينڊر.

منشي: (عجب ڪائيندي) عجيب نالو آهي. در ۾ در!!!

ڊرمينڊر: منشي تون هينئر ائين بيٺو آهين جيئن راجن سپي جي فلم دياوان ۾ ماڌوري ڊڪشت در تي بيٺي هئي، ها ماڌوري ڊڪشت.

منشي: اڌوري دش ڪش!!؟ واه پوتار واه! مان جوا ڪيڏندو آهيان جو اڌوري دش ڪش ڏيانءِ.

ڊرميندڙ: او منشي تون بہ مون کي نہ سمجھيو. جيئن قادر خان کي گرودت جي فلم هوشيار ۾ هيرو ۽ هيروئن
سمجھي نہ سگھيا.. مون اڌوري دش ڪش نہ پر ماڌوري ڊڪشٽ چيو. اهيو انڊين فلم جي اداڪاره جو نالو آهي.. جيئن نالو آهي شتروگھن.
منشي: چِتي جو روغن... عجيب نالا آهن.. اڌوري دش ڪش... در ۾ در.. خير ننڍا پوتار ٻڌايو تہ تعليم پوري ڪري ولايت پاس ڪئي اٿوَ يا نہ؟
ڊرميندڙ: آ ها ها... بلڪل اهڙي قسم جو سوال ڪامياب فلم ۾ شبانہ اعظمي، جتيندر کان ان وقت پڇيو هو جڏهن شبانہ اعظمي بيل گاڏي تي ويهي گانو ڳائي رهي هئي، چا تون ڄاڻين ٿو ان فلم جي موسيقي ڪنهن ڏني هئي؟
منشي: الائي ڇا ٿو چوين... مون کي ناهي خبر.
ڊرميندڙ: مان ٿو توکي ٻڌايان تہ ان فلم جي موسيقي ڏني هئي عظيم موسيقار لڪشمي ڪانت پياري لال ۽ هدايتڪار هو بي آر چوپڙا.
منشي: در ۾ در صاحب لڳي ۾ ٿو تہ وڌو پڙهي ويو آهين جو تنهنجون ڳالهيون منهنجي سمجھہ ۾ نٿيون اچن.
ڊرميندڙ: چاچا منشي تون ساون ڪمار جي هدايتڪاري ۾ ٺهيل فلم ڪل نايڪا جا ڊائيلاگ ڳالهائي، منهنجو من خوش ڪري ڇڏيوَ. واه.. ڇا تو سيتاپور جي گيتا ڏني آهي.
منشي: ننڍا رئيس پرايون ڇايون ڏسڻ عزت وارن جو ڪم ناهي... باقي سيتا شهر ڏٺو اٿم.. گيتا شهر ڪهڙي هنڌ آهي؟
ڊرميندڙ: (پيسا ڏيندي) جي تو اها فلم ناهي ڏٺي تہ اچي هي وٺ پنجاه روپيہ ۽ هڪ عدد وي سي پي ۽ فلم ڪٽي اچ تہ گڏجي ڏسون.
منشي: ڇا ڪٽي اچان پوتار مون نہ سمجھيو.
ڊرميندڙ: وي سي پي يعنيٰ وڊيو ڪيسٽ پليئر.
منشي: پليئر!!... پوتار ڪوڏي ڪوڏي جو پليئهر يا ملھ جو پليئر، مان پوڙهو ماڻهو اهيو پليئر نہ ڪٽي سگھندس.
ڊرميندڙ: او ڇريا تنهنجا اهي افعال ڏسي هدايتڪار رگھووير تڏهن تہ توکي فلم ستم شيوم سندرم ۾ ڪاسٽ نہ ڪيو ۽ تنهنجي جاءِ تي امريش پوري کي منشي جو ڪردار ڏنائين.
منشي: مولا بچائي اهڙي تعليم کان.... لڳي ٿو تہ مان ڇريو ٿي ويندس.

ڏرميندر: اوچا تہ اداڪاري جو انداز آهي.. بس تو ڪاسٽ تي وئين پهلاج نهلاڻي جي ايندڙ فلم تہ ملي پيار ملا ۾ جنهن ڪي پروڊيوس ڪيو آهي، هيمامالني. ڏي خبر ڪٿي آهي بابو ٺاڪر ولي داد.

منشي: وڏيرو اوهان ڪي ونڻ ويو آهي... هوائي اڏي تي.. خبر ناهي تہ توهان ڪٿان ڪان نڪري آيا آهيو.. ڪنهن جهاز مان ڦٽي ڪيو اٿوَ ڇا؟

ڏرميندر: ڇڱو تون هيئن ڪر جو ڳوٺ جي اوڀر واري دڙي تي بيهي ڏس تہ بابو ٺاڪر وليداداچي ٿو يا نہ؟ پر ائين ڏسجان.. جيئن غضب فلم ۾ ڏرميندر ريکا کي ڏسندو آهي.

منشي: ڇڱو پوتار مان وڃان ٿو.

## منشي وڃي ٿو. ڪدڙو فقير اچي ٿو.

ڏرميندر: (ڪدڙي فقير کي ڏسندي) آ منهنجي من جي ماڌوري، ويجهو اچ تہ توکي پنهنجي اکين ۾ سري ديوي سمجهي سمائي ڇڏيان ۽ دل جي دنيا ۾ ڪرشما ڪري، هٿ جي ريکا ڏسي... جيءَ ۾ جياپرادا وانگي ويهاري، پونم سمجهي پيار ڪريانءِ.. جيئن رسي ويل روينا ٽنڊن، جوش مان جوهي چاولا بڻجي، نيلم جهڙو نخرو ڪري، پوجا جيئن پوز هڻي، مينا ڪشي وانگي مست ٿي پدمني ڪولا پوري واري پريت جو رڪارڊ ٽوڙيان.

ڪدڙو: (پاڻ ڇڏائيندي) ڇڏ مئا ماريا... مان خير ونڻ آئي آهيان، پيار ڪرڻ نہ.

ڏرميندر: ناراض نہ ٿي منهنجي نيلم.. بلڪل تو وانگي فلم گهر ۾ رام گلي ۾ شام ۾ نيلم گوندا کي ائين ئي چيو هو ۽ گوندا نيلم کي پرچائڻ لاءِ گانو چيو هو. شايد توکي پرچائڻ لاءِ مون کي ساڳيو گانو پاڻ تي پڪچرائيز ڪرائڻو پوندو.

ڪدڙو: (خفا ٿيندي) ڇڏ ڇتا، مئا شل ڦاٽڙي تي مرين! خدا ڪندو شل قبر ۾ ملائڪ اها دهلڙي ڦاٽڙي وڄهندءِ.. رب ڪندو تہ مون وانگر تاڙيون وڄائيندو رهندين.. الله ڪندو قيامت جي ڏينهن موت جي کوه ۾ ڊانس ڪندين. مون ٻڌو وڏيري جا پٽ ٿا اچن سو خير ونڻ آيس.. هتي خير، خير جي ماڳ، الٽو چڪر اچي مٿي ۾ لڳو..... پڇ ديواني نہ تہ هي فلمي عاشق ٻڪ وجهي خيرو ڪري ڇڏيندءِ.

## ڪدڙو فقير ٻاهر نڪري ٿي وڃي ٿو.

ڏرميندر: اُف ڪنهن بہ فلم ۾ ائين نہ ٿيو جيئن اڄ ٿيو لڳي ٿو تہ اسٽيج وانگي فلم انڊسٽري ۾ بہ جاهل ۽ اَن ٽرينڊ ماڻهو گهري آيا آهن... جو ڊرامن ۽ فلمن جا موضوع ئي مٽائي ڇڏيا اٿن.

**نائلہ گهران داخل ٿئي ٿي.**

ڊرمينڊر: جي مان نٿو ڀلجان تہ اوهان آهيو منيشا ڪوئرالا......

نائلہ: معاف ڪجو... منهنجو نالو نائلہ آهي.. اوهان شايد رئيس وليداد جا فرزند ارجمند آهيو؟

ڊرمينڊر: شايد....! محترمہ تبو.... مان هنڊريڊ پرسنٽ ناڪر وليدادجو پٽ ڊرمينڊر آهيان.... فلم بيوي هوتو ايسي جي ڊائريڪٽر وانگر توکي بہ شڪ آهي ڇا؟ تہ مان ناڪر وليدادجو پٽ ناهيان؟

نائلہ: ائين ناهي... دراصل مون کي توهان جي لاءِ ئي مقرر ڪيو ويو آهي تہ جيئن مان توهان جي خدمت ڪري سگهان.

ڊرمينڊر: يعنيٰ بابو ناڪر وليداد بہ اهائي چال ڪيڏي ٿو جيڪا چال فلم شعلي ۾ امجد خان ڪيڏي هئي! يقينن توهان هينئر اسٽيج ڊرامي لمبائي جي هيروئن وانگر مون سان بہ هڪ عدد گانو ڳائينديون... جي بسم الله ون.. ٽو.. ٿري...

**گانو: ...............................................................................**

**گانو ختم ٿيڻ کانپوءِ**

نائلہ: ڊرمينڊر صاحب اوهان کي ڪيئن خبر پئي تہ مان گانو ڳائڻ آئي آهيان؟

ڊرمينڊر: آءُ هر ليڪ ۽ هدايتڪار کان واقف آهيان تہ ڪهڙا ڪهڙا ليڪ يا هدايتڪار گهڻا گانا فلمائيندا آهن. هينئر توهان يقينن مون کان موڪلائڻ لاءِ اجازت وٺنديون.. نيڪ آ توهين وڃو..... هينئر منهنجي دل جي دنيا جي راڻي ممتا ڪلڪرني اچڻ واري آهي.

نائلہ: ڇا توهان ان سان شادي ڪئي آهي؟

ڊرمينڊر: ڪئي ڪونهي... باقي شادي ضرور ڪبي... توهان کي ڪو اعتراض هجي تہ ڪئميرامين کي ٻڌائي ڇڏجو.. تہ جيئن آئنده شوٽنگ وقت صحيح نموني سان رڪارڊنگ ڪري سگهي.

نائلہ: معنيٰ هي بہ ڪم جو نہ رهيو.

**نائلہ گهر ڏانهن آئوٽ.**

**منشي ٻاهران داخل ٿئي ٿو.**

منشي: ننڍا پوٽار وڏو پوٽار اچا نہ پيو اچي.... رستو ويران لڳو پيو آهي.

ڏرمنيڏر: سمجهيم... تہ وڏا اداڪار فلم جي سيٽ تي دير سان ئي پهچندا آهن... جيئن اميتاب بچن ڪندو هو.

منشي: سائين باقي اوهان جو پاءُ بابل خان پهتو آهي ۽ حويلي اندر موجود آهي.

ڏرميندڙ: اڇا، معنيٰ بابل بہ اهائي اٽڪل ڪئي، جيڪا راجيش کنا فلم آواز ۾ راج ببر سان ڪندو آهي.. مان بہ ائين ئي هلان ٿو جيئن فلم رام لکن ۾ انيل ڪپور هلندو آهي.

## ڏرميندڙ گهر وڃي ٿو

منشي: (پنهنجي منهن) پانيان ٿو محنت ڪري پڙهيو آهي، ڊاڪٽر تہ ضرور ٿيندو جي ڊاڪٽر نہ ٿيو تہ پاٽي ڪاتي جو سرويئر تہ ضرور ٿيندو، نہ تہ زڪوات جو چيئرمين تہ آهي ئي آهي.. واهہ نندا سائين واهہ. تون واقعي ولايت پاس ڪري آيو آهي... ايندا اڳڻ عجيب... نہ آيا اڳڻ... ٿيا نصيب پُٺا.

## وڏيري وليداد جو ٽيون پٽ جيڪو سعودي عرب ويل هو اهو الحاج عبدالماجد پاهران اچي ٿو.

الحاج: اسلام عليڪم ورحمتہ الله وبرڪاتہُ يا اهلِ قبور.

منشي: وعليڪم اسلام يا اهلل صبور، حاجي صاحب ايڏو ڏگهو سلام.. ڪير آهين؟.. تون بہ پٽُ جو پڏي آيو آهيان ڇا؟

الحاج: هاذا هُد هُد پاپلين، مچي شاڪرين، گوشت پاڪرين، الحاج عبدالماجد بن سلطان وليداد بن ڪرڙ خان بن اڪ خان.

منشي: بسم الله بسم الله... پلي آئين ننڍي ۾ ننڍا پوتار عبدالماجد، ڏي خبر پڪڙ ۾ آيو آهين ڇا؟

الحاج: والله منشي سچ چوَتُن، توکي ڪيئن خبر پَوَتُن تہ مان پڪڙ ۾ اچتُن.

منشي: (الحاج جي پيرن کي ڏسندي) اهيو ان ڪري سمجهيم جو توهان جي هڪ پير ۾ هڪ رنگ جو ۽ ٻئي پير ۾ ٻي رنگ جو پادر پاتل آهي ۽ اها نشاني پڪڙ ۾ ايندڙ حاجي جي ئي آهي ڪيئن؟

الحاج: شڪرانا منشي شڪرانا.... اصل بازار مان پڪڙتن.... سفارو ڪري موڪلتن، اچي توسان ملتن، الحمدالله الحمدالله، ڪيف حالڪ؟

منشي: مان بہ چوان تہ پوتار جو منهن اهڙو لڳو پيو آهي، جڻ چبري تي بند وينو هجي. سمجهئي.

الحاج: سمجهتن.. سمجهتن منشي... والله اتان جي پوليس توبهتن توبهتن.

منشي: چڪ هٽندي آهي ڇا؟ اتان جو پوليس؟

الحاج: دخول من الدڪتن... اهڙو ڊڪائتن، جو ساڻو ڪري وجهتن تلاجي ۾ بند ڪرتن، ڪراچي ۾ تلاجي جو ڍڪڻ کولتن ۽ پوءِ ٻاهر ڪڍتن، تڏهن هتي اچتن.

منشي: الحاج صاحب ڪا زيارت وغيره به ...............

الحاج: (جملو ڪٽيندي) والله منشي زيارت کي ڏاڍو ڳولتن، پر ڪٿي به نه ملتن، هڪڙي عرب کان زيارت جو پڇتن، موٽ ۾ عرب به ٿڦون وهائي ڪڍتن نيٺ هڪڙي ملڪي کان پڇتن، ان چيتن ته زيارت هتان لڏي وڃتن.

منشي: پوتار لڳي ٿو ته سعودي عرب ۾ داخل ئي نه ٿيو آهين؟

الحاج: منشي سبحان الله سچ چوَتن، شهر ۾ اندر داخل ٿيتن، پوليس پڪڙتن..سڏو هيڏانهن موڪلتن، شڪرن شڪرن.

منشي: هتي تو وارو بابو وڻ پاڏو ٻڌڻ ئي نٿو ڏي، اوهان به اهڙا پڙهي آيا آهيو جو ڪٽي بس ڪجي.

الحاج: منشي بس نه ڪار ڪرتُن، پيجارو ڪرتُن. باقي بابو... اهو بيمارتُن هن جو ميجالو بيڪارتُن، والله منشي ڪجهه به چوتُن، ان هاذا ذالڪ زالتن زلتن ٻنهي جهانتن.

منشي: حاجي صاحب پلا ڪا سوڪڙي، منهنجي لاءِ به آندي اٿئي يا نه؟

الحاج: صُبرن، شڪرن، سوڪڙي آڻتن... وي، سي آر آڻتن، ريڊيو به آڻتن.. خريدتُن پر!

منشي: پر ڇا حاجي صاحب.

الحاج: وي سي آر مهانگتن، ريڊيو نه وڄتن، جي وڄتن ته رڳو عربي گانا وڄتن.. ان ڪري نه وٺي اچتن... شڪرن والله منشي.

منشي: ٺهيو هي به ٺٺينگتن... پلا حاجي سڳورا ڪا ڪتل، ڪا تسبي ته مون لاءِ ضروري آندي هوندئي؟

الحاج: آڻتن منشي آڻتن.. اڳ ۾ خمس ريال مون کي ڏيتن ته پوءِ توکي تسبي ملتن.. والله وڳٽين و گهتهڙين، نهال الذي نصير آبادين الماجدين.

منشي: وڃ هي ته صفا لاهي پاهي بيٺو آهي، اچا ڪپڙا ڪيسا خالي، ٻين جي ليکي ملڪ جو والي.. آهي اصل گڏهه گاڏي جي نالي.

الحاج: الحمدالله الحمدالله... شڪرانا منشي شڪرانا

منشي: پلا سعودي سٺو هيو؟

الحاج: سبحان الله سعودي عرب جميلتن، هڪ دفعي بازار ۾ ملتن، پنهنجي گهر وٺي وڃتن ڏاڍي خدمت ڪرتُن.

منشي: (عجب کائيندي( سعودي توکي پنهنجي گهر وٺي ويو هو؟

الحاج: نعم منشي نعم... سعودي عرب ماڻهو ڏاڍو سنتن جميلتن، مهمان نوازتُن.

منشي: هاڻي سمجهه ۾ آيو تہ توهان اصل ۾ هئا ڪهڙي هنڌ!؟

الحاج: ڪتتُن.؟

منشي: قطتن پڇ ڏيلتن.. ٻيو ڪو هيٺ ٿو رئي ٿيٽُن... سمجهتن، جي نہ سمجهتن تہ پوءِ حاجي نہ چوائتن.

الحاج: الحمدالله... منشي والله تون وڏيون شرارتون ڪرتُن.

منشي: مڙئي خيرتُن.. تون خوش تُن؟ مان بہ خوش تُن.

الحاج: منشي هتي ٽيپهري جي صلوات ڪهڙي وقت تي پڙهتن، مان صلوات باجماعت پڙهتن.

منشي: پوتار توهان ترسو.. مان مسجد جي ملان کان سٺ ڏئي پڇي ٿو اچان. سمجهئي نہ سمجهئي؟

**منشي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.**

الحاج: (تسبيح پڙهندي) حاجي علم، گاجي گلم، مروڙي ملم.. چاچو چلم، حاجي علم، گاجي گلم.. مروڙي ملم چاچو چلم.

**نائلہ داخل ٿئي ٿي.**

الحاج: (نائلہ کي شوڪارو هڻندي) اهلن و سهلن يا حبيبي حيا حيا.

نائلہ: حاجي صاحب توهان ڪنهن سان ملندؤ؟

الحاج: اي النساءَ توکي ڏستن مون کي سعودي يا اچتن.. سڀ ڪجهہ وسري وڃتن... تون ڇا پڇتن؟

نائلہ: اوهان ڪير آهيو؟ ڪنهن سان ملڻ چاهيو ٿا.

الحاج: هاذا هُد هُد پاپلين، مڇي شاڪرين، گوشت ٻاڪرين، الحاج عبدالماجد بن سلطان وليداد بن ڪرڙ خان بن اڪ خان.

نائلہ: حاجي صاحب! اوهان جا لک احسان جو توهان پنهنجو تعارف ڪرايو.. هاڻي حويلي اندر وڃو تہ صفائي واري عورت هتي ٻهارو ڏيئي وڃي.

الحاج: ٻهارتن! والله سعودي عرب ۾ مان اهيو ڪم ڪرتُن.

نائلہ: پوءِ هتي بہ حاجي صاحب اهيو ڪم ڪريو.

الحاج: نعم.. نعم.. هتي اندر ويهتن.. توسان ٻڪتن.. تون نہ ٻڌتن.. مان شريفتن، پر تون ڪيرتُن.

نائلہ: مان اوهان جي والد صاحب جي دوست غفران الله جي ڌيءُ نائلہ آهيان.

الحاج: نائلہ !! تون ڏاڍي وڏي ۽ سھڻي تي ويڄتن... اسان جڏھن ٻہ توھان وٽ اچي رھتن... تہ تون تمام ننڍڙُن.. ماشاالله.. جميلتن تون مون سان شادي ڪرتُن.

نائلہ: نہ حاجي صاحب.... حاجي سان شادي ڪري مان پنھنجي زندگي عذاب نٿي بڻائي سگھان.

الحاج: خيرتن... چو شادي نہ ڪرتن.

نائلہ: ان لاءِ حاجي صاحب.. جو حاجي شادي ڪان پوءِ پنج پنج سال سعودي ۾ رھي ٿا پون... اھيو نٿا سوچين تہ پوئتي ھنن جون زالون ڪھڙي ويل ۾ ھونديون.... ھنن جا ٻچا پيءُ جي پيار ڪان ڪيڏو محروم ھوندا آھن حاجي جي زال ۽ ٻارن جا اندر ڪاڏل ھوندا آھن.

الحاج: ڏوڪڙ جام موڪلتن.. پوءِ ڇو ڏکتن؟

نائلہ: ڏوڪڙن سان دنيا جون اصلي خوشيون خريد نٿيون ڪري سگھجن. بحرحال توسان شادي ڪري مان پاڻ کي جھنم ۾ نہ اڇلائيندس.

الحاج: قسم آھي مون کي خدا جو... مان سعودي نہ وڃتن.. تون رڳو مون سان شادي ڪرتُن.

نائلہ: جي اوھان جو اھيو فيصلو رھيو تہ پوءِ ان باري ۾ سوچيو ويندو.

## نائلہ ٻاھر آئوٽ

الحاج: (صوفي/ڪرسي تي ويھندي) الحاج عبدالماجد... تلميذ سچ چوتن... مان سعودي نہ وڃتن... ھتي شادي ڪري رھي پوتن... منھنجي شادي ٿيتن... زال پاسي ۾ ويھتن.. ٻچا ٿيتن...

## الحاج خواب ۾ ھليو وڃي ٿو ھو خواب ۾ نائلہ کي ڏسي ٿو. نائلہ اچي ٿي، ھو صوفي تان آھستي اٿي ٿو.

الحاج: (نائلہ جون ٻانھون وٺندي) نائلہ توکي مون چيو ھو نہ.. تہ شادي ڪان پوءِ مان ٻاھر نہ ويندس.. پنھنجي ئي ملڪ ۾ رھندس... ھا نائلہ اڄ ھن ھني مون جي موقعي تي، ھنن پھاڙن جي خاموش پٿرن کي، سر سبز وڻن جي پنن کي، ٿڌڙين ۽ منڙين ھوائن کي شاھد بڻائي توسان وچن ٿو ڪريان تہ آءُ توکي ڇڏي ٻي پاسي نہ ويندس.

نائلہ: سچ.... جي ائين آھي تہ پوءِ آءُ توتان قربان ٿي وڃان.

گانو.......................................

## گانو ختم ٿئي ٿو... نائلہ آئوٽ ٿي وڃي ٿي

**حاجي صاحب آهستي آهستي ساڳي صوفي تي وڃي**

**ساڳي پوزيشن ۾ ويهي ٿو. منشي اچي حاجي کي خواب مان جاڳائي ٿو.**

منشي: ننڍا پوتار الحاج صاحب.... ايڏو اوجاڳو اٿوَ تہ گهر وڃي سمهو.

الحاج: (جاڳندي) او منشي تو اسان کي جدا ڪرڻُن... زالڪ زالتن رحمتن.

منشي: الحاج صاحب خواب پيا ڏيو ڇا؟

الحاج: هائو منشي.. سنو خواب ڏستن... پر افسوستن تو سڄي منصوبي کي خراب ڪرتن... خير صلوات جو پڇي اچتن؟

منشي: ها، ملان چيو تہ اڄ وڏيري وليدادجي اوطاق تي پَٽُ آهي سو اچوڪي ٽيپهري ٽيندي ڪونہ... سڀاڻي پڙهنداسين.

الحاج: ٺيڪتن مان حويلي ۾ وڃتن.... حاجي علم.. خالي گلم.... مروڙي ملم... ڇاڇو چلم....

**الحاج گهر وڃي ٿو منشي ڳالهائي ٿو.**

منشي: پانيان ٿو ننڍو رئيس جيل ۾ هيو. تڏهن ٿو سعودي عرب کي ماڻهو ڪوني، بس سائين آهي اميراڻو ٻار... جي هجي غريب جو پٽ تہ سڀ ڪو ٺڪ ٺڪ ڪريس... هاءِ ڙي ہ ڇاپڙا زمانا.

**تعليم جو آفيسر، ملان، جماندارءِ وڏيرو وليداد ٻاهران داخل ٿين ٿا.**

وڏيرو: منشي ڏي خبر ڇورا آيا يا نہ؟ ايئرپورٽ تي جهازن کي ڏسندي ڏسندي منهنجا دوڏا ئي ساوا ٿي ويا آهن.

منشي: پوتار متان مليريا ٿي هجيوَءِ بنا رت چڪاس جي ڪا دوا کاڌي هجيوَ.. جو ساول ٿي اٿوَ.... دوڏا ساوا ٿيڻ خراب ڪم آهي.

وڏيرو: منشي مٿو نہ کاءُ... (مهمانن کي مخاطب ٿيندي) توهان ويهو صاحب! ها منشي نياڳا ڇورا آيا ہ يا ٽيم ڏئي ڀڄي ويا.

منشي: پوتار صحيح سلامت پورا پنا پهتا آهن... آمريڪا وارو پاڏي جي پڻيءَ تي چڙهي پهتو آهي.

وڏيرو: اڙي انڊيا واري.

منشي: سائين اهو ريل جي پوبان ڇهہ ڇهہ پيسا ہ ہ پايون ڪندو ٽيشڻ ڪان ڳوٺ تائين ڏاند پوبان ٻڪندو اچي هتي ساهہ پٽيو اٿائين.

وڏيرو: اڙي سعودي وارو ڪهڙي سواري تي پهتو آهي؟

منشي: وڏا پوتار سعودي عرب وارو صاحب پنهنجي اباڻي سواري ڪوتي تي چڙهي هتي اچي بيهي رهيو..... گڏهه تان لهي ئي نہ پيو. زوري لاٿو اٿمانس.

وڏيرو: ڇا تہ تعليم سادگي سيکاري اٿن... وهوا.... وهوا.

منشي: پوتار ايندڙ اليڪشن ۾ ايم پي اي جي سيٽ تي هڪ نہ هڪ کي بيهارجو.

وڏيرو: چڱو چڱو ڏيگهہ نہ ڪر... وچ ۾ ڦتوءَ جي پٽ وريام کي وٺي آ. جيڪو ڏاڙون هٽندو وتي ٿو تہ مان هوشيار آهيان.

منشي: پوتار مان ڏيگهہ ڇڏي ويڪر ۾ وڃي ٿو ڦتو جي ڇوري کي وٺي اچان. پر خير تہ آهي پوتار.

وڏيرو: اڙي منشي پنهنجي پٽن سان مقابلو ڪرائڻو آهي.. ڏسان تہ اهيو ڇٽ هاري جو پٽ ڪيئن ٿو منهنجي پٽن کي ماري. هي ڏس تعليم جو وڏو آفيسر.. مولوي ۽ پوليس عملدار آيا آهن, امتحان جو فيصلو ڪرڻ.

منشي: پوتار تعليم جي آفيسر جي ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ آئي تہ هو سوال پڇندو. پر ملان ڇو؟

وڏيرو: ان لاءِ جو هي مذهبي سوال ڪندو.

منشي: پوتار جڏهن مولوي کي پنهنجو استاد سبق پڙهائڻ لاءِ سڏ ڪندو هو تہ هي ملان حجري جي ڇت تي چڙهي پڇي ويندو هو. اهيو ڪهڙا سوال ڪندو.. ڀلا جماندار ڇو؟

وڏيرو: قانون جو ماهر آهي... قانوني سوال پڇندو.

منشي: پوتار اهيو جماندار اسڪول جي ٻاهران پڙهيو اٿئي؟ جي نہ ايڏو هوشيار هجي جا تہ پوليس ۾ جماندار ٿورئي هجي هان.

وڏيرو: چڱو چڱو ڇوانءِ ٿو تڪڙو وڃ مقابلو ڪرائڻو آهي.

منشي: پوتار ماڻهن جي ميل ڪرائڻي اٿوَ ڇا؟ ڏاندن جو گوبون ڪرايئي, اڄ ماڻهن جي ميل ٿو ڪرائين..... ڏسڻي پئي. پوتار پاڙ واري ڇوري هيبت خان کي بہ وٺي اچان.. ڏسان تہ ڪهڙي پاڻي ۾ آهي؟

وڏيرو: اڙي وٺي اچينس, ڇا ڪندو تو وارو ڇورو.

**منشي ٻاهر وڃي ٿو.**

وڏيرو: آفيسر مون وارا ڇورا مٿي مان نڪاءَ ڪيڏي ڇڏيندءِ بابا.

آفيسر: رئيس تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سچو دارو مدار شاگرد تي آهي, رلڻ, بري صحبت ۾ رهڻ, داداگيري ڪرن" شاگردن جو عمل ناهي, ٻي طرف استاد بہ علم کي فيض سمجهي علم ڏيندا رهن. ورنہ اسانجي تعليم جي تباهي کي ڪوبہ بچائي نٿو سگهي.

جماندار: واقعي سچ ٿا چئو... امتحاني سينٽر تي ڊيوٽي دوران خبر پئي ته ڪاپي جو مرض ڪينسر بڻجي چڪو آهي، چيم ته ڪيانِ لاڪپ پر چپ رهيس.

آفيسر: ها اهيو ان لاءِ جو استاد پنهنجو قرض ۽ شاگرد پنهنجو فرض وساري ويٺا آهن.... بس رڳو هٿيارن، سفارش ۽ رشوت جي زور تي تعليم هلي پئي،

وڏيرو: آفيسر نوجوان ٻچا آهن... رت ۾ جوش ته هوندو نه بابا.

آفيسر: اهيو جوش نه پر بيهوشي آهي رئيس... ڀلا ڪوشنڪوف ۽ قلم جي دوستي ڪيترو وقت هلندي!؟

وڏيرو: آفيسر ماستر به بابا وتن ٿا تالا ڪنيو.... شل نه ڪنهن جي بدلي ٿي پوءِ ته اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ڪي تالا... اهيو حشر ڏسي تڏهن ته پاڻ وارا ڇورا ولايت موڪليا هئا.

آفيسر: وڏيرا اجا به ڪي جوان آهن جيڪي علم جو ڏيئو روشن رکندا پيا اچن.... ته جيئن هي قوم اوندهه مان نڪري نروار ٿئي.

وڏيرو: هوندو! خير توهان ڪچهري ڪريو مان ڇورن کي وٺي ٿو اچان.

## وڏيرو گهر اندر آئوٽ.

## وڏيري وليداد جي گهر وچڻ کان پوءِ منشي اچي ٿو جنهن سان گڏ سندس پٽ هيبت خان ۽ ڦتو جو پٽ وريام آهي، داخل ٿين ٿا، وريام ادب وچان سيني کي هٿ ڏئي ٿو.

منشي: (پُٽ کي) هيبت خان اهڙيون ڪڙهون هڻجان جو جاوا، پيلا، نيلا ۽ تيلا سڀ تيل ٿيل هجن.

هيبت خان: هيبت خان کان ڪير ڪٽيندو بابا... جي ڪو ڪٽي به ويو ته دون تي ريوالور رکي اڳ ڪڍي ويندو مانس.

آفيسر: پنهنجو نالو ٻڌاءِ ۽ ڇا پڙهندو آهين.

هيبت خان: نالو ته هيبت خان آهي، يونيورسٽي ۾ شينهن سڏيندا آهن.. ۽ تعليم ته اجان پڙهون پيا.

منشي: آفيسر صاحب مون وارو ڇورو يونيورسٽيءَ ۾ ڏهن سالن کان پيو پڙهي ۽ ٿوري ٿوري ستي به هڻندو آهي.

جماندار: چئين ته ڪيانس لاڪپ.. حڪم ڪر.

آفيسر: اهيو ته تو واري پٽ جي لڇڻن مان ظاهر پيو ٿيءَ.

هيبت خان: مسٽر هوش سنڀالي ڳالهاءِ، هيبت خان جهڙي تهري جي تڻ مڻ ناهي سهندو، ڀلا ياڳ تي جو هتي هاسٽل ڪونهي، نه ته ڪلاشن ڪن پٽيءَ تي رکي هلي بند ڪريانءِ ها.

ملان: نعوذ بالله من ذالڪ افسهم. خبيث خان نامعقول.

آفيسر: شاباس پٽ شاباس... واقعي تون هاسٽل جو هيرو ٿو لڳين.
هيبت خان: ماٺ رهه مسٽر....ها بابا ڇا جو مقابلو ڪرڻو آهي.. جلدي ڪريو.. مون کي اڄ روڊ تان چندو ڪرڻو آهي.
منشي: ڇورا وري خرچ ڪٿو اٿئي ڇا؟
هيبت خان: بابا ائين نہ چئہ اسين لطيف سائين جي ورسي ملهائينداسين.
آفيسر: ورسي! ڪڏهن ملهائبي.
هيبت خان: تاريخ مون کي ياد ڪونهي، ٿيندي ڪڏهن ۽ ڪٿي؟ اها ٻي ڳالهہ آهي، باقي ورسي ملهائينداسين ضرور.
منشي: صاحب ڇورو ڪوڙ ٿو ڳالهائي..هي نياڳو جڏهن ڪٿندو آهي تہ ٻہ چار جٽا پاڻ جهڙا ساڻ ڪري روڊ تان ورسي ملهائڻ جي بهاني وتندو آ چندو وٺندو، مان تہ خرچ ڏيڻ کان بچي پيو آهيان.
هيبت خان: بابا ائين نہ چئہ! اسين اهڙي ڳالهہ چوڻ واري جي زبان ڪاڪڙي سميت ٻاهر ڇڪي ڪيندا آهيون... تون ابو ٿي پيو آهين، تڏهن زهر جا ڍڪ پيري بس ٿو ڪيان،
وريام: هيبت خان هرويرو جذباتي نہ ٿي.. ڪجهہ وڏن جو بہ خيال رک.
هيبت خان: اڙي وريام! تون مون سان ڳالهائين ٿو!؟ جنهن کان يونيورسٽيءَ ۾ تو جهڙا لنگور لڪندا وتندا آهن.
منشي: قرض گهرندو هوندين تڏهن توکان لڪندا هوندا منهجا لاڏلا پٽ.
وريام: هيبت خان هي ڳوٺ آهي، گولي جي زور تي ماڻهن جو دليون جيتڻ ناممڪن آهي.
هيبت خان: تون مون کي نہ سمجهاءِ... وڃ ۽ وڃي ڪتابن ۾ منهن هڻ.
وريام: پر هيبت خان داداگيري ۽ غنڊا گردي مان ڪجهہ بہ نہ ورندئي.
هيبت خان: چوانءِ ٿو ماٺ ڪر... پنهنجي زبان پاڻ وٽ قابو ڪري رک، نہ تہ وات واري گولي هٽي نڙگهٽ اڏائي ڇڏيندو مانءِ وريام.
وريام: ها ها.. تون مون کي ڇونہ گوليون هڻندين!؟ تنهنجي گولي ڪنهن ڌرتيءَ جي دشمن جو پيڇو ڪيو آهي؟ پنهنجا ماري وتو ٿا سورما سڏائيندا.
هيبت خان: (ريوالور ڪيندي) بڪواس بند ڪر وريام.

## هيبت خان وريام کي ماري ٿو منشي ۽ پيا ٻنهي کي ڇڏائين ٿا.

منشي: اڙي نٿو چوانءِ تہ معتبر ٿي ويو آهين.. هي ڳوٺ آهي.. ماڻهو موڇڙا هٽي ٻلو ٻڌائي وجهندئي سوئر.

هيبت خان: وريام توکي تہ مان چڱي طرح ڏسندس.

منشي: چڱو چڱو گهڻي داڦ هنئي اٿئي... ٿر اکين اڳيان نہ تہ لاهي موچڙو اهڙي ڪياڙي ڪٽيندوسانءِ جو ماڻهين بہ توکي سڃاڻي نہ سگهندي.

**هيبت خان اکين ۾ شور وجهي وريام کي ڏسندو ٻاهر هليو وڃي ٿو.**

جماندار: منشي حڪم ڪر تہ ڪيانس لاڪپ....

ملان: اعوذ باالله من شيطان رجيم.. پناهہ ڏي شيطان مردود کان.

آفيسر: پٽ تو جهڙا بردبار ماڻهو دنيا ۾ انسانن جي دلين کي فتح ڪري ،نئون سج اڀاري, سک جا سنيها ڪڻي, جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جا گس ڏيندا آهن... ها پٽ فتح تنهنجي قدمن جي غلام آهي.

وريام: سر جيڪڏهن ڇتو ڪتو چڪ هني تہ ڇا وير وٺڻ لاءِ ڪتي کي چڪ هڻجي!؟ نہ پر ان چڪ جو علاج ڪرائجي.

ملان: جزاڪل الله جزاڪ الله... اهيو ئي عقلمندن جو ڪم آهي.

آفيسر: پٽ تون ڇا پڙهندو آهين؟

وريام: سر ايم اي صحافت ۾ ڪريان پيو.

آفيسر: گُڊ... پٽ تون صحافت جي ڊگري حاصل ڪري, قوم جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهين ٿو؟

وريام: سر اسانجي ڳوٺ ۾ اڪثر صحافي, ڏڱي, منافقي, بليڪ ميلنگ جي صحافت ڪري رهيا آهن ۽ هتان جي با اثرن جا ثنا خوان لڳا پيا آهن, هتان جي صحافت چمچا گيريءَ جي بنياد تي هلي پئي, اڄ ڪلهہ صحافي برائين جي جڙ بنجي چڪا آهن... منهنجي منزل آهي تہ سچن ۽ بي باڪ صحافين جي سٽ ۾ شامل ٿي هن نصين ماريل قوم جي زبان بنجي جڳ جهان جاڳائيندو رهان.

آفيسر: اهيو سٺو جذبو آهي, ضروري ناهي تہ رڳو نوڪري ڪرڻ جي آس ۾ پڙهجي.

وريام: ها سر جيئن ويٽنام جي شاعر توئي دين چيو آهي تہ ياد رک!

تو وٽ تنهنجو عقل,

تنهنجو علم قوم جون امانتون آهن,

امتحان پاسي ڪري وطن جي ويرين وٽ

ڪرسي ماڻڻ, تنهن کان وڏي بي حيائي, ذلالت ۽ غداري بي ڪانهي

پنهنجي علم ۽ عقل کي

پنهنجي قوم جي قتل نصيب سنوارڻ لاءِ

وقف ڪري ڇڏ.

## وڏيرو وليداد پنهنجي پٽ بادام سان گڏ اچي ٿو.

بادام: (آفيسر کي ملندي) آئي ايم مسٽر بادام بي اي ڊي اي ايم بادام، پي ايڇ ڊي ايف ان انگلش اينڊ اردو، اينڊ يو.

آفيسر: آئي ايم ايجوڪيشن آفيسر.

بادام: اوڪي... اوڪي.

## ڏرمينڊر داخل ٿئي ٿو.

ڏرمينڊر: (آفيسر کي هٿ ڏيندي) غضب فلم ۾ زبردست اداڪاري ڪري فن جي دنيا ۾ تهلڪو مچائيندڙ ڏرمينڊر مون کي چوندا آهن.

ملان: پر پٽ تنهنجو نالو ته قابل خان آهي.

ڏرمينڊر: مولوي صاحب جيئن يوسف خان پنهنجو نالو مٽائي فلمي نالو رکيو دليپ ڪمار.. تيئن مون پنهنجي نالي قابل خان کي دٻن ۾ بند ڪري ڏرمينڊر کي نمائش لاءِ پيش ڪيو اٿم.

وڏيرو: پٽ قابل خان... هي آهي پوليس عملدار.

ڏرمينڊر: (جماندار کي هٿ ڏيندي) بابي کي گهڻو ئي سمجهايو اٿم ته بابا تنهنجو پٽ ڏرمينڊر آهي قابل خان نه..... پر بابو سائين سدا شيواامرپارڪر وانگر ضد ڪيون فلمون فلاپ پيو ڪرائي.. توهان ئي سمجهايوس.

ڏرمينڊر: چئين ته ڪيانس لاڪپ.

ڏرمينڊر: ائين فلم باپ کي دشمن ۾ ڪيو ويندو آهي.

## الحاج داخل ٿئي ٿو.

الحاج: (آفيسر سان ملندي) اسلام عليڪم يا اهلل قبور.... هاذا هُد هُد پاپلين، مڇي شاڪرين، گوشت ٻاڪرين، الحاج عبدالماجد بن سلطان بن ڪرڙ خان بن اڪُ خان، ڪيف هالڪ؟

آفيسر: تون ٻڌاءِ حاجي صاحب توهانجا حال ڪيئن آهن؟

الحاج: (جماندار کي هٿ ڏيندي) شڪرن شڪرن.... اسلام عليڪم يا اهلل قبور.... هاذا هُد هُد پاپلين، مڇي شاڪرين، گوشت ٻاڪرين، الحاج عبدالماجد بن سلطان بن ڪرڙ خان بن اڪُ خان، ڪيف هالڪ يا حبيبي؟

جماندار: حاجي صاحب! منهنجا حال ٽاٽي جي لاڪپ جهڙا لڳا پيا آهن.

الحاج: (مولوي سان ملندي) ڪيف هالڪ يا استادي.؟؟

ملان: الحمدالله.. الحمدالله.. حال سٺا آهن.

وڏيرو: آفيسر صاحب! پلي هاڻي ڇورن کان امتحان وٺو.

آفيسر: ٺيڪ آ.... تہ سڀ کان اول مسٽر بادام کان سوال..... مسٽر بادام ويئر از رني ڪوٽ؟

بادام: او آفيسر، ديئر از نورني ڪوٽ... آمريڪا ۾ رني ڪوٽ نهين هوتا هائي، ادهر ڊيوڊ ڪوٽ... سني ڪوٽ، جيڪسن ڪوٽ اينڊ ميني ميني نيمس ڪوٽ، نو رني ڪوٽ (پنهنجي ڪوٽ ڏانهن اشارو ڪندي) دس از انڊر ٽيڪر ڪوٽ يو نُوانڊر ٽيڪر؟

آفيسر: يوَر اينسور از رانگ.. تنهنجو جواب بلڪل غلط آهي.

بادام: او نو آفيسر... هز فل نيم از ريگن رانگ. اس ڪا پورا نام ريگن رانگ هائي... هو از ماءِ بيسٽ فرينڊ، ريگن رانگ همارا اڇا دوست هائي.

آفيسر: پٽ وريام تون ٻڌاءِ رني ڪوٽ ڪٿي آهي؟

وريام: سر رني ڪوٽ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو سنڌ صوبي جي ضلعي ڄامشوري ۾ آهي.

آفيسر: گڊ....

جماندار: مارشل لا ۽ ڊيموڪريسي ۾ فرق ڪيا هائي.

بادام: مارشل لا از ويري بليڪ گرل.... ڊيموڪريسي از ماءِ لوَر فرينڊ.. شي از ويري سمارٽ.. آفٽر ون ييئر آءِ ميريج هم، ڊيموڪريسي سي هم ايڪ سال بعد هم شادي بنائي گا.

آفيسر: توهان جو هي سوال بہ غلط آهي.. پٽ وريام تون ٻڌاءِ تہ ڊيموڪريسي يعنيٰ جمهوريت جو مطلب ڇا آهي ۽ مارشل لا ڇا آهي؟

وريام: سر جمهوريت اهڙي نظام جو نالو آهي، جنهن نظام ۾ هر هڪ ماڻهو کي ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ جو هڪ جيترو حق آهي. هر ماڻهو پنهنجي راءِ جي آزادي رکي سگهي ٿو.. مطلب تہ جمهوريت عوام کان عوام لاءِ هوندي آهي ۽ مارشل لا بلڪل ان جي ابتڙ نظام آهي.

ملان: اوهان ولايت مان ڪهڙي مذهبي تعليم وٺي آيا آهيو؟

بادام: ماءِ ڪواليفڪيشن از پي ايچ ڊي ايف ان انگلش اينڊ اردو يو نو؟

آفيسر: پي ايڇ ڊي تہ ٻڌي آهي پر اها ايف ڇا هي؟

بادام: او ماءِ آفيسر ايف مينس فيل... يس ڊاڪٽر آف فلاسافي ۾ فيل هون.

آفيسر: مسٽر بادام اوهان جو امتحان پورو ٿيو.. دي اينڊ آف يور ايگزمنيشن..... پٽ قابل تون ٻڌاءِ.

ڏرمينڏر: صاحب ڏرمينڏر ڪي قابل ڇئي ڇو ٿا فلم آنسو بني انگار جي ٽريجڊي سين ڪي ڪاميڊي ۾ تبديل ڪريو. جي اوهان جو اهو رويو رهيو تہ ڏرمينڏر فلمن مان آئوٽ ٿي ويندو.

آفيسر: ٺيڪ آ ڏرمينڏر صاحب... اوهان ٻڌايو تہ قاسم بندر ڪٿي آهي؟

ڏرمينڏر: بلڪل اهڙي قسم جو سوال بمل راءِ جي فلم پٿر دل ۾ امريش پوري پنهنجي ننهن ڪان پڇي، ان ڪي منجهائي ڇڏيو هو. بحر حال امريش پوري جي ننهن منجهندي سوال جو جواب ڏنو هو تہ قاسم منهنجو ڪلاس فيلو آهي، باقي بندر جهنگ ۾ ڇڙيا گهر ۾ جام هوندا .

منشي: صدقي وجان در ۾ در صاحب، اصل سوال جي نوڙهہ تي چڙهي جواب جي چيلهہ ڇڀي ڪري رکي اٿئي.

آفيسر: منشي تو واري ڏرمينڏر صاحب جو جواب بلڪل غلط آهي.

منشي: آفيسر صاحب چڱي طرح نہ سمجهيو هوندئين.

وڏيرو: آفيسر پوءِ پڇ هن وريام کان تہ نڪرنس نڪاءَ... منشي! جڏهن قاسم بندر مون ئي ناهي ڏنو تہ ڦتوءَ جي پٽ وريام وري ڪٿي ڏٺو هوندو!؟

وريام: معاف ڪجو وڏيرا... مان ڄاڻان ٿو تہ قاسم بندر ڪراچي پرسان ضلعي ٺٽي ۾ صوبي سنڌ ۾ آهي، جنهن ڪي پورٽ قاسم بہ چون.

جماندار: ڏرمينڏر صاحب ٻڌايو تہ پاڻي پٽ جي لڙائي ڪنهن جي وچ ۾ ۽ ڪٿي لڳي هئي؟

ڏرمينڏر: راج چوپڙا جي هندي فلم آنڌي ۽ طوفان جي شوٽنگ وقت امجد خان ۽ اسراڻي وچ ۾ پونا ۽ شملا جي پهاڙن جي چوٽي تي اها جنگ لڳي هئي.

آفيسر: اڇا تہ پاڻي پٽ جي لڙائي جو اهو قصو آهي!!؟

ڏرمينڏر: ها سر... جنهن فلم جو هيرو هيو. مٿن چڪرورتي ۽ هيروئن هئي رتي آگني هوتري. موسيقي ترتيب ڏني هئي بپي لهري ۽ ڊائلاگ لکيا هئا قادر خان.

جماندار: ڇئين تہ ڪيان سين ڪي لاڪپ! حڪم ڪر.

منشي: ڇا تہ ڄانگهي هنئي اٽائين سوال ڪي.... پڪ اهيو جواب صحيح هوندو. ڪيئن وڏيرا!

وڏيرو: هائو منشي بروبر اصل سوال جا لاهہ پٽي رکيائين.

آفيسر: وڏيرا توهان جي فلمي اداڪار پٽ جو اهيو سوال بہ غلط آهي.

منشي: آفيسر! سوال ڪي نہ سمجهيو هوندئين... ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي... تڪڙ نہ ڪر آفيسر تڪڙ نہ ڪر.

آفيسر: پٽ وريام تون ٻڌاءِ، هنن ولايت پاس ڪري ايندڙن کي.

وريام: سر پاڻي پٽ جي لڙائي سراج الدين دولاءِ ظهيرالدين بابر وچ ۾ پاڻي پٽ جي ميدان تي لڳي هئي.

آفيسر: گڊ.. پٽ گڊ...

منشي: وچ وڏيرا ڦتو جي پٽ تو واري جائي جي اڪ ڪڙهہ سان ڪيڍي ورتي.

وڏيرو: منشي ڪائين منهنجوءِ ڳڻ ڳائين ٿو وريام جا..... تون نمڪ حرام آهين.

جماندار: وڏيرا اوهان پاڻ ۾ لڙائي نہ لڙو ورنہ مان ٻنهي کي لاڪپ ڪندس.

وڏيرو: اڙي تون چپ ڪر جماندار پٽُ ڪور.

آفيسر: وڏيرا امتحان وئڻ ڏيو... تہ ها پٽ انديا ۾ تعليم حاصل ڪندي انديا جي ڪهڙي شيءِ اوهان کي پسند آئي.

ڏرمينڌر: فلم لوهاءِ اداڪار ڏرمينڌر..... چا تہ فلم هئي..... ساندهہ پنج سال سئنيمائن ۾ هلندي رهي.. الائي ڪيتريون گولڊن جوبلي ڪيائين، پروڊيوسر کي ڪروڙين روپين جو فائدو مليو.

جماندار: تو واري پروڊيوسر ٽيڪس پياري يا نہ....نہ تہ چئين تہ ڪيانس لاڪپ.

آفيسر: ٺيڪ پٽ ڏرمينڌر تو واقعي امتحان فلمي انداز ۾ ڏنو... اچو حاجي سڳورا هاڻي وارو آهي توهانجو.

الحاج: اسلام عليڪم يا اهلل قبور... هاذا هُد هُد پاپلين، مچي شاڪرين، گوشت ٻاڪرين، الحاج عبدالماجد بن سلطان بن ڪرڙ خان بن اڪُ خان، حاجي علم... گاجي گلم....مروڙي ملم، چاچو چلم آشُو.. هاڻي معلم سوال پڇتن.

ملان: حاجي صاحب توهان ٻڌايو تہ پنج وقت نمازن ۾ ڪل رڪعتون گهٽيون آهن.

الحاج: سوال ڏاڍو سنتن، معلم رڪعتن مديني ۾ نہ ملتن، ڏاڍو ڀُولتن، پر ماڻهو چَوتُن تہ جهاز ۾ چڙهي ٻي ملڪ ۾ وڃتن. افسوستن افسوستن.

آفيسر: پٽ وريام تون ٻڌاءِ تہ حاجي سڳورو نماز جي رڪعتن کان واقف ٿئي.

وريام: سر پنجن وقتن جون ٽوٽل 47 رڪعتون آهن.

ملان: الحمدالله... سبحان الله.. حاجي صاحب ٻڌايو تہ اضحيٰ چو ڪئي ويندي آهي؟

الحاج: والله معلم ڪبير.... سعودي ۾ اضحيٰ نہ ڪرتُن تہ پوءِ مان ڪيئن سمجهتن.

منشي: حاجي سڳورا سمجهندو ڪر تہ اضحيٰ ان لاءِ ڪئي ويندي آهي تہ جيئن ان وڏي ڏينهن تي غريب غربو مال وندن ۾ ڏوڪڙن وارن ماڻهن جي ڪٺل ڍور مثان بيهي هٿ ٿنگي گوشت وٺن.. بين لفظن ۾ عيد جي ڏينهن بہ پنن.

وڏيرو: اڙي چريا منشي، ائين ناهي.. اصل ۾ اضحيٰ انهيءَ لاءِ ڪئي ويندي آهي تہ ڪنهن جو ڍور سهڻو ۽ قيمتي هيو.. ڏنئي نہ! گذريل اضحيٰ وقت مون واري ڍور جي ڪيترن ماڻهن نيڪي ڪئي؟

منشي: ڀوتار نيڪي ۾ اوهان خوش، ماڻهو گوشت ائين ڪٺي وياڄڻ ڍور ڪٺو ئي ڪونہ هيوسين.... منهنجي نظر ۾ تہ رڳو خالي تڏي تي پئي، سمجهئي وڏيرا.

وڏيرو: ها ها سمجهي ويس.

منشي: جي سمجهي ويو آهين تہ هن سال اضحيٰ اوطاق جو در بند ڪري ڪجان تہ جيئن اسان بہ گوشت ڪائي مزو وٺون.

آفيسر: منشي بابا اضحيٰ جو ٿورن لفظن ۾ مقصد آهي تہ انسان پنهنجي سر جو صدقو ڏيئي.. اهو ڍور جيڪو بي عيب هجي.. ڪيئن مولوي صاحب.

مولوي: برحق، برحق.... الحاج صاحب اوهان سعودي ۾ ڇا ڏٺو؟

الحاج: معلم اُتي جيلتن ڏستن، اتان جي پوليس مون کي بلد جي بازار مان پڪڙتُن، وڏي حالت ڪرتُن، چپل بہ هٿ نہ اچتن، هفتو جيل ۾ رکتن، پوءِ سفارو ڪري هيڏي موڪلتن، اوهان سان ملتن، ڪل خبرتُن، شڪرن شڪرن.

آفيسر: وڏيرا لڳي ٿو تہ تو وارا پٽ دل لائي پڙهي ولايت پاس ڪري آيا آهن.

وڏيرو: ڀيو مذاق آهي ڇا آفيسرا؟ صاحب ٿنهي جي تعليم تي پورا لکين روپيا خرچ ڪيا اٿم، لکين روپيا.

آفيسر: وڏيرا برو نہ سمجهو تہ اوهان کي هڪ صلاح ڏيان.

وڏيرو: ها ها... توهان صلاح ڏيو.... مان ان تي عمل ڪندس.

آفيسر: رئيس پنهنجي پٽ بادام کي ڏاندن جو جوڙو وني ڏي تہ وتي هر ڪاهيندو.

وڏيرو: نہ بابا! هو تہ وڏو آفيسر ٿيندو، ڇا آفيسري جي لائق ناهي... ڇا انگريزي نٿو ڳالهائي؟

آفيسر: ابتي انگريزي ٿو ڳالهائي.. رئيس تو وارا ٽئي پٽ، صفا ڪورا جٽ اٿئي جٽ.... تو وارا لکين روپيا ويا پاڻي ۾.

وڏيرو: وڃ ڌرتي تي پير ئي نٿا ڪپن.....!!!

منشي: اکين اڳيان ترورا بہ ضرور ايندا هوندئي رئيس.

وڏيرو: هائو منشي هائو.. آفيسر هاڻي ڇا ڪجي؟

آفيسر: رئيس تڏهن ته چوانءِ ٿو ته بادام هر ڪاهڻ جي لائق آهي، ڊرمينڊر ڪي ٻيهر پرائمري اسڪول جي پهرين ڪلاس ۾ ويهارينس،

منشي: الحاج ڇا ڪري آفيسر!؟

آفيسر: الحاج ڪي موٽ جو حاجي سمجهي ڊور ڊگي جي سنڀال لاءِ رکو.

منشي: ڀوتار موٽ جي مينهن ضرور ٻڌيسين، موٽ جو حاجي اڄ ٽا ٻڌون.

آفيسر: پٽ وريام تون ميڊل جي لائق آهين... واقعي تو جهڙا هوشيار هن جڳ جي سونهن بڻجندا آهن.

وريام: سر اوهانجي مهرباني...... جو نوجوان محنت ۽ لڳن سان تعليم حاصل ڪندو اهوئي سڪن جو سچ اپاري، معصوم ۽ مجبور دلين ڪي خوشين جا گيت ڳارائيندو.

آفيسر: پٽ وريام تون وڃين سگهين ٿو.

<u>وريام موڪلائي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.</u>
<u>وريام جي نڪري وڃڻ کان پوءِ نائله پيءُ</u>
<u>سان گڏ اچي ٿي.. جيڪي واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿي آيا آهن.</u>

وڏيرو: غفران الله ڪيڏانهن سنيريو پيو وڃين؟

غفران الله: رئيس اسان پنهنجي گهر ڪراچي وڃون پيا.

وڏيرو: پر شادي وارو واعدو وفا نٿو ڪرين ڇا؟

غفران الله: نائله ڪي تنهنجا پٽ سمجهه ۾ نه آيا.

وڏيرو: ها نائله ڏيءُ.

نائله: ها چاچا سائين توهانجي پٽن مان ڪوبه اهڙو پٽ ناهي جيڪو شادي لائق هجي.. تنهنجا پٽ ڏسڻ ۾ جوان آهن پر هو اجا ذهني طور تي ٻار آهن.

بادام: اُو نُو ماءِ سوئيٽ هارٽ نائله... تم هم ڪو ڇوڙڪي مت جائو... هم تمهاري لئي هي جيتي هين.

نائله: بادام اوهان جي ته آمريڪا ۾ شادي ٿيل آهن نه؟ ڇا نالو آهي توهان جي وائيف جو؟

بادام: مارٽن لوٿر نيم از ماءِ امريڪن وائيف.

غفران الله: ٻڌو رئيس هي توهانجو پٽ آمريڪي عورت سان شادي ڪري چڪو آهي؟

وڏيرو: اڙي ها!؟

بادام: يپس پاپا.

ڏرميندڙ: او نائله تون هتان ائين آئوٽ ٿي پئي وڃين جيئن منداڪني فلمي دنيا مان آئوٽ ٿي وئي.. افسوس جو آءُ توکي ڪنهن به فلم ۾ هيروئن جو رول نٿو ڏياري سگهان.

نائله: ها ڏرميندڙ توهان کي فلمي دنيا مان ٻاهر نڪرڻ جي فرصت ملي ته اوهان ماڻهو ٿيو نه!؟

الحاج: تلميذن.. تون هتان نه وڃتن... مان توسان شادي ڪرتُن... قسم رب جو.. مان ٻيهر سعودي نه وڃتن.

نائله: حاجي جي واعدي تي جيڪو اعتبار ڪري، اهو ڏينهن ۾ ڏهه دفعا دوکو کائي... بابا هلو ته هلون..

غفران الله: چڱو رئيس اسان هلون ٿا حياتي رهي ته وري ٻيهر ملنداسين.

**نائله ۽ پٺيس غفران ٻاهر آئوٽ.**

**وڏيرو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو.**

وڏيرو: ته ها آفيسر صاحب! چئبو ڦتوءَ ته هاري جو پٽ، هنن وڏيري جي پٽن کي ميل ماري ويو!؟ ويو ته اندر به سڙي آ. چڱو توهان جي مهرباني... توهان کي اجازت آ... مان پاڻهي ٿو هنن کان ٻيهر امتحان وٺان.

جماندار: رئيس چئين ته ڪيانِ لاڪپ.... وينا طبلا وڄائن.

آفيسر: چڱو وڏيرا اسين هلون ٿا.

ملان: اسلام عليڪم ورحمته الله و برڪاته.

**مولوي، آفيسر ۽ جماندار نڪري وڃن ٿا.**

وڏيرو: اڙي هيڏي اچو سوئر.. مون کي هر پاسي کان خوار ڪيو اٿوَ اڙي غفران جي ڌيءُ به توهان کي پسند نه ڪيو... لکن روپيين جي ملڪيت وڃائي ڇڏيوَ.. اڙي توهان جي سزا اها آهي ته اوهان ڪڪڙ ٻڌجو.. ٿيو ڪڪڙ ڪتا پٽ گڏهه جي اولاد جا.

**سڪيلڊو ڪڪڙ سميت ٻاهران داخل ٿئي ٿو.**

وڏيرو: اڙي سڪيلڊا خان.. او منهنجا ڪوڪڙي ٻچا... تون به هيڏانهن اچ.

سڪيلڊو: مون ڪهڙي پئي ڳالهه ڪئي؟ ها ياد آيو ته مون پئي ڳالهه ڪئي.....

وڏيرو: ٻگالهيون تہ ياد توکي مان ٿو ڏياريان.. هنن نہ پڙهي منهنجي ملڪيت وڃائي ۽ تون هن جڏي ڪڪڙ جي آسري منهنجي پينگ ڪئي. اڙي تون بہ هنن سان ٿيءُ ڪڪڙ.

سڪيلڏو: پرواھ ناهي بابا.... جڏهن اسان بغل ۾ ڪڪڙ کنيو وتون ٿا تہ ڪڪڙ بڻجڻ ۾ ڪهڙو عيب؟

## سڪيلڏو ڪڪڙ بڻجي ٿو.

وڏيرو: اڙي توهان بہ ڪڪڙ ٿيو ولايت پاس ڪري ايندڙ منهنجا نافرمان فرزندؤ.

بادام: (ڪڪڙ ٿيندي) او نو پاپا آمريڪا مين ,آدمي ڪڪڙ نهين بنتا هائي. نو ڪڪڙ ان آمريڪا، بٽ ڪڪڙ از ان دس اوطاق

ڏرميندڙ: (ڪڪڙ ٿيندي) بلڪل راج ڪپور فلمز جي پيشڪش فلم ڪل يوگ ڪي ڪڪڙ ۾ شمي ڪپور سائين سميت ڪڪڙ بڻيو هو. پرواھ ناهي.

الحاج: ( ڪڪڙ ٿيندي) والله جيل ۾ پوليس بہ ائين ڪرٿُن، هتي بابو بہ ڪڪڙ ڪري ڇڏتن، جهڪتن الحاج عبدالماجد بن سلطان وليداد بن ڪرڙخان بن اڪ خان، جهڪتن جهڪتنن!

منشي: سمجهيوَ نہ سمجهيوَ. جي نہ سمجهيو اٿوَ تہ مان ڪڪڙ بنجي سمجهايانوَ.

## منشي ڪنن ۾ هٿ وجهي ڪڪڙ بڻجي ٿو

منشي: ڪڪڙ ڪيئن ٿبو آ، او سائين ڪڪڙ هيئن ٿبو آ

## منشيءَ ڪڪڙ جي ٻانگ ڏيئي ٿو ۽ پردو ڪري ٿو.

# پڇاڙي

# اسٽيج ناٽڪ

# “اٽي ٽي چٽي”

**تحرير**

**جبار آزاد منگي**

# ڪردار

| نمبر | ڪردار | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1 | ڪي ڪي ( خميسو خان) | |
| 2 | بيگم آسيا | |
| 3 | عرفان ڪي ڪي جو وڏو پٽ | |
| 4 | سليم ڪي ڪي جو ٻيو نمبر پٽ | |
| 5 | امجد ڪي ڪي جو ٽيون پٽ | |
| 6 | روشن ڪي ڪي جو چوٿون پٽ | |
| 7 | نورو (گهر جو نوڪر) | |
| 8 | ڊاڪٽر ٽڙ تڪڙ | |
| 9 | ڦندو لکنوي ( بيگم آسيا جو پيءُ) | |
| 10 | ارشد ڪي ٽو( ڦندو جو ساٿي) | |
| 11 | هِدو هوشيار پوري( هدايتڪار) | |
| 12 | شاگرد ( هِدو هوشيار پوريءَ جو) | |
| 13 | فريد فرمائشي ( راڳ جو شوقين) | |
| 14 | انسپڪٽر | |
| 15 | صائمہ | |
| 16 | بہ نقاب پوش | |
| 17 | سپاهي | |

# ”اَٽي تي چَٽِي“

منظر: هڪ گهر جي مهمان خاني جو.

وقت: ڏينهن رات، ڏينهن رات

## پردو کلي ٿو.

گهر جو نوڪر نور محمد عرف نورو ستو پيو آهي، پسِ پرده گهر ڌڻي خميسي خان عرف ڪي ڪي صاحب جي پٽ عرفان جو آواز ٿو اچي. جنهن کي اداڪاري ڪرڻ جو وڏو شوق آهي.

خميسي خان کي چار پٽ عرفان فلمي شوقين. امجد ڪرڪيٽ جو شوق رکندڙ سليم نجومي، ( غير سنڌي عورت منجهان آهن) جڏهن تہ روشن علي خميسي خان جو وڏو پٽ آهي، جيڪو ڳوٺ رهندڙ زال مان اٿس. خميسو خان ٻهراڙي سان تعلق رکي ٿو. پر هو هينئر 18 گريڊ ۾ آفيسر آهي، آفيسري جي نشي ۾ هن غير سنڌي عورت سان شادي ڪئي هئي، جنهن خميسي خان جي شهر واري سموري ملڪيت پنهنجي نالي ڪرائي ورتي آهي.

صبح جو وقت آهي، اداڪاري جو شوق رکندڙ عرفان ڪي ڪي جو آواز اچي ٿو.

عرفان: (پس پردا آواز) وي نوريا! مين جس ويلي بندوق اپڻي هته وچ اٹھاوانگا، اس ويلي تون پچ پاڪي ميدان وچون ڀهاڳ کڙي هوسين!!اس ويلي هان اس ويلي تيري دل دي ڌڙڪن ڌڪ..ڌڪ ڪرڻ لڳسين.... اٹه وي ڪمبخت نوريا!

نورو: (ننڊ مان اٿندي) اٿيو "اٽي تي چٽي" نمبر هڪ، هڪڙا سنڌي ڪڪڙ ٻيا فارمي ڪڪڙ ۽ هي آهي عرفان ڪي ڪي فلمي ڪڪڙ، جنهن جي ٻانگ ئي ٻلي جهڙي!

عرفان: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

عرفان (اداڪاري واري انداز ۾) نورا ڪي ڪي غلسخاني جي اسٽوڊيو واري سيٽ تي، تو يقينن پاڻي گرم ڪري رکيو هوندو، تہ جيئن هي ڌرتي جو عظيم اداڪار عرفان ڪي ڪي آگ ڪا دريا مان وهنجي، هزار داستان جو هيرو ٻڻجي، ٻاهر جي دنيا ۾ آنڌي ۽ طوفان آڻي ڇڏي.

نورو: (نيازمنديءَ توڪ واري انداز ۾) عرفان ڪي ڪي! جتي هوندو نورو, اتي هوندو ڪم پورو. توهان بسم الله ڪري گهري پئو غسلخاني جي گود ۾, جتي اوهان جي انتظار ۾ هدايتڪار هِدو هوشيار پوري رات ڪان ويٺو آهي.

عرفان: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

عرفان: اداڪارن جي حسن جو راز.

نورو: نرم ۽ ملائم جهڳ وارو, پلي مارڪ واشنگ سوپ.

عرفان: او ڪپڙا عاشق! بدتميز جي سيٽ تي ڊائريڪشن ڏيڻ بند ڪر, ورنہ تنهنجي نئين ٺهندڙ فلم "جابلو پڪر جهاز ۾", جي مقابلي ۾ مان نئين فلم "ڪراڙو ڪونڊي ۾" ناهڻ جو اعلان ڪندس, نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

عرفان: شارٽ اوڪي...... سائونڊ اسٽارٽ.... ڪئميرا.

**گانو:: ميں بهي بنوں گا ايڪٽر نام والا.... فلم گرفتار**

**گاني جي ختم ٿيڻ کانپوءِ عرفان گهر اندر ئي آئوٽ ٿي وڃي ٿو.**

نورو: (پنهنجي منهن) پلاڙي پاڙي پئسہ .... جي نہ مون کي ڪٽي, ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾, اڪيلو هٿ اچي وڃين! تہ اهڙي تعدي ڪيانءِ جو ڪنجوس بہ قيامت تائين ڪياڙيون ڪندا وتن.

**خميسو خان, ڪي ڪي جي گهران انٽري**

ڪي ڪي: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

ڪي ڪي: اڙي منهنجا ڪپڙا استري چو نہ ڪيا ٿئي!

نورو: صاحب! استري جي خود استري ٿيل نہ هئي, هونئن بہ جيڪڏهن نورو استري کڻي اوهان جا ڪپڙا استري ڪري ها, تہ پڪ سان اها استري اوهان کي نہ وڻي هان, چو تہ استري هميشہ استري سان ئي ڪرڻ گهرجي.

ڪي ڪي: استري... استري.... استري... اڙي صبح سان مٿو ٺي وڃائي ڇڏيئي، ٻڌاءِ آفيس بنا استري جي ڪپڙا پائي ويندس، باندر نہ لڳندس.

نورو: سائين باندر.....!؟ مولا ٿو ڄاڻي باندر اوهان ڪان مقابلو ٿورئي ڪٿي ويندو.

ڪي ڪي: (ڪاوڙ وچان) نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

ڪي ڪي: ( قميص ڏيکاريندي، جنهن کي هڪ ٻانهن ڪونهي) اڙي نياڳا هيءَ قميص پائي مان آفيس ويندس، هن جي ٻانهن ڪيڏانهن وئي!

نورو: صاحب ڪله هن قميص واري ٻانهن..........................

ڪي ڪي: اڙي چپ چو ٿي وئين! وات ۾ ويٽ پيپر رکيو اٿئي ڇا!

نورو: (شرمائيندي) صاحب نوري کي شرم ٿو اچي.

ڪي ڪي: ڇو! مون سان نڪاح ٿو پوئي ڇا!؟ جو منهن ٿو لڪائين!

نورو: صاحب ٽيون نڪاح ڪرڻ جو ارادو اٿوَ ڇا!

ڪي ڪي: اڙي وهي ڪائي وياسين تہ ڇا ٿي پيو دل تہ جوان آهي. ٽين شادي ڪئي تہ ڇا آسمان جي قميص جو کيسو ڦاٽي پوندو!

نورو: صاحب هڪڙي ڳالهہ نورو نيازمنديءَ ۾ نوڙت سان ڇئي!؟

ڪي ڪي: شرم نہ ڪر نورا.... لڄ ڪندين تہ لانئون لهي نہ سگهندين. سنو ٿي تہ ٻي شادي ڪر.

نورو: صاحب ڪله بيگم صاحب ائين مينهن واچ ڪندي آئي............

ڪي ڪي: (جملو ڪٽيندي) اڙي يار اصل بولان ميل پئي لڳي.

نورو: سائين بولان ميل کي کهڙي دال ڳرندي!؟ بيگم صاحبہ جي ڊوڙ سان! ائين ڇئہ تہ بولان ميل ايف 16 جهاز ۾ چڙهي آئي هئي.... پلو ٽئي ڪٽ جو... جي اوهان ڪٽ هيٺان نہ لڪو ها تہ ...... ڄاڻي ٿو مولا....... توهان جو حشر اهو ٿئي جو وچي ٽين 36 خير.

ڪي ڪي: اڙي نهيو نهيو..... واري جي دڙي تي بيهي پولڙن وانگر نيننگ ٽپا نہ ڏي جي ڪرئين تہ مٽڪو ٺڪاءُ ڏئي پچي پوندءِ. ڇڻ ڪٽ جو پائو پچي پيو.

نورو: سائين خاص اهڙي موقعي مهل والد مرحوم باباءِ ٿوم حضرت ڦودني خان فرمايو تہ "ٻڌو منهنجي ملڪ جون مايون، اوهان جڏهن بہ پنهنجي مڙسن تي ڪاوڙيل هجوءِ سڄي گهر جون ڪندون پاسا ڳولڻ ڪانپوءِ بہ توهان کي، توهان جو مڙس نہ ملي تہ پوءِ ٿورڙي تڪليف ڪري، هيٺ جُهڪي گهر

جي ڪٽڻ هيٺان نهاريو تہ توهان ڪي توهان جو فرمانبردار مڙس ڪن ڍرا، ٻوٽ ٻچڙو ڪيون ڪنهن نہ ڪنهن ڪٽ هيٺان لڪيل ملي ويندو.

ڪي ڪي: اڙي رڳو پٽِهين فرمائيندو وتندو هو ڇا! پٽِهين ڪي ڪو ڪم ڪار بہ هيو يا نہ!؟ اڙي گڏھ جا گوڏا گهڻا دفعا سمجهايو اٿمانءِ.

نورو: مولا ٿو ڄاڻي تہ هڪ دفعو بہ نہ سمجهايو اٿوَ تہ ڪٽ هيٺان ڪيئن لڪبو آهي.

ڪي ڪي: اڙي پنهنجي اوقات ۾ رهُ.

نورو: اوطاق جي ڇت ڪري پئي آهي، تڏهن تہ هتي سمهان ٿو.

ڪي ڪي: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

ڪي ڪي: هن قميص جي ٻانهن ڪيڏانهن وئي، توکي خبر ناهي تہ بيگم صاحب جي لنڊن واري مائٽ خاص آرڊر ڏئي هي قميص ٺهرائي آهي ۽ خاص لنڊن جي ايئر لائين جي اڪيلي جهاز وسيلي موڪلي ڏني هئي!.

نورو: مولا ٿو ڄاڻي صاحب! اهو لنڊن ۾ ويٺل بيگم صاحبہ جو مائٽ، اُتي ويهي ٿو هتي قميصون ڦاڙائي، جي انهيءَ قميص ۾ ويڙهجي هتي اچي ! تہ هي نورو سڪن پادرن جو هار پارائي، لنڊن ۾ ويٺل مائٽ کي پونڊن سان ٻچڙو ڪري هان...... رهيو سوال قميص جي لنڊن جو اها لنڊا مان آئي آهي لنڊن مان نہ.

ڪي ڪي: اڙي بس ڪر بيگم نہ ٻڌي وٺي..... ڇڏ ٻيون ڳالهيون، ٻڌاءِ قميص جي ٻانهن ڪاڏي وئي.

نورو: سرڪار ڪله جنهن مهل بيگم صاحبہ جو پارو چڙهيل هو... اوهان ڪٽ هيٺان ميٺائو ٻلي وانگي لڪيل هيا ۽ جڏهن بيگم هلي وئي، زلزلو جهڪو ٿيو اوهان جي اکين تان خوف ۽ ڊپ جا پردا آهستي آهستي هٽڻ لڳا... اوهان آفيس وڃڻ لاءِ پورب جي مينهن وانگي تڪڙي وسڪاري جي موڊ ۾ هئا. توهان کي ايڏي تڪڙ هئي يا بيگم جي موٽڻ جو خوف اوهان جي تارون تي تاري هو. رومال بدران جورابا کيسي ۾ وجهي آفيس هليا ويا هئا.

ڪي ڪي: اڙي نورا زال جي ڊپ اڳيان چڱو ڀلو آفيسر بہ پٽيوالي جي برابر آهي، اجا پٽيوالي جي بہ ڪجهہ عزت هوندي آهي. بابا ڊپ..... ڊپ ماڻهو کي ٻتال ڪري رکي ٿي. ڪڏهن ڊپ نہ آئي اٿئي،

نورو: صاحب مون واري بيگم آهي منهنجي ساٿياڻي، هوءَ ويچاري ڊپ ڪهڙي ڏيندي، ڊپون تہ بنگلن ۾ ويٺل بيگمون ڏيڻ پسند ڪنديون آهن.

ڪي ڪي: هائو نورا خوش قسمت آهين، جو بيگم جون اڪيون سو بہ ڦاٽاريل نہ ڏٺيون اٿئي. بابا بيگم جون اکيون ٽيون اڳيان اچن تہ لڱن مان ساهہ ڇڏائجي وڃي ٿو ڇڻ اڏ رنگ ٿي پيو هجي.

نورو: سائين ڪريو عشق! ڏارين سان نينهن جو ناتو لايو اٿوَ اجا ڪاٽي ڳالهہ آهي، جي بيگم هن گهر کي ايڪ دو تين نہ ڪيو تہ منهنجو نالو نوري مان مٽائي بدڪ جو چورو رکجو.

ڪي ڪي: يار ڦاٽي ڪان پوءِ ڦٽڪڻ کهڙو آ.

نورو: صاحب! نہ ڦٽڪندين تہ هڪ ڏينهن اها بيگم ڪنڌ تي ڪاٽي رکي رڍ وانگي کهي هلي ويندءِ مولا ٿو ڄاڻي ٻڪري وانگيان ٻيڪ بہ نہ ڪري سگهندي.

ڪي ڪي: بس نورا چورن جا افعال بہ ٻچڙا آهن، هڪ سچو ڏينهن اداڪار ٻيو ڪرڪيٽر، ٽيون ايڪهين صديءَ جو نجومي پٽ ۾ چوٿون ..... چوٿون وري نہ کهڻ جو نہ ڌُهڻ جو.

نورو: سائين! اوهان جو چوٿون پٽ ئي تہ ڪم جو آهي، ٻيا اٿئي ""اٿي تي چٽي"" ۾ روشن اٿئي مُنڊيءَ تي ٽِڪَ، اها ٻي ڳالهہ آهي جو بيگم صاحبہ جي اصل نٽي لڳيس. روشن علي جڏهن بہ بيگم صاحبہ جي سامهون ٿو اچي تڏهن بيگم صاحبہ جي منهن جا ڪانٽا ابتا هلڻ لڳا ٿا.

ڪي ڪي: اڙي نورا روشو بنه ڪم جو ناهي.... تون ان جي پاس خاطري نہ ڪر ورنہ نوڪري ڪان جواب ڏئي ڇڏيندوسانءِ.

نورو: ڪر بسم الله.... مولا ٿو ڄاڻي مان پاڻ هن جانده جهڙي گهر مان بيزار آهيان، سچو ڏينهن گڏه وانگي وهان تڏهن بہ ميجوتي ناهي، ڪڍ صاحب 15 سالن جو حساب تہ نورو نچندو هليو وڃي.

ڪي ڪي: مون تہ مذاق پئي ڪئي، اڙي چريا توکي ڪير هن گهر مان ڪڍندو، تون تہ منهنجي ڪوٽ جو اندريون کيسو آهين.

نورو: جنهن کيسي ۾ بيگم صاحبہ ڪان، نسوار جي ٿيلهي لڪائي رکندا آهيو اهو کيسو!

ڪي ڪي: واهہ جي ڳوٺ پڳي اٿئي.

نورو: مان اهو کيسو هرگز نہ ٿيندس. ڇو تہ ڪا مهل ڪنهن جهڙي، جي بيگم صاحبہ کي اچي وئي ڪاوڙ ۾ اهو کيسو وڏائين ڦاڙي تہ نورو تہ ٿي ويندو پورو. مان ڪوٽ جو استر چڱو آهيان.

ڪي ڪي: بيگم..... بيگم.... بيگم.... اڙي مان هن ڪان ڊڄندو آهيان ڇا! ميان شڪر ڪري بيگم! جو مون کي ڪڏهن غصو نہ آيو آهي، جنهن ڏينهن مون کي غصو آيو خبر اٿئي ان ڏينهن کهڙي قيامت برپا ٿيندي!

نورو: ها سائين خبر آهي، ڇو تہ اهڙا غصا توهان کي سال ۾ بہ دفعا ضرور ايندا رهندا آهن.

ڪي ڪي: ٻڌاءِ...... جلدي ٻڌاءِ ان ڏينهن ڇا ٿيندو آهي!

نورو: سچ گرهڻ ٿيندي آهي.

ڪي ڪي: ٻيو ڇا ٿيندو آهي!

نورو: پاڏا پاجاما پائي ٽي وي تي رڪارڊنگ ڪرائڻ ويندا آهن.

ڪي ڪي: ٻيو ڇا ٿيندو آهي!

نورو: گڏهه هينگڻ بدران ٻُٽرگون ٻُٽرگون ڪندا آهن.

ڪي ڪي: اڃا ڇا ٿيندو آهي!؟ نورا

نورو: نانوائي ماني پچائڻ ڇڏي هڙتال تي هليا ويندا آهن.

ڪي ڪي: اڃا ڪهڙو زلزلو ايندو آهي!

نورو: حجم حيران ۽ پريشان ٿي ڏندڻ سان ڏاڙهيون لاهيندا آهن.

ڪي ڪي: اڃا بچي ٿي... نورا اڃا بچي ٿي.

نورو: ڇو ٿا پنهنجي ڦشري ڪرايو صاحب! خبر آهي ته ان ڏينهن گهران وهاڻو ڪڇي وچي آفيس ۾ پناهه وٺندا آهيو ۽ هفتو ڪن گهر ڏانهن منهن ئي ناهيو ڪندا !!!.

ڪي ڪي: ڇا اهو گهٽ زلزلو آهي نورا!؟

نورو: نه سائين! صرف زلزلو زلزلي سان گڏ.........( نورو بيگم کي ايندو ڏسي) صاحب زلزلو اچي ويو........ شايد موسمياتي کاتي وارن کي ننڊ وٺي وئي آهي, جو هنن اوهان کي اطلاع نه ڪيو.

ڪي ڪي: ڪٿي آهي زلزلو!

## بيگم آسيه گهر اندران داخل ٿئي ٿي.

نورو: هي آيو زلزلو.

بيگم: خميسا خان.

ڪي ڪي: بيگم آسيا ڇو ٿي 19 گريڊ جي آفيسر جي عزت اٽي ۾ ملائين, ڪي ڪي سڏيندينءَ ته ڪهڙا مُڱ تنهنجي وات ۾ ڦُٽندا, ڪهڙي تنهنجي زبان سڙندي!؟؟

بيگم: (ڪاوڙ وچان) منهنجي...... منهنجي زبان ڇو سڙندي خميسا خان, تون آفيسر آهين پنهنجي آفيس ۾, هتي تون منهنجو مڙس آهين مڙس.

ڪي ڪي: هائو آهيان ته تنهنجو مڙس پر...................

نورو: (جملو ڪٽيندي) نوري ڪان بہ عزت گهٽ اٿس.

بيگم: تون بس ڪر بي ايمان نورا.... تہ ها خميسا خان منهنجي ڪهڙي گلا پئي ڪيئي!

ڪي ڪي: گلا! مان ڪاٿي.... گلا؟ مان ڪاٿي.... ڪڙڪ نوٽ جو قسم مان ڪاٿي... مان ڪاٿي.

(ڪي ڪي بيهوش ٿي وڃي ٿو)

نورو: بيگم صاحبہ! وارو ڪر ڊاڪٽر ٽڙ تڪڙ کي فون ڪريو لڳي ٿو تہ صاحب کي ٽوٽ برش يعني ڏندڻ پئجي ويا آهن.

بيگم: مان هن کي چڱي طرح سڃاڻان.... مَڪرُ ٿو ڪري.

نورو: (صاحب جي وات کي ڏسندي) بيگم صاحبہ ڪوڙ نٿو هڻان. صاحب واقعي بيهوش ٿي ويو آهي. ڏس ٽوٿ پيسٽ بہ وات مان وهي نڪتي اٿس. (وات مان گگ وهندي)

بيگم: ڇڏيانس ڪٿي. رڳو اٿي تہ خبر ٿي وٺانس.

نورو: ائين نہ چئو بيگم صاحبہ ائين نہ چئو! نہ تہ صاحب سموري حياتي ائين ئي سُتل رهندو! وارو ڪريو ڊاڪٽر ٽڙ تڪڙ کي گهرائي وٺو....... نہ تہ صاحب جي دل ڏونس مان دونهان ڪڍڻ لڳندي!!!

بيگم آسيہ ڊاڪٽر کي ڪال ڪري ٿي.

بيگم: هيلو ڊاڪٽر ٽڙ تڪڙ! اوهان جلدي گهر پهچي وڃو... ڪي ڪي جي گهر...... ڪي ڪي کي ڪجھ ٿي ويو آهي!

(بيگم آسيہ ڪال ڪٽي مڙس جي چوڌاري ڦري رهي آهي)

نورو: بلڪل اهڙي موقعيءَ تي باباءِ بادوان! حضرت ڦودني خان. اونڌي ڪٽ تان ڪِرندي. ٽيڙ ڪائيندي ۽ بيهوش ٿيڻ کان چند منٽ اڳ فرمايو هو تہ " جيڪو مڙس صرف نالي ۾ مڙس آهي. سو قيامت جي ڏينهن ڪارڙن ٽترن جي قطار جو اڳواڻ هوندو ۽ اهڙا مڙس قبرن مان ڪُراڙا ڪري اٿاريا ويندا!!! ڳالھ ختم پيسا هضم"

(ڊاڪٽر ٽڙ تڪڙ داخل ٿئي ٿو ۽ ٽڙ تڪڙ ۾ نوري جي ٻانهن پڪڙي پڇيس ٿو)

ڊاڪٽر ٽڙ تڪڙ: ( نوري جي ٻانهن پڪڙيندي) ڇا ٿيو اٿئي ٽڙ تڪڙ ۾؟

نورو: ( ڪي ڪي ڏانهن اشارو ڪندي) ڊاڪٽر صاحب هو ڏانهن ڏس ٽڙ تڪڙ ۾!! مون وارو صاحب ائين ڪريو پيو آهي، جڻ ريل چڙهي وئي اٿس.

(ڊاڪٽر ٽڙ تڪڙ، تڪڙ ۾ ڪي ڪي جو معائنو ڪري ٿو ۽ بيگم کي چئي ٿو.)

ڊاڪٽر ٽڙٽڪڙ: هارٽ اٽيڪ جو حملو ٿيو اٿس... ٽڙ ٽڪڙ ۾!!!

نورو ( وچ ۾ ڳالهائيندي) ڏليل آهيو ٽڙ ٽڪڙ ۾ ! هارٽ اٽيڪ جو حملو نہ پر " زال اٽيڪ " جو حملو ٿيو اٿس!

بيگم: نورا! چپ ڪري نٿو ويهين؟.

ڊاڪٽر: بيگم! ڪي ڪي صاحب کي ٽڙ ٽڪڙ ۾ انجيڪشن هڻان ٿو اٿي پوندو ٽڙ ٽڪڙ ۾.

بيگم: ها ڊاڪٽر ٽڙ ٽڪڙ جلدي اٿاريس تہ خبرون وٺانس.

ڊاڪٽر: ٻاهر ويل هيو ڇا ٽڙ ٽڪڙ ۾ جو خبرون ............

بيگم: ( جملو ڪٽيندي) نہ هتي ئي هوا پر توهان جي انجيڪشن.

ڊاڪٽر: ها ٽڙ ٽڪڙ ۾ وسري وئي هڻانس ٿو.

نورو: ٽڙ ٽڪڙ صاحب خيال ڪجو متان ٽڙ ٽڪڙ ۾ ويم واري سئي نہ هڻي وجهوس، پوءِ تہ ظلم ٿي ويندو.

ڊاڪٽر: تون ماٺ رها ٽڙ ٽڪڙ ۾!

**(ڊاڪٽر انجيڪشن ڪي ڪي صاحب کي هڻي ٿو. ڪي ڪي هوش ۾ اچي ٿو: بيگم آسيہ کي ڏسي وري بيهوش ٿي وڃي ٿو.)**

ڊاڪٽر (نبض ڏسندي) وچ... آهي تہ ٺيڪ ٺاڪ... پر وري ڪري پيو ٽڙ ٽڪڙ ۾...

بيگم: ڊاڪٽر توهان هٿ ڪيوس، هن جي بيماري، هاڻي مون سڃاتي آهي. توهان جي في گهڻي ٿي؟

ڊاڪٽر: ٻہ هزار روپيہ ٽڙ ٽڪڙ ۾.

بيگم: ٺيڪ آ لکي ڇڏيو.

ڊاڪٽر: اوڪي! ٽڙ ٽڪڙ ۾.

**(ڊاڪٽر ٽڙ ٽڪڙ وڃي ٿو.)**

بيگم: (ڪي ڪي مٿان بيهندي) ڪي ڪي اٿين ٿو يا نہ؟... اڙي نورا ڳاڙهن مرچن وارو دٻو تہ کڻي اچ!! تہ خبر وٺانس.

نورو: بيگم صاحبہ ائين نہ ڪجو.... صاحب صفا ساڻو ٿي پوندو.

بيگم: ڪي ڪي اٿين ٿو ته نيڪ آ نه ته..... ناسن ۾ ڳاڙها مرچ وجهي، وات ٻڌي ڇڏينديس سانءِ.

**(ڪي ڪي ڇرڪ ڀري اٿي ٿو).**

ڪي ڪي: ڇا ٿيو هيو مون کي؟

نورو: توهان تي زال اٽيڪ جو حملو ٿيو هو! .

ڪي ڪي: اها نئين بيماري آهي ڇا؟

نورو: تمام پراڻي آهي ۽ اڪثر وڏن بنگلن ۾ رهندڙ وڏن ماڻهن کي وڏي شوق مان ٿيندي آهي.

بيگم: خميسا خان توکان پڇان ٿي ته منهنجي گلا ڇو پئي ڪيئي؟

ڪي ڪي(ڪن تي هٿ رکندي) بيگم گلا؟.... سو به تنهنجي.... منهنجي ڪهڙي مجال آ جو تنهنجي گلا ڪريان، تون ته منهنجي من جي راڻي آهين..... منهنجي دل جي ديوي آهين...... منهنجي جگر جي............

بيگم: (جملو ڪٽيندي) ٺهيو ٺهيو.. چاپلوسي نه ڪر.... ٻڌ اڄ منهنجو والد صاحب اچي رهيو آهي... مان سهيلين ڏانهن وڃان ٿي.... جيڪڏهن منهنجي والد کي ڪا به ۽ ڪنهن به قسم جي تڪليف پهتي ته پنهنجو خير نه سمجهجان پوءِ......

نورو: (جملي ڪٽيندي) ۽ پوءِ! صاحب واڏڻ ۾ ٻڌل هوندو.

ڪي ڪي: بيگم هڪڙي ڳالهه ته ٻڌاءِ..... پر ڪاوڙ نه ڪجان.

بيگم: جلدي پڇ..... مان تڪڙي آهيان.

ڪي ڪي: توهان ۾ اهو رواج ڪڏهن کان آيو آهي؟

بيگم: ڪهڙو رواج؟

ڪي ڪي: اهو! جو اوهانجي ڪنوار سان گڏ پوڙها به ڏاج ۾ ملندا آهن، جيئن مون کي تو وارو پيءُ ڏاج ۾ مليو آهي.

بيگم: (ڪاوڙ وچان) تون ائين نه مڙندين خميسا. منهنجي پيءُ جي بي عزتي ٿو ڪرين.

ڪي ڪي: بيگم هر ويرو ڪاوڙ تي ڪرين.... ڪاوڙ به ڪنن تي چڙهيل اٿئي.

بيگم: خميسا خبردار ٿي.

**(بيگم خميسي کي ڊوڙائي ٿي ۽ جهيڙو ڪري ٿي. ڪرڪيٽر امجد گهران اچي ٿو.)**

امجد: (ڪمينٽري ڪندي) بابي خميسي خان عرف ڪي ڪي جي پوزيشن انتهائي ڪمزور ٿي چڪي آهي.... امان آسيه فاسٽ بالنگ جو مظاهرو ڪري رهي آهي..... تماشائي نورو وڏو لطف حاصل ڪري رهيو آهي... شادي کان وٺي هن اڄوڪي ميچ تائين امان 14 هزار ڊڪ ڊوڙ رنسون. 6 سئو

ويلڻ ڇڪا ۽ هڪ سئو ٻاهتر ڇماڪن جا چونڪا هڻي، ابي خميسي خان کي هارائي چڪي آهي! ۽ هينئر فاسٽ بالر بيگم آسيہ آخري اوور جو آخري بال ڦٽي ڪيو ۽ کي کي بنا وهنجڻ ۽ ڪپڙن پائڻ جي ايل بي ڊبليو تي آفيس هليو ويو.

**(کي کي ٻاهر آئوٽ ٿي ويندو.)**

بيگم: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

بيگم: ٻڌ اڄ منجهند جي ڀاڄي ۾ مرغي هجي. ٻاڪري گوشت جا ڪوفتا، مڇيءَ ۾ برياني، تيل ۾ تريل ڪريلا ۽ مٽي ۾ لاجواب ڪيرٽي تيار هجي، ڇو تہ اڄ منهنجو ابو جان اچي رهيو آهي.

نورو: جي بيگم صاحبہ.... ۽ صاحب لاءِ ڪهڙي ڊش تيار ڪجي.

بيگم: پيندين ۾ پلاءُ، بنا مرچن جي.

نورو: شايد صاحب جو وات پنڪچر ٿي پيو آهي.

بيگم: امجد پٽ تنهنجو ڪهڙو پروگرام آهي؟

امجد: ممي اڄ ٻتال اسٽيڊيم ۾ واٽڙا ڪرڪيٽ ڪلب ۽ ڇٻا اليون اسٽار ڪرڪيٽ ڪلب وچ ۾ سخت مقابلي ٿيڻ جا امڪان آهن، اوڏانهن ويندس.

نورو: بلڪل اهڙي مناسب موقعي جي مهل تي باباءِ پيينگ حضرت ڦودني خان ڀڳل ڪاري تي ويهي فرمايو هو تہ "جڏهن "اٽي تي چٽي" ۽ بي سُرا پٽ واٽڙن جي محفل جا مور بنجي ايندا، تڏهن ڇٻا ڇيگم ڪائيندي چالون وڙهندا. ياد رکو! جو شخص ڇيگم ڪائي چانه پئندو، سو آسمان تان هيٺ اڇليو ويندو"

بيگم: نورا مان سلما ڏانهن وڃان ٿي... تو وارو صاحب آفيس مان موٽي اچي تہ.......

نورو: (جملو ڪٽيندي) گهر جي ڀاري ڏيارينس.

بيگم: آهي تہ انهي لائق..... پر وري بہ رحم ٿو اچي!!

**(آسيہ بيگم ٻاهر نڪري وڃي ٿي.)**

امجد: نورا

نورو: هڙئي ڪم پورا.

امجد: خبر اٿئي ڇريا؟ جڏهن مان هار سينگار ڪري، فل سوٽ پائي ۽ هٿ ۾ بيٽ کڻي بيهندو آهيان، ان وقت ڪهڙي ڪرڪيٽر جهڙو لڳندو آهيان؟

نورو: مُنڊي ڪيپيل ديو جهڙو.

امجد: (ڪاوڙمان) تون عظيم ڪرڪيٽر جي نالي جي توهين ڪري رهيو آهي، ان جو نالو منڊيءِ ڪپيل ديو نہ پر ڪپيل ديو آهي.

**(عرفان گهر اندران اچي ٿو).**

عرفان: تو پاڻي گرم نہ ڪري عظيم اداڪار کي ڪشمڪش ۾ وجهي ڇڏيو نيٺ مجبور ٿي ادا ڪار سخت ٿڌي پاڻي سان وهنجي آيو آهي ائين سمجه تہ هماليہ جي گود ۾ ويهي صابڻ هنيو اٿم.

امجد: عرفان يقينن توهان غسلخاني جي گرائونڊ مان ٿڌي فيلڊنگ سبب آئوٽ ٿي چڪا آهيو هينئر امجد فيلڊ ۾ لهي رهيو آهي ۽ امجد ڪيچ آئوٽ ٿيڻ کان پاڻ بچائي مين آف دي ميچ ٿي ويندو.

**(امجد گهر اندر آئوٽ.)**

نورو: اهڙي خاص موقعي تي باباءِ بک حضرت ڦودني خان بيٺ تي ويهي، استر هواءِ ۾ اڇلائي ۽ بال کي بغل ۾ ڪري فرمايو هو تہ "جيڪو ڪرڪيٽر سخت سياري ۾ ٿڌي پاڻي ۽ گرمي جي مند ۾ گرم پاڻي سان وهجندو اهو ڪڏهن بہ هار نہ کائيندو. اي هن ملڪ جا عظيم رانديگرؤ! ان فرمان تي عمل ڪندو تہ اوهان ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهندؤ."

عرفان: نورا پوءِ تہ هر رانديگر جو تارون ٺا ڪري ڦاٽي پوندو ۽ ملڪ جو هر "شمع پروانو"" توپڪ زمان قانون" بنجي تنهنجي سئنيما جي هال ۾ زخمي شير جي صورت ۾ داخل ٿي سئنيما جي "چاندوڪي" کي "اندهيرا اجالا" ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو.

نورو: عرفان صاحب جنهن مهل اوهان ڇاوا هئا ان وقت سئنيما ۾ ڪهڙي فلم لڳل هئي؟

عرفان: "انسان اور گدها"..... خير آءُ هينئر ميڪ اپ روم ۾ وڃان ٿو تون ڪئميرا اوڪي رک، پاڻ جلد "ڪوپ پليٽ تي" فلم جي شوٽنگ ڪرڻ وارا آهيون. اوڪي.

**(عرفان گهر ڏانهن آئوٽ.)**

نورو: ان موقعي تي بابي سائين ڇا فرمايو هو..... اون..... ڪجھ بہ نہ..... پرواھ ناهي پنهنجو قول ناهي ٿو وٺان ۽ پوءِ بابي سائين جو فرمان ڪري ٿو عرفان صاحب کي دون ۾ هٽان، ڇا ياد ڪندو.

**(ڪي ڪي صاحب ٻاهران اچي ٿو).**

ڪي ڪي: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.... پر صاحب ايڏو جلدي ڇو موٽي آيا. آفيس نہ ويوَ ڇا؟

ڪي ڪي: اڙي هن حال ۾ آفيس وڃان ها!؟ بس وڻ تي چڙهي وڃي وينس هاٽي جلد ڪري قميص ڏي تہ پائي آفيس وڃان، بيگم نہ اچي وڃي.

**(نورو قميص جي بدران ڪوٽ ڪڍي ڏيس ٿو.**
**ڪي ڪي تڪڙ ۾ ڪوٽ پائي ٿو.)**

ڪي ڪي: ڪوٽ ڪڍي ڏي نورا.

**(نورو هڪ پانھن واري قميص ڪڍي ڏيس ٿو ڪي ڪي ڪوٽ مٿان پائي ٿو.)**

ڪي ڪي: جورابا جلدي ڏي.

**(نورو تڪڙ ۾ مختلف رنگن وارا جورابا ڏئيس ٿو. هو پائي ٿو).**

ڪي ڪي: اڙي بوٽ ڪٿي آهي نورا.

نورو: سائين بوٽ ڪوٽ جي ڪيسي ۾ رکيل اٿوَ آفيس ويندي پائجو پجو نہ تہ اها پوڙهي ڏائڻ.. ڇاڻ رڪشي ۾ چڙهي اچي هِتِ پهتي. تہ وري ابتا ساهہ پيو ڪڍندين!

ڪي ڪي: ها يار ها.

**(بيگم آسيہ اچي ٿي پاهران.)**

بيگم: ڪي ڪي! تون ابوجان کي وٺڻ اجان ناهين ويو. هو اسٽيشن تي انتظار ڪندو هوندو. اٿ وڃ.

ڪي ڪي: بيگم ڪپڙا تہ پائي وٺان، پٺين ننديو بار ٽورئي آ جو گهر تي ويندو.

نورو: ائين نہ چيءِ سائين ائين نہ چيءِ..... اهڙن پوڙهن تي اعتبار اصل نہ ڪر جي تو وارو سهرو خدانا خواستہ اسٽيشن تي ڪنهن چانه واري اسٽال جي ڪوپ ۾ گهڙي ويهي رهيو تہ پوءِ ڪٿان ڳوليندا سونس.

بيگم: توکي چڱي طرح خبر آهي خميسا تہ ابو اڳ بہ ٻہ دفعا گهر تي چڪو آهي.

نورو: ها سائين خبر اٿوَ ڪٿان ڳولي لڌوهئوسونس.

ڪي ڪي: چڙيا گهر اندر پولن جي پڃري ۾ وينو هو نہ!؟

بيگم: ڇا؟ ڇا منهنجو پيءُ باندر آهي؟

**(ڪي ڪي سان جهيڙو ڪي ڪي پڇي ٿو عرفان اندران اچي ٿو ۽ پنهي کي ڏسي ٿو.)**

عرفان: خدارا بند ڪريو اهيو تڪراءُ, بند ڪريو تڪراءُ.

**گانو: مزاحيہ تڪرا**

**(گانو هلندي ڪي ڪي آئوٽ ٿي وڃي ٿو. روشن اچي ٿو. گانو ختم ٿئي ٿو.)**

روشن: عرفان توکي شرم اچي، بابي جي بيعزتي پئي ٿئي ۽ تون.... تون پنهنجي فن جي آڙ ۾ پيءُ کي مذاق جو مُهرو ٿو سمجهين!

بيگم: روشو! هن گهر ۾ ڳالهائڻ جو توکي ڪنهن به قسم جو حق ناهي.

روشن: هي منهنجو پيءُ آهي.

بيگم: ليڪن مان تنهنجي ماءُ ناهيان سمجهئي.

روشن: امان تون برابر منهنجي سڳي ماءُ ناهين، پر توکي سڳي ماءُ وانگر سمجهان ٿو... تون پنهنجي مڙس جي بيعزتي نٿي ڪرين پر پنهنجي عزت وڃائي رهي آهين.

بيگم: شرم ڪر ڀرا اڙي جا چٽ ڇورا. منهنجي منهن نه چڙهندو ڪر، تنهنجي عزت هن گهر ۾ ڪتي برابر آهي.

روشن: امان پنهنجي زبان مان ايڏا زهريلا جملا نه ڪڍ، بابي جو ڏوهه ڪهڙو آهي؟ جو تون هر وقت هر گهڙي هن جي عزت کي مٽيءَ ۾ ملائي رهي آهين. عورت ته هن ڌرتيءَ تي پيار ۽ امن ڪٺي آئي آهي، هن ڌرتي تي مڙس عورت جو مجازي خدا آهي.

بيگم: مجازي خدا!!!؟ اهيو سبق وڃي پنهنجي سڳي ماءُ کي سمجهائي اچ... مون کي نه سمجهاءِ.

روشن: امان ايڏي نفرت پنهنجي من ۾ نه رک. نفرتن هن دنيا کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، نفرتن سوين زندگيون موت جي منهن ۾ اڇلائي ڇڏيون آهن.

بيگم: چڱو تر منهنجي اڪين اڳيان، صبح جو موڊ خراب نه ڪر، تون ڳالهائين ڪهڙي طاقت تي ٿو؟ ياد رک هي ڪراچي آهي ۽ هي منهنجو گهر آهي، تون هن گهر مان نڪرين سگهين ٿو.

روشن: هي ڪراچي به اسان جي آهي ۽ هي گهر به هميشه کان منهنجو آهي ۽ منهنجو ئي رهندو. تنهنجي مالڪي ڪوڙي آهي. بابي کي منڙا ٻول ٻڌائي تون هي گهر اسان کان کسي نٿي سگهين.

بيگم: تون مون کي ٿو ورنديون ڏين ڪميڻا!!؟؟

**(بيگم پادر لاهي روشن کي هٽي ٿي، هو چپ ڪيون بيٺو آهي.)**

عرفان: امان توکي اهيو نه جڳائي.... ها ميان ٿو ته ماءُ جو حق آهي ته هو غلط عمل تي ماري، پر ادو روشن توکي سچ ٿو چئي.... امان تون هن گهر ۾ ستر سالن کان رهين ٿي پر پوءِ به پاڻ کي ڌاري ٿي سمجهين؟

بيگم: تون ماٺ ڪر بدتميز.

عرفان: امان نانو قندو ۽ ان جا دوست هن گهر کي تباهه ڪرڻ پويان آهن، تون انهن جي اشاري تي پنهنجي ئي گهر جو امن ۽ سڪون ساڙي رهي آهين.

بيگم: عرفان..... ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ سک، جيڪڏهن روشن ائين چوي هان ته نڙيءَ تي ننهن ڏئي ساهه پي وڃانس هان.

**(بيگم ڪاوڙمان ٻاهر نڪري وڃي ٿي.)**

عرفان: روشن خدا ڄاڻي ٿو تہ مان توکي پنهنجو سڳو ڀاءُ سمجهندو آهيان، امان تنهنجي نہ پر منهنجي بيعزتي ڪئي آهي.

روشن: عرفان سڀ ڀائر تہ آهيون، اڙي چريا ٻنهي جو تخم تہ هڪ آهي، زمين الڳ ٿي تہ ڇا ٿي پيو؟ گلاب جا گل ڀلي الڳ الڳ زمينن ۾ پوکيا وڃن پر اهي گلاب ئي پيدا ڪندي.

عرفان: روشن مون هميشہ اهيو سوچيو هو تہ پنهنجي دردن کي ڪل ڀوڳ ۾ لڪائي ڇڏجي، پر نہ! درد مذاق ۾ لڪي نٿا سگهن.

روشن: عرفان تون تہ فنڪار آهين، فنڪارن جون دليون تہ محبتن جا مندر هونديون آهن، جتي حسن جون ديوبون سرنوائي پوڄا ڪنديون آهن ۽ فنڪار تہ سرحدن جا بہ قائل نہ هوندا آهن.

عرفان: واقعي روشن! اڄ هن فنڪار سمجهي ورتو تہ اصل فنڪار ٿيندو ڪير آهي.

**عرفان گهر آئوٽ.**

نورو: روشن پٽ هن ڪراچيءَ واري گهر کي برباد ٿيڻ کان تون ئي بچائي سگهين ٿو ٻيا سڀ تنهنجا ڀائر "اٺي تي چٽي" آهن، بيگم آسيہ جا مائٽ هن گهر ۾ ڏار وجهڻ گهرن ٿا، تون ئي ها روشن تون ئي هن گهر کي بچائي سگهين ٿو.

روشن: پر نورل تنهنجو مون سان ساٿ رهندو.

نورو: نورو مرندو مري ويندو پر پنهنجو ڪم پورو ڪري ويندو.

روشن: تہ پوءِ توکي هڪ قرباني ڏيڻي پوندي.

نورو: حڪم ڪر پٽ حڪم! نورو، نور سان توسان ٻڌل آهي.

روشن: تہ پوءِ ٻڌ.

**(ميوزڪ هلي ٿي نورو ۽ روشن منصوبو ٺاهين ٿا.ميوزڪ ختم ٿيڻ کان پوءِ)**

روشن: نور محمد پوءِ پڪ.

نورو: بلڪل پڪ.

روشن: هون..... تہ پوءِ مان ان ڪم لاءِ بندوبست ڪرڻ وڃان ٿو.

**(روشن ٻاهر آئوٽ ٿئي ٿو سليم گهر اندران انٽري ڪري ٿو.)**

نورو: آيو نمبر ٽيون "اٺي تي چٽي"..... ها سليم صاحب اڄ ستارا ڇا فرمائين؟

سليم: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

سليم: اڄ مُشتري مٿان زُحل سوار آهي، زحل جومڪمل اثر عطارد تي ٿي چڪو آهي.... زائچو ٻڌائي ٿو تہ اڄوڪي ڏينهن تي جو بہ شخص سَيُون کائيندو اهو اوير ايشيا جي ملڪن مٿان حڪمراني ڪندو.

نورو: مولا ٿو ڄاڻي هن در تي نوڪري ڪندي نوري جو نُور ئي نَورَ ڪٽي ويا آهن، مان جاپان تي حڪومت ڪرڻ گهران ٿو.

سليم: پوءِ سَيُون کاءُ سَيُون.... اڄ جو اڄ ورنہ مريخ مچون مروڙي قمر ڏانهن رک ڪندو تنهن ويلي توکي مٿل گڏھ جو آنڊو فرائي ڪري کائڻو پوندو.

نورو: مون کي سَيُون کائڻيون آهن... سَيُون..... سليم صاحب.

سليم: (زائچو ڏسندي) هڪ سير سَيُون ديڳڙي ۾ وجهي، چلهي جي ٽڪڻ تي رکي، ٻہ ڪلو لسي پر گهاٽي لسي ديڳڙي ۾ وجهي گرم ڪر، جڏهن لسي آڪڙ مان ٻڙڪڻ لڳي تڏهن دال منڌيئڻو ڪٽي سَيُون خوب گهوٽجان، داٻ ڏئي پنجهٽ منٽ ۾ ساڍا تي سيڪنڊ هلڪي باھ تي رکجان ۽ پوءِ اهي سَيُون گهرجي ڪنهن بہ پيٽ تي لانگ ورائي ويهي کائجان تہ تون جاپان جو شهنشاھ وانگ تانگه پڙيانگ زوني بنجي ويندين.

نورو: نالو آ يا شهر جي نالي آ. سليم صاحب ايڏو ڏکيو ۽ ڊگهو نالو ڏسي جاپان تي حڪومت ڪرڻ جا خواب کوکي ۾ لڪي ويا. پلا جيڪڏهن مان هن ملڪ جي اسيمبلي جو ميمبر بنجڻ واري خواب کي پورو ڪرڻ چاهيان تہ پوءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟

سليم: (زائچو ڏاهيندي) نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

سليم: تون ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ ماهر آهين؟

نورو: نڪو.

سليم: تون ننڊ مان اٿڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين ٻوٽ پاڻي جي ڏائڻ جهڙو ڪري ويهي سگهين ٿو؟

نورو: سائين نورو ڪل ۾ پورو.

سليم: توکي دل جو دورو مهيني ۾ گهڻا دفعا پوندو آهي؟

نورو: نورو انهيءَ رحمت کان محروم آهي.

سليم: تون پرائي پٽڪي کي لاهڻ ۾ مهارت رکين ٿو؟

نورو: نورو ڪنهن تي ناراض نہ ٿيندو آهي.

سليم: تہ پوءِ تون اسيمبلي جو ميمبر تہ ڇا پر آل سنڌ جواري ايسوسيئيشن جو ميمبر بہ نٿو ٿي سگهين، بلڪہ اسيمبلي ميمبر جي بورچي جو بہ نوڪر نٿو ٿي سگهين.

نورو: اهو ڇو سليم صاحب.

سليم: نورا ميمبرن جي بورچين جا نوڪر بہ ڪوڙ ۾ ماهر هوندا آهن ۽ هو بہ هارس ٽريڊنگ ڪندا رهندا آهن.

نورو: ڇئبو تہ نوري جو خواب سانوڻ جي مند ۾ وڻ سان ٻڌل پينگه تان ٿڪو ڪري ڪِري پيو؟

سليم: نورا تنهنجو خواب بنا ڏوهہ جي ٽاٽي جي لاڪپ ۾ لڙڪايو ويو آهي، هن وقت تنهنجو خواب برج اسد حوت جي وچ واري اقوام متحده پٽي تي پِٽڪو ڪري رهيو آهي.

نورا: مولا ٿو ڄاڻي بلڪل اهري ئي موقعي تي بابي سائين حضرت ڦودني خان ٻِهن جي ٻوري تي چڙهي، ڪنن ۾ ڪچالو وجهي ۽ وات واڳڻ جهڙو ڪري فرمايو هو تہ "جتي اُلو ڏينهن جي روشني ۾ قبرستان مان نڪري شهر جي بازارن ۾ اچي بصرن جي پينگ ڪن،اتي غريبن جا خواب ربوءَ واري کڏ ۾ غوطا کائيندا رهندا آهن."

سليم: منهنجو زائچو مون کي ٻڌائي ٿو تہ مان هينئر هتان هليو وڃان، ڇو تہ هن وقت مشتري ۽ زهره پاڻ ۾ ڇِڙي پيا آهن...... اسان هلون ٿا نورا.

**سليم ٻاهر آئوٽ**

نورو: هڙئي ڪم پورا..... پر نہ ڪجھ ڪم اڌورا، اهڙي موقعي تي باباءِ بدنام حضرت ڦودني خان هلندڙ بس جي ڇت تان ٽپو ڏيندي فرمايو هو تہ "جن ماڻهن جا سپنا اڌورا رهجي ويا آهن، اُهي سپنن جي ساڀيان لاءِ ست سمونڊ پار ڪري سعودي جي ڪنهن بہ شهر ۾ ڌاڙو هڻي، لنڊن ۾ ويٺل لنگور کي لپاٽون وهائي، ايئر انڊيا وسيلي امرتسر مان ٿيندو مڪلي جي مقام ۾ هڪ قبر مٿان لانگ ورائي ويهي رهي تہ انهيءَ جا سپنا پورا ٿي ويندا."

**<u>بيگم آسيہ جو پيءُ ڦندو لکنوي ٻاهران اچي ٿو جنهن سان هڪ نوجوان ارشد کي ٿو گڏ آهي.</u>**

ڦندو: اسلام عليڪم ورحمتہ الله وبرڪاتہ برخوردار ميان نورا.

نورو: وعليڪم سلام ڦندو ڦڏي باز لکنوي. جلي آئين جلي آئين. پر هي ڪير آهي تو سان گڏ.

قندو: (پان چٻاڙيندي) ميان هي برخوردار ارشد ڪي تو آهي.

نورو: ڪي تو سادو يا فلٽر..... يقينن پوءِ تہ توهان وٽ رشيد پن جي ٻيڙي، ڪمال ڪنگ سائيز فلٽر، حميد حقو براند. صادق سلفي، انور اڳٽ وجهٽي وغيره وغيره بہ ضرور هوندا.

قندو: (ڪاوڙمان) ميان نوري.

نورو: هڙئي ڪم پوري. پر ميان قندو ڦرٽا گهرٽا اوهانجي آواز کي ڇا ٿيو آهي؟ رات ڪنهن بدروح جي قبر تي ڪورس جي انداز ۾ قوالي ڳائي اٿئي ڇا؟

قندو: امان نوري.

نورو: نہ بابا نوري.

قندو: ميان مون کي زڪام ٿي پيو آهي، ان جو ڪو علاج آهي تو وٽ.

نورو: آسان علاج.... زڪام مان زندگي ڀر جان ڇُٽي پوندءِ.

قندو: جلدي ٻڌاءِ ميان برخوردار.

نورو: ٻنهي ناسن تي دونالي بندوق رکي ٺڪاءُ ڪراءِ نہ هوندونڪ نہ ٿيندءِ زڪام، ابو مرحيات اهيو نسخو آزمائيندو هو.

قندو: پوءِ بہ بچي ويندو هو؟

نورو: ها! ڇو تہ ابو اول نڪ ڪياڙي ڏانهن ڪري پوءِ بندوق هلائيندو هو.

قندو: (عجب وچان) نڪ ڪياڙي ڏانهن..... ميان نوري تون منجهائين ٿو.

ارشد : چچا باجي ڪٿي آهي؟

نورو: ٻاجي ونڻ وئي آهي.

قندو: امان نورا ! افسوس آهي تہ مون کي ڪو بہ ونڻ نہ آيو.... تون بہ نہ آئين؟

نورو: مان اچان پيو پر پوءِ نہ اچي سگهيس.

قندو: ڇو ميان؟

نورو: ٽڪيٽ ڪونہ ملي.

قندو: پليٽ فارم جي!

نورو: نہ چڙيا گهر جي.

قندو: چڙيا گهر جي ڇو ميان؟

نورو: اڳي پوءِ توهان اتي ئي اچي باندرن جي پڃري ۾ ويهي رهو هان.

قندو: ميان نوري.

نورو: ھڙئي ڪم پوري.
ارشد: باجي آسيہ ڪٿي آھي؟
نورو: ٻاجي وٺڻ وئي آھي.
ڦندو: ميان! اسان گھر اندر ھلي ويھون ٿا، تون نِھاري ۽ حليم جو جلدي بندوبست ڪري اچ.
نورو: فڪر ئي نہ ڪر ڦندو فرقي پرست، اجھو ڪٽي آيس، توھان رڳو ھلي وات واڍڻ ۾ وجھي ويھو.
ڦندو: وات واڍڻ ۾!؟
نورو: ھا گُرڙي ڪرڻ جو نئون طريقو آھي.
ڦندو: چڱو ميان اسين اندر ھلون ٿا ۽ وات واڍڻ ۾ وجھي ھنو ٿا..... برخوردار ارشد ھلي آءُ.

**ارشد ۽ ڦندو گھر اندر آئوٽ.**

نورو: (پنھنجي منھن) ھي بيگم صاحبہ جو پيءُ ڦندو لڪنوي.... شيطان جي شڪل جھڙو ڪي تو فلتر ھن گھر ۾ ھاڻي ضرور گڙٻڙ ڪندا.

**ڪھاڻيڪار، ھدايتڪار ھدو ھوشياري پوري پنھنجي ھڪ شاگرد سان جنھن کي پاڻ کان وڏي لٺ ھٿ ۾ آھي ٻاھران اچي ٿو.**

ھدو: سائونڊ لائيٽ اوڪي.... ڪئميرا اسٽارٽ، ايڪشن! اسلام عليڪم.
نورو: وعليڪم سلام ڪھاڻيڪار، ھدايتڪار، بيروزگار، بيڪار موسيقار، گلوڪار ھِدو ھوشيارپوري، ڪا نئين ڪھاڻي لکي اٿئي ڇا؟
ھدو ھوشيارپوري: ھا! ڪُراڙي ڪانٽي ۾ لکي اٿم.
نورو: ڪڏھاڪون ڪراڙيون ڪپائڻ لڳو آھين؟ اوڌر تي بہ ڏيندين يا نہ؟
ھدو: ڪٽ! اوڌر تي ايندڙ سال.
نورو: ٻلا اھا ڪھاڻي تہ ڪانھي جنھن جو اڳم نالو ھو پوڙھو پاجامي ۾.
ھدو: اھا توکي خبر ڪيئن پئي؟
نورو: بس ائين ئي..... ھونءَ بہ گڏھ ساڳيو ھوندو آ آٽر مٽيل ھوندا آھن. آٽرن تي ڳالھ ياد آئي تہ ڊرامي جو نالو مان ڏيانءِ ٿو.
ھدو: ٻڌاءِ تہ اھيو ڊرامو ٽڪيٽ تي ھلائيندا اسين.

نورو: ٻڌ. تڏا ويڙهه آرٽ ڪلب پاران پوڙهن جو پِنِيل، سونهن جو سِتيل ۽ حسن جو هيراڪ هدو هدايتڪار پيش ڪري ٿو نئون ناٽڪ گڏهه گاهي جو آٿر الوءَ جا. فنڪارن ۾ بصر بادامي، ڪابلولي ٻيڙ ۽ زندگي جي سدائين ساڳي ڪردار ۾ پلنگ جو پائو.

هدو: وهوا.. وهوا... لڳي ٿو تہ تون مستقبل جو وڏو ولين ٿيندين؟ بابا وچ ۾ عرفان کي سڏي اچ.

نورو: خدارا پنهنجو پاڻ تي ۽ مسڪين ماڻهن تي رحم ڪائو اهڙا واهيات نالا ڏئي اوهان ڇو ٿا بداخلاقي جا مظاهرا ڪريو... خدا جي واسطي پنهنجي شوق جي سمنڊ ۾ ماڻهن جي ذهنن کي نہ لوڙهيو... رحم ڪائو..... ٻيلي وقت جي وهڪري ۾ نہ وَهو اوهان جي عظمت تہ آسمانن جي اوچائين تائين هُجي، ڇو ٿا پنهنجي فن کي گندگي جو ڍير بڻايو. رحم ڪائو رحم ڪائو. هروڀرو "اٿي تي چڙي" نہ ٿيو.

## نورو گهر اندر وڃي ٿو. هدايتڪار خوامخواه ايڪشن هٽي ٿو. عرفان اچي ٿو.

هدو: ايڪشن..... انٽري..... ڇڪ ڇوڪر پردي کي.

عرفان: ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

هدو: نئين ڪهاڻي نڪاح رات ناڪي تي.... نئين بلڪل نئين آئيڊيا ڪٽي آيو آهيان، ايڪشن سان ڀرپور ڪهاڻي آهي. جڏهن اها ڪهاڻي اسٽيج تي هلائي ويندي ڏسندڙن جي ڪنن مان دونهان نڪرندا دونهان.... سگريٽ تہ پيار.

عرفان: سگريٽ ڪونهي، پوءِ ڇا ٿيندو؟

هدو: سگريٽ ڪونهي تہ پوءِ دونهان ڪيئن نڪرندا؟ خير اِڳتي هلون ٿا. ٻڌ پلاٽ بابا پلاٽ.... غضب جو پلاٽ آهي.... پردو کلي ٿو.... هڪ گل ڏيکاريو وڃي ٿو.... گل آهستي آهستي کُلي رهيو آهي... گل مڪمل کلي چڪو آهي..... ميوزڪ هلي ٿي گل اندر مڪڙي موجود آهي. ڪٽ.

عرفان: گل ۾ مڪڙي!

هدو: ها ٻڌايومانءِ تہ نئين آئيڊيا آهي.... ڇا تہ خطرناڪ ۽ حسين آئيڊيا آهي واهڙي واه هدو هدايتڪار تنهنجي عالي دماغ جو جواب ناهي.... ها پوءِ مڪڙي بہ آهستي آهستي کلي ٿي، ان ۾ هيرو ويٺو آهي، جيڪي توهان ئي هوندئو. سگريٽ نٿو پيارين؟

عرفان: هيري ٿيڻ جو اڄ ڪله ڇا ريٽ آهي مارڪيٽ ۾؟

هدو: ڪٽ. ان آئيڊيا تي پوءِ ڳالهايون..... تہ ها هوڏانهن هوا ۾ ٻيو گل اڏامندو اچي ٿو اهو گل بہ آهستي آهستي کلي ٿو.

عرفان: هدايتڪار صاحب پلا سچي ڊرامي ۾ رڳو گل ئي کُلندا رهندا يا ٻيو ڪجهہ بہ اٿس.

هدو: وچ ۾ نہ ڳالهاءِ.... ها ٻڌ چا تہ خطرناڪ، دل ڪي لوڏيندڙ منظر آهي، واهہ ڙي واهہ هدو تنهنجي آئيڊيا.... مڪڙي کُلڻ ڪانپوءِ هيروئن مڪڙي مان نڪري ٿي ۽ گل هوا ۾ اڏائي وڃن ٿا.

عرفان: ٻئي گانو ڪهڙو ڳائين ٿا؟

هدو: مار ڪائي وئين عرفان مار.... آخر استاد، استاد آهي.... گانو اتي آهي ئي نہ.... چيومانءِ نہ تہ بلڪل نئين آئيڊيا آهي.... سگريٽ نٿو گهرائين!؟

عرفان: مانڊڻيون بند ٿي ويون آهن..... ها اڃتي هل.

هدو: دونهون نہ نڪرندو تہ ڳاڙو ڪيئن گهلبو؟ خير ڇڪيون ٿا مڙئي زور سان! تہ ها..... اسٽيج تي وڏو طوفان ايندو.... الا چا تہ منظر هوندو هاءِ هاءِ..... منظر ياد نہ ڏيار عرفان منظر ياد نہ ڏيار..... طوفان ڪان پوءِ زري اڏامندي..... چرڙات ٿيندا... صرف هڪ گل واپس موٽي ايندو، هيروءِ هيروئن هڪ گل ۾ هڪ جسم جان ٿي ويهي رهندا ۽ گل هوا ۾ اڏامي ويندو.... يار پلا ڪو مُن سُن سگريٽ جو ڪٽي ڏي.

عرفان: نہ لڳي اها آئيڊيا.... بورءِ بڪواس آئيڊيا آهي.

هدو: پرواهہ نہ ڪر آئيڊيا هاڻي جو هاڻي تبديل نئون نالو نئين آئيڊيا.

عرفان: وري ڪهڙو نالو؟

هدو: سودو سائيڪل تي ۽ ڏاڪڻ ڪلهي تي..... واهہ جو نالو غضب جو آهي... ڪهاڻي جو رخ چينج! اڙي شاگرد عرفان صاحب کي ان ڊرامي جو هڪ ڊائيلاگ دون وارو هڻ.

شاگرد: جي استاد......... وڏيرا تون منهنجي پيار تي پهرا نٿو لڳائي سگهين، تنهنجي حويليءَ جون اوچون ديوارون منهنجي پيار کي روڪي نٿيون سگهن! وڏيرا ڊچ ان ڏينهن کان جنهن ڏينهن منهنجي ڪلهي تي، تنهنجي حويليءَ جي ديوارن جيڏي ڊگهي ڏاڪڻ هوندي!! مان وڃان ٿو هن وقت ڏاڪڻ وٺڻ... جيڪڏهن ڪنهن پيار جي دشمن ڏاڪڻ ڏيڻ کان انڪار ڪيو يا ڏاڪڻ جو ڪرايو گهريو!!! تہ پوءِ وڏيرا تو ڏي بہ خير تہ اسان ڏي بہ خير

هِدو: ڪمال آ واهہ نوجوان واهہ جذباتي نہ ٿيءُ!

عرفان: معنا جلدي ڪهاڻي جو رخ تبديل!؟

هدو: ها ها آخر استاد آهيون... عرفان اهو وقت ويو جو هڪ ڪمري ۾ بند انڊين پنج فلمون ڏسي ڪهاڻي لکندو هيس، ٻڌ نئين آئيڊيا.

عرفان: ها ٻڌاءِ.

هدو: پردو کلي ٿو... تيز هوا لڳي ٿي... صحرا مان آواز اچي ٿو... جانو جانو... جانو ڪوئي پڪاري رهيو آهي... ٻي طرف ڏهه گهوڙا تيز ڊوڙي صحرا طرف وڃي رهيا آهن.

عرفان: اسٽيج تي گهوڙا!؟

هدو: ڪٽ سڄي سين جو خانو خراب ڪري ڇڏيئي. بابا بيڪ گرائونڊ ۾... هيروئن جانو جانو پڪاري ٿي... هيرو سپر مين بڻجي هوا ۾ اڏامندو اچي ٿو... جيڪي يقينن توهان هوندئو. اڌڙ سگريٽ جو ئي ڪٽي پيار يار.

عرفان: اسٽيج تي هيرو هوا ۾ ڪيئن اڏامندو؟

هدو: بيڪ گرائونڊ ۾ بابا بيڪ گرائونڊ ۾ هيرو اڏامي ٿو... هوڏانهن هيروئن جو ظالم پيءُ هوائي جهاز مان هيٺ نهاري ڏسي ٿو ته سندس ڌيءُ... الا ڇا ته سين آ... دل ڏوڏيندڙ سين... واهه ڙي واهه هدو تنهنجو جواب ناهي... ظالم پيءُ ڏسي ٿو ته سندس ڌيءُ صحرا ۾ جانو کي پڪاري رهي آهي.

عرفان: هيروئن جو پيءُ هلندڙ جهاز ۾ سڃاڻي وٺيس ٿو. پڪ سان هيروئن جو ظالم پيءُ ريوالور سان هيرو کي زخمي به ڪري ڇڏيندو.

هدو: بابا بيڪ گرائونڊ ۾ سڃاڻيس ٿو.

عرفان: مان به بيڪ گرائونڊ جي ڳالهه ٿو ڪريان ته ريوالور سان هيرو به زخمي ٿيندو بيڪ گرائونڊ ۾.....

هدو: اها آئيڊيا نيڪ آهي چئين ته ڪهاڻي ۾ لکي وٺان... سگريٽ نٿو پيارين!؟

عرفان: ته پوءِ ڊرامي جو نالو رکون ٿا بابو بيڪ گرائونڊ ۾... يار ڪهڙيون بڪواس آئيڊيا ڪٺي آيو آهين.

هدو: ته ٻڌ اي ون آئيڊيا.. هي آئيڊيا تنهنجي دل وٺان... اصل توکي سامهون رکي لکي اٿم.

عرفان: ايڏو جلدي لکي ورتئي؟

هدو: ها ٻڌ... هيرو ۽ هيروئن هڪ ڪاليج ۾ پڙهن ٿا... هيروئن ڳوٺ جي وڏيري جي ڌيءُ آهي... هيرو غريب جو پٽ آهي...ڪاليج جي موڪل ڪان پوءِ هيروئن هيرو کي پنهنجي ڪار ۾ ڪٽي ڳوٺ اچي ٿي رستي ۾ ڪار خراب ٿي پئي ٿي مٿان برسات وسي ٿي... اتي هيرو ۽ هيروئن گانو چون ٿا.

عرفان: اها آئيڊيا ته انڊين فلم سنگرام تان ورتل ٿي لڳي.

هدو: يار عرفان سڄي ڪم کي ڊانواڊول ڪري رکيئي.... بابا مڙئي شوق پورو ڪرٽو.. ڪير ويهي ياد ڪندو تہ هي فلاڻي فلم جي ڪهاڻي آهي... يار بادشاهہ ماڻهو آهين, لائيٽ آف... سائونڊ ڊسمس ۽ ڪئميرا ڪلهي تي.

عرفان: يار جي بروَ نہ سمجهين تہ هڪ ڳالهہ چوانءِ.

هدو: بلڪل چئہ.

عرفان: آئنده تنهنجي هدايتڪاري هيٺ آءٌ ڪم ڪونہ ڪندس.

هدو: پر ڇو؟

عرفان: هيرو ٿيڻ لاءِ وٺين رقم... اڳ بہ بابي کان چوري لاڪيٽ ڪپائي تنهنجي پورت ڪئي.... ۽ عين وقت تي تو دوکو ڏنو جو ڊرامي جي ڪهاڻي جو رخ ڦيرائي هيرو تون پاڻ ٿي وئين.

هدو: عرفان... عرفان... جذباتي نہ ٿي.... نئين ڪهاڻي ۾ جذبات آهي ئي نہ فقط هارر آهي هارر.

عرفان: يار مون قسم کنيو آهي تہ پنهنجي اندرجي فنڪار کي پيسا ڏئي ڪونہ پڏائبو جيڪڏهن واقعي بہ مون ۾ ڏات آهي تہ مان ڪامياب ضرور ٿيندس.

هدو: وک وک تي توکي منهنجي ضرورت محسوس ٿيندي.

عرفان: اهيو وقت پڏائيندو..... باقي هاڻي توکان منهنجي توبهن.

هدو: تون اسٽيج جو ناڪام ترين اداڪار آهين... تون ڪڏهن بہ ڪاميابيءَ جي لفٽ تي چڙهي نٿو سگهين.... خدا حافظ. ڇڪ چورا پردي کي.

عرفان: جان ڇُٽي چرٻي هدايتڪار مان.... مون کي اڄ خبر پئي تہ هدو فن جي دنيا ۾ ”اٺي تي چٽي“ آهي.... نورا.... او نورا.

**نورو اچي ٿو.**

نورو: سائين ويو ڇا؟ عظيم ڪهاڻيڪار ۽ هدايتڪار.

عرفان: ها... نورا اڄ مان ٿي وي تي آڊيشن ڏيڻ وڃان ٿو دعا ڪجان تہ ڪاميابي منهنجا قدم چمي.

نورو: عرفان صاحب تون هن غريب مسڪين نوري کان دعا گهري آهي, اڄ تو پنهنجي فن کي غرور ۽ تڪبر جي پنجري مان آزاد ڪري ڇڏيو آهي, نورو دعا ٿو ڪري تہ توهان ڪامياب ٿيندؤ ۽ ڪاميابي اوهان جا قدم تہ ڇا پر گوڏا چمندي.

عرفان: چڱو مان هلان ٿو.

نورو: مولا نگهبان.

**عرفان ٻاهر آئوٽ.**

نورو: مولا تون صاحب خميسي خان جي ٻين پٽن کي بہ سمجھ ڏي تہ هو هرويرو "اٽي تي چٽي" نہ بنجن.

## بيگم ٻاهران اچي ٿي.

بيگم: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

بيگم: ابا جان پهتو آهي؟

نورو: بلڪل سالم پهتو آهي.

بيگم: ڪهڙي سواري تي آيو؟

نورو: ڪي ٽو فلٽر تي چڙهي پهتو آهي.

بيگم: وات بند رک.... تو وارو صاحب آيو آهي؟

نورو: نڪو.

بيگم: چڱو ٻچ... وٺ لسٽ وڃي وٺي اچ پر تڪڙو.

نورو: بيگم صاحبہ نورو آهي ئي تڪڙو... بلڪل اهڙي موقعي تي بابي سائين....

بيگم (جملو ڪٽيندي) پٺيئن ڇا بہ فرمايو... پر سودو جلدي وٺي اچ.

## بيگم گهر وڃي ٿي.

نورو: بلڪل اهڙي ئي موقعي تي باباءِ بالٽي حضرت ڦودني خان چانهہ جي ٻاٽي تي چڙهي فرمايو هو تہ "ياد رکو جڏهن بہ پٽاٽا وٺڻ وڃو تہ گڏ گوگڙو خريد نہ ڪجو اوهانجي ترقي ان ۾ آهي تہ اوهان پٽاٽا ڪائي گذارو ڪريو... پر بابي کي شايد خبر ئي ڪونہ هئي تہ ڪو پٽاٽا ۽ ٽماٽا بہ غريب عوام جي ڪائڻ کان چڙهي ويندا. ڪاش! ابو زنده هجي هان تہ ڏيکاريانس هان تہ بابا هو ڏس آسمان تي جيڪو چنڊ چمڪي رهيو آ گي، اهو چنڊ نہ پر پٽاٽو اٿئي پٽاٽو جيڪو عرش تي چڙهي چڪو آهي.

## ڪي ڪي ٻاهران اچي ٿو.

نورو: صاحب اڄ اچڻ ۾ دير ڪئي اٿوَ... خير تہ هيو؟

ڪي ڪي: بس ڪر نياڳا..... هنن افعالن ۾ ٻاهر نڪتس تہ قسمت ڦٽي... بيگم مان جان ڇٽي تہ هُنن ۾ وڃي ڦاٿس.

نورو: گٽر ۾ ڪري پيا هئو ڇا؟

ڪي ڪي: نہ نورا نہ.... روڊ تي ڇرين واري اسپتال وارا ڪي بيٺا هئا, هنن افعالن ۾ ڏسي ڇريو سمجهي وڏئون گاڏيءَ ۾.... ڏو ڇرين جي اسپتال ۾.... مس مس جان ڇڏائي آيو آهيان.... پر پڌ بيگم گهر ۾ موجود آهي؟

نورو: بيگم صاحبہ پنهنجي والد اڌ مرحيات ڦندو لکنوي ۾ ڪي ٿو فلٽر سان اندر موجود آهي.

ڪي ڪي: اڙي ڪي ٿو فلٽر؟

نورو: ها سائين بيگم جو نئون مائٿ آهي.

ڪي ڪي: اڙي ارشد ڪي ٿو ڇيءِه نہ..... بيگم جو موڊ ڪيئن آهي؟

نورو: بيگم صاحبہ جو موڊ ڪڏهن صحيح بہ ٿيو آهي ڇا؟ اندر وڃو پاڻهي خبر پئجي ويندوَ.... مولا ٿو چاڻي رات رلهي بہ هٿ نہ ايندوَ.

ڪي ڪي: چڱو چڱو مزاق نہ ڪر.... مان بزدل ٿورئي آهيان.... تون وڃين ڪاڏي ٿو؟

نورو: بيگم صاحبہ جو سودو وٺڻ.

ڪي ڪي: وڃ پر جلدي وڃ ۽ تڪڙو موٽ.

<u>نورو ٻاهر آئوٽ. ڪي ڪي ڪرسي تي آرام ڪرڻ لاءِ</u>
<u>ويهي ٿو ٽيليفون جي گهنٽي وڃي ٿي هو رسيور</u>
<u>کڻي ٿو.</u>

ڪي ڪي: هيلو ڪي ڪي پيو ڳالهايان.... اڙي يار ڪهڙا اٿئي حال....... گهڻي وقت کان پوءِ ياد ڪيو اٿئي...... ڏي خبر ڪيئن پيو وقت گذرئي.......... بس تنهنجي دعا ڪپي......... اچا ڏاڍو سنو....... ڪڏهن اچ رات!؟....... بلڪل مون ڪي پنهنجن ٻچن وانگر آهي....... اڙي يار منهنجو گهر تنهنجي ڏيءَ صائمہ جو گهر آهي....... موڪلي ڏينس...... نہ نہ ڪا بہ تڪليف نہ ٿينديس......... ها ها جيسيتائين تون اچين....... مون وٽ رهيل هوندي.... نيڪ.... بس تون خوش هجين..... وعليڪم سلام.

<u>بيگم آسيہ اچي ٿي (اندران)</u>

ڪي ڪي: منهنجو دوست جلال حيدر هڪ مهيني جي ٽريننگ تي آمريڪا اچ رات وڃي رهيو آهي، ان جي ڌيءُ صائمہ هتي رهڻ لاءِ اچي ٿي...... هوءَ هتي رهندي.

بيگم: منهنجو رت ٿهڪي ٿو توکي صائمہ جي..... پڌاءِ تون بابي کي وٺڻ ڇو نہ وئين؟

ڪي ڪي: مان پاڻ وڏي مصيبت ۾ ڦاسي پيو هيس بيگم.

بيگم: ڪي ڪي مان سمجهان ٿي منهنجا مائٽ توکي نٿا وڻن..... ياد رک تنهنجي ملڪيت منهنجي نالي آهي...... تون تڪليف پاڻ کي ڏيندين.

ڪي ڪي: زندگي ۾ اها ئي وڏي بيوقوفي ڪئي اٿم.

بيگم: ڇا ٿو بڪين؟

ڪي ڪي: بيگم مون ائين ئي مزاق ۾ پئي چيو.... چري ڏس مون ڳوٺ واري زال کي تنهنجي ڪري ڇڏيو، روشن جي شاديءَ ۾ بہ شريڪ نہ ٿيس پوءِ بہ تون ناراض ٿي ٿئين..... ڪڏهن کلي بہ ڳالهائيندي ڪر.

بيگم: ڇوانءِ ٿي هٿ نہ لاءِ مون کي.

ڪي ڪي: بيگم ائين ڪي ڪي جي دل کي رڻ ۾ نہ رول..... ڪي ڪي تنهنجي پيار ۾ پاڳل ٿي چڪو آهي..... ها پاڳل... اچ جواني ٿي ياد اچي بيگم.

**گانو:_ سهڻا سهڻا تو ۾ منهنجو ساهہ (منظور سخيراڻي)**

بيگم: اچ تنهنجي پٽ روشن منهنجي بيعزتي ڪئي آهي، مان ڪيڏو بہ قرب ڏيانس پر پوءِ بہ مون کي ويڳي ماءُ ٿو سمجهي. تون هتان بدلي ڪرائي ڳوٺ موڪلينس، خبر اٿئي اچ مون کي پادر لاهي اولاريائين.

ڪي ڪي: اچ اچي تہ ڪتن سان گڏ ٿو ڪارايانس.

**روشن ۽ صائمہ ٻاهران داخل ٿين ٿا.**

ڪي ڪي: اڙي هيڏانهن اچ ڪتي جا پٽ.

روشن: جي بابا.

ڪي ڪي: اڙي اچ تو ماءُ کي پادر هنيا آهن؟..... سوئر.

**ڪي ڪي روشن کي ماري ٿو.**

روشن: بابا مان ايڏو نافرمان نٿو ٿي سگهان..... پادر مون نہ هنيو آهي، امان ڪوڙ ٿي ڳالهائي.

ڪي ڪي: ڪميڻا توکي هتي ڪراچيءَ ۾ نوڪري وٺي پاڻ وٽ ان لاءِ رهايو! تہ تون پنهنجي ننڍي ماءُ سان وڙهين..... اڙي هيءَ ڪير آندي اٿئي؟

صائمہ: ڪي ڪي صاحب اوهين آهيو؟

ڪي ڪي: ها مان آهيان چئہ.

صائمہ: منهنجو نالو صائمہ آهي..... آءُ هن شخص سان گڏجي نہ آئي آهيان..... مان جلال حيدر.......

ڪي ڪي (جملو ڪٽيندي) پٽ معاف ڪجان.... مون توکي نہ سڃاتو.... بيگم تون صائمہ ڏيءَ کي اندر وٺي هل.

## بيگم ۽ آسيہ اندر وڃن ٿيون.

ڪي ڪي: اڙي حرامي ڳالهہ سڌي ڪر.... آخر هيءَ ماءُ توکي ڇو نٿي وڻي؟ هنيانءَ تي مڱ ڏرئي ٿي ڇا؟

روشن: بابا اوهان کي غلط فهمي ٿي آهي، امان تہ هر وقت هر گهڙي منهنجي بيعزتي ڪندي رهندي آهي.

ڪي ڪي: ٻڌ ڪن کولي.... جي هن گهر ۾ رهڻو اٿئي تہ شرافت سان رهہ نہ تہ ڇڏ نوڪري وڃي ڳوٺ ۾ ٻني ٻارو سنڀال جنهن مان تون ڇاڻين.... هونءَ بہ ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي ماني مان.

روشن: بابا توهان خونخوار بگهڙن جي گهيري ۾ آهيو.... مان توهان کي بگهڙن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڳوٺ نہ ويندس.

ڪي ڪي (موڇڙو هڻندي) اڙي ڪميڻا.... سوئر مون کي تو پٽيون پڙهائين، اها قوم دوستي وڃي ڳوٺ آزماءِ. هي شهر آهي ۽ هن گهر ۾ سياست ڪرڻ جا خواب نہ ڏس.

روشن: بابا پنهنجي ڳوٺ کان نفرت نہ ڪيو. ڳوٺ اسان جي جسم جا نہ ٽٽندڙ حصا آهن جن شخصن ڳوٺن کي وساري ڇڏيو آهي، انهن جڻ پنهنجي زندگي سان دوکو ڪيو آهي. بابا ننڍي امان جا مائٽ، جيڪي اڃا تائين پاڻ کي لکنوي، دهلوي، يوپي ۽ سي پي جا سڏائي رهيا آهن اهي هن گهر جا سڄڻ نہ پر دشمن آهن، دشمن بابا.

ڪي ڪي: بڪواس نہ ڪر روشو...... مون اڃا وار اس ۾ ناهن ڪيا.... انسانن کي سڃاڻڻ جو تو کان وڏيڪ تجربو آهي.

روشن: اِهي منو زهر اٿئي بابا..... انهن جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اهي جنهن بہ گهر ۾ رهيا ان گهر جا دشمن ٿي، ٻاهرين ڌاڙيلن جا دلال بنجي گهر تباهہ ڪندا رهيا آهن.

ڪي ڪي: چوانءِ ٿو گهٽو مٿو نہ هڻ.... ڪڻ ٽپڙ هينئر نڪر منهنجي گهر مان.

روشن: بابا هوش مان ڪم وٺو... آءُ هن گهر ۾ سڪل پور ڪائي بہ توهان جي حفاظت ڪندو رهندس، منهنجي هن گهر کي واڳون وڪوڙي رهيا آهن. خدارا گهر کي واڳن کان بچايو.

ڪي ڪي: وڏو آيو آهي واڳن جي وات مان ڪيڻ وارو... اڙي هن گهر ۾ توکان سواءِ ٻيو ڪير آهي منهنجو دشمن؟

روشن: جن گهر کي پنهنجو گهر تسليم ناهي ڪيو. جيڪي اجا تائين هن گهر جا ٿي نہ سگهيا آهن، جيڪي اڄ بہ گهر ڏٽين جي رت جا پياسا آهن، اُهي توهانجا ۽ منهنجا دشمن آهن. بابا مان هن گهر کي دشمن حوالي ڪرڻ جي هرگز اجازت نہ ڏيندس. گهر دشمنن سان وڙهندو رهندس موت جي آخري گهڙي تائين.

ڪي ڪي: نہ هي تنهنجو گهر آهي نہ ئي تنهنجي ڳوناٽن جو...... هي گهر مون انهن کي لکي ڏنو آهي.

روشن: عشق جي انڌي گهوڙي تي پلي گهر لکي ڏيو پر هي گهر منهنجي وڏڙن جو گهر آهي، هي گهر صدين کان منهنجي ملڪيت آهي..... منهنجي ملڪيت تي جيڪڏهن ڪوبہ شخص ڏاڙو هڻندو. آءُ ان کان جيئڻ جو حق کسي وٺندس ۽ ٻڌ بابا لکتون ڪوڙيون بہ ثابت ٿي سگهن ٿيون.

ڪي ڪي: پيءُ پٽن کي پنهنجي ملڪيت کان لا دعوي ڪري سگهي ٿو اهيو هن ملڪ جو قانون آهي.

روشن: جيڪي وڏا پنهنجون ملڪيتون عشق جي آڙ ۾ ڏارين کي لکت ۾ ڏين ٿا اهي اسانجي قانون ۾ چريا آهن ۽ چرين جي لکت قابل قبول ناهي، اهو هن ملڪ جي قانون ۾ لکيل آهي بابا.

ڪي ڪي: اڙي تون مون کي ٿو چريو چوين!؟ ان اٺوهين گريڊ جي آفيسر کي جيڪو هڪ ڪاتي کي هلائڻ جو وڏو تجربو رکي ٿو... نڪر هتان.

روشن: ڪڏهن بہ نہ نڪرندس بابا...... هي زهر جي قطرن سان ٽمٽار ٽيل ننڍي امان جا مائٽ جلاد ۽ قاتل آهن، ڪرائي جا قاتل...... جن هن ڌرتي تي ڪيترائي قتل ڪيا آهن ۽ اڄ اهي قاتل امن جا جهنڊا کڻي منهنجي گهر کي ٻه اڌ ڪرڻ جا منصوبا جوڙي رهيا آهن بابا.

ڪي ڪي: تون ائين نہ مڙندين، ڪتي جو پڇ آهين نہ...... ويندو پُڇ.

## ڪي ڪي روشن کي ماري ٿو.

روشن: بابا منهنجي جسم جي هڪ هڪ رڳ ۾ وهندڙ خون تنهنجي محبت تان قربان آهي..... تون پلي مار بابا...... پر هن گهر کي اڻ ڄاڻ بنجي برباد نہ ڪر بابا...... ائين نہ ٿئي جو دشمن اسانجي گهر کي هڪڙي ڳيت ڏئي ڳڙڪائي وڃن.

ڪي ڪي: تون نہ سڌرندين ڀر اڙي جا ڇٽ.

**ڪي ڪي ڪاوڙوچان اندر وڃي ٿو روشن ويٺو آهي**
**هن ڪي سوچيندي ننڊ وٺي وڃي ٿي، نورو اچي ٿو ۽**
**ڏک جون ريکائون منهن تي آڻي روشن کي ڏسي گهر**
**اندر وڃي ٿو ۽ وري موٽي اچي ٿو.**

نورو: روشن پٽ.

روشن (ننڊ مان اٿندي) هون.

نورو: پٽ رات جي ماني نه کائيندي ڇا؟ پيا ته ڪاڏي جي ٽيبل تي ويهي، پنهنجو پيٽ پري رهيا آهن.... اٿ تون به هلي ماني کاءُ.

روشن: نور محمد مون اڄ ڏٺو ڪري ماني ڪاڏي آهي..... سو به بابي پنهنجي هٿن سان کارائي آهي.... وڏي سِڪ ۽ اڪير سان، ماني کارائي آهي نور محمد ها ماني!!!

نورو: ها! مان سمجهان ٿو ته تو اڄ ڪهڙي ماني ڪاڏي آهي!! پٽ درد ئي سچي منزل ڏانهن وڌڻ ۾ مددگار ٿيا آهن، تون دل نه لاهجان.

روشن: نور محمد! اسين پهاڙن جي سيني کي چيري، امن، انصاف ۽ آزادي جا گس ناهڻ جا عزم رکون ٿا، همت چو هاريندا سين، همت ته پاڙيا ۽ بزدل هاريندا آهن مان ڇاٽان ٿو ته منهنجي ماڻهن جي آزادي رت ڇاڻ جي هولين ۾ ايندي ۽ هوءَ ضرور اچڻي آ.

**گانو: هوءَ نيٺ ته اچڻي آ رت ڇاڻ جي هولين ۾. سرمد سنڌي**

**گانو ختم**

نورو: سچ ٿو چوين پٽ.... سچ! هن ڪم بابت ڪو حڪم.

روشن: نور محمد توکي صائمه، قندو لکنوي، ارشد ڪي ٿو ۽ ننڍي امان تي گرڙي نظر رکڻي آهي. صائمه هن گهر ۾ خاص مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آئي آهي، اڄ کان پوءِ تنهنجي نظر پاتال ۾ لڪل رازن کي به پرکڻ جي طاقت رکي.

نورو: نوري جي نظر کان ڪوبه بچي نٿو سگهي اوهان خاطري ڪريو.

روشن: ٺيڪ آهي..... مان هلان ٿو.

**روشن اندر وڃي ٿو.**

نورو: قرباني سڪجي تہ توکان پڇ..... واقعي تون پهاڙن کان مضبوط ارادن جو مالڪ آهين.

## امجد ٻاهران اچي ٿو.

امجد: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

امجد: هينئر ماني جي وقفي سان گڏ راند جي وقت کي بہ ختم ڪيو ويو آهي. اسٽم بيٽ ۽ بال جو توکي ئي خيال ڪرڻو آهي. متان ڪو دشمن ملڪ پنهنجي فوج وٺي اسڪور بورڊ تي حملو ڪري رنسن جا انگ اغوا ڪري وڃي. توکي چوويهہ ڪلاڪ گرائونڊ ۾ چوڪس رهڻو آهي.

## امجد گهر اندر آئوٽ

نورو: ڳالهائين ڇا ٿو؟..... هتي هرڪو پيو تباهہ ٿئي ۽ هن کي اسڪور بورڊ ۽ رنسن جي ڳڻتي ڳاري وڌو آهي.... "اتي تي چڙهي" ناهين تہ ٿيو ڇا آهين؟ اڙي گهر جي اڱڻ ۾ چورن ديرو ڄمايو آهي. ان جي بہ ڪجهہ خبر رک امجد ڪرڪيٽر.

## عرفان ٻاهران اچي ٿو.

عرفان: مبارڪ هجئي نورا مبارڪ.

نورو: عرفان صاحب شادي ڪري آيو آهين ڇا؟

عرفان: نورا تنهنجي دعا قبول پئي. مان آڊيشن ۾ پاس ٿي ويس..... مان هاڻي ٽي وي جي ڊرامن ۾ ڪندس. نورا ٽي وي جي ڊرامن ۾.

نورو: سچ عرفان؟

عرفان: سچ.... نورا ... ادو روشن ڪٿي آهي تہ اها خوشخبري ان کي ٻڌايان.

نورو: عرفان صاحب اڄ روشن کي. صاحب ڏاڍو ماريو آهي. وڃ پڇ وڃي پاءُ جو پير جهلو ٿي. هن جي دردن جو ساٿي ٿي. تون تہ حساس دل جو مالڪ آهين. فنڪارن جون دليون تہ محبتن جا مينهن وسائينديون آهن.

عرفان: نورا مون کي هاڻي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هن گهر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي.... مان ادي روشن ڏانهن وڃان ٿو. اڄ کانپوءِ ادو روشن اڪيلو ناهي.

**عرفان گهر آئوٽ.**

نورو: (پنهنجي منهن) نورا هاڻي آرام ڪر...... وري صبح جا ڀاڳ صبح سان.

**ارشد ڪي ٽو گهران اچي ٿو.**

نورو: آ..ڪي ٽو صاحب!! توهان اهيو ٻڌائڻ ۾ ٿوري تڪليف ڪندئو اوهان سادا ڪي ٽو آهيو يا ڪي ٽو فلٽر؟

ارشد: مون سان پلاند اٽڪائڻ جي ڪوشش نہ ڪر مسٽر.

نورو: هان... ڪلاڪ ڪلاڪ سڄو ڏينهن مس گذريو اٿئي تہ گهر جو مالڪ بنجي ويو آهين. بنا فلٽر جي وساميل ڪي ٽو. اهڙي لوٽي واري لپاٽ پيڙيائين جو تماڪ ئي نڪري ويئي.

ارشد: چيومانءِ نہ..... مون سان مٿو نہ هڻ.... ٻڌ تون وڃي ڪنهن ٻي هنڌ سمهڻ جو بندوبست ڪر، هتي مان سمهندس اڪيلو.... هل تڪو ٿي.

نورو: (حيرت وچان) آيو ٽانڊو ڪٽڻ تي بورچي ويو. لڳي ٿو تہ هي بہ لنڊن ۾ ويٺل لوسي گڏھ جي ڪونر ۾ ڪائڻ وارو گڏھ آهي. خير!! ويندين ڪاڏي ٻچا ڪي ٽو فلٽر جي دون مان دونهان نہ ڪڍيا مانءِ تہ منهنجو نالو نورو ناهي. بلڪل اهڙي موقعي تي باباءِ باڪس حضرت ڦودني خان فرش تي بانبڙا پائيندي فرمايو هو تہ ”لوسي گڏھ جي لت تي ڪڏهن اعتبار نہ ڪجي.“

**نورو ٻاهر آئوٽ.**

**رات جو منظر ارشد سمهڻ لاءِ ليٽي ٿو در تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿئي ٿو.**

**ارشد در کولي ٿو ڪجھ نقاب پوش ڪجھ سامان ارشد کي ڏين ٿا ۽ ڪجھ ڳالهائي هليا وڃن ٿا، ارشد سامان کي هڪ هنڌ لڪائي سمهي پئي ٿو ڪجھ گهڙين کان پوءِ صائمہ پير پير ۾ ڏيندي اچي ٿي ۽ هوءَ هر شيءِ جو جائزو وٺي وري گهر هلي وڃي ٿي.**

**صبح ٿئي ٿو نورو اچي ٿو.**

نورو: (ارشد مٿان بيهي) اڙي اٿي ڪي ٽو ڪنگ سائيز فلٽر..... صبح ٿي ويو آهي، اٿ تہ ڪي موالي سوٽا هڻي ساڻو ڪري ڦٽو ڪنين. نياڳا! شيطان ڀوت تي ويهي رهيو اٿئي ڇا؟ اٿ نہ تہ منهن تي ٻهارو گهمائي منهن جا نقشا ئي مٽائي ڇڏيندوسانءِ. اڙي اٿ.

ارشد: (ننڊ مان اٿندي) اون..... اون.

نورو: گورپٽ جي پٽ ڪي ويم جا سور ٿيا آهن؟ يا مرگهي تي اٿس. نورا ڪر ڪم پورا رکينس دون تي سڪل موچڙو ته اٿي پوي.

**نورو ارشد جي نڪ تي پادر رکي ٿو**

**ارشد اٿي پوي ٿو.**

ارشد: منهنجو منهن تي پادر ڇو رکيو تو؟

نورو: تو واري منهن تي ٽنبڙ ڇڏي لاهي هڪ ڪري رهيو هو ان کي پڄايم.

ارشد: نورا مان ڏاڍو ڏکيو ماڻهو آهيان.

نورو: واقعي انجيسون ئي ڦري ويون اٿئي. ہوٿاڙي جا تاڪ به ٻهر جي ڪاٺي وانگي ڇبا تي ويا اٿئي.

ارشد: ياد رک.... توکان ان بيعزتي جو انتقام ضرور وٺندس.

نورو: هل هل تکو ٿي بنا پاڪيٽ جي ڪي ٿو فلٽر.

ارشد: نورا.

نورو: هڻئي ڪم هاڻي ضرور ٿيندا پورا.

پوليس انسپيڪٽر اچي ٿو.

انسپيڪٽر (نوري سان) مسٽر ڪي ڪي صاحب آهي؟

نورو: جي آهي..... پر اوهان صبح سان هتي ڪيئن؟

انسپيڪٽر: ڪي ڪي صاحب کي سڏي اچ.

نورو ويجي ٿو. ڪي ڪي اچي ٿو. نورو به

موجود آهي.

ڪي ڪي: انسپيڪٽر منهنجي گهر ۾ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

انسپيڪٽر: سر! مون کي اطلاع مليو آهي ته رات ڪي مشڪوڪ قسم جا ماڻهو اوهانجي بنگلي ۾ آيا ۽ ڪجھ وقت ترسي واپس هليا ويا.

ڪي ڪي: انسپيڪٽر! تنهنجو دماغ خراب ٿيو آهي ڇا؟ هي ڪنهن پاٽاريدار جو گهر نہ پر اٺويهين گريڊ جي آفيسر جو گهر آهي، هن گهر ۾ مشڪوڪ قسم جا ماڻهو ڇو ايندا؟ تون رات خواب ڏٺو آهي.

انسپيڪٽر: سر اطلاع غلط نٿو ٿي سگهي.... بحرحال..... هي نوجوان ڪير آهي؟

نورو: سر ڪي ٿو فلٽر.

ڪي ڪي: نورا زبان کي پنهنجي قابو ۾ رک، انسپيڪٽر هي منهنجو عزيز آهي.

انسپيڪٽر: هون.... ٺيڪ آ سر..... پر اطلاع غلط مون کي بہ ناهي مليو.

**انسپيڪٽر ٻاهر آئوٽ**

ڪي ڪي: مشڪوڪ قسم جا ماڻهو؟ شراب جي نشي ۾ هوندو ان انسپيڪٽر جي انڪوائري تہ اڄ ئي مان ڪرايان ٿو.... نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

ڪي ڪي: اڄ اسين پڪنڪ ملهائڻ پيا وڃون.... تون خيال سان رهجان.... بيگم او بيگم.

**بيگم، ڦندو ارشد، عرفان ۽ امجد اچن ٿا.**

بيگم: ڪي ڪي صاحب هلون؟

ڪي ڪي: بلڪل آءُ تيار آهيان هلو.

**ڪي ڪي، بيگم، ڦندو ارشد، عرفان ۽ امجد ٻاهر آئوٽ.**

نورو: هائو ڙي صاحب تو واري قسمت، بيگم تہ اڄ گهور پئي وڃئي، لڳي ٿو تہ دال ۾ ڪارو آهي. بلڪل اهڙي موقعي تي باباءِ ادرڪ حضرت ڦودني خان مترن جي دال گهوٽيندي فرمايو هو تہ "جڏهن بہ زال اوچتو مسڪرائي ڳچيءَ ۾ ٻاڪر پائي پيار مان پڪاري، ڄڃو ان وقت کان اي شادي شده نوجوانو.... اهو وقت اوهانجي کيسي تي ڌاڙي لڳڻ جو وقت آهي."

**روشن گهران اچي ٿو.**

روشن: نور محمد آءُ آفيس وڃان ٿو هي گهر ڏٽي عياشيون ڪري دير سان موٽندا، صائمہ ۽ سليم گهر ۾ موجود آهن....... خيال رکجان.

نورو: پرواھ نہ ڪر روشن نورو تارا پٽيون گھمندو رھندو.

## روشن آئوٽ. سليم اچي ٿو.

سليم (زائچو ڏسندي) : اجوڪو زئچو ٻڌائي ٿو تہ عطارد, مريخ جي پاڇي ۾ لڪي چڪو آھي, ان لاءِ سليم اج توڪي واندڪائي گھرجي......... نورا.

نورو: ھڙئي ڪم پورا.

سليم: منھنجو زائچو مونکي ٻڌائي ٿو تہ اج مان اڪيلو رھان, تنھن ڪري تون پڇڙ تاري وانگر آسمان ۾ گردش ڪرڻ لاءِ ھتان ھليو وڃ ۽ وڃي روڄن جي ماپ ڪر تہ قسمت جي اونڌي ديڱڙي سڌي ٿي وڃئي.

نورو: لڳي ٿو تہ ياڳ جي اونڌي ديڱڙي تي ابي سائين وانگر ڪجھ ڪرڻ گھري ٿو سليم صاحب.

## نورو ٻاھر آئوٽ. سليم زائچا ڏسي ٿو.
## صائمہ اچي ٿي.

صائمہ: سليم تون پھرين نظرن سان منھنجي دل تي تير وسائي, دل کي زخمي ڪري ڇڏيو آھي..... تو منھنجي دل چورائي آھي.

سليم: (زائچو ڏسندي) برج اسد ۽ برج سرطان جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ, شايد ڏماڪو ٿيڻ وارو آھي.

صائمہ: ھا ڏماڪو سليم.... جڏھن مون توکي ڏٺو تہ منھنجا ھوش اڏامي ويا ان گھڙي منھنجي دل ۾ وڏو طوفان اٿيو ۽ دل ڌماڪي سان سيني کي ڦاڙي ٻاھر نڪري آئي.

سليم: زائچو ٻڌائي ٿو تہ منھنجي لاءِ ھي گھڙي ائين آھي جيئن بابي سامھون امان جي دھشت..... محترمہ صائمہ سليم زائچي موجب ھلندو آھي, وھنجندو آھي ۽ پيار بہ زائچي موجب ڪندو.

صائمہ: پيار تہ ستارن کي بہ پنھنجي دامن ۾ سمائي ڇڏيندو آھي.

سليم: پيار ڪرڻ جو بہ وقت مقرر ٿيل آھي. ھينئر آءُ اڪيلو رھڻ پسند ڪريان ٿو. جڏھن پلوٽو. مرڪيوري جي پاڇي کان نڪري برج سنبلہ جي سامھون ايندو. تڏھن پيار ڪبو ھينئر تون ھتان ھل.

صائمہ: ھي صائمہ تنھنجي انھن سھڻين ادائن تان قربان وڃي, سليم تون پنھنجي اکين اڳيان مون کي پري نہ ڪر نہ تہ صائمہ مري ويندي.

**گانو: سھڻا تون صفا (ثمينہ ڪنول)**

**گانو ختم ٿيڻ کانپوءِ سليم ۽ صائمہ ڪجھہ ڳالھہ ٻوله ڪن ٿا ميوزڪ هلي ٿي. ڳالهہ ٻوله کانپوءِ**

سليم: (حيرت وچان) جي......؟ ڇٽيو منهنجا زائچا مون سان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن.... صائمہ يقين ڄاڻ مونکي ان راز جي ڪا بہ خبر نہ هئي.

صائمہ: مون تہ توسان مزاق پئي ڪئي.... پر ٻڌ سليم تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ٿيل ڳالهہ ٻوله ۽ پيار جي گهر جي ڪنهن بہ ٻاتي کي خبر نہ پوي.

سليم: پرواهہ نہ ڪر صائمہ. منهنجي ستارن کي بہ خبر نہ پوندي.

**صائمہ وڃي ٿي، سيلم ويهي ٿو نورو اچي ٿو.**

نورو: سليم صاحب منهنجو اڄوڪو ڏينهن ڪيئن گذرندو؟

سليم: (زائچو ڏسندي) اڄ توتي شامت وبال جي صورت ۾ ڪڙڪندي. اها شامت تولاءِ زخمي شينهن بڻجي ايندي، جيڪڏهن تنهنجو برج جدي برج ثور تي حاوي ٿي ويو تہ پوءِ تنهنجو بچاءُ ٿيندو ورنہ تون ڇه مهينا ڇه هفتا ڇه ڏينهن ڇه ڪلاڪ ڇه منٽ ۽ ڇه سيڪنڊ سائيڪل هلائيندو رهندين.

**فريد فرمائشي هٿ ۾ ٽيپ رڪارڊر کڻي اچي ٿو.**

سليم: آئي شامت آئي...... ما هلان ٿو نورا.

**سليم وڃي ٿو.**

فريد: اسلام عليڪم نورل ننگاري ۽ توتاري وارا.

نورو: وعليڪم سلام ميموري ڪارڊ جي دنيا جا فريد فرمائشي.... ڪر خبرون.... ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ ڇا تي آيو آهين؟ ڇو آيو آهين؟

فريد: خبرون خير جون..... آيس توسان ملڻ..... چڙهي آيس چپل تي.

نورو: ٺهيو ٺهيو ٻوڙ ٿو هارين.... نياڳا اهي واڻڙا گانا ٻڌڻ جا شوق اڃا نہ ڇڏيئي.

فريد: نورل تون آهين رڍ. رڍ ڇا ڄاڻي راڳ مان.

نورو: بَلي بَلي! ڳالهائين ائين ٿو جڻ راڳ جو پنج ڪلو دٻو دوڪان تان وٺي آيو هُجين.

فريد: ان دڪان تي ممو مواليءَ جا نوان گانا ملي ويندا؟ يار ميوزڪ وارن بليڪ تي ڪري ڇڏيا آهن.

نورو: صرف ممو مواليءَ جا؟..... ولو وياجيءَ جا، چنبڙي چور جا، ۽ ڪنگڻ ڪاسائي جو راڳ بہ تور تي ملي ويندءِ.

فريد: اڇا تہ پوءِ اهيو راڳ وٺڻو پيو، گهٽي ڪلو ملي ٿو.

نورو: نڪ ٻوڙي نوي روپئي. پر فريد فرمائشي تون هينئر ٻينوائين آهين جڻ گهوڙو گاسليٽ وٺڻ آيو آهي.

فريد: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

فريد (ٽيپ/ ايم پي ٿري آن ڪندي) ٻڌ..... ٻڌ هن فنڪار جا ڳايل ڪلام! واهہ جو ڪلام آهي، نخرا نہ ڪر سهڻا سائين، يت پيجي ايندوسانءِ، رات رليءَ ۾ رهندوسانءِ.

نورو: ڇا تہ فنڪار راڳ جي رليءَ ۾ گهڙي ليٽڙيون پايون آهن.... شاعر ڪير آهي ان ڪلام جو.

فريد: اخلاق اشرافي.

نورو: اهيو شاعر اٿئي بداخلاق بڇڙائي.... اِڙبند ڪر ان بيهودي راڳ کي خبر اٿئي تہ اهڙي راڳ جو هڪ ٻيو شوقين اٿئي هن شهر ۾.

فريد: ملائينس مون سان تہ سينو سيني سان لائي وٺانس.

نورو: ها ها ڇو نہ..... هوپاڻ وارو فقيرو آهي نہ؟

فريد: ها ها جيڪو گڏهہ گاڏو وهائيندو آهي نہ!؟

نورو: خبر اٿئي جڏهن فقير نئون گڏهہ ورتو، تہ گڏهہ گهٽيون گوهيون هنيون.

فريد: سونٽي هجي ساڻ تہ گڏهہ گوهيون ڇو ڪري؟

نورو: گڏهہ وڏي مار ڪاڏي پر اصل نہ سڌريو صفا تو جهڙو بي نڪو آهي، خبر اٿئي پوءِ ڪيئن سڌريو گڏهہ؟

فريد: ڪيئن سڌريو؟

نورو: فقيري گاڏي ۾ هڪ عدد ٽيپ هڻائي ڇڏي ۽ جڏهن بہ گڏهہ گوهي ڪندو آهي تڏهن فقير تو واري ممو مواليءَ جي ڪيسيٽ وڄائيندو آهي ۽ گڏهہ ڪنڌ ڌوڻيندو لهر هڻندو هلي پوندو آهي.

فريد: چريا! اهي ڇنبا اٿئي آواز! جو ٻڌي گڏهہ بہ جهومڻ لڳن، ان شوقين سان ضرور ملڻ گهرجي، هاٺي جو هاٺي.

نورو: بلڪل.... لڳي ٿو تہ ٻئي هوٽل تي ويهي چانهہ پيئندئو.

فريد: درست فرمايو اٿئي، هوٽل تي چانهہ جو چَسڪو بہ وٺنداسين ۽ هن فنڪار جو نئون البم بہ ٻڌنداسين.

نورو: يعني گڏهه ۾ تون هوٽل جي بينچ تي ويهي چانهه پيئندؤ؟
فريد: نه بابا فقيرو ۾ مان.. گڏهه نه.
نورو: الائي مون سمجهيو ته ٻئي شوقين گڏ چانهه پيئندا.
فريد: ڪٿي ملندو فقيرو؟
نورو: هتان اوپر طرف وڃ..... پوءِ ڪٻي پاسي واري پهرين گهٽي ۾ لڙي پئِه..... اتان وري نڪ جي سڌ تي 420 وکون اڳتي وڌندين، اڳيان توکي ڇاپري ۾ کوڙ گڏهه. گاڏن ۾ جُتيل ملندا، جنهن گڏهه جي اکين تي ڪارو چشمو، ڇپن تي سرخي لڳل ۽ ڇڏي پاتل هجي، اهو تنهنجوئي طالبو آهي، ٻئي پاڻ ۾ سينا ملائي راڳ جي ريڙهي تي ويهي رڙيون ڪندا رهجو. ڪو نه ڪو ماڻهو موچڙا پاڻهي هڻي ويندوَ.
فريد: پوءِ مان هلان ٿو.
نورو: اڙي يار ويه، مان هيئن ويس، هونءَ آيس، قسمت سان آيو آهين توکي چانهه ته پياريان ڪٿي ميار نه ڏين ته نورو نانگيل ڦوسيل به نه ڪيڏيو.

<u>نورو نڪري وڃي ٿو فريد ٽيپ شروع ڪري ٿو</u>
<u>ته ڦندو لکنوي به اچي ٿو.</u>

ڦندو: ميان برخوردار نوري.
فريد: نورو ويو آهي ٻاهر چانهه وٺڻ ميان ڦندو.
ڦندو: امان تون ڪير آهين؟
فريد: ميان ڦندو نٿو سڃاڻين؟ اکيون ته ڏاند جي اکين جهڙيون اٿئي اکين ۾ ڦوسڙي آکيرا ڪيا اٿئي ڇا؟
ڦندو: امان يار ڪٿي ڏٺل ٿو لڳين؟
فريد: هائو پاڻ مکڻ واري ميلي ۾ مليا هئاسون، ياد نٿي جو چڙيا گهر وارن جو ٻڪر گم ٿي ويو هو ۽ انهن ميلي مان توکي پڪڙي ٻڪر جي جاءِ تي ٻڌي ڇڏيو هو... مان ته اچي زنجير ڇڇيءَ مان ڪڍيو هئو مان.
ڦندو: امان فريد فرمائشي آهين ڇا؟
فريد: صحيح رڪارڊ وڄايو اٿئي، مان به چوان ته آهي ٻڌيا دي اندين ڏن جو شوقين پوءِ ڪيئن ٿو ڪلاسيڪل ڳائي.

ڦندو: ميان فريد فرمائشي! زڪام منجهائي رکيو آهي, آهي ڪو توٽ زڪام جو علاج؟

فريد: مهانگو علاج اٿئي.

ڦندو: پرواهه نه ڪر ڪي ڪي پاڻهي بل پريندو, تون علاج ٻڌاءِ.

فريد: چپڙي تي ڳائيندڙ ڪنهن فنڪار کي گهرائڻو پوندو.

ڦندو: سمجهه ته گهرايم. پوءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو.

فريد: اهيو پاڻ وارو پوندي جهڙو نڪ, فنڪار جي ٻنهي چپڙين ۾ ڏئي چپ ڪري ويهي رهه, فنڪار راڳ شروع ڪندو سُر سِرِسام مان.

ڦندو: ميان زڪام مان جان ڪيئن ڇٽندي؟

فريد: جڏهن ٻئي چپڙيون وڄنديون, تڏهن تو وارو نڪ به وڄندو پوءِ نه هوندءِ نڪ ته زڪام آڳوٽي جو ٿيندءِ چريا.

ڦندو: امان فريد مزاق پيو ڪرين.... مان ته هن ملڪ ۾ اچي ڦاٿو آهيان, هن ملڪ ۾ پالڪ جو ون ئي ڪونهي, جنهن تي چڙهي زڪام جو علاج ڪيان.

فريد: (حيرت وچان) پالڪ جو وڻ!؟ چريو ته ناهين ٿيو؟

ڦندو: ها ميان اسان جي هندستان ۾ پالڪ جا وڏا وڏا ون ٿيندا آهن, اسين ننڍي لاءِ انهن ونن تي چڙهي ويهندا هئاسون. پالڪ جي ونن مان وهندڙ ڪوئنر ڪائن سان زڪام منهنجو ختم ٿي ويندو هو.

فريد: ميان ڦندو خان پوءِ ته پالڪ جي وڻن مان پينگها, ڪٻٽ, در دريون ۽ ٻيو فرنيچر به ٺاهيندا هوندا.

ڦندو: امان ها..... هي به ڪو ملڪ آهي جتي پالڪ جي ونن جو قحط آهي.

فريد: يار هي پاڻ واري پالڪ جي ڳالهه پيو ڪرين نه؟ جنهن جي ڀاڄي چاڙهيندا آهيون ان پالڪ جا وڻ؟

ڦندو: هائو برخوردار فريد, امان اتي ٻيان وڏا ون آهن.

فريد: واهوا پوءِ ته ٿوم جا ٻيلا, بصرن جا باغ به هوندا جن جي ڇانوَ ۾ ويهي تو ڪنهن سان عشق محبت واريون رهاڻيون ڪيون هونديون.

ڦندو: ميان فريد فرمائشي! جواني ياد نه ڏيار نه ته مان روئي ويهندس.

فريد: هاڻي نهيو... لڳي ٿو ته زڪام جي زور سبب مٿي وارو ميڄالو معدي ۾ ويهي ويو اٿئي ۽ پيٽ جو گند مٿي چڙهي ويو اٿئي, بي نقوف, پالڪ جا وڻ, ٿوم جا ٻيلا! ڪُلو!! پُڇ ڪتيل ٻلا, ٻينو ائين آهين جڻ ٻي سُري فنڪار جي باجي هيٺان ڪو گلم ڪيڏي ويو هجي.

ڦندو: ميان فريد فرمائشي فري نه ٿي.

فريد: انڌو آهين ڇا؟ مان هڪ هنڌ ٻينو آهيان, ڪيئن ٿو ڦران بي نقوف.

قندو: امان منهنجي ڪاوڙ ڪي للڪار نہ ورنہ!؟

فريد: تون ڪندين ڇا؟ بي نقوف، پھريون زڪام مان تہ جان ڇڏاءِ، ٻڏ اهيو نڪ تہ ڏي بوٽ ڪي چتي هٽائي اڇان..... يا ٻڏ نوري کي چيئہ تہ تو واري نڪ تي ويھي هينين سر مان سُر رانياٽ ڪيڏي، جي هوندءِ نَوس تہ زڪام ڇڏي ويندءِ.

قندو: تون ائين نہ سڏرندين، اڄ تنهنجي خبر وٺان ٿو..... خبردار امان

## قندوءِ فريد ڊڪندا ٻاهر آئوٽ، امجد اچي ٿو.

امجد: لڳي ٿو تہ نانو قندو هٽ بہ نہ پھتو آهي، يقينن آسٽريليا ۽ ويسٽ انديز وچ ۾ ٽيل جھڳڙي ڪي وڏائڻ ويو آهي، اڙي نانا مار خدا جي پوئي آهين وڏو شرارتي، جي جھڳڙو ڪرائڻو ائي تہ گرائونڊ مان نڪري پوءِ شرارتون ڪر، هرويرو اسان ڪرڪيٽ جي شوقينن جو شوق ڇو ٿو ڦٽائين، خدا ڪندو تہ آئوٽ ٿيندي زندگي جي بيٽنگ تان، خدا ڪندو گٽر ۾ ڪرندين ۽ توکي ڪوبہ ڪيچ نہ ڪندو. هاڻي مان ڪٿان ڳوليان ڦاٿل بال کي.

## صائمہ اچي ٿي.

صائمہ: امجد..... ڇا ڳالھہ آهي!

امجد: نانو گم ٿي ويو آهي، خبر ناهي ڪھڙي اسٽيڊيم ۾ ملندو.

صائمہ: تون ڳڻتي نہ ڪر.... هو هتي آيو هو، شايد نوري سان ٻاهر نڪري ويو آهي.

امجد: او صائمہ تو منهنجي پريشاني ختم ڪري ڇڏي، منهنجي رنسن ۾ تو اضافو ڪري ڇڏيو ان خوشيءَ ۾ تو لاءِ هڪ ڇڪو هڻندس.

صائمہ: امجد خدا ٿو ڄاڻي تو منهنجي دل تي ڪھڙو جادو ڪيو آهي، جو دل توکي پئي ٿي ساري ۽ توکي هڪ نظر ڏسڻ سان دل ڏئي وينس.

امجد: صائمہ ون ڊي ميچ پئي ڪيڏين يا سيريز ميچ.؟

صائمہ: امجد تنهنجي ادائن، تنهنجن مرڪن، منهنجو مَن موهي وڌو آهي، جنهن مهل تون هي بيٽ هٿ ۾ ڪٽي هلين ٿو ان مهل مون کي ڏاڍو وڻين ٿو.

امجد: مون کي سمجھہ ۾ نٿو اچي تہ هن سيني ۾ ويٺل امپائر ڪھڙو فيصلو ڪري.

صائمہ: دلين جي سودي ۾ امپائر جو ڪھڙو ڪم؟ بس تون منهنجي زندگي آهين.

امجد: جي اها ڳالهه آهي ته پوءِ هي امجد توتان جان به گھوري ڇڏيندو.

صائمه: ۽ هي صائمه تنهنجي جسم جو پاڇو بنجي توسان گڏ رهندي.

**گانو: توکي ڇڏي جي ہي کي (منظور سخيراڻي)**

**گانو ختم ٿين کان پوءِ صائمه ۽ امجد پاڻ ۾**

**ڳالهائن ٿا ميوزڪ هلي ٿي،**

**ميوزڪ ختم ٿيڻ کانپوءِ**

امجد: جي.... واقعي.... خدا ٿو ڄاڻي مون کي ڪابه خبر ناهي، صائمه تنهنجي سر جو قسم.... مون کي ان سازش جي ڪابه خبر ناهي.

صائمه: امجد مون ته مذاق پئي ڪئي... بس تنهنجو امتحان وٺڻ پئي گھريو، امجد مون سان هڪ واعدو ڪر.

امجد: هڪ واعدو نه پر هزار رنسن جا واعدا ڪري، دنيا جي عاشقن جو رڪارڊ ٽوڙيندس.... تون رڳو بالنگ ته ڪري ڏس.

صائمه: تنهنجي ۽ منهنجي پيار جي خبر هن گھر جي ڪنهن به ياتي کي نه پوي.

امجد: واعدو آهي توسان صائمه واعدو... هن دل جي اسٽيڊيم ۾ ائين سمجھ ته اهيو راز دفن ٿي ويو۽ ان راز جي ڪنهن به تماشائي ۽ امپائر کي خبر نه پوندي ته امجد ايل بي ڊبليو ٿيو آهي يا نه.

صائمه: چڱو امجد...... وري ملنداسين...... مان اندر هلان ٿي.

**صائمه اندر وڃي ٿي.**

امجد: محبت... اڻ گھري محبت.... جيئن هر ڪرڪيٽر کي ملي آهي.... واه تنهنجا نصيب امجد.

**نورو چانه جو ڪپ کڻي اندر داخل ٿئي ٿو.**

امجد: نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا.

امجد: بڌ اڄ کانپوءِ ڪرڪيٽ ٽيم کي طلاق... طلاق..... طلاق.

نورو: خير ته آهي امجد صاحب.

امجد: ها نورا اڄ امجد سينچري هڻڻ جا رڪارڊ قائم ڪري ڪرڪيٽ جي دنيا مان ريٽائر ٿيو آهي.

**امجد ٻاهر هليو وڃي ٿو.**

نورو: ائين ڪم جو ٿي، رڳو "اتي تي چٽي" نه ٿي. بلڪل اهڙي موقعي جي مهل باباءِ ٻيئل حضرت ڦودني خان بندوق جي نالي تي ٻيهيءِ ڪارتوس ڪلهي تي رکي فرمايو هو ته "ٻڌو مردِ مومن ۽ مردِ حق، سينن تي سينڌل سجائي، چيله ۾ چڙا ٻڌي، ڪنن ۾ ڪپه وجهي، زبان کي زنجير هڻي، وات کي واٽائي ۽ هٿ ۾ ڪٽي وٺي نه ٿيو ته "اتي تي چٽي". انسان ٻڻجو حيوان نه ٿيو."

**ڪي ڪي، بيگم، ارشد ۽ ڦندو داخل ٿين ٿا.**

ڪي ڪي: بيگم ڪيئن رهي پڪنڪ.

بيگم: واهه جومزو آيو... ڇاته رنگ هيو هيرو جو... ڪيڏو نه سهڻو هيو. هيرو ڪيڏو نه مضبوط هيو هيرو. ڪيڏو نه ٺهي پيو هيرو.

نورو (ڪلندي): سمجهي ويس... ڪنهنجي جي ٽڪڻ تي وسيو. وڏي ڪڙي وارو سينڌل هيرو.

ڪي ڪي: ٺيڪ سمجهيو اٿئي نورا.

نورو: هڙئي ڪم پورا، اوهانجي تارؤن جو ته بچاءُ آهي صاحب. . . يا پهرين پادر ڪيو پٽِ، ٻي ڪيو ٻٽِ. . . ٻٽِ ٻٽِ ٻٽِ.

ڪي ڪي: نورا نگاهون هيٺ ڪري ڳالهاءِ، تون نوڪر آهين نوڪر.

نورو: صاحب اوهان ڪڏهن کان سگريٽ پيئو ٿا.

ڪي ڪي: مان سگريٽ نه پيئندو آهيان.

نورو: پوءِ هي پنج فوٽن وارو ڪي ٽو فلٽر پاڪيٽ ڇو ٿا کنيو وتو.

ارشد: باجي تنهنجو هي نوڪر نورو وڏو بدتميز ۽ بداخلاق آهي. هن کي مهذب ماڻهن سان ڳالهائڻ جي ڪابه تميز ناهي.

بيگم: نورا زبان کي لغام ڏي.. ڪي ڪي پنهنجي پياري نوڪر کي سمجهاءِ.

ڪي ڪي: نورا اخلاق سک، جي هن گهر ۾ رهڻو اٿئي ته زبان ۽ اکيون بند رک نه ته ٻڌ ٽپڙ تي راهي.

نورو: هاڻي ٿو ٻڌان ٽپڙ.. ڪيو پگهار جو حساب ته نورو نڪري هن گهر مان.

ڪي ڪي: نورا . . . نورا . . . نورا . . .

نورو: هڙئي ڪم پورا پورا پورا.

ڪي ڪي: نہ سڏرنديں نورا، يار وڏو پلستر آهين، خير ڇڏ مزاق ڪي..... اسين رات جي ماني ڪائي آيا آهيون پڪ آهي تہ تو بہ پنهنجو پيٽ پوري ڇڏيو هوندو.

نورو: صاحب! نورو پنهنجو پيٽ پوري چڪو آهي، ڇو تہ نوري نماڻي کي خبر آهي تہ هوٽل تي ماني ڪيئن ۽ ڪنهن جي ڪنڌي تي کائبي آهي.

ڪي ڪي: چڱو اسين هلي آرام ڪريون ٿا، عرفان تي وي اسٽيشن ڏانهن ويو آهي، جيئن اچي تہ اندر موڪلجانس تہ خبر وٺانس.

نورو: حاضر جناب.

## بيگم، ڪي ڪي، ڦندو ۽ ارشد اندر وڃن ٿا.

نورو: (ڦندو کي سڏ ڪندي) او بڙي ميان ڦندو لکنوي.

## ڦندو موٽي ٿو.

ڦندو: ڇو برخوردار.

نورو (ڦندو جي وات ڏانهن اشارو ڪندي) ميان ڦندو آمريڪي انگريز جي ڪوٺ جي ڦاٽل کيسي جهڙي وات ۾ اڄ پان شريف ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

ڦندو: امان زڪام ماري ڇڏيو آهي... ڪو علاج ڏس يار.

نورو: ڪوڙ علاج.. رڳو ڪرڻ جي دير آهي.

ڦندو: بتاءِ يار نڪ اگهي اگهي تنگ ٿي پيو آهيان.

نورو: نڪ اگهڻ لاءِ ملازم رک ميان.

ڦندو: ملازم..!؟ نہ نہ ! پگهار ڏيڻي پوندي ڀيو ڪو علاج بتاءِ.

نورو: هون... ها هيئن ڪر جو پاڻ وارو نڪ کپي هڪ عدد رومال ۾ ويڙهي لنڊن ۾ وينل پاڻ واري مائٽ ڏانهن اي ميل ڪري موڪل، سڄو ڏينهن ۽ رات وينو تو وارو نڪ صاف ڪندو رهندو، گهٽ ۾ گهٽ واندو تہ نہ ويهندو، واندو آهي تہ شيطان شرارتون ٿو ڪري.

ڦندو: ميان نوري، مذاق نہ ڪر ڀيو علاج ڏس.

نورو: ڀلا بتا... اينگڙ بتو بہ تولا.

ڦندو: اهيو ڪر آهي؟

نورو: نہ وڪري آهي.... تہ خيال سان ٻڌ اينگڙ ٻتو ٻہ تولا. ڪَرَ جي ڪل هڪ پاءُ. تخمِ خنزير اڌ آنو تخمِ بلغم ڏيڍ ڪلو. وڏي تپ جا 8 عدد گورا. پيٽ جي سور جون پاڙون ٻہ ڪلو. وائي سور جو آنو. مليريا جو مڻ. اُلو جي عرق ۾ ملائي مٽي ۾ نڪ تي چپڙي ناهي رکي ڇڏ تہ زڪام زوزاٽ ڪندو هليو ويندءِ.

قندو: وارو ڪر وجي اهي وڪر وٺي اچ.

نورو: ميان قندو هڪڙو وڪر مون کي نہ ملندو. اهو توکي ئي هٿ ڪرڻو پوندو.

قندو: امان ڪهڙو وڪر... ڪٿان ملندو؟

نورو: ميان تخمِ بلغم.... اهيو توکي ڪنهن موالي جي مڪان تان ملي ويندو بنا پيسن پيرڻ جي. باقي ٻيا وڪر مان وڃان ٿو وٺڻ.

(**نورو نڪري وڃي ٿو.**)

قندو: ارشد ميان...... ارشد.

**ارشد اچي ٿو.**

قندو: ارشد هينئر پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرن جو وقت اچي چڪو آهي. مان هي جيڪا مذاق ڪيان پيو اها مذاق بہ هن چال جي هڪ ڪڙي آهي. ٻڌ منصوبي کي ڪامياب ڪرن لاءِ ڪاوڙ ڪائني پوندي آهي. هن گهر جي وڏي جي زندگي جي ڪتاب جا ورق ساڙن جو وقت ويجهو اچي چڪو آهي.

ارشد: ميجر بلڪل ائين ئي ٿيندو. اڄ رات باقي رهيل مرحلو بہ پورو ٿي ويندو.

قندو: ٻڙي پائي جي حڪم تي عمل نہ ٿيو تہ . اسان جي موت کي دعوت آهي ارشد.

ارشد: ميجر اسان کي هن گهر جي ڏرتي ڪپي، گهر ڏٺي نہ.

قندو: ها.... هن گهر جي وڏي ڪي ڪي تي اعتبار هرگز نہ ڪجان. اهو واپس موٽي ٻهراڙي جو ماڻهو ٿي سگهي ٿو. ڪي ڪي سڀ ڪان وڏو اسان جو دشمن آهي ۽ پوءِ روشن.

ارشد: ها ميجر.... روشن وڏو رهزن آهي ۽ نورو بہ هن گهر جو وڏو وفادار آهي.

قندو: ارشد نوري مونکي بي وقوف سمجهي وڪرن وسيلي منهنجي توهين ڪئي آهي. ان توهين جي سزا نورو ضرور پوڳيندو. اسان جي ٽارگيٽ جو ٽيون نمبر نورو آهي. مان ٻڙي پائي سان ڳالهائيندس.

ارشد: ميجر هي جيڪا صائمہ آهي. اها ڪير آهي؟ هن گهر ۾ ڇو آئي آهي. ان ۾ مون کي شڪ ٿو پوي تہ هي جاسوس آهي.

ڦندو: شڪ تہ مون کي بہ آهي... ان راز کي هينئر ئي ٽا کوليون, تون وڃ ۽ آسيہ کي هيڏانهن موڪل.

**ارشد وڃي ٿو آسيہ اچي ٿي.**

بيگم: جي بابا.

ڦندو: آسيہ صائمہ ڪير آهي؟

بيگم: خميسي خان جي دوست جلال حيدر جي ڌيءُ آهي.

ڦندو: نہ آسيہ نہ مون کي جاسوس ٿي لڳي, ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان جو منصوبو ناڪام وڃي. تون صائمہ کي گهرائي پڇينس.... مان هلان ٿو ۽ صائمہ کي موڪليان ٿو.

**ڦندو وڃي ٿو.**

بيگم: صائمہ ۽ جاسوس..... جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ صائمہ جو لاش مالڪن کي بہ نہ ملندو.

**صائمہ اچي ٿو.**

بيگم: صائمہ تون ڪير آهي, هن گهر ۾ ڪهڙي مقصد خاطر آئي آهين.

صائمہ: آسيہ مان خود اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هيس تہ توکي پاڻ بابت سڀ ڪجهہ ٻڌايان.

**ميوزڪ هلي ٿي صائمہ ۽ آسيہ ڳالهائين ٿيون**

**ميوزڪ ختم ٿئي ٿي.**

بيگم: ان جو ثبوت ڪهڙو آهي صائمہ.

**صائمہ هڪ لفافو بيگم کي ڏئي ٿي, بيگم**
**آسيہ خط وٺي پڙهي ٿي.**

بيگم (خط پڙهڻ کانپوءِ) اچا.... تہ اصل حقيقت اها آهي؟

صائمہ: جي بيگم آسيہ..... اهيو راز راز ئي رهي. ايتري قدر جو تنهنجي پيءُ ڦندو لکنوي کي عرف ميجر ۽ ارشد کي توکي بہ خبر نہ پوي ۽ خط کي ڦاڙي ڇڏ.

بيگم: (خط ڦاڙيندي) صائمہ اهيو راز رازئي رهندو. منهنجو شڪ ختم ٿيو باقي بابي کي مان سمجهائي ڇڏينديس.

## بيگم وڃي ٿي صائمہ بيٺي آهي، عرفان اچي ٿو.

عرفان: محترمه اوهان هتي ڪيئن بيٺيون آهيو؟

صائمہ: تنهنجي انتظار ۾، تو منهنجي دل تي ڌاڙو هنيو آهي.

عرفان: ڌاڙو! صائمہ فنڪار گهر سنواريندا آهن، اجاڙيندا ناهن.

صائمہ: عرفان تو منهنجي دل پاڻ وٽ قابو ڪري ڇڏي آهي، ان جي بدلي تون بہ مون کي پيار ڏي.

عرفان: صائمہ دلين جا سودا سرعام ناهن ڪبا.

صائمہ: اها ڪهڙي محبت جيڪا لڪائي ڪئي وڃي. تنهنجي ادائن منهنجي ننڊ کي نهوڙي ڇڏيو آهي، تڏهن تہ تنهنجو انتظار پئي ڪريان.

عرفان: صائمہ آءُ توکي سمجهي ناهيان سگهيو.

صائمہ: عرفان صائمہ هڪ کليل ڪتاب وانگيان آهي، تون ان ڪتاب کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي پڙهہ تہ توکي خبر پئجي ويندي.

عرفان: صائمہ مونکي اڪيلو ڇڏي ڏي.. آءُ تنهنجي پيار جي قابل ناهيان.

صائمہ: صائمہ توکي ساهہ کان وڌيڪ چاهي ٿي، صائمہ کي پنهنجو بڻاءِ صائمہ کي صدما نہ ڏي، عرفان تون منهنجو پيار آهين.

**گانو: سپ چون ٿا منهنجو سهڻو آهي موتي داڻو (ثمينہ / شازيہ)**

**گانو ختم.**

عرفان: صائمہ مون مان محبت جي موٽ ملڻ جي اميد نہ رک، مون پنهنجي فن سان محبت ڪئي آهي، فنڪار محبت هڪ دفعو ڪندو آهي، دل هٽن ۾ ڪنيون خريدار گولڻ سچي فنڪار جو ڪم ناهي. مون کي معاف ڪجان جو مون تنهنجي دل کي رنج پهچايو مان جاٽي واٽي توکي ڏک ڏيڻ نٿو گهران.

صائمہ: تہ نيڪ آهي عرفان...... تنهنجي مرضي..... پر منهنجو پرمُ رکجان، جي تون مون کي محبت جي موٽ نٿو ڏين تہ نہ ڏي.... پر اهو راز پنهنجي دل ۾ دفن ڪري ڇڏجان، متان منهنجي بدنامي ٿي.

عرفان: صائمه فنڪار هر راز کي دل ۾ سمائي دل جي ڌڙڪن ۾ گم ڪري ڇڏيندو آهي. تون خاطري ڪر.
صائمه: عرفان توکان هڪ ڳالهه پڇان؟
عرفان: ها.... ڪهڙي.

**ميوزڪ هلي ٿي عرفان ۽ صائمه ڳالهائين ٿا..**

**ميوزڪ ختم.**

عرفان: نه مون کي ڪابه معلومات ناهي صائمه, هڪ فنڪار پلا اهڙن ڪمن مان ڇا ڄاڻي.
صائمه: عرفان مون ته توسان مذاق پئي ڪئي, دراصل اها ڪهاڻي مون هڪ ڪتاب ۾ پڙهي هئي, بس توکي ٻڌائي پنهنجي دل کي خوش پئي ڪيو ۽ تنهنجي اندر جي فنڪار کي پئي پرکيو.

**صائمه وڃي ٿي.**

عرفان: اها ڪتاب جي ڪهاڻي ناهي صائمه..... تون فنڪار سان فنڪاري نه ڪر, ضرور ڪٿي نه ڪٿي گڙٻڙ آهي.

**نورو اچي ٿو.**

عرفان: نورل مبارڪ هجئي.
نورو: ڦندو لکنوي ويو موڪلائي ڇا؟
عرفان: نه نورل! ڦندو زنده آهي... پر مون کي ٽي وي جي ڊرامي ۾ ڪم ملي ويو آهي.
نورو: مبارڪ توهان کي هجي عرفان صاحب, جو اوهان جي ڪوشش ڪامياب ٿي, توهان جو اهو ڊرامو ضرور ڏسبو ۽ وڏي پئماني تي ڏسبو.
عرفان: چڱو مان هلان ٿو... تون به آرام ڪر.

**عرفان گهر وڃي ٿو.**

نورو: اڙي نورا سڄو ڏينهن ڪيئي ڪم پورا. هاڻ سمهي پيءِ ته ڪي ٽڪ لهنين, آرام ڪر, وري صبح جو ڏٺو ويندو.

**نورو سمهي ٿو ته ارشد اچي ٿو.**

ارشد: نورا اٿ وڃي ٻاهر سمه، توکي چيو اٿم ته جيستائين مان هن گهر ۾ موجود آهيان، تون هتي نٿو سمهين سگهين.

**نورو اٿي ٿو.**

نورو: هائو ڪي ٿو فلتر.... وقت آيو ته تو مان ڪسرون ته ضرور ڪيندس.

**نورو ٻاهر آئوٽ.... ارشد سمهي ٿو. صائم جاسوس بنجي اچي ٿي جائزو وٺي هلي وڃي ٿي قندو اچي ٿو ۽ ارشد کي اٿاري ٿو.**

قندو: ارشد.

ارشد: جي ميجر.

قندو: ننڍون ڪرڻ سان مقصد حاصل نٿا ڪري سگهجن.

ارشد: ميجر ائين اک لڳي وئي هئي.

قندو: ڪامياب ٿيڻ ڪانپوءِ.... تون ننڍون ڪري سگهين ٿو.... پرگرام موجب عمل ٿيڻ گهرجي ياد رک جيڪڏهن توکنهن به قسم جي ڪوتاهي ڪئي ته تنهنجا 3 ٻار هڪ ماءُ ۽ زال اسان جي ساٿين جي نشانن تي موجود آهن.

ارشد: ميجر ڪي تو ڪوتاهي ڪرڻ سکيو ئي ناهي.

**ٻه نقاب پوش اچن ٿا.**

قندو: ارشد تون هنن سان رلجي وڃ...... دشمن بچڻ نه گهرجي..... مان هتي ئي انتظار ڪريان ٿو.

ارشد: جي ميجر.

**ارشد ۽ نقاب پوش ٻاهر آئوٽ، قندو فون وسيلي ڳالهائي ٿو.**

ڦندو: سر اڄ اسان جي مخبري ڪندڙ اسانجو وڏو دشمن پنهنجي منطقي انجام تي پهچڻ وارو آهي، اسان جا ساٿي هن جي راهہ ۾ موت وڇائڻ لاءِ وڃي چڪا آهن......... ٺيڪ آهي ٻڙي ڀائي........ ائين ئي ٿيندو.

**ڦندو ٽيليفون بند ڪري ٿو.... ڪجهہ منٽن کان**
**پوءِ ارشد ۾ نقاب پوش هڪ شخص کي کڻي**
**اچن ٿا ۽ ان کي قتل ڪن ٿا ۽ هڪ ٻوري ۾**
**بند ڪري نقاب پوش لاش کڻي هليا وڃن ٿا.**

ڦندو: ڳاٽي جي پنين پاسي واري گرائونڊ ۾ لاش اڇليو اچو.... ارشد! ٻوري ۾ لاش جو تحفو تولاءِ واري پرچي لکي ساٿين کي ڏنئي.
ارشد: جي ميجر اها پرچي وسارڻ جهڙي ئي ناهي.
ڦندو: ارشد سپاٽي پنهنجي مشن نمبر 80 کي مڪمل ڪرڻو آهي.
ارشد: اوڪي ميجر.
ڦندو: هاڻي تو آرام ڪر..... رات گهڻي گذري چڪي آهي، مان هلان ٿو.

**ڦندو گهر اندر وڃي ٿو ۽ ارشد سمهي پئي**
**ٿو.. صبح ٿئي ٿو.. نورو داخل ٿئي ٿو.**

نورو: گوريٽ جو ماسات اڃان ستو پيو آهي.... اويائي ڪي تو فلتر اٿي.. صبح ٿي ويو آهي، گهر ڏٿي نيرن ڪائي چڪا آهن، اٿ وڃي ٽانوَ چَتِ.
ارشد: (اٿندي) جلدي صبح ٿي ويو؟ پوري ننڊ بہ نہ ڪئي آهي.
نورو: چو رات چوري ڪرڻ وئين هئين ڇا؟
ارشد: مون سان مذاق نہ ڪندو ڪر نورا.
نورو: وڃ وڃي منهن ڌو.... لڳي ٿو تہ ننڊ ۾ پڪوڙا ڪپايا اٿئي.

**ارشد گهر اندر وڃي ٿو. پوليس انسپيڪٽر**

**اڇي ٿو.**

انسپيڪٽر: مسٽر ڪي ڪي صاحب ڪي سڏي اچ.

**نورو وڃي ٿو انسپيڪٽر جاءِ جو معائنو ڪري**
**ٿو. صائمہ اچي ٿي.**

صائمہ: انسپيڪٽر توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي.

انسپيڪٽر: اوهين ڪير آهيو؟ ڇا ٿيون چوڻ چاهيو؟ ڇا ڪي ڪي تنهنجو عزيز آهي؟

**ميوزڪ هلي ٿي انسپيڪٽر ۽ صائمہ**
**ڳالهائن ٿا. ميوزڪ ختم.**

انسپيڪٽر: جي.... اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ مون کي بار بار هت اچڻ نہ گهرجي.... مون کي اميد آهي تہ توهان پنهنجي مشن کي مڪمل ڪندؤ.

**صائمہ وڃي ٿي، ڪي ڪي اچي ٿو.**

ڪي ڪي: انسپيڪٽر صبح سان وري هت اچي ڪهڙي ڳالهہ ثابت ڪرڻ چاهين ٿو هي شريفن جو گهر آهي، هن گهر ۾ بنا اجازت اچڻ جي توکي جرئت ڪيئن ٿي آهي؟

انسپيڪٽر: ڪي ڪي صاحب ٽاٽي جي پوئين پاسي واري گرائونڊ مان ٻوري بند لاش مليو آهي. لاش ڪنهن جو آهي ان جي سڃاڻپ تہ ٿي ويندي پر........

ڪي ڪي: (جملو ڪٽيندي) انسپيڪٽر تون ڪٿي اهيو چوڻ چاهين ٿو؟ تہ اهيو قتل مون يا منهنجي گهر جي ڪنهن فرد ڪيو آهي؟

انسپيڪٽر: اهيو وقت ئي ثابت ڪندو..... پر جن ماڻهن قتل ڪيو آهي، انهن قاتلن جي پيرن جا نشان اوهان جي بنگلي جي آسپاس مليا آهن.

ڪي ڪي: انسپيڪٽر، هوش سان ڳالهاءِ... تون ملڪ جي وفادار آفيسر سان ڳالهائي رهيو آهين ڪنهن للو پنجوءَ سان نہ.

انسپيڪٽر: معاف ڪجو سر..... قانون، قانون آهي.

**انسپيڪٽر آئوٽ.**

ڪي ڪي: قانون جا پٽ.... اڄ تنهنجي نوڪري وئي.

**بيگم، ڦندو، امجد، سليم ۽ ارشد اچن ٿا.**

بيگم: آءُ ڪنهن ضروري ڪم سان بابي ۽ ارشد کي وٺي وڃان ٿي... شام تائين اچي ويندا سين.

ڪي ڪي: مون کي به ته خبر پوي... آخر ڪيڏانهن وڃڻ جو پروگرام آهي.

بيگم: توکي چيم ته ضروري ڪم سان وڃون ٿا. موٽي اچي ٿو کي خوشخبري ٻڌائيندس.

ڪي ڪي: تنهنجي مرضي.... صائمه کي به وٺيو وڃ ته چڪر ڏئي ايندي.

بيگم: نه ان جي ضرورت ناهي.

ڪي ڪي: امجد تون ڪيڏانهن تيار ٿيو پيو وڃين؟

امجد: بابا مان لائبريري ويندس، جتي هڪ دوست سان ملڻو آهي.

ڪي ڪي: سليم تون ته پڪ ستارن جي گردش ۾ گم ٿيڻ لاءِ وڃي پيو.

سليم: ها بابا..... اڄ مان اهڙي ستاري جي ڳولا ۾ وڃان ٿو جنهن ستاري تي انسان جي قسمتن کي چند ماڻهو يرغمال بڻايون ويٺا آهن.

ڪي ڪي: واهه لڳي ٿو ته اڄ سڄ اتر کان اڀريو آهي جو.... منهنجا پٽ ڳالهيون ئي ٻيون پيا ڪن.

بيگم: ڪي ڪي اسان هلون ٿا.

**ڦندو، بيگم، ارشد، امجد ۽ سليم نڪري وڃن ٿا.**

ڪي ڪي: نورا.... او نورا.

**نورو اچي ٿو.**

نورو: هڙئي ڪم پورا.

ڪي ڪي: نورا استاد بدرالدين جي گئريج وڃ ۽ گاڏي ڪاهي اچ.

نورو: حاضر سائين مان وڃان ٿو.

## نورو نڪري ويجي ٿو عرفان اچي ٿو.

ڪي ڪي_ ڪيڏانهن پيو نهي نڪي ويجين عرفان.

عرفان: بابا اڄ ٽي وي اسٽيشن وڃان ٿو ڊرامي جي رڪارڊنگ آهي. دعا ڪجو.

ڪي ڪي: اڙي ڊراما انسانن جو پيٽ ڀرين ها تہ دنيا جا سڀ انسان ناٽڪن ۾ ڪم هان.... مان چاهيان ٿو تہ تو سي. ايس. ايس ڪري ڪنهن سٺي عهدي تي پهچ. ڇڏ اهي ٻاراڻا شوق.

عرفان: بابا هن ڪائنات ۾ سوين سهڻا روپ پنهنجي پنهنجي مقصد واري منزل ڏانهن وڌي رهيا آهن ۽ ضروري ناهي تہ هر روپ اعليٰ عهدي لاءِ ئي هن ڌرتي تي پيدا ڪيو ويو هجي.

ڪي ڪي: تون آفيسر جو پٽ ٿي ڪري ناٽڪن ۾ ڪم ڪندين!؟ تنهنجو گهراڻو مهذب گهراڻو آهي. ڇو ٿو مونکي لڄائين!!؟

عرفان: بابا هن ڌرتي تي رهندڙ هر ماڻهو مهذب آهي، هر ڏنڌو عظمت وارو آهي اهيو ضروري ناهي تہ وڏين ڪرسين تي ويٺل وڏين عزتن جا حقدار هجن ۽ پٽ تي ويٺل غريب نفرتن جي لائق هجن. منهنجي اندر ۾ ويٺل فنڪار مون کي ٻڌائي ٿو تہ هن ڌرتي تي رهندڙ سڀ انسان برابر آهن. ڪو ڪنهن کان بلند ۽ بالا ناهي.

ڪي ڪي: اڙي اهيو اندر ۾ ويٺل فنڪار سواءِ بک جي توکي ڪجهہ بہ نہ ڏيندو. گهڻا فنڪار بک ۾ مرندي مون ڏٺا آهن!

عرفان: فنڪار جو فن ازل کان ابد تائين، ڌرتي جي هِن پار کان، هُن پار تائين پوءِ بہ زنده آهي ۽ هميشہ زنده رهندو. فنڪار کي موت نٿو اچي سگهي.

ڪي ڪي: اڙي فنڪار فتني جي جڙ آهن.

عرفان: سچا فنڪار امن جا علمبردار آهن.

ڪي ڪي: فنڪار نفرتن جا پوڄاري آهن.

عرفان: سچا فنڪار محبتن جا مسيحا هوندا آهن.

ڪي ڪي: فنڪار ڏوهن جي دنيا جا بي تاج بادشاهہ آهن.

عرفان: سچا فنڪار فيض ڏيندڙ فقير آهن.

ڪي ڪي: فنڪار بدنصيبي جي بازار جا سوداگر آهن.

عرفان: سچا فنڪار سچي تاريخ لکندڙ ڪاتب آهن.

ڪي ڪي: فنڪار اڌ چريا ۽ پاڳل آهن.

عرفان: سچا فنڪار فڪر جي ڦرهي هٿ ۾ کڻي ماڻ مطالعو ڪندا آهن.

ڪي ڪي: مطلب تہ تنهنجي مٿي ۾ فنڪاري جو اُٺُ ويهي چڪو آهي.
عرفان: بابا مان پنهنجو پاڻ ڪي دوڪو نٿو ڏيڻ چاهيان. منهنجو فن منهنجو رهبر آهي، مون ڪي ان جي اڳواٽي قبول آهي. اوهان دعا ڪريو تہ آءُ پنهنجي منزل ڏانهن سچي راهي وانگر رمندو رهان.

**عرفان ٻاهر آئوٽ.**

ڪي ڪي: افسوس صد افسوس.... اهڙن پٽن کان پينگ پلي، جيڪي عزت جي نيلامي جا دوڪاندار هجن.

**روشن اچي ٿو.**

ڪي ڪي: آ سدورا پٽ باقي تون بچيل هئين.
روشن: بابا هن گهر ۾ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو مونکي بلڪل پسند ناهي.
ڪي ڪي: ڇا ٿي رهيو آهي هن گهر ۾!!؟
روشن: بابا ننڍي امان هن گهر کي اڌوهي وانگي اندران کائي رهي آهي.
ڪي ڪي: ان نفرت کي پنهنجي سيني جي قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏ. نفرتن کي هوا نہ ڏي ورنہ تنهنجي ان عمل سبب هي گهر نفرتن جي باهہ ۾ ڀسم ٿي ويندو.
روشن: اسان جي گهر ۾ ويهي، اسانجا دشمن. سڄڻن جو روپ ڌاري، صدين جي سڃاڻپ کي مڪر ۽ فريب سان ميساري رهيا آهن ۽ گهر ڏٺي! اُهي گهر ڏٺي جيڪي قانون ۽ انصاف جي طاقت رکن ٿا اهي رشوت جي انڌي پيسي پوڀان ٻوڙي پنهنجي وجود کي برباد ڪري رهيا آهن.
ڪي ڪي: روشن! پيسو گهڻو ڪجهہ آهي، جنهن وٽ پيسو ناهي، هن سماج ۾ ان جي ڪابہ عزت ناهي، اهوهن سنسار جو سڙيل پنو آهي جنهن تي زندگيءَ جون خوشيون نٿيون لڪجي سگهجن.
روشن: بابا پيسو گهڻو ڪجهہ برابر آهي، پر سڀ ڪجهہ ناهي. مان ڄاڻان ٿو تہ هتي وڏين ڪرسين تي ويٺل اسان جا ماڻهو پنهنجي ئي بدن جو ماس ڪپي ۽ ڪوري رهيا آهن. پنهنجي ئي جسم جي رڳن جو رت جوڙن وانگر چوسي رهيا آهن ۽ ڪرسين تي ويهي پنهنجي قوم جو ڪنڌ ڪاڳر جي ڪاتيءَ سا ڪپي رهيا آهن.
ڪي ڪي: پنهنجي زبان کي ضابطي ۾ رک روشو! تون ايترو نافرمان ٿي چڪو آهين جو پيءُ کي ورنديون ٿو ڏين؟

روشن: بابا جتي جتي ڏرتيءَ تي ڏاڙو ھٽندڙ ڌارين جي داداگيري ۾ دھشتگردي کان وڏا واقف نہ ھوندا آھن، اتي نافرمان پٽ ئي ڌرتي جي ڏنگ لاءِ جنگ جوتڻ جو اعلان ڪندا آھن.

ڪي ڪي: تو ڪي اھو علم سيکاريو آھي تہ تون ادب ۾ اخلاق جون حدون اورانگھي بداخلاقي جي بارود سان ڀرجي، ان پيءُ اڳيان زبان کولين !؟ جنھن توکي دنيا جي حسين رنگن ۾ رنگي ڇڏيو آھي.

روشن: بابا اسان جو علم اسان کي سيکاري ٿو تہ جڏھن بہ وطن جي ويرين جي قدمن جا آواز ٻڌو، تڏھن پنھنجي ستل ضميرن کي جاڳائي دوکي جون ديوارون ڍاھي پٽ ڪري ڇڏيو.

ڪي ڪي: آخر تون چاھين ڇا ٿو!؟

روشن: بابا آءُ چاھيان ٿو تہ توھان اکيون کوليو ۽ ھن گھر ۾ ڌارين جي چرپر تي نظر رکو.

ڪي ڪي: اڙي تون ڪھڙو پٽ آھين؟ جو پيءُ جي خوشين ڀرئي گھر ۾ زھر جا رنگ ٿو ڀرين!

روشن: بابا مان تنھنجو اھو پٽ آھيان جيڪو ھن گھر جي خوشين کي بچائڻ لاءِ زندگي ۽ موت جي جنگ وڙھي رھيو آھي.

ڪي ڪي: روشن تون اھو کوٽو سڪو آھين جنھن جي بازار ۾ ڪا بہ قيمت ناھي؟

روشن: کوٽو سڪو ڪڏھن وقت ۾ ئي ڪم ايندو آھي ۽ اسان جو ساٿي ٻٽو آھي بابا.

ڪي ڪي: نياڳا سڌر.... جواني ۾ پادر ڇو ٿو ڪائين؟

روشن: تنھنجو ھڪ ھڪ پادر منھنجي لاءِ ملامت جو داغ ناھي بابا.... پر ڌارين جي ھڪ ميري نظر بہ منھنجي لاءِ وڏي گار برابر آھي.

ڪي ڪي: نھيو اڄ مڙي ٿو وڃانءِ نہ تہ صبح سان ڪيانءِ ھان موچڙن جي مھماني.

## ڪي ڪي ڪاوڙ وچان ٻاھر وڃي ٿو.

## صائمہ اچي ٿي.

صائمہ: روشن مون پنھنجي دل تي پٿر رکي سڀ ڪجھ سنو آھي، ھاڻ مون کان صبر برداشت نٿو ٿيئي.

روشن: صائمہ تون پليل آھين.

صائمہ: نہ روشن مان توکان سواءِ ھڪ گھڙي بہ رھي نٿي سگھان، جدائي جو پل پل واسينگ بڻجي منھنجي وجود کي ڏنگي رھيو آھي.

روشن: صائمہ مان ڄاڻان ٿو تہ تون ڇا ٿي چوڻ گھرين.

صائمہ: جاني مان ھزار ڀيرا پنھنجي اندر ۾ مري چڪي آھيان، مون وک وک تي زھر جا ڍڪ ڀريا آھن.

روشن: صائمہ جيڪي ماڻهو زندگي جي زهر کي زم زم ڪري پيئن ٿا, اهي ئي جڳ ۾ جيئن ٿا.

صائمہ: تو بنا سک ۾ آرام مون کي راس نٿو اچي, تنهنجي جدائي مون لاءِ هڪ ويل آهي جانب.

**گانو: تو بنا سانورا (سجاد يوسف, ثمينہ)**

روشن: پٽ صائمہ! آئنده اهڙي قسم جي حرڪت مون سان ڪڏهن بہ نہ ڪجان... تون هاڻي هلي آرام ڪر.... مان بہ پاهران ٿي اچان ٿو.

**صائمہ گهر ۾ روشن پاهر آئوٽ.**

**سليم ۽ امجد اچن ٿا.**

امجد: سليم.

سليم: جي! ڇا ڳالهہ آهي امجد.

امجد: ادا ڪنهن سان ڪيل واعدو اچ توڙي توڪان هڪ صلاح وٺڻ گهران ٿو.

سليم: ڪنهن سان وفا جا واعدا ڪيا اٿئي, يار تون تہ لڪل مجنون آهين, مون کي بہ ٻڌاءِ.

امجد: صائمہ... صائمہ سان وفا جا واعدا..........

سليم: (جملو ڪٽيندي ۽ حيرت وچان) صائمہ سان!!؟ امجد صائمہ تہ محبت جا قول ۽ اقرار مون سان ڪيا آهن, تون منهنجي پيار جي مذاق.......

امجد: (جملو ڪٽيندي) سليم ڇا ٿو چوين؟ صائمہ تہ مون کي چاهي ٿي, هن مون سان پيار جا قسم کاڌا آهن.

سليم: امجد..... امجد پوءِ هي ڪهڙو چڪر آهي؟

**عرفان اچي ٿو.**

عرفان: ڪهڙن چڪرن جي چڪر ۾ اچي اڙيا آهيو؟

سليم: اسين ٻئي هڪ اهڙي رستي تي اچي بيٺا آهيون, جنهن رستي تي اڳتي وک وڌائڻ سان اسين ٻئي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دشمن بنجي ويندا سين.

عرفان: خدا ائين نہ ڪندو... ائين نہ چئہ ُ سليم.

امجد: ادا ڳالهہ ئي اهڙي آهي, تون ٻڌاءِ تہ اسين ڇا ڪريون؟

عرفان: بابا ڪجهہ ٻڌائيندؤ تہ حل نڪرندو نہ؟ ڇا ڳالهہ آهي.

سليم: عرفان! صائمہ امجد کي محبت جي ڪوڙي فريب ۾ ڦاسايو آهي ۽ ساڳي صائمہ مون سان بہ محبت جو اظهار ڪري چڪي آهي.

عرفان: جي!؟ اوهان سراسر بڪواس ٿا ڪريو... صائمہ تہ مرڻ ۽ جيئڻ جا واعدا مون سان بہ ڪرڻ گهريا ٿي پر مون...... معنيٰ صائمہ ٽنهي ڀائرن کي پريت جي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائي، ڀائرن ۾ جدائي جا جتن پئي ڪري. هوءَ اسان ٽنهي ڀائرن جي روح، ذهن ۽ ضمير جي قاتلا آهي.

امجد: ها..... اهڙي واهيات عورت کي وارن کان وٺي، گهلي پوليس حوالي ڪرڻ گهرجي..... آخر هوءَ هن گهر ۾ ڪهڙي مقصد خاطر آئي آهي.

عرفان: تڪڙ نہ ڪريو..... صائمہ هن گهر ۾ چو آئي آهي، ان سازش جو پتو لڳائڻو پوندو، ٿي سگهي ٿو تہ ادو روشن بہ صائمہ جي قاتل ٻولن جو شڪار ٿيل هجي.

سليم: هوءَ آهي ڪير؟

عرفان: ان حقيقت کي معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي هوشيار ۽ خبردار رهڻو پوندو. هوءَ بابي جي دوست جلال حيدر جي ڌيءُ بہ آهي يا نہ؟ اها جانچ بہ ڪرڻي آهي.

## بيگم، ڦندو ۽ ارشد اچن ٿا.

بيگم: ڇو وائڙا ٿا لڳو..... ڪو مسئلو سامهون آيو اٿوَ ڇا؟

عرفان: ڪجهہ بہ ناهي امان..... بس ائين ڪچهري پيا ڪريون.

بيگم: چڱو.

## بيگم، ڦندو ۽ ارشد اندر وڃن ٿا.

سليم: يار مون کي ان ارشد ڪي تو تي بہ هاڻي اعتبار نٿو اچي، ٿي سگهي ٿو تہ صائمہ ان جي ئي ساٿياڻي هجي.... واقعي ادو روشن سچ ٿو چئي..... عرفان هن گهر کي وڏو خطرو آهي.

## فون جي رنگ وڄي ٿي، عرفان فون اٽينڊ ڪري ٿو.

عرفان: هيلو... جي ها.... اهيو ئي نمبر آهي..... ها ها ڪي ڪي جوئي گهر آهي.

## ڪي ڪي داخل ٿئي ٿو.

عرفان: بابا توهان جي لاءِ پشاور کان فون آهي.

**ڪي ڪي رسيور وٺي ٿو.**

ڪي ڪي: ڪي ڪي پيو ڳالهايان.
پريان آواز: جلال حيدر ٿو ڳالهايان.
ڪي ڪي: جلال حيدر آمريڪا نہ وئين ڇا؟
پريان آواز: آمريڪا! ڪي ڪي خواب ۾ مون کي آمريڪا ويندي ايئرپورٽ تي ڏٺو اٿئي ڇا. توکي ڪنهن ٻڌايو تہ مان آمريڪا وڃان ٿو.
ڪي ڪي: يار ڪمال آ.... توئي فون ڪري ڇيو هيو تہ آمريڪا ٽريننگ ڪرڻ لاءِ وڃان ٿو ۽ صائمہ......
پريان آواز: (جملو ڪٽيندي) ها صائمہ جي شادي آهي.... ان جي دعوت ڏيڻ لاءِ تہ فون ڪئي اٿم.... ڪافي مهينن کانپوءِ هي پهرين فون تي ملاقات آهي.
ڪي ڪي: جلال حيدر چريو ڏاتورو پيتو اٿئي ڇا؟ صائمہ تہ تو منهنجي گهر موڪلي آهي ۽ هوءَ اندر ويٺي آهي.
پريان آواز: ڪي ڪي چريو تون ٿيو آهين. بي وقوف صائمہ منهنجي سامهون ويٺي آهي.
ڪي ڪي: تہ پوءِ جلال حيدر! مون وٽ ڪهڙي صائمہ ويٺي آهي؟ تو واقعي فون نہ ڪئي هئي يا مذاق پيو ڪرين.
پريان آواز: اڙي يار قسم سان مون اڳ توکي فون نہ ڪئي آهي. تنهنجي گهر ۾ ڪا ٻي صائمہ اٿئي.
ڪي ڪي: چڱو جلال حيدر تنهنجي دعوت قبول آهي. ياد ڪرڻ لاءِ مهرباني.

**ڪي ڪي رسيور رکي ٿو.**

عرفان: بابا هيءَ صائمہ جلال حيدر جي ڌيءُ ناهي؟
ڪي ڪي: ها.... اها ڇوري آهي ڪير؟ ۽ منهنجي گهر ۾...... سازش بلڪل ڀيانڪ سازش آهي، منهنجي خلاف ڀيانڪ سازش!!!.
عرفان: بابا ان صائمہ اسان ٽنهي ڀائرن کي پنهنجي حسن جي فريب ۾ ڦاسائڻ لاءِ وفائن جا واعدا ڪيا آهن.
ڪي ڪي: اڙي ڇا ٿا چئو! معنيٰ روشن سچ ٿو چوي تہ هن گهر خلاف ڪا گهري سازش ٿي چڪي آهي..... هون!!! توهان هتان هلو..... ۽ صائمہ کي هيڏانهن موڪليو.

سليم، عرفان ۽ امجد اندر وڃن ٿا.

ڪي ڪي سوچي رهيو آهي پسِ پرده آواز روشن جو آواز

پس پرده روشن جو آواز: بابا اسان جي گهر ۾ ويهي، اسان جا دشمن، سڄڻن جو روپ ڌاري صدين جي سڃاڻپ ڪي مڪر ۽ فريب سان ميساري رهيا آهن ۽ گهر ڌڻي.... اهي گهر ڌڻي جيڪي قانون ۽ انصاف جي طاقت رکن ٿا. اهي رشوت جي انڌي پيسي پوبان ڊوڙي پنهنجي وجود کي برباد ڪري رهيا آهن......................، بابا هوش مان ڪم وٺو هن گهر کي تباهه ٿيڻ کان بچايو.

صائمه اچي ٿي.

صائمه: چاچا اوها

ن ڪيئن ياد ڪيو؟

ڪي ڪي: (خيال مان نڪرندي) تون هن گهر ۾ ڪنهن جي اشاري تي آئي آهين... ٻڌاءِ ورنه توکي پوليس حوالي ڪندس ۽ پوليس توکان سڀ ڪجهه سچي ڪرائيندي.

صائمه: چاچا هي توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ مان صائمه آهيان جلال حيدر جي..........

ڪي ڪي: (جملو ڪٽيندي) تون جلال حيدر جي ڌيءُ نه پر ڪنهن گندي تخم جي پيداوار آهين.... جلال حيدر هينئر ٽيليفون تي ڳالهايو آهي.... تنهنجي منهن تي چڙهيل محبت ۽ پريت وارو نقاب لهي چڪو آهي.

صائمه(ڪجهه سوچي) جي راز راز نه رهيو آهي ته پوءِ ٻڌو چاچا! مان واقعي جالال حيدر جي ڌيءُ ناهيان، منهنجو نالو.........

ميوزڪ هلي ٿي، صائمه ۽ ڪي ڪي ڳالهائن ٿا، نورو اچي ٿو ۽ هو به ڳالهائي ٿو.... صائمه ۽ نورو اندر هليا وڃن ٿا. ڪي ڪي ڪرسي تي پاڻ کي اڇلائي ٿو. ميوزڪ ختم ٿئي ٿي.

روشن جو آواز پسِ پرده: ڏکي وقت ۾ ڪوتو سڪو ئي ڪم ايندو آهي ۽ انسانن جو ساٿي بڻبو آهي بابا. بابا جتي دهشتگردي ڪان وڏا واقف نہ هوندا آهن. اتي نافرمان پٽ ئي ڌرتيءَ جي دنگ لاءِ جنگ جوٽڻ جو اعلان ڪندا آهن. ...............

**آواز ختم بيگم اچي ٿي.**

بيگم: ڪي ڪي اڄ عرفان جي رشتي لاءِ وئي هيس. ان ڪري وجڻ وقت توکي نہ ٻڌايو هو تہ جيئن ڪم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ توکي سرپرائيز ڏيان.

ڪي ڪي: خاندان نيڪ ناڪ آهي؟

بيگم: ڪروڙپتي آهن.....باقي ڳالهہ ٻوله رات هتي ئي ڪنداسين... ڇو تہ ڪجهہ مهمان بہ ايندا.

ڪي ڪي(حيرت مان) مهمان...؟ ڪهڙي وقت ايندا ۽ ڪير آهن؟

بيگم: اهيو بہ هڪ تحفو آهي. مهمان وڏي ڪم وارا آهن ۽ هو ٻارنهين وڳي تائين اچي ويندا. مان هلان ٿي.. مونکي مهمانن لاءِ ڪجهہ بندوبست ڪرڻو آهي.

**بيگم گهر اندر آئوٽ.**

ڪي ڪي: (بيگم کي پوبان چوندي) نوري کي موڪل بيگم.

**ڪي ڪي ڪجهہ سوچي ٿو ۽ نورو اچي ٿو.**

ڪي ڪي: نورا گاڏي جو ڇا ٿيو؟

نورو: سائين گاڏي ٻاهر بيٺي آهي.

ڪي ڪي: چاٻيون ڏي مان ضروري ڪم سان وڃان ٿو.

**نورو ڪي ڪي کي چاٻيون ڏيئي ٿو. روشن**
**اندر داخل ٿئي ٿو. ڪي ڪي روشن کي ڏسي**
**ڀاڪر وجهيس ٿو ۽ نرڙ تي چمي ڏئي اکين**
**مان ڪريل ڳوڙها اگهندي ٻاهر هليو وڃي ٿو.**
**روشن پيءُ جي قدمن تي نوڙي قدمن جي**
**نشانن کي چمي ٿو.**

روشن: بابا هي تنهنجو ڀاراڙي وارو پٽ، جنهن جي ماءُ ڪي توسوين صدما ڏنا، تنهنجي انهيءَ هڪ چمي تان سڀ سور قربان ڪري ڇڏيا.... بابا اڄ تنهنجي قدمن جي نشانن مان پنهنجي سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ آئي آهي.

نورو: روشن پٽ اڄ تنهنجي جدوجهد وارو پوکيل ٻج، ڌرتي ماءُ جي سيني مان ايري ساوڻ سلن جو روپ ڌاري، آسمان ڏانهن ڪنڌ اوچو ڪري چڪو آهي.

روشن: نور محمد جيڪو پنهنجي مقصد سان سچو آهي، منزل ان ڪان پري ناهي، سچ هميشہ مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي دردن جي دوا بنجي، ڌرتي تي قائم ۽ دائم رهندو پيو اچي..... سچ جو ساٿي اهو ئي ٿيندو جيڪو پنهنجي انائن جي قبرن مان نڪري انسانن جهڙو ٿي، انسانن ۾ رهندو.

## فريد فرمائشي اچي ٿو.

نورو: اچي وئين فريد فرمائشي.... ڪاڏي ڀڄي ويو هئين.

فريد: روشن صاحب اسلام عليڪم.... نورا اڄ وڏي ٿي آهي مون سان، تو وٽان ويس.... راڳ وڄائيندو روڊ تي پئي هليس، خبر تڏهن پئي جو ايم پي ٿري هٿن مان ڪنهن ڦري ورتي.

نورو: ڪير هو ڪمبخت.

فريد: يار هيئن جو ڏسان تہ باندر..... بابا ميموري ڪارڊ ڪڍي اڇلي ڇڏيائين.

نورو: ڇئبو تو واري فنڪار ڪي باندر پري بازار ۾ بڇڙو ڪيو.

فريد: اڙي نورا باندر نہ ڪئي هم نہ تم، ڪلهي تي چڙهي منهن تي پنهنجو چنبو ٿيڙي گهمايو ۽ ٺڪاءُ ڪڍايائين لوٽي واري لپاٽ. سمجه تہ واه جو پوندبو ڏئي ويو. خبر اٿئي باندر اشارن اشارن ۾ ڇا چيو؟

نورو: ڇا چيو باندر اشارن ۾.

فريد: بابا چڙ اشارن ۾ چوندو هجي تہ حيف هجيوَ سٺن وڳن ۾ سينگاريل انسانو اسين تہ اگهاڙا آهيون ۽ اگهاڙا رهندي بہ اوهان کان چڱا آهيون.... توهان تہ اسان کان بہ ڪريل آهيو جو پنهنجي ادب، شاعري ۽ گائيڪي وسيلي اگهاڙپ ٿا ڦهلايو.... حيف هجيوَ ڪپڙن ۾ ويڙهيل اگهاڙا انسانؤ.

روشن: يار باندر واقعي توکي سچ چيو آهي.... پوءِ تو ڇا ڪيو؟

فريد: بس توبهن ڪريان ٿو اهڙن بيهودن ڳائڻن جي راڳ کان. جن جي شاعري ۾ آواز ڪان باندر بہ نفرت ڪن ٿا. اسين تہ انسان آهيون ۾ انسان تي ڪري محبت ڪريون ٿا اهڙن سان. جيڪي اگهاڙپ ۽ فحاشي جا بادشاهہ آهن.

نورو: ڇئبو راڳ کان توبهن ڪيئي؟

فريد: نہ نہ!.... پر ٻي ميموري وٽي اهڙا ڪلام پرايا اٿم. جن جي ٻڌڻ سان واقعي روح کي راحت ملي ٿي. ٻڌو توهان بہ.

**نورو ڪيسٽ وڄائي ٿو. ڳانو هلي ٿو.**

**ڳانو: يار ڏاڍي عشق آتش (محمد جمن)**

**ڳانو ختم ٿئي ٿو. فريد موڪلائي ٿو.**

فريد: پنهنجي يارو ياري. حياتي رهي تہ وري ملنداسين.

**فريد وڃي ٿو. ڪي ڪي اچي ٿو.**

ڪي ڪي: روشن پٽ تون اندر هلي آرام ڪر.... نورا تون بہ وڃي آرام ڪر.

**نورو ۽ روشن وڃن ٿا.**

ڪي ڪي: بيگم او بيگم.

**بيگم اچي ٿي.**

ڪي ڪي: ٻارن جي ڏي خبر.

بيگم: پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ ماني کائي هليا ويا آهن. بابو ۽ ارشد بہ سمهي پيا آهن. روشن هاڻي اندر ويو آهي.

ڪي ڪي: ۽ صائمہ.

بيگم: صائمہ مون واري ڪمري ۾ وڃي ستي آهي شايد......... تون ماني نہ کائيندين ڇا؟

ڪي ڪي: بيگم ٿڪجي پيو آهيان...... بک بہ مري چڪي آهي.

بيگم: کير تہ پيلا پيءُ.

ڪي ڪي: ڪير پيئڻ تي به دل نٿي چئي.

بيگم: سچي رات جاڳڻو اٿئي... مهمانن سان ڪچهري به ڪرڻي اٿئي.... ڪير ضرور پيءُ ته ڪجهه فرحت ٿيندءِ ۽ ٿڪ به پچي پوندءِ..... مان ڪير ڪڻي ٿي اچان.

**صائمه ڪير ڪڻي ٿي اچي.**

صائمه: چاچي توهين تڪليف نه ڪريو. ڪير حاضر آهي.

بيگم: ٺيڪ آ.... هوڏانهن رک ۽ تون هل.... اسان کي ڪنهن ضروري مسئلي تي ڳالهه ٻوله ڪرڻي آهي.

صائمه: جي چاچي..... مان وڃان ٿي.

**صائمه ڪير ٽيبل تي رکي وڃي ٿي.**

ڪي ڪي: ڏي پيالا ڪير...... ننڊ ٿي اچي....... مهمان اچن ته اٿارجان.

**بيگم آسيه، صائمه کان ڪير وٺي ڪي ڪي کي ڏئي ٿي.**

ڪي ڪي(ڪير وٺندي): بيگم هي چابيون ٽيبل تي رک.

**بيگم چابيون وٺي ٽيبل تي رکي ٿي.**
**ڪي ڪي اک بچائي ڪير هاري ڇڏي ٿو ۽**
**گلاس بيگم کي ڏئي سمهي پئي ٿو ۽ ڪجهه**
**منٽن کان پوءِ بيگم ڪي ڪي سڏ ڪري**
**ٿي.**

بيگم: ڪي ڪي..... ڪي ڪي..... ويو..... موڪلائي.

**گهڙيال ٻارنهن وڄائي ٿو قندو ۽ ارشد اچن ٿا.**

قندو: ڇا پوزيشن آهي.

بيگم: ڪير ۾ نشي جي دوا ملائي اٿمانس.

ارشد: ڪي ڪي جي لاش کي ڪٿي اڇلبو ميجر.

قندو: لاش اتي ئي پيو هوندو.
بيگم: ۽ روشن جو ڇا ٿيندو؟
قندو: روشن پيءُ جي قتل ۾ گرفتار ڪيو ويندو.
ارشد: ميجر اهيو ڪم ته ٺيڪ آهي پر............
قندو: پر جي پوليان ڏپ لڪل هوندو آهي ارشد. هلو هتان..... هو اچڻ وارا آهن.

**بيگم، قندو ۽ ارشد وڃن ٿا. ڪي ڪي ستو پيو آهي. ڪجهه منٽن کان پوءِ تي نقاب پوش هٿن ۾ هٿيار کنيو اچن ٿا.**

قندو (نقاب پوش جي روپ ۾) وسايو گوليون هن آفيسر جي سيني تي ۽ سمهاري ڇڏيوس هميشه لاءِ ابدي ننڊ ۾.

**پوليس انسپيڪٽر، نورو روشن، امجد، سليم، عرفان ۽ صائمه به پهچي وڃن ٿا. پوليس نقاب پوشن کي پڪڙي وٺي ٿي. ڪي ڪي اٿي**ٿو.

انسپيڪٽر: (ارشد جو نقاب لاهيندي) ارشد ڪي ٿو.
انسپيڪٽر: (قندو جو نقاب لاهيندي) مسٽر قندو لکنوي عرف ميجر.
ڪي ڪي: (بيگم جو نقاب لاهيندي ۽ چمات هڻندي): تو ڇا سمجهيو هو ته تنهنجو مڙس پاڳل آهي ۽ تنهنجي منصوبن کان بي خبر آهي؟ تون زال جي روپ ۾ اها نانگڻ آهين جنهن کي جيترو کير پيياربو اوتري وڌيڪ زهريلي بنجندي..... واقعي سياڻن سچ چيو آهي ته تنهنجو نسل غدار ابن غدار آهي.......... ها مسٽر قندو لکنوي............. منهنجو سهرو............. تون جيترو منهن ۾ مومن آهين، ان کان وڌيڪ شيطان آهين. هي جيڪا داداگيري ۽ دهشتگردي ٿي رهي آهي ان ۾ توجهڙن مومنن جا هٿ آهن..... ڪي ٿو..... ارشد کي توڪرائي جو قاتل.... اڙي تو ڇا سمجهيو هو ته مون کي قتل ڪري تون منهنجي صدين جي ملڪيت سنڌ جو مالڪ بنجي ويندين؟
عرفان: توکي ماءُ چوڻ وڏو گناهه آهي..... تون ماءُ جي ممتا تي بدنما داغ آهين داغ.

سليم: تو عورت جي عظمت جي توهين ڪئي آهي.

امجد: نفرت آهي توکان..... تون پنهنجي ٻچن جي خوشين جي قاتل آهين.

روشن: هي اها عورت آهي جيڪا....... صرف قاتل آهي ۽ قاتل ڪنهن جي ماءُ نٿي ٿي سگهي.

ڪي ڪي: انسپيڪٽر مان توکي سلام ڪريان ٿو... تو واقعي پنهنجو فرض ايمانداري سان نڀايو آهي..... توجهڙا سچا ۽ بهادر پوليس آفيسر ئي هتي ٿيندڙ دهشتگردن جو دم منجهائي سگهن ٿا.

انسپيڪٽر: سر هن گهر ۾ جيڪو ڪجهه ٿيندو رهيو ان جو اطلاع مون کي ملندو رهيو. اڄ توهان ٽاٽي تي، پنهنجي قتل ٿيڻ وارو منصوبو ٻڌايو..... حقيقت ۾ ان منصوبي جي خبر مونکي توهان جي اچڻ کان اڳ ملي چڪي هئي ۽ مون قاتلن کي سڀ سوڌو گرفتار ڪرڻ جو مڪمل بندوبست ڪري ورتو هو.

سليم: انسپيڪٽر هن صائمه کي به گرفتار ڪريو.... هي به قاتلن جي ٽولي جي آهي.

بيگم: ها صائمه اسان جي ٽولي جي آهي، ڇو ته هن مون کي باس جو خط ڏنو هو.

انسپيڪٽر: مان صائمه کي گرفتار نٿو ڪري سگهان. ڇو ته اوهانجي همدرد آهي ۽ هن گهر کي تباهي کان بچائڻ واري بختاور آهي.

صائمه: بيگم صاحبه اهو خط جعلي خط هيو.... تنهنجي ناپاڪ ارادن کي معلوم ڪرڻ خاطر مون اهيو ناٽڪ ڪيو ۽ تو جهڙي بنجي هن گهر ۾ رهيس. ٻڌو اوهان (امجد، سليم ۽ عرفان سان مخاطب ٿيندي) مون دل تي پٿر رکي ڪري توهان سان پيار جو ڪوڙو ناٽڪ ان ڪري ڪيو ته جيئن معلوم ڪري سگهان ته اوهان به هن گهر جي بربادي ۾ شريڪ ته ناهيو؟.... پر توهان ته هن گهر جي بربادي کان بي خبر بنجي پنهنجي شوق ۾ پورا رهيؤ ۽ منهنجي هر سوال جو جواب "توهان مون کي ناهي خبر" واري انداز ۾ ڏيندا رهيؤ. مان محبت جو اقرار ڪرڻ وقت توهان کان ڇا پڇندي هيس؟

سليم: تون چوندي هئين ته "مان هٿيار وڪرو ڪرڻ واري گينگ جي آهيان. تو کي خبر آهي ته هتي هٿيار ڪير وٺندو آهي"

صائمه: ۽ منهنجي ان سوال جو جواب ڏيندا هئو. خبر ناهي. اهو جواب ئي مون لاءِ ڪافي هيو.

امجد: يعني اسان جي جواب کان پوءِ تون ائين چئي اسان جي دلين ۾ شڪ جي گنجائش پيدا ٿيڻ نه ڏني.... ته مان توهان سان مذاق پئي ڪئي.... ۽ واقعي اسين تنهنجي سوال ۽ هٿيارن جي واپار کي مذاق سمجهي ڪوبه شڪ نه ڪيو.

عرفان: پر تون آهين ڪير ۽ هن گهر کي بچائڻ لاءِ تو پنهنجي سر جي بازي ڇو لڳائي.

ڪي ڪي: مان ٻڌايانءَ ٿو.. هي هن گهر جي اها مالڪياڻي آهي، جنهن ڪي شادي جي وقت مان دعا ڏئي نہ سگهيس...... هي صائمہ نہ پر بختاور آهي ۽ روشن علي جي گهر واري آهي. سلام آهي پٽ روشن ڪي جنهن پنهنجي گهر واري ڪي، هن گهر ڪي بچائڻ لاءِ مختلف روپ ڏئي گهر ڪي بچايو ۽ منهنجي دوست جلال حيدر جي دوستي جو فائدو وٺي بختاور ڪي صائمہ جو روپ ڏنو.

سليم: ڇا توهان ڪي صائمہ بابت اڳ ئي خبر هئي بابا.

ڪي ڪي: نہ جلال حيدر جي فون ڪان پوءِ صائمہ جي اصليت ظاهر ٿي جيڪا مون راز ۾ رکي.

روشن: هيءَ ٻهراڙي جي اها بهادر عورت بختاور آهي جيڪا پنهنجي سنڌ جي عظمت ڪان واقف آهي ۽ پنهنجي مٽيءَ جو مان رکڻ لاءِ هر روپ ڌاري وطن جي ويرين ڪي بي نقاب ڪري رهي آهي.

انسپيڪٽر: سر مون ڪي اجازت.

ڪي ڪي: اجازت آهي....... اوهين پنهنجو فرض نڀايو.

**انسپيڪٽر ڦندو ارشد ۽ بيگم ڪي وٺي وڃي ٿو.**

ڪي ڪي: نورا سلام آهي توڪي تنهنجي عظمت ڪي.

نورو: بلڪل اهڙي ئي موقعي تي باباءِ بي زبان حضرت ڦودنو خان فرمائڻ ڪان اڳ فوت ٿي ويو.

روشن: پر اسان جي رهبر پٽ ڌڻي سبق ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

ڇانگ تنين جي ڇڏ، جي ڏنارئون ڏارچرن.
پڪا تن پاپين ڪان، پري پرانهان اڏ.
ڏور تنين ڪان لڏ، جن جي مهڙ ناه ملير ڏي.

**پردو ڪري ٿو**

---

## بئڪ ٽائيٽل

سنڌ ۾ تي ڏهاڪا جيڪا علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شعوري جاڳرتا واري منظم تنظيمي جدوجهد رهي. سنڌ جي اڪثر شهرن مان عملي جدوجهد مان ڪي مثالي ڪردار پيدا ٿيا، انهن مان هڪ يگانو ڪڏهن به نه وسارڻ جهڙو، منهنجو پيارو ياءُ، قلندري ڪردار، نصير آباد جو جبار آزاد منگي به آهي جيڪو پنهنجي نسلن کي جاڳائڻ لاءِ هر قسم جي سُرَن ۽ سازن جو تارون ڇيڙي، پڙهائڻ، ڳالهائڻ لکڻ وسيلي سرت ۽ ساجاه جي ڪِرت ۾ اڳي کان اڳرو نظر اچي پيو. پنهنجي مظلوم قوم، ٻولي، ڌرتي جي خوشحالي ۽ آزاديءَ لاءِ هر مسئلي تي جدوجهد جي سٽ ۾ شامل آهي.

دنيا جي انقلابي ڪردارن جيان، هڪ پاسي جبار آزاد منگي پنهنجي حصي جي قومي ڪم ۾ شامل رهيو آهي ته ٻئي پاسي وري شاعري، مضمون، ڊراما، ۽ اسٽيج ڊراما لکي پنهنجو قومي فرض نڀايو آهي، هُن نه صرف ڊرامي لکيا پر ڪافي ڊرامن ۾ پاڻ به ڪردار ادا ڪري پنهنجي اداڪاري ۽ صداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن. هُن پنهنجي شهر سان گڏ، سڄي سنڌ ۾ پڻ ڊرامن وسيلي مچتا ماڻي ۽ زندگي جي هر محاذ تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي.

مزاح يا مزاحيه ڊرامن وسيلي سماج ۾ غلط لاڙن جي رجحان کي ظاهر ڪري، مزاح جي بهترين نشتر سان وڏو جراح ٿي آپريشن به ڪيا آهن. سندس هنن ڊرامن ۾، مزاح وسيلي سماج جي براين کي آڏو آڻي،بهترينانداز سان اصلاح ڪئي وئي آهي.

عام دنيا داريءَ ۾ جڏهن سماج سمجهائڻ ۽ رهنمائي وٺڻ کان انڪاري ٿيندا آهن، تڏهن مزاح به پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو آهي. جتي جيڪو اوهان نه چئي سگهو ۽ نه ئي ٻڌائي سگهوٽتي وتائي فقير جي واتان هر ڪنهن کي سچ ٻڌائي سگهو ٿا. ائين اسان جي دور جي اسان جي وتائي عرف جبار آزاد منگي پنهنجي ڊرامن جي ڪردارن ۽ مڪالمن وسيلي سڀ ڪجهه سچ ٻڌائي ۽ هضم ڪرائي ڏيکاريو آهي.

مزاح ڊڪٽيٽرن، ظالمن جي دور ۾ ڪين آئينو ڏيکارڻ لاءِ وڏيڪ سگهارو ٿيندو آهي، جتي ڪا ٻولي پنهنجو سگهارو عمل ظاهر نه ڪندي آهي، تتي مزاح پنهنجا ڪارناما ڏيکارڻ شروع

ڪندو آهي. زوري مڙهيل خاموشين کي مزاح ئي ختم ڪري سگهندو آهي. جڏهن ظالمن آڏو سمورا هٿيار مُڏا ٿي ويندا آهن، تڏهن مزاح جو ئي ڪامياب هٿيار ڪم ڏيکاريندو آهي.

## پائو در محمد برڙو

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

